# آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ڪويتا جو اڀياس

نامديو تاراچندائي

## STUDY OF SINDHI POETRY IN SINDHI - (1950 - 2000)

(Project of Senior Fellowship,Ministry of Culture, Govt. of India.)

**Prof. Namdev Tarachandani**

## گذارش

هنديءَ ۾ اَنڊر گرئجيوئيٽ ۽ پوسٽ گرئجيوئيٽ شاگردن کي پنجٽيهن سالن تائين پڙهائڻ درميان ڪيترن تعليمي مونجهارن جو به سامنو ڪرڻو پوندو هو.

ها. مون هميشهه شاگردن کي هنن جي پڇيل سوالن جا ويڪ سان جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

هڪ مثال- هڪ دفعي پڇيو ويو ته سائنس ۽ مئٿس ۾ سوَ مان سوَ مارڪون ملڻ عام ڳالهه آهي. آرٽس ۾ خاص ڪري ڀاشا ۽ ساهتيه ۾ اِهو ڇا بنه ممڪن ئي نه آهي؟ سوَ مان اَسي به ورلي ٿا ڏسجن.

مون ان سوال کي سنجيده نظر سان ڪنيو هو ڇو جو مون کي خود کي انڊر گرئجيوئيٽ جي هڪ ٽيسٽ ۾ سوَ مان اَٺانوي مارڪون ملڻ جي هڪ ياد سامهون اَچي بيٺي (جيتوڻيڪ اهو هڪ اتفاق هو ۽ پروفيسر کي ڪلاس ۾ منهنجو سڄو پيپر پڙهڻو پيو هو.) مون چيو- ها. اهو ذري گهٽ نا ممڪن آهي.

جتي سائنس ۽ مئٿس ۾ ڪنهن Objective سوال جي جواب ۾ ’ان کان بهتر جواب‘ ممڪن ئي نه آهي ،اتي ڏهن مارڪن جي سوال جون ڏهه مارڪون ملڻ ڪا درلڀ ڳالهه نه آهي، جي ان جي لکاوٽ به برابر ڇٽي ۽ درست هجي. مثال هڪ واڌو هڪ برابر ٻه. هن ۾ ’وڌيڪ بهتر‘ جواب جي گنجائش نه آهي.

پر آرٽس ۽ خاص ڪري ڀاشا ۽ ساهتيه جي ڪن اَپواد روپ Objective سوالن کان سواءِ، گهڻا جواب Descriptive هوندا آهن- جن ۾ ’ وڌيڪ بهتر‘ جي گنجائش رهي ٿي. ان ڪري اتي ان جواب جي ڪٽ ويڪ جي آڌار تي ڪري ڏهن مارڪن مان وڌ ۾ وڌ ست اٺ ڏيڻ ٺيڪ ٿو لڳي- ڇو جو لکيل مضمون ۾ لکاوٽ ۽ ان جي گرامر جي چڪاس به شامل رهي ٿي.

جئن : ’چانڊني رات‘ يا ’تاج محل‘ جي ڪنهن ڪويتا جي ڪنهن به ’رس-درشن‘ Apreciation ۾، چاهي ان ڪويتا جو ڪوي خود به لکي، اتي ’ان کان بهتر‘ لکجڻ جي گنجائش رهڻي آهي.

هن ايپاس ۾ به اها گنجائش رهڻي آهي.

ڇو جو ان جو پرڪار غير حسابي ڪتابيءَ وارو Descriptive آهي، ان ڪري ان جي ڪٽ ٻه، ويڪ واري رهڻي آهي.

البت مون ڏيرج واري فرصت سان، هر سهوليت جو پرپور اُپيوگ ڪري، ٻن سالن تائين ٻيا گهڻا ڪم پاسيرا ڪري، گهربل حد تائين ان جي فضيلت ۾ Discipline گهڙڻ ۽ نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**شڪرگذاري :**

هن اپياس نسبت اُنهن اديبن ۽ ادارن جو شڪر گذار آهيان جن جي سڌي يا اڻ سڌي مدد ملي آهي. ٻن سالن جي عرصي ۾، ممڪن آهي ڪي نالا ڏيان تي نہ ايندا هجن. مان هنن کان معافي وٺندي هنن جو بہ شڪر گذار آهيان.

خاص ڪري منسٽري آف ڪلچرل، ڀارت سرڪار (جنهن مون کي سينيئر فيلو شپ لاءِ چونڊيو) سَرو شري واسديو موهي (تجويز ۽ سجهاوَ ڏيڻ لاءِ)، لکمي کلاڻي ۽ پريم پرڪاش (هر طرح جو مارل سپورٽ ڏيڻ لاءِ) ۽ صاحب بجاڻي (انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لئبريري ۽ دستاويز وڀاڳ جو جيءُ جان سان سنڀالڻ ڪندڙ انچارج ۽ ٽرسٽي، جنهن لڳاتار دُرلڀ ڪتاب ۽ مخزنون ڳولهي ڏيڻ، 'سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ ڪوش' جو املهہ ريفرنس گرنٿ ۽ ٻي هر ڪا گهربل ڄاڻ مهيا ڪري ڏيڻ ۽ پڻ سجهاو ۽ رهبري ڪرڻ ۾ وسان ڪونہ گهٽايو آهي) ۽ سندس ٽيم جي چندرا کيمناڻي ۽ پونم لالچنداڻيءَ جو خاص طور شڪر گذار آهيان.

مان، سرو شري هوندراج بلواڻي، ڄينو لعلواڻي، رشمي راماڻيءَ جي انيوي سجهاون لاءِ بہ شڪر گذار آهيان.

۽ آخر ۾، سنڌي شاعريءَ جي هن اپياس ۾، اهو اتهاس نہ هوندي بہ، اگر ڪن شاعرن يا شعر جي اَهم ڪتابن جو ڪو جوڳو ذڪر رهجي ويو هجي، يا ڪو اجوڳ ذڪر ٿي ويو هجي، تہ ان لاءِ معافي طلبگار آهيان.

**نامديو تاراچنداڻي**

# آزديءَ کان پوءِ سنڌي ڪويتا جو اپياس موضوعن ۽ اِظهار جي نون طريقن جي حوالي ۾

## 1950-2000


### باب پهريون

مهاڳ — مراد ۽ نظريو

### باب ٻيون

پس مَنظر

2.1 تهذيبي ۽ ثقافتي پَسَ منظر

2.2 سياسي پَسَ منظر

2.3 ٻولي ۽ لپيءَ جو پسَ منظر

### باب ٽيون

آزاديءَ کان اڳ جي شاعري سرسري نظر

3.1 شاهه لطيف کان اڳ جي شاعري

3.2 شاهه لطيف ۽ ان جو رسالو

3.3 شاهه لطيف کان پوءِ جي شاعري

### باب چوٿون

آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا
سنڌو نديءَ کان هند مهاساگر جو سفر

4.1 1947 کان 1950 ماٺ جو ماحول

4.2 1950 بعد جي چُرپُر

4.3 نئين زمين-نئون زمانو

4.4 ٻوليءَ ۽ لپيءَ جي نسبت ۾ سوکيم تبديليون

4.5 مڪاني ٻولين جي ادب جا شفي ۽ نفي اثر

4.6 انيڪ ڌرمن جاتين جي جيون شئليءَ جا اثر

## باب پنجون

### آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا جو اڀياس
### موضوعن جي حوالي ۾

5.1 1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا جا عام موضوع

5.2 1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا جا خاص موضوع

5.3 موضوعن جي ڪٿ - وڪاس ۽ مناسبت

5.4 (ضميمو-1 موضوعن تي سرسري نظر هڪ فهرست)

## باب ڇهون

### آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا جو اڀياس
### اظهار جي نون طريقن جي حوالي ۾

6.1 1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا جون عام صنفون

6.2 1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا جون خاص صنفون

6.3 سنڌي شاعريءَ ۾ اِظهار جا نوان طريقا نوان پريوگ

6.4 سنڌي شاعريءَ ۾ لنبيون ڪويتائون کنڊ ڪاويه - مها ڪاويه

6.5 سنڌي ڪويتا ۾ هڪ ڪردار تي لکيل ڪويتائي سلسلا

6.6 سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جي اهميت

6.7 سنڌي نئين ڪويتا جو يگ پريوگ ۽ حاصلاتون

6.8 سنڌي نئين ڪويتا جو سفر نئين ڪويتا کان ڪويتا تائين

6.9 سنڌي ڪويتا ۾ ڪويتا جي نالي ۾ رواجي رچنائن جي ڀرمار

6.10 غير رواجي ڪويتائون ڪجهه خاص حاصلاتون

6.11 1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا ۾ اِظهار جا نوان طريقا ڪٿ، وڪاس ۽ مناسبت

6.12 ضميمو - 1 : سنڌي شاعريءَ جي صنفن تي سرسري نظر : هڪ فهرست

6.13 ضميمو - 2 : ڪجهه خاص ڪويتائون سرسري نظر : هڪ فهرست

## باب ستون

### 1950 کان پوءِ سنڌي شاعري، سنگيت ۽ روحانيت جي روايت تي نظر

7.1 ويدانت جي حوالي ۾
7.2 صوفي نظريي جي حوالي ۾

## باب اٺون

### سنڌي شاعري-اظهار جا نوان ماڊيم

8.1 سنڌي ڪويتا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا
8.2 سنڌي ڪويتا ۽ سوشل ميڊيا
8.3 ڪوي سميلن ۽ مشاعرا روايت ۽ نواڻ
8.4 ريڊيو ۽ ٽي.وي.

## باب نائون

### سنڌي ڪويتا سنہ 2000ع کان اڳتي

9.1 موضوع هڪ سرسري نظر
9.2 اظهار جا نوان طريقا : هڪ سرسري نظر
9.3 ڪي اهم رچنائون ۽ رچناڪار

## باب ڏهون

### اختصار ۽ نچوڙ

# باب پهريون

## پومکا

## مراد ۽ نظريو

# باب پهريون

**پومڪا**

# مُراد ۽ نظريو

**ڪويتا يا شاعريءَ جو سلسلو**

سنڌي ڪويتا-شاعريءَ جو هيءُ اڀياس، سنڌي ڪويتا-شاعريءَ جو اتهاس نہ آهي. البت ان جي روپ-ريکا ۾ اِتهاس جو ڪونہ ڪو سلسلو نظر اچڻ سڀاويڪ آهي، ڇو جو هن اڀياس ۾ هڪ طرح جو آرڊر-سلسلو نظر ۾ رکيو ويو آهي، جيڪو عام طور اِتهاس جو بہ هڪ آڌار هوندو آهي.

هن اڀياس ۾ عام طرح ڪويتا کي ڪٿي شاعري بہ چيو آهي. اڻين تہ اهي ٻئي لفظ هم معنيٰ سمجهڻ گهرجن. جيتوڻيڪ لفظ ڪڏهن ڪڏهن ڪن حوالن يا لڳاتار ڪم آڻڻ واري نوع کي پڪڙي پنهنجون خاص معنائون Shades of meaning بہ جوڙيندا رهندا آهن ۽ اڳتي هلي اهي خاص منعائون هنن لفظن جون 'عام' معنائون بڻجي ونديون آهن. مثال آکاڻي ۽ ڪهاڻي لفظ ۾ هڪ فرق قائم ٿي رهيو آهي. آکاڻي 'ڪٿا' لفظ کي سمائي ٿي ۽ ڪهاڻي ان جو ساهتيڪ روپ ڪٿي بيني آهي - جئن انگريزيءَ ۾ Story يا Short Story لفظن ۾ فرق نظر اچي ويندو آهي. اها ڳالهہ هت ڪويتا ۽ شاعريءَ لفظن سان ٻيءَ طرح لاڳو آهي. شاعري عام طور 'موزون' يا ڇند واري ڪويتا لاءِ ڪم ايندو رهيو آهي ۽ ڪويتا لفظ خاص طور نئين يا جديد طرح سان لکيل ڪويتا رچنا لاءِ ڪم آڻڻ جو رواج قائم ٿي رهيو آهي. البت اڃان قائم ٿيو نہ آهي ۽ فلحال ٻئي لفظ جڳهہ بدلائي ڪم اچن پيا ٿا.

**وقت جو دائرو**

هن اڀياس جي وقت جو دائرو اڻين تہ آزاديءَ کانپوءِ يعني 1947 جي آس پاس کان مڃيو آهي. پر ان کي راڻونڊ فگر ۾ 1950 کان شروع سمجهڻ ۾ بہ ڪو وڏو فرق ڪونہ ٿو پوي - جئن ان جو وقت اڌ صدي سمجهي هلي سگهجي. يعني 1950 کان 2000ع. البت 2000ع جي آس پاس ڇپيل ڪتاب ڪٺڻ ضروري سمجهيا آهن ڇو جو ڪوبہ ڪتاب يا شاعريءَ جو مجموعو تہ ڇڱا سال پوءِ ٿو اچي. جئن ڪو ڪوي ڪويتائون لکندي ڇڱا سال پوءِ ئي مجموعو ڇپائي ٿو. پر هن جي رچنائن جو سرجن تہ اڳ جو آهي. اڻين ڪجهہ سالن جي ڪتابن کي وويڪ جي آڌار تي شامل ڪيل آهي.

جئن تہ ڪو بہ اڀياس ڪجهہ سال جاري رهي ٿو. وري جلد جلد اهڙا اڀياس ڪرڻ جا موقعا ڪونہ ٿا اچي سگهن. ان ڪري هت 2000ع جي آس پاس جي هن اڀياس ۾ هڪ باب 2000ع کان اڳتي جي اهم رچنائن ۽ موضوعن ٿوڙي صنفن تي بہ شامل ڪرڻ ٺيڪ رهندو جئن هيءُ اڀياس ڪجهہ حد تائين Up-dated رهي سگهي.

## مُراد

دنيا جي ساهتيہ ۾ قسمين قسمين جا ايياس ٿيندا پئي رهيا آهن. اُنهن جي اهميت پڻ گهٽ يا وڌ رهندي آئي آهي. پر اَهڙي هر ايياس پنيان ڪا نہ ڪا خاص مُراد اوس رهي آهي. هت هن ايياس ۾ بہ خاص مراد رهيل آهي. پاڻ چوڻ گهرجي تہ هڪ نہ پر ٻتي مُراد رهي آهي.

هڪ مُراد خاص طور اها رهي آهي تہ 1950ع کان 2000ع جي پنجاهہ سالن جي وقت ۾ سنڌي ڪويتا ۾ ڪهڙا موڙ آيا. ڪهڙن رچنا روپن - صنفن ۾ ڪويتا لکجندي رهي ۽ ان ۾ ڪهڙيون تبديليون آيون. هنن ٻنهي نظرين سان اهو ڏسي سگهبو تہ سنڌي ڪويتا لکندڙ ڪويءَ جي اندر جي دنيا ڪهڙي آهي! هو ڪيترو سُکي يا دکي آهي. دل سان هوُ ڪيترو سوڙهو يا ڪشادو آهي. هوُ پنهنجي اندر ۾ ڪيترو آشاوادي يا نراشاوادي آهي. ان جي اندر ۾ ڪهڙو يا ڪيترو بارود پريل آهي. ڀاونائن جي سطح تي هو ڪيترو جذباتي يا منطقي آهي.

ان طرح هنن سالن ۾ ڪويءَ پنهنجي دنيا کي ڪيئن ڏٺو يا پرکيو آهي - هو ڪيئن جيبيو آهي - اُن جو هڪ سوُکيم تاثر مجموعي روپ ۾ هن ڪويتا جي ايياس ۾ ملي سگهي ٿو.

ازانسواءِ سنڌي شاعريءَ جي صنفن جي حوالي ۾ پڻ هن ايياس ۾ رچنا ريت ۽ روپ جي نَوَن طريقن، وسيلن ۽ پريوگن جي ڄاڻ ملي سگهندي. ’ڪويتا‘ خود ۾ شبدن جي جوڙ جي ڪلا آهي. هت هن ايياس ۾ اها بہ مُراد رکيل آهي تہ ان ڪلا جي نَوَن پيچرن جي بہ پيروي ڪري سگهجي - اُنهن ڪلا - روپن جي پرک ڪسوٽي، پيٽ ۾ ڪٽ ڪندي اسان کي پنهنجي ڀاشا جي ڪاويہ-ڪلا جي نبض ۽ صحت جي بہ خبر پوندي ۽ ان طرح اسان ان جي سار-سنڀال جو اونو رکي سگهنداسين.

متي جنهن ٻتي مُراد جو ذڪر ڪيل آهي - ان تي ڪجهہ تفصيل سان نظر وجهون.

عام طرح ڪنهن بہ ڀاشا جي ڪاويہ جي رچنا جي ڪٿيہ يا موضوعن ساڻ ان جي روپن يا ڪلا - پکش جو ايياس ٿيندو رهندو آهي. پر سنڌي ڀاشا جي هن طرح جي هن ايياس جا هڪ نہ پر ٻہ پهلو ٻيا بہ جڙيل آهن. جي فقط هن يا هن جهڙن ايياس ڪندڙن سان ئي لاڳو آهن. جي هن طرح آهن :

**ٻہ پهلو :**

جيئن تہ سنڌي قوم، سنڌ پرديش يا صوبي جي رهاڪو هئي. آزاديءَ کانپوءِ ان جو هڪ وڏو حصو تہ برابر اتي ئي رهيو - ۽ ٻيو ڪجهہ ننڍو حصو، ڀارت جي آزاديءَ جي حالتن ڪري پنهنجي زمين جايداد پنهنجي تهذيب جون پاڙون ۽ پنهنجو آتمڪ ورثو ڇڏي، ٻنان ڪنهن سرڪاري سماجي بندوبست جي، ذري گهٽ اوچتو - راتو رات، ڪن حالتن ۾ تہ ٿالهين ۾ پيل کاڌو اتي ئي ڇڏي، جان بچائي ڀڄي نڪتو. اهي هزارين يا لکين سنڌي ’’هندو‘‘ هئڻ ناتي، اُتان ’’هند‘‘ ديش ڏانهن هلي پيا. هنن کي اها بہ خبر نہ هئي تہ هو ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن. اتي هنن سان ڇا ٿيندو. هو ڪٿي رهندا. ڪيئن رهندا ۽ ڇا کائيندا ۽ ڇا ڪندا. هنن مان گهڻن کي تہ ڀارت جي فقط هردوار، دوارڪا ۽ امرت سِر جي خبر هئي، ٻي جاگرافيءَ کان اڻ ڄاڻ هئا. اهڙين حالتن ۾ ’سنڌ‘ ڇڏي آيل سنڌي هندو، هند ۾ اچي ’پناهگير‘ بڻيا.

هيءُ ايياس اهڙين حالتن وارن سنڌين جي من جي حالت بيان ڪرڻ وارين ڪويتائن کان شروع ٿئي ٿو ۽ پوءِ اهڙين حالتن مان نڪري سامت جو ساهہ پٽي شاعري ڪرڻ وارن جي جذباتي داستان

ڪي اظهار ڏيندڙن جو احساس آهي. ان ڪري هن احساس جو هڪ پهلو اهو به آهي ته اهو ’’ساڌارڻ‘‘ حالتن جي ’’ساڌارڻ‘‘ سماج جو فرد جي شاعري نه آهي پر پنهنجو پاڻ سان جدوجهد - سنگهرش ڪندي جيئڻ لاءِ مجبور ٿيل جاتيءَ جو ساهتيه آهي - ان جو احساس آهي ان ڪري اهو عام نه پر خاص آهي. گهٽ ۾ گهٽ آزاديءَ کان پوءِ پهريون ڏهاڪو ته سنگهرش وارو رهيو. ڪن حالتن ۾ ته پاڻ وڏيڪ عرصو سنڌي ٿاڻينڪا ڪانه ٿي سگهيا.

هن احساس جو ٻيو پهلو به آهي. ’آزادي‘ لفظ سان وابسط هن احساس جي شروعات اهڙي جاتيءَ جي شاعريءَ جو احساس آهي- جنهنجون پاڙون يا جنهنجو آتمڪ ورثو، ان وقت ٿي نه، هاڻ به، ها، هاڻ 1914ع ۾ به، سنڌ جي زمين ۽ تهذيب ۾ جذب ٿيل آهي. اُٿ جو منهن جيئن راجستان طرف رهندو ٻڌايو ويندو آهي، تئن سنڌي قوم جو منهن ٿي نه روح به سنڌ طرف رهڻ سياويڪ آهي.

اهڙين حالتن ۾ سنڌي جاتيءَ جي هن ڪويتا جي اتهاس ۾ ان ’سنڌ‘ جو پڙاڏو ڪيئن گونجندو رهيو آهي - ان جو کهڙو رد-عمل اهڙن شاعرن ڏنو جن جي جند سنڌ سان جڙيل رهي هئي ۽ بعد ۾ هنن پنجاهه-سٺ سالن ۾ هت هند ۾ جنم وٺندڙن شاعرن پنهنجن اَبن-ڏاڏن جي ان ورثي بابت کهڙو جذباتي رد عمل ڏنو - اهي دنيا جي ادب سان ڪيئن جڙيا ۽ سنڌ سان سنڌي جاتيءَ جي ورثي سان هنن ڪيئن ناتو جوڙي رکيو - اهي پڙاڏا به هن احساس جو هڪ پهلو رهيو آهي.

هن طرح هن سموري احساس جو جيڪو فوڪس آهي - اهو ائين ته آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا جو احساس آهي، جنهن جا ٻه مکيه ريفرنس حوالا ته آهن - هڪ پنجاهه سالن جي ڪويتا ۾ اهڙا کهڙا مُکيه موضوع يا وشيه وستو شاعرن کنيا آهن يا هنن کي پنهنجين مانسڪ حالت اهي کڻڻ لاءِ هنن کي آمادهه ڪيو آهي ۽ هنن انهن موضوعن سان ڪيئن نڀايو آهي. ان سواءِ ٻيو مُکيه حوالو آهي ۽ هنن پنجاهه سالن ۾ شاعرن کهڙا نوان اظهار جا طريقا ڳولهيا آهن يا ته اپنايا آهن - هو اُنهن ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيا آهن. شاعري خود ۾ اظهار جو ذريعو ته آهي - پر ان جا به وقت به وقت الڳ-الڳ رچنا - روپ پئي جڙيا آهن. جن مان ڪي ته اڳ فقط ڳائڻ جي بنياد تي اُپجيا ۽ ياد جي بنياد تي اُسريا هئا. بعد ۾ اُنهن ۾ يڪ وجودگي ۽ ايڪ روپتا جي ضرورت جي آڌار تي ڪيترا پئمانا جڙندا ويا ۽ ائين ڪويتا جو هڪ وڏو شاستر ٺهندو ويو. پر هاڻوڪين حالتن ۾ تيزيءَ سان بدلجندڙ انساني زندگيءَ جي هر ڪيتر جي تبديل ۾ شاعريءَ جو به هم قدم رهڻ سياويڪ آهي. ان ڪري شاعريءَ جا اظهار جا نوان وسيلا - طريقا Tools به اوس جڙندا رهيا آهن. سنڌيءَ ۾ ان ڏس ۾ آيل اظهار جي نَوَن طريقن جي اُپٽار - ڇنڊڇاڻ ۽ انهن جي اوسَر ۽ ڪٿ ڪي جاچڻ پرکڻ به هن احساس جي مُراد آهي. ڏسڻو اهو آهي ته دنيا جي ساهت ۾، ڀارت جي ساهت ۾، سنڌي ساهت جي ڀارتي ۽ پڻ سنڌ جي ساهت ۾ (جو هاڻ پاڪستان ۾ آهي) هنن رچنا روپن جي بدلاوَ، اوسر ۽ ڪٿ ذريعي ڪويتا جي ڪلا پکش جي احساس وسيلي اسان پنهنجي ذهني قووت جي ڄاڻڻ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري سگهون. هت هڪ ڳالهه چٽي ڪرڻ بهتر ٿيندو ته سنڌ جي ساهت ۾ هن طرح جي هاڻوڪن بدلاوَ جو ذڪر ته برابر آيو آهي. اهو ڪرڻ به جڳائي، پر اهو وهنوارڪ مشڪلاتن سبب هت شامل نه آهي.

انٽرنيٽ ذريعي يا سوشل ميڊيا ذريعي ڇاهي ڪتابن جي تمام محدود آمد سبب، اهو فلحال ته ’’سئمپل سروي‘‘ تائين ٿي ممڪن آهي، ۽ ايتري ڪوشش هن مُراد ۾ شامل ڪرڻ جو موهه، شايد

ٿاري نہ سگهجي. ٻيءَ طرح اسان چاهيون تہ بہ ڪري ڪونہ ٿا سگهون. اهڙا ڪي ايپاس ڪيا بہ ويا آهن ۽ انهن جو مٿاڇرو رهڻ ايترو ئي سڀاويڪ آهي. باوجود، هنن ڪي اهڙي ڪوشش لاءِ داد تہ اوس ڏيڻ گهرجي.

پنجاهہ سالن جي هن ايپاس کي ايترن پهلن سان جوڙڻ بعد، هت اهو بہ چاهڻ غيرمناسب نہ ٿيندو تہ سنڌي شاعريءَ جي روايت ۾ جتي هڪ طرف وڏي لنبي صوفي سوچ جي ڌارا رهي آهي جنهن ۾ شاهہ لطيف جهڙي شاهي ڪويتا جي ڌڻيءَ سنڌي ڪويتا کي دنيا جي چوراهي تي ڳاٽ اوچو ڪري بيهڻ جي سگهہ بخشي آهي تہ ٻئي طرف ويدانت جي سوچ جو اظهار ڏيندڙ ڪويتا جي ڌارا بہ ايتري ئي سگهاري رهي آهي.

هنن ٻنهي ڌارائن ساڻ سڌو سنئون سنگيت جي يا ڳاين وديا جو بہ لاڳاپو رهيو آهي. ان ڪري روحانيت ۽ سنگيت جو حوالو هن ايپاس ۾ جوڙڻ بهتر سمجهيو آهي. سنڌي شاعريءَ جي پنجاهہ سالن جي ايپاس ۾، ان جي ورثي کي ايپاس جي بنياد جي روپ ۾ ڏسڻ ئي، اِتهاس جو درشن آهي.

اهڙيءَ طرح جنهن وقت ۾ هيءَ ايپاس ٿي رهيو آهي، ان وقت جي دنيا جي ساهتيہ ۾ ڪلا جي هلندڙ ذريعن کي نظرانداز ڪرڻ جو ڪوئي سبب نہ آهي. ان ڪري سوشل ميڊيا ساڻ اليڪٽرانڪ ميڊيا جا پرواهہ ۽ اثر هن ايپاس کي متاثر ڪندڙ مڃيا ويا آهن ۽ انهن جي ڪجهہ اپٽار بہ شامل ڪرڻ بهتر ٿيندو.

ان طرح هيءُ ايپاس، ڪويتا جي ايپاس هڪ طرف آهي تہ سنڌي جاتيءَ جو سنڌ مان اچڻ بعد جي پنجاهہ سالن جي زندگيءَ جي ڌڙڪن کي جيئڻ ٻئي طرف آهي. ان ۾ 2000ع تائين جي دائري کي قبول ڪرڻ باوجود اڳتي نظر وجهڻ لاءِ بہ هڪ ڪوشش شامل ڪيل آهي. ڇو جو، هيءُ ايپاس ڪندي-ڪندي، هن دائري کي پورا پنڌرهن سال ٿيا بہ گذري چڪا هوندا. اهو وقت اٿين تہ ڪو گهٽو نہ چئجي. پر اهي پنڌرهن سال، تيز رفتار ۾ وهندڙ ۽ روز نوان-نوان پيچرا ٺاهيندڙ جديد زندگيءَ ۾ وڏي اهميت رکندڙ رهيا آهن. وري اڄ ڪلهہ انٽرنيٽ دنيا کي ايترو ننڍو ڪري ڇڏيو آهي جو اسان پنهنجو پاڻ ۾ پورا رهي ڪانہ ٿا سگهون. دنيا جا وهڪرا اسان کي هر گهڙيءَ متاثر ڪرڻ لڳا آهن. ان ڪري هيءُ پنڌرهن سال، شايد گذرين پنجاهہ سالن جي ڪيل ''هر طرح جي ترقيءَ'' جي شمار کي ننڍو ثابت ڪري سگهن. ان ڪري ان وقت جي مکيہ هيڊلائينس کي هت شامل ڪرڻ ضروري لڳو آهي.

''سمو ريت جو نچوڙ'' هر ايپاس جي پنهنجي هڪ عام ضرورت آهي. هت بہ ان تارڻ کي قبول ڪيل آهي. ان طرح سنڌي ڪويتا جي هن ايپاس جي مُراد سان جوڙڻ جو نظريو رکڻ کي پنهنجي معنيٰ آهي. ڇو جو، آخر بہ، ڪويتا جو ٿيڻ-هجڻ ۽ پَسجڻ - ''اِنسان'' ۽ ''انسانن جي ڪنهن مخصوص مجموعي'' سان وابسط رهڻو آهي. اهو جيترو ئي هڪ فرد جي پنهنجي نج آتمڪ انوڀوتيءَ جو اظهار آهي، اوترو ئي سماجي فڪر سان وابسط آهي. چاهي ڪنهن حد تائين اهو اظهار پوشيده بہ اوس مڃڻو پوندو. ڇو جو ڪويتا جو سُڀاءُ بہ تہ شرميلو آهي. جيترو اها سنڪوچ ورتي نہ آهي يا اها لائوڊ ٿي آهي اها ڪويتا گهٽ، ٻوڪ يا ڇيڇ وڌيڪ آهي يا اڃان بہ اها 'هوڪو' بڻجي رهجي ويندي آهي. اتهاس ۾ اهڙو ڪويتا جي ذڪر بہ اڪثر رهجي ويندو آهي ۽ ان لاءِ ڪنهن کي شڪايت بہ نہ هوندي آهي.

**نظريو**

پنجاهہ سالن جي سنڌي ڪويتا جي هن ايياس ۾ مُراد Mission جي ان اُپتار سان گڏ ان جي نظريي Vision بابت بہ نظرثاني ڪري وٺجي.

هن ايياس بابت جڏهن مٿي ذڪر ڪيل آهي تہ اهو سنڌي جاتيءَ جي آزاديءَ جي وقت ٿيل اتهاسڪ لڏپلاڻ بعد هند ۾ پناهہ وٺڻ سان واسطو رکي ٿو. جنهن وقت ڀارت جون باقي جاتيون ديش جي آزاديءَ جو تمام وڏو جشن ملهائي رهيون هيون، تنهن وقت سنڌيءَ سميت ڪي ٿوريون جاتيون، پنهنجي وجود لاءِ اجهو ڳولهڻ ۾ در-در ڀٽڪي رهيون هيون. اهڙي سنڪٽ واري سمي سنڌي ڪوي حال تہ ماٺ جي ماتم ۾ غلطان هيو. ڇڙو عرصو پوءِ، ڪيترن نامعلوم مظلومن جي وقت جي دڙي ۾ سمائجي وڃڻ بعد، جن جي خبر بہ خانوَ دکي هئي، ٿورا-ٿورا سنڌي ڪٽنب، ٿوري-ٿوري اک پٽڻ لڳا هوندا ۽ اٿين هڪ نئين سڄاڳيءَ جي صبح جو انتظار ڪرڻ لڳا هوندا.

اهڙيءَ جاتيءَ جي ڪويتا ڪٿان وري شروع ٿي - هنن ڇا ڇيو ۽ ڪيئن ڇيو - اُنهن جي ڇيل-لکيل لفظن جي وٿين مان هنن جو ’درد‘ ليئا پائي رهيو هوندو. هيءُ ايياس ان درد جو پراڏو جهٽڻ جي ڪوشش بہ آهي.

هت نظريو اِهو آهي تہ، تاريخي نگاهہ کان ان وقت جي اوسر جي ڪٽ ڪري ان وقت جي گردش يا ڪشمڪش جي حالتن کي ڌيان ۾ رکي، ڪويتا جي روپ ۾ ڪويءَ جي درشٽي ۽ درشٽي ڪوڻ کي ڇتو ڪندي، ڪويتا جي ڪٿيہ ۽ ڪلا تي نظرثاني ڪجي پر ساڳئي وقت پوءِ جي نارمل وقت کي سنجيدگيءَ سان ۽ عام طور ٿيندڙ شاعريءَ جي مشغوليءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جڳائي.

هن شاعريءَ ۾ ويچار ۽ اَنوڀوتيءَ جي پيش ڪش ساڻ موضوع ۽ صِنف جي حوالن کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ جو نظريو قبول ڪيل آهي - جڏهن سموري ايياس کي هڪ خاص نظريي ۾ سمائي، بي رياءُ تارڻ ڪڍي سگهجن ۽ پڻ ڀارتي ڀاشائن جي ڀيٽ ۾ بهاري ڏسي سگهجن.

شاعري هونءَ چاهي بنہ ذاتي اظهار آهي پر ٻولي ۽ وقت جي پَس منظر ۾ انيڪ ڪوين جي ذاتي اظهار جي گڏيل تاثر کي جوڙڻ سان، اهو سماجي اظهار بڻجي ايندو - ان لاءِ هيءُ ايياس هڪ گڏيل تاثر کي جهٽڻ جو وجهہ ميسر ڪري، اهڙي سنجيدهہ ڪوشش ڪرڻي آهي.

هن ايياس ۾ اهو بہ ڇتو رُخ اپنايل آهي تہ ڪنهن بہ هڪ شاعر يا ڪن شاعرن جي ننڍي وڏي مجموعي جي، يا ڪن الڳ شاعرن جي ڪنهن مهم يا هلچل يا ڌارا کي گهٽ يا وڌ اهميت ڏيڻ يا ڏيارڻ جو ڪوبہ سبب يا ارادو ڪونہ آهي. در اصل اهڙو ڪو ظاهر يا لڪيل ڪارنامو سرانجام ڪرڻ هن ايياس ۾ ڪنهن بہ طرح شامل ڪونہ آهي ۽ نہ ئي ان جو ڪو سوال پيدا ٿئي ٿو.

هيءُ ايياس فقط ۽ فقط وويڪ - سهمت نظريي سان هر طرح ٻڌل Commited آهي.

# باب ٻيون

# پَس مَنَظر

2.1 تهذيبي ۽ ثقافتي پَس مَنَظر
2.2 سياسي پَس مَنَظر
2.3 ٻولي ۽ لپيءَ جو پَس مَنَظر

# باب پهريون

# پس مَنظر

## تهذيبي ۽ ثقافتي پَس مَنظر

سنڌي شاعري توڙي ادب جي کهڙي به موضوع يا صنف بنسبت جڏهن ڪاباتفصيل تحقيقات ڪرڻي هجي، ته آزاديءَ کان اڳ جي سمي جي ڀالهه به اوس ڪٽڻ جڳائي ۽ ان ساڻ 'سنڌ' به سمورن حوالن سان اسان جي اکين اڳيان ايندي ٿي ايندي. چو ته 'سنڌ' ماءُ آهي. ماءُ انسان جي 'وجود' سان جڙيل آهي.

سنڌ، نه فقط جاگرافيءَ جي لحاظ کان هڪ صوبائي پرڳڻي جو نالو آهي، پر ان هڪ لفظ ۾،هڪ قديم سنسڪرتيءَ جو پورو ''يگ'' سمايل آهي. ان ۾ سنڌي قوم، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب جو اتهاس سمايل آهي.

جتي سنڌي قوم جو سوال ٿو اُٿي، اُتي سنڌي جاتيءَ جي سمورن تهذيبي ۽ ثقافتي حوالن سميت ان جي بڻ بنياد، روايتن، مذهبي وشواسن، سياسي سرگرمين ۽ سنڌي جيوت جو تصور پڻ شامل آهي.

جڏهن سنڌي ڪويتا يا شاعريءَ جو ڪو طويل سلسليوار اڀياس ڏانئڻ جو سوال آهي، اسان کي ان جي بنيادي روايتن جي نظرثاني ڪرڻ جُڳائي. هت سنڌ جا سمورا حوالا ڪنهن نه ڪنهن طرح، ڪنهن نه ڪنهن ماترا-ماپ ۾، اچڻا آهن. گهٽ ۾ گهٽ اهي هت ليئو اوس پائيندا. اسان انهن کي اوراڻگهي ويندا سين، ته سنڌي شاعريءَ جي آتما سان ساڪياتڪار اڏورو ٿي ويندو. چاهي ته هت اسان کي اڳتي هلي، آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي شاعريءَ جي تاريخ فن تي ٿي چو نه فوڪس ڪرڻو هجي. بڻ بنياد جي اوسره ڪٿ جو پَس منظر اکين اڳيان اوس رکڻ گهرجي. ان ڪري ضروري آهي. مختصر ٿي سهين هت سنڌ جي، تهذيبي ۽ ثقافتي ماحول جو آزاديءَ کان اڳ وارو نظارو نظرن جي سامهون رکندا هلون ۽ پڻ ان ساڻ، آزاديءَ کان اڳ جي شاعريءَ جي موڙن ۽ منزلن جي به سرسري سڃاڻپ ڳنڍيندا هلون. هونءَ به انساني سڀيتا جا اهڃاڻ هڪ ٻئي سان صدين کان جڙيل ٿي رهيا آهن. سڀيتا جي ڪابه ديوار ان وقت جي پايي تي بڌيل رهي ٿي. ائين ٿي ڪلائن سميت ان جو ڪلچر به ان سان جڙيل رهي ٿو. ڪلچر جو ان جي سيني ڪلائن سان، ڪويتا سميت، يڪ وجودگيءَ وارو ناتو رهي ٿو. ان طرح هر قوم جو تهذيبي ۽ ثقافتي سلسلو جڙيل آهي.

ان طرح، سنڌي شاعريءَ جي اڀياس کان اڳ، سنڌي زبان جي اوسر ساڻ، ان جي تهذيبي پَس مَنظر لاءِ 'سنڌ' جي ٿوري سُڃاڻپ ڪندو هلڻ بهتر ٿيندو. سنڌ اڄ سياسي طور پاڪستان جو حصو هي. پر سياسي سنَڌا ۽ سرحدون پنهنجي جڳهه تي آهن، تاريخي ۽ تهذيبي حوالا پنهنجي جڳهه تي.

سنڌ بابت ڪتاب ته ڪوڙ. پر ڪتاب روز ته ڪونه ٿا ڇپجن. نه ٿي وري اهي هرهنڌ هڪيا حاضر آهن. سنڌ جي تازه ۽ مختصر ڄاڻ لاءِ، هاڻ دنيا جي وڏي ۾ وڏي آن لائين Encyclopedea 'ڄاڻ ڇيڪلو' وڪيپيڊيا موجود آهي. اتي هاڻي سنڌيپيڊيا به موجود آهي جتي عربي سنڌيءَ ۾ هن لکڻ وقت 376 مقالا موجود آهن، هيءَ ڄاڻ اپريل 2014 يعنيٖ هن مهني به اپڊيٽ ڪيل آهي البت هرڪا ڄاڻ ايتري اپڊيٽ ڪانه هوندي آهي.

سنڌ جي هن وقت آدمشماري سوا چار ڪروڙ ٻڌايل آهي. سرڪاري ٻولي اردو دفتري سرشتي جي ٻولي انگريزي صوبائي ٻولي سنڌي. هت سنڌي مکيہ ٻوليءَ ڪانسواءِ اردو پنجابي پشتو ۽ بلوچي ڳالهائي وڃي ٿي. سنڌي ڳالهائيندڙن جو انداز ساڍا ٽي ڪروڙ (35 Millions) ٻڌايل آهي. انهن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد ستر لک (7 Millions) چيل آهي.

مون انهن انگن اکرن کي چيڪ ڪري تازي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اِنسٽيٽيوٽ آفي سنڌالاجيءَ جي اڳئين ڊائريڪٽر جناب شوڪت حسين شورو صاحب جي مدد گهري. هن مون کي E-mail ڪري هن طرح ٻڌايو آهي. :The Present approximately position is as under

1.Total sindhi speaking Population in Sindh 40 Millions(چار ڪروڙ)

1.Total Hindu sindhi speaking Population 7.5 Millions(75لک) (Date:9-4-2014)

(ڀارت ۾ 2001 جي آدمشماريءَ موجب سنڌي ڳالهائڻ وارا اٽڪل ڇويهہ لک درج ٿيل آهن (25,71,526):

هي تعداد سنڌي ٻولي ۽ ادب توڙي ٻين سيني حلقن لاءِ خاص ڌيان طلبي ٿو.

سنڌ جا مکيہ شهر ڪراچي حيدرآباد سکر لاڙڪاڻو، ميرپور خاص، نواب شاه جيڪب آباد شڪارپور ۽ ٽنڊوآدم آهن. سنڌ اڄين تہ هاڻ ڀارت لاءِ هڪ ڌاريي ملڪ جي ڌرتي آهي، پر ان جي اندروني سوکيم وراثت سان اسان ڀارتي سنڌين جي جند بہ جڙيل آهي. اتي لاڙڪاڻي جي ڀرسان موئن جي دڙي جا ’ڀڙڀانگ“ نظارا ڏسڻ لاءِ هرڪو سنڌي منتظر آهي. سکر ساڌ ٻيلو، خيَرپور جو فيض محل، دنيا ۾ وڏو راڻي ڪوٽ قلعو، سنڌو نديءَ جو ڪنارو، نئشنل ميوزم، شاه لطيف جي مضار ۽ اهڙا ڪيترا مَنظر اسان جي پنهنجي سيپنا سان جڙيل آهن. جيڪي اسان پنهنجن وڏن ڀائرن جي سگهارن هٿن ۾ امانت طور ڇڏي آيا آهيون.

سنڌي اجرڪ، دست ڪاريءَ جون انيڪ چيزون بہ يادگار ورثي ۾ شامل آهن. ڪراچيءَ جو ساموںڊي ڪنارو يا اتان جا رَڻ پرديش بہ شامل آهن تہ اتان جو ساز سنگيت لوڪ ادب بہ شامل آهي. شاه جو رسالو جي تہ ڳالهہ ئي نرالي آهي ڇو جو اهو تہ اسان سان ساڻ آهي- دلين ۾ وسيل آهي. چاهي نوجوان ٿهي اُن جي ميناج کان بي خبر آهي پر ان جي اهميت کان بي خبر نہ آهي. شايد اها هڪ ئي اهڙي بي بها چيز آهي جيڪا اسان وٽ بہ آهي تہ اتي بہ آهي.

سنڌ اڃان تائين عام سنڌي بزرگ جي سيني ۾ سمايل آهي ان جا ٿورا مثال ڏسڻ نئين ٿهيءَ کي ڏيکارڻ ضروري ٿو لڳي.

پروفيسر لعلسنگهہ اجواڻيءَ جي ”سنڌي ادب جي تاريخ“ (1978) ۾ هن صاحب ”سنڌ ۽ سنڌيءَ“ بابت 16 پيج وستار سان سنڌ جي اهميت واضع ڪئي آهي. سنڌ جي قديم ترين سنسڪرتيءَ کي ڌيان ۾ رکي هن لکيو آهي “ سنڌ جو ٻيو نالو ”موئن جو دڙو“ بہ ٿي سگهي ٿو. (ص 5)

سنڌي ساهتيہ جي جهلڪ ڪتاب ۾ بزرگ ڀاشا وگياني ودوان ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي سنڌ کي هئن ياد ڪيو آهي. ڪو وقت هو جڏهن سنڌ جي ڳوٺن ۾ امن- امان هو. هندو ۽ مسلمانن ۾ ايڪتا هئي. ٻئي هڪ ٻئي کي اوکيءَ سوکيءَ مدد ڪرڻ لاءِ تيار رهندا هئا. (ص. 127)

هند جي وڏي شاعر واسديو موهيءَ ”جديد سنڌي شاعري“ انتخاب ۾ لکيو آهي- ”1843ع ۾

انگريزن جي راڄ جي شروعات سان، سنڌ ۾ ادب جو ٻيو دؤر شروع ٿيو. جنهن ۾ نثر ۽ شاعريءَ نيون اوچايون حاصل ڪيون. آزاديءَ کان پوءِ هندو سنڌين جي سنڌ مان لڏي ڀارت ۾ اچي وسڻ تي، سنڌ ساهت جو ٻه ورهاڱو ٿي ويو! (ص- مهاڳ)

ڊاڪٽر ديال آشا، ''سنڌي شعر جي تاريخ ۾ '' ذڪر ڪيو آهي. ''موئن جي دڙي، ڪاهوءَ جي دڙي ۽ ڪچهه ڀين دڙن جي کوٽائي سسنڌ ملڪ جي قدامت جي ڏس ۾ نئون ورق ورايو آهي. سنڌ هڪ اعليٰ تهذيب ۽ تمدن جو وارث آهي. (ص. 19)

مشهور ۽ مقبول اتهاسڪار ڪي. آر. ملڪاڻيءَ پنهنجي عالماڻي ڪتاب. ''The sindh story'' ۾ قديم سنڌ جي مهما هن جي طرح درج ڪئي آهي.

"Today, when the sindhi nationalists in pakistan, refer their province as, "SINDHU MATA" they are only re-stating an encient fact. SINDHU is not only mother of sindhis, it is the mother of encient greece and encient eggypt too.

سنڌ جي آڳاٽي سمي جي ڌرمي سماجي ڪُشادگيءَ ۽ خوشحاليءَ جي حوالي ۾ مشهور ڪتاب SINDHI CULTURE ۾ ڊاڪٽر يو.ٽي ٺڪر لکيو آهي.

"But highly blended faith which sind produced and which was followed by the hindus and the muslims a like, was sufism. (P.21)

هونءَ ٻه، ڀارت جي سنڌين جي سنڌ جي سڪ قدرتي ۽ فطرتي طور رهڻي ئي آهي. چاهي اهي آزاديءَ کان پوءِ ڀارت ۾ ڄاوا هجن، چاهي اهي سنڌي ادب سان سڌيءَ طرح ڪو خاص واسطو نه ٻه رکندا هجن.

# آزاديءَ کان اڳ سنڌ جو
# سياسي-پَس مَنظر

گهڻو ڪري سياست جي تاريخ ۾ مختلف لکندڙن جي تفصيلن ۾، مختلف نظريا نظر ايندا رهندا آهن-چو جو، سياست جي تاريخ لکڻ وارن جي ’پنهنجائپ يا پرائپ‘ يعنيٰ ڪونه ڪو سافٽ ڪارنر يا هارڊ ڪارنر هنن کي ائين ڪرڻ لاءِ آماده ڪندو آهي-ائين جئن اڄ جي زماني جي هلندڙ اِتهاس يعنيٰ ”نيوز“ جي پيش-ڪش ۾ ”ويوز“ شامل ٿي ويندا آهن.

هت بہ وڪيپيڊيا ويب سائيٽ تي هن وقت رکيل هڪ مقالي ۾ اهڙو اظهار ڏسڻ ۾ آيو آهي،. (اهو مقالو بہ ٻين مقالن جيان، ڪڏهن بہ ايڊٽ يا خارج ٿي سگهي ٿو، اها ٻي ڳالهہ آهي.) هت بہ ’سنڌ‘ بابت شامل هڪ لنبي مقالي ۾ فهرست ۾ تعارف سنڌ جي جاگرافي (نقشن ساڻ) سنڌ جي آبهوا، سنڌ جي نباتات، سنڌ جي حيواني جيوت، جهڙن موضوعن ساڻ، ’تاريخ‘ واري حصي ۾ اِجهو هئن لکيل آهي.

سنڌ جو اواعلي ترين دؤر، جيڪو تاريخ ۾ محفوظ آهي، سو راجا ڏاهر جو دؤر آهي. جنهن ۾ هن عرب ڦورو قبيلي کان، جنگ هارائي شهادت ماڻي. ان ڪري ئي اڪثر سنڌ جا سڄاڻ، راجا ڏاهر کي سنڌ جو پهريون شهيد مڃين ٿا. ان عرب ڦورو قبيلي جي اڳواني محمد بن قاسم ڪري رهيو هو. عربن جي انتهائي طاقتور عراق سلطنت سنڌ جي آزاديءَ تي ڪيترائي حملا ڪيا، جن جي اُبتدا، اسلام جي چوٿين خليفي عُثمان جي دور کان ٿي.‘ Source.Wikipedea Sindh

**سياسي اِتهاس : اوائلي دؤر ( 1520 کان 711ع)** 711ع کان سنڌ تي عربن جو قبضو اٽڪل ٽي صديون هليو.

عربن کان پوءِ جون ’سنڌ جون حڪومتون عام طور هن طرح ڏيکاريل آهن.

**سومرن جي حڪومت : (1350ع 1050ع)**

**سَمَن جي حڪومت : (1520ع 1350ع)**

**وچون دؤر : ( 1843ع کان 1520ع)**

**سنڌي ارغونن جي حڪومت : (1554ع-1520ع)**

**ترَخانن جي حڪومت : (1592ع -1554ع)**

**مُغلن جي حڪومت : (1700ع -1592ع)**

**مُغلن جي حڪومت : (1783ع -1700ع)**

**ٽالپرن يا ميرن جي حڪومت : (1843ع-1783ع)**

**نئون دؤر : (1843ع کان پوءِ جو دؤر)**

انگريزن جي حڪومت : 1843ع کان 1947ع ڀارت جي آزاديءَ تائين. ڀارت جي آزاديءَ وقت 1947ع ۾ پاڪستان جو وجود قائم ٿيو ۽ ’سنڌ‘ ان ۾ شامل ڪئي ويئي آهي.

سنڌو ديش : ڪي سنڌي باشندا وري نئين سر هڪ ’سنڌو ديش‘ جي بہ ڪلپنا ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجي سِرِ ان بابت خواهشون ظاهر ڪري رهيا آهن.

اتهاس ۾ اهڙيون ڇڻڳون اڪثر ڏسجنديون رهنديون آهن. اُنهن مان ڪا ڇڻڳ ڪڏهن پنهنجي ويندي آهي ۽ اِتهاس نوان روپ ۽ آڪار وٺندو آهي. ٻولي ساهتيہ سماج جون تبديليون بہ اُنهن جو حصو بڻجنديون آهن.

سنڌ جي سياست ۾ هر دؤر ۾ ساهتيہ جي اوسَرَ جو پنهنجو الڳ اِتهاس بہ آهي. البت اوائلي دؤر جو شاعريءَ جو اِتهاس گهڻو تڻو زباني آهي- يا ياد ڪري پوءِ جي ڪنهن لکيل روپ ۾ خير ڪو آهي.

حال سنڌ جي سياسي پَس مَنظر ۾ ايترو نوٽ وٺڻ ضروري آهي تہ ادبي تاريخ جا ڪيترا ودوان ائين ٿا محسوس ڪن تہ انگريزن جي حڪومت بعد سنڌي ادب ۾ ڪيترا پُختا هندو شاعر نظر اچڻ لڳا. ان جو سبب شايد اهو ٿي سگهي ٿو تہ معقول ماحول جي غيرموجودگيءَ ۾ اهي يا تہ اُسري نہ سگهيا هوندا يا اُهي غيرتصديقي سبب ڪري يا ڇاڻي پُڇهي اتهاس جي پنن ۾ 'غرق' ٿي ويا هوندا. ڇو جو انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ تي ڪيترائي 'پُختا شاعر ائين ٿوري ئي عرصي ۾ پيدا ٿين، اهو ممڪن ڪونہ ٿو نظر اچي. ضرور اُنهن پنيان لنبي روايت رهي هوندي. اهو انومان ڪرڻ وارن ۾ سنڌي ڀاشا وگياني ۽ کوجنڪ **ڊاڪٽر مليڌر جيٽلي** ۽ پڻ سنڌ ساهتيہ سميت پارٽي ساهتيہ جو کوجنيڪ ۽ 'اينساڪلوپيڊيا' ۾ وڏو ڪم ڪندڙ **پرم ابيچندائي** بہ شامل آهن. (**''سنڌي ساهتيہ جي جهلڪ''**) **ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي** ۽ **''پرم ابيچندائي''** مونوگراف (هندي) **ليکڪ : نامديو ٽاراچندائي**)

# آزاديءَ کان اڳ سنڌ جو
# ٻوليءَ ۽ لپيءَ جو پَسَ مَنظر

لوڪ چوڻي مشهور آهي تہ ٻارهين ڪوهين ٻولي بدلبي آهي. تاتپرج صاف آهي تہ زمين جي وڇوٽيءَ سان ٻوليءَ ۾ فرق اچيو وڃي، وري وقت ۽ ماحول جو فرق يا دوري بہ ٻوليءَ جي روپ وهنوار تي اثر ڪري، اهو سڀاويڪ آهي.

مثال- چوڻ خاطر تہ تلسيداس سورداس ۽ ميران هندي ساهتيہ جا مهان ڪوي آهن پر تلسيداس جي اَوڌي ڀاشا، سورداس جي برج ڀاشا ۽ ميران جي راجستاني ڀاسا الڳ- الڳ پيئي نظر اچي. هاڻ تہ ڪڏهن چيو ويندو آهي تہ والميڪ جي سنسڪرت رامائڻ ڪي عام لوڪ پڙهي يا سمجهي نہ سگهندا هئا ان ڪري تلسيداس 'ڀاشا' ۾ (لوڪن جي ٻول چال جي اوڌي ڀاشا ۾) ''رام چرت مانس' جي رچنا ڪئي هئي پر هاڻ تہ هن جي 'رام چرت مانس' جي ۽ اڄ جي کڙي ٻولي هندي جي عام واهپي واري هنديءَ ۾ ايترو فرق ٿي ويو آهي جو شايد هاڻ وري هن جي رامائڻ ڪي بہ 'انواد' ڪرڻو پوندو.

ساڳئي نموني آزاديءَ کان اڳ جي سنڌ جي سنڌي اڄ سٺ سالن بعد جي سنڌ جي سنڌي ۽ هاڻ ڀارت جي سنڌيءَ ۾ بہ فرق تہ اچڻو ئي آهي. انگريزن جي حڪومت بعد سنڌ جي راڄ ڪاروبار ۾ فارسيءَ کي هٽائڻ باوجود سنڌي شاعرن جي شاعريءَ تي فارسي جو اثر ايترو پئجي چڪو هو جو اهو اڃان بہ پيو نظر اچي. انگريزن جي حڪومت کان اڳ تہ ادب ۾ توڙي راڄ ڪاروبار ۾ فارسي ٻوليءَ جو ئي واهپو عام هو. ان ڪري سنڌيءَ تي ان جو اثر بہ عام هو. پر پوءِ انگريزن جي حڪومت بعد سنڌي اَوڄ تي ايندي ويئي.

اپريل 1848 ۾ ممبئي پريزيڊنسيءَ جي گورنر جارج ڪلارڪ سنڌ جي ڪمشنر پرنگل کي لکي موڪليو تہ ''سرڪاري ڪاروبار ۽ لک پڙهہ ۾ اسان کي علائقي ٻوليءَ سنڌيءَ جو استعمال ڪرڻ گهرجي. فارسيءَ يا انگريزيءَجهڙي هڪ ڌاري ٻوليءَ جي ذريعي کهڙيءَ طرح اثرائتي نموني ڪم هلائي سگهندا.

ان طرح سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ٿيڻ جو رستو موڪرو ٿيندو ويو. ظاهر آهي سماج جي وهنوار ۾ مروج ٻولي ئي شاعريءَ جي ٻولي بہ ٿيئي آهي. چاهي ان جي علائقائي روپن ۾ ڪجهہ فرق بہ رهندو ايندو.

ان طرح سنڌيءَ جي اُپ ڀاشائن جو بہ پنهنجو پنهنجو اتهاس رهيو آهي. **ڀيرومل مهرچند** جي ڪتاب **'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ'** نئين ڇاپي جي پهرين ايڊيشن 1956) ۾ سريلي، وچولي لاڙي ٿريلي، ڪڇڪي، لاسيءَ جا الڳ الڳ باب ڏنل آهن(ص91 کان 156) انهن جو واهپو الڳ الڳ علائقن جي واهپي سبب الڳ اُچارن جي سرشتي سان وابسط ٿيندو ويو. جنهن لاءِ جاگرافيءَ جي مختلف زميني توڙي آبهوا توڙي ماڻهن جو مجموعي ماحول جوابدار رهي ٿو. البت انهن ۾ تفاوت اڻتر هوندي بہ ايترو گهٽو تہ نہ هوندو آهي جو ڌارياڻپ لڳي.

آزاديءَ کان پوءِ ڀارت ۾ لڏي آيل سنڌين مان جن شهرن ۾ پاڻ ۾ پنهنجا پنهنجا پاڙا وسايا- تن ۾ ڪجهہ سالن تائين ''لاڙي'' يا اُتراجي پاڙا سڃاڻ جندا رهيا اڄ بہ اُنهن مان ڪن شهرن ۾ ڪن خاص اُپ ڀاشائن وارن سنڌين جي ڪجهہ گهٽائي نظر اچي ويندي. پر هاڻ 60 سالن کان پوءِ عام طور اهي سڀ رياستي يا عامل گهڻو ڪري عام سنڌيءَ طور ئي سڃاتا وڃن ٿا. ايترو ئي نہ، ڪيترن ننڍن شهرن ۾ هنن جي ٻوليءَ ۾ لوڪل ٻولين جا لفظ ۽ لهجو بہ شامل نظر اچي پيو ٿيو. ائين تہ اهو ٻوليءَ

جو ٻڌاڙ ڇئي سگهبو، پر دراصل اِها ٻولين بدلاءِ جي پراسيس ٻہ آهي.

ساڳئي نموني لپيءَ جو معملو بہ هڪ مسئلو رهيو آهي. سنڌيءَ جي اولين شاعر قاضي قادن جي شاعريءَ جا پهريان ست بيت ئي هٿيڪا هئا ۽ تازو سنڌيءَ جي تحقيقات ڪندڙ هيري ٺڪر جي ڪتاب موجب ٻيا بہ سوُ ڪان وڌيڪ مليل بيت ديوناگريءَ ۾ (يا تہ ڇئون پُراڻي ديوناگريءَ ۾) مليا آهن. ساڳئي وقت **سوامي، پراڻ ناٿ** جي سنڌي توڙي عربي، فارسي،گجراتي، هندستاني ٻولين جي واڻي بہ ديوناگريءَ ۾ ئي آهي. هنن جي اُچاريل واڻيءَ کي ڳائي يا ياد ڪري پوءِ لکيو ويو هئڻ ڪري پڙهڻي ڏکي هئڻ بہ سياويڪ آهي.

هٽ اها هڪ دلچسپ ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جهڙي اها آهي تہ **ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي** جي ڪتاب **”ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ“** (1999) ۾ قاضي قادن جي سنڌي واڻي ديوناگريءَ ۾ ۽ پڻ پراڻ ناٿ جي سنڌي واڻي ديوناگريءَ ۾ جيڪا ملي آهي، ان کي نموني طور شايع ڪيل آهي. (ص.116 ۽ ص117) ان ساڻ امر شهيد سنت ڪنوررام جي هٿ اکري گُرمکي لپيءَ ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿي. (ص.118) هن ڪتاب ۾ سنڌي هٽڪائي يا هٽ واڻڪي لپيءَ جو بہ اتهاس ۽ چٽر ڏنل آهي تہ ٻيا بہ لپيءَ جا ڪيترا ناياب چٽر ڇپايل آهن. اهڙا چارٽ ۽ فوٽو چٽر 200 پيجن جي ڪتاب ۾ 60 ڪان بہ وڌيڪ ڏنل آهن، جو هڪ اهم دستاويزي ڪم آهي.

هٽ هند ۾ جيڪا عربي (سنڌي) لپي ڪم اچي رهي آهي، ان کي مقرر روپ سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ ڪان اٽڪل ڏهاڪو سال پوءِ 1853 ڌاري ڏنو ويو- جنهن کي اڄ 2014 جي وقت تائين اٽڪل 160 سال کن ٿيا آهن- جيڪو وڏو سَمو ڪونہ ڇئي سگهبو. پر هڪ تہ هيتري عرصي ۾ ڇپائيءَ جا سهنج وڌندا ويا ۽ اکيچار ڪتابن جا پنڊار پرجندا رهيا آهن. ٻيو تہ سنڌ ۾ تہ هن وقت بہ لپيءَ جواهو عربي سنڌي سرشتو ئي عمل ۾ آهي. اتي اسان وارا مسئلا ۽ مونجهارا ڪونہ آهن، جيڪي هٽ هاڻ تمام وڌي چڪا آهن.

متي ٿيل ذڪر جو تاتپرج اهو ٿيو تہ قاضي قادن ۽ پراڻ ناٿ جي واڻي ديوناگريءَ ۾ هئڻ سان اها تصديق ٿي ٿئي تہ اڳ ديوناگريءَ جو واهپو عام رهيو آهي. پر آزاديءَ جي سمي ڪان اڳ سنڌ ۾. سنڌي ٻوليءَ لاءِ خدابادي هٽائي يا هٽ واڻڪي ۽ گرمُکي لپيءَ جو بہ رواج ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ بعد ۾ عربي فارسيءَ جو سنڌي 52 اکري روپ انگريزن پاڻ مقرر ڪرايو- جيڪو واهپي ۾ ايندو رهيو آهي. هاڻي وري حالتن جي بدلاوَ ڪري هندستان ۾ ديوناگريءَ طرف رُخُ ڪرڻ هڪ مجبوري بڻجي آئي آهي. ڇو جو سنڌي (عربي) لپيءَ جا اسڪول ذري گهٽ بند ٿي چڪا آهن. جنهن ۾ هڪ وڏو سبب آهي انگريزي ميڊيم جي اسڪولن جو وڌو ڦهلاءُ. اهو مسئلو هاڻي سنڌين جيان پارت جي ٻين اُسريل ٻولين ۾ بہ اچي چڪو آهي. شايد اڳتي هلي سنڌ ۾ بہ ان جا آثار نظر اچڻ جو انديشو آهي. ڪجهہ اهڙن سببن ڪري، دنيا پر جي سنڌين کي انٽرنيٽ سان ڳنڍڻ جو خواب ڪٽي ڪيترا سَڄاڻ تمام دور، درشٽي رکي سنڌيءَ لاءِ (رومن لپيءَ جي ضرورت محسوس ڪري رهيا آهن.

**(ڏسو** www.romanised sindhi.com **ويب سائيٽ)**

ائين حال لپيءَ جي ڏس ۾ ڪي مونجهارا اسان وٽ پارت ۾ نظر اچن ٿا. پر آزاديءَ ڪان اٽڪل هڪ سو سال اڳ مقرر ٿيل لپي عربي سنڌيءَ جي ڪتابن جو ئي وڏو سهارو وٺي هيءُ اپياس ڪرڻو آهي. هڪ اُميد اها بہ آهي تہ لپيءَ جا مونجهارا اڳتي هلي. ڪمپيوٽر تي هلندڙ soft-ware پروگرام جا Transliteration جا نوان ايجاد ٿيل اڃان بہ ٿي رهيل Tools دور ڪرڻ ۾ وڏي هٿي ڏيندا. ايندڙ وقت ۾ آڊيو بوڪس لپين جو مسئلو ڪافي حل ڪري ڏيندا. جنهن جي شروعات بہ ٿي چڪي آهي.

# باب ٽيون

## آزاديءَ کان اڳ جي شاعري: سرسري نظر

3.1 شاهہ لطيف کان اڳ جي شاعري
3.2 شاهہ لطيف ۽ ان جو رسالو
3.3 شاهہ لطيف کان پوءِ جي شاعري

# باب ٽيون

# آزاديءَ کان اڳ جي شاعري : سرسري نظر

## شاهه لطيف کان اڳ جي شاعري

**اوائلي شاعر :**

سنڌي شاعريءَ ۾ آزادي ءَ کان اڳ جي پس-منظر تي نظرثاني ڪندي، جنهن اڪثر اتهاسڪارن جو رُخ ءَ پئمانو رهيو آهي. شاهه لطيف کي ''حد-نشان'' ليکي هلڻ بهتر ٿيندو .ان موجب اسان هت آزاديءَ کان اڳ جي شاعري ءَ ۾، شاهه لطيف کان اڳ يعني آڳاٽي سمي جي اوائلي شاعريءَ تي اول نظر وجهندا هلون.

اڄين تہ، اڄان تائين، سنڌيءَ جو پهريون مُستند شاعر (Authentic Poet) قاضي قادن کي مڃيو وڃي ٿو. البت قاضي قادن کان اڳ جي سنڌي شاعريءَ جو ذڪر اوس ٿيندو رهي ٿو. جيتوڻيڪ اهو ذڪر ٿوري ۾ءَ گهٽ تصديق وارو آهي، ڇو تہ اهو عام طور زباني شعر يا لوڪ -ادب جي حوالن سان ٿئي ٿو. پر پوءِ بہ ان جي اهميت تمام وڏي آهي، ڇو تہ ان جي آڌار تي سنڌي شعر جو اوائلي دؤر اٺين صديءَ کان ڳڻڻ ۾ اَچي ٿو.

''سنڌي ساهيتہ جو اوائلي دؤر اٺين صديءَ کان 1500ع تائين'' (سنڌي ساهيتہ جو اتهاس، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي. ديوناگري ڇاپو. ص.14) جيتوڻيڪ لکيل صورت ۾ ءَ هٿيڪي ساهيتہ جي غير موجودگيءَ سبب، جنهن هر ڀاشا جي اتهاس ۾ ٿيندو آهي، اوئلي دؤر بابت اتهاسڪارن ۾ بہ رايا هئڻ عام ڳالهہ آهي.

**قاضي قادن (1551-1463)**

شاهہ لطيف کان اڳ جي شاعرن ۾ ءَ پڻ سنڌيءَ جي پهرين مستند شاعر طور قاضي قادن تڏهن ئي قابل قبول ءَ مقبول رهيو هو. جڏهن هن جا فقط ست بيت ئي محفوظ هئا. بعد ۾ 1978ع ۾ هيري ٺڪر جي ڪتاب ''قاضي قادن جو ڪلام'' ۾ هن جا 112بيا بہ بيت شايع ٿيڻ سان، اهو وشواس قائم ٿيو آهي تہ ان طرح جي پڪي پختي روايت اوچتو ڪانہ ٿهي هوندي ضرور اڄان کي شاعر-ڪو شعر اُن وقت جي وهڪري ۾ ڪٿي اٽڪيو پيو هوندو.

**قاضي قادن کان پوءِ -شاهہ لطيف تائين**

شاهہ لطيف کان اڳ جي ٻن صدين ۾ ڪيترائي ننڍا ءَ پڻ ڪي وڏا شاعر ٿي ويا آهن. هيلتائين اُنهن بابت بہ تصوير چٽي نہ هئي. شايد اڳتي ڪا کوجنا ان کي اڃان بہ وڌيڪ چٽو ڪري. پر هن وقت اهڙن شاعرن جي ڪجهہ حد تائين تصديقي ڄاڻ موجب ڊاڪٽر ديال آشا جي ''سنڌي شعر جي تاريخ'' ۾ 13 شاعر ذڪر هيٺ آيا آهن. اَلبت ڊاڪٽر صاحب اُنهن جي وقت جي وٿين جي تاريخي اُپٽار يا ورڇ Classlfication نہ جهڙي ڪئي آهي. هت ڏنل فهرست، اَدبي ڄاڻ جو جڻ اَڻ ڳڻيلُ خزانو آهي جو اَوس ئي فَرحت بخش آهي.

پروفيسر لعلسنگہ اَجواڻيءَ جي اتهاس ۾ وري ان جي اُبتڙ-فهرست بجاءِ سِڌي اُپٽار آهي، جيڪا بہ ''اِتهاس '' جي مُراد خاص برثواب ڪانہ ٿي ڪري. قاضي قادن کان پوءِ ڇهن ''معمولي'' شاعرن جي تفصيلي ذڪر بعد ءَ سوامي پراڻ ناٿ جي پاسينگ نوٽ بعد ٽن مکيہ شاعرن کي، ''اُبتڙ-سلسلي'' ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ان طرح قاضي قادن کان شاهہ لطيف جي وچ جي ڪڙيءَ ۾ ٿي نہ پر چار شاعر مکيہ طور پيش ڪرڻ بهتر ٿيندو.

1. **شاهہ عبدل ڪريمہ (1536-1620)**
2. **سوامي پراڻ ناٿ (1618-1694)**
3. **شاهہ عنايت (سنہ 1613 ڪان 1623ڌاري جنمہ ۽ وفات 1701 ڪان 1719ڌاري)**
4. **ابوالحسن (جنمہ سنہ 1661)**

**1. شاهہ عبدل ڪريمہ**

شاهہ عبد ڪريمہ ڪي بلڙيءَ وارو بہ چوندا آهن .هو شاهہ لطيف جو ٽَرَ ڏاڏو هو ۽ هڪ وڏو شاعر هو. ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻيءَ پنهنجي ڪتاب - شاهہ عبدل ڪريمہ (1970) ۾ هن جي حياتيءَ بابت ايپاس ۽ هن جي 93 بيتن جو انگريزي ترجمو پيش ڪيو آهي. قاضي قادن جي فقط ستن بيتن جي هٿيڪي هٿڻ تائين هو ئي پهريون مکيہ شاعر ڪري سڃاتو ويندو رهيو هو. هن ڪي ڪي مدبر Chaucer طور بہ نوازيندا آهن.

**2. مهامتي سوامي پراڻ ناٿ**

مهامتي سنت سوامي پراڻ ناٿ جي سنڌي واڻيءَ جو ڪتاب 1991 ۾ جهمو ڇپُاڻيءَ پڌرو ڪيو آهي ۽ ان سان، شاهہ کان پهرين سنڌي شاعرن ۾ هڪ هندو سنت ڪويءَ جو ڪافي تعداد ۾ مليل شعر هڪ ڪُتل ڪڙي پوري ڪري ٿو. هن جون اٽڪل 600 ڪان وڌيڪ سنڌي چوپايون مِليون آهن. هي ڪوي سنڌي جي حدن کان ٻاهر گجرات جي سوراشٽر جو ڪوي رهيو آهي. هت هن ساڻ هندي ڪوي دادو ديال (1544-1603) کي ياد ڪرڻ بہ مناسب ٿيندو. هن جون بہ ڪيترين سنڌي رچنائون مليون آهن. هو بہ پراڻ ناٿ جيان هڪ ٻيو بہ هندو شاعر آهي جيڪو سنڌ کان ٻاهر گجرات-راجستان ۾ مشهور آهي.

**3. شاهہ عنايت**

شاهہ عنايت يا ميون شاهہ عنايت. هو سترهين صديءَ جو وڏو ڪلاسيڪي شاعر آهي. ”مين شاهہ عنايت جو ڪلام“ نالي ڪتاب 1963 ۾ شايع ٿيو آهي. هن ”عوام جو سنت درويش شاعر“ جي روپ ۾ نئين ڏارا کي جنمہ ڏنو. سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ساهت اڪادميءَ جي 1996 جي ڪتاب Four Classical Poets of sind ۾ پهريون شاعر شاهہ عنايت آهي، پوءِ شاهہ لطيف، سچل ۽ سامي آهن - جيڪو تاريخي سلسلو آهي.

**4. ابوالحسن**

اَبوالحسن (جنمہ 1661ع) هن کي سنڌي اَدب جو اَبو پڻ ڪوٺيو ويو آهي. هن عالمہ عربي-فارسيءَ جي آڌار تي موجودهہ سنڌي الف-بي ٺاهي سنڌي ٻوليءَ لاءِ وڏو ڪمہ ڪيو ۽ ان ۾ ڪتاب پڻ لکيو.

هو شاعر بہ هو. هن دوهي بجاءِ هندي ڇند ”ڪوِتَ ڇند“ ۾ رچنا ڪئي. هن کي ڪن عالمن سنڌيءَ جو پهريون نثر نويس بہ چيو آهي - جنهن جو نثر موجود آهي.

**شاهہ عبدل لطيف**

چيو ويندو آهي تہ دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ شيڪسپيئر ۽ هن جي ڪتاب ”هيمليٽ“ تي لکيو ويو آهي. هندستان جي سڀ کان وڏي متبر ٻولي هنديءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ تلسيداس ۽ هنجي ڪتاب ”رامہ چرت مانَس“ تي لکيو ويو آهي تہ وري سڀ کان پراڻين ٻولين ۾ سنسڪرشت جي پيڻ سمان قديمي ٻولي سنڌيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ شاهہ عبدل لطيف ۽ هن جي ڪتاب - ”شاهہ جو رسالو“ تي لکيو ويو آهي - جيڪو صوفي شاعريءَ جو وڏو منارو ليکيو ٿو وڃي ۽ شاهہ لطيف صوفي سنتن ۾ سرمور ۽ مهان ڪوي مڃيو ويو آهي.

هن جو جنم شڪروار 18 نومبر 1689 تي ڀٽ شاهه کان ٿورو دوُر هالا حويليءَ ۾ شاهه حَبيب جي گهر ۾ ٿيو هو.

هن جي وفات هڪ جنوري 1752 تي ڇنڇر جي ڏينهن ڀٽ شاهه سنڌ ۾ ٿي ڇٽي وڃي ٿي. 1762ع ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي هن جو شاهي مقبره جوڙايو هو. هو پاڻ رومي ۽ ڪبير کان متاثر ٿيو وڃي ٿو. هن کان متاثر شاعرن ۾ سچل سرمست، بيدل ۽ پڻ شيخ اياز جو ذڪر اَچي ٿو.

’شاهه جو رسالو‘ انگريزي اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيل آهي. ڀارت ۾ ان جو چونڊ ڪلام هندي گجراتي وغيره ۾ شايع ٿيل آهي. ساهتيه اڪادميءَ هن جو مونوگراف پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ کان لکائي 1970 ۾ ۽ وري 1982 ۾ ڇپايو آهي. تازو لڇمڻ هردواڻيءَ ’شاهه جو رسالو‘ ديوناگري سنڌيءَ ۾ شاندار نموني شايع ڪيو آهي. هن جو چونڊ ڪلام وري مڪيش تلوڪاڻيءَ ڪيليوگرافيءَ ۾ آرٽ ورڪ ساڻ به شايع ڪيو آهي - جنهن ۾ موهن گيهاڻيءَ جو انگريزي ترجمو به شامل آهي.

ڇوَن ٿا ته خود شاهه صاحب پاڻ به ڪيليوگرافيءَ جو ڄاڻو هو.

وڪيپيڊيا تي انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ هن بابت ۽ هن جي رسالي بابت باتصوير باتفصيل خلاصا مضمون شامل ڪيل آهن. شاه جي ڀيٽ پريشن جي مهان ڪوي روميءَ سان ڪئي ويئي آهي.

His Work has been compared frequently to great persian poet Rumi (wikipedea pages. Shah Abdul Latif Bhitai)

سنڌ ۽ هند ۾ هن جو ڪلام ڏاڍي عزت ۽ پيار سان سيني ڳائيندڙن ڳايو آهي. هن جي ياترا ۾ سنڌ ۽ هند جا انيڪ اِستان شامل آهن جن ۾ ڪڇ جو ڀُڄ، سوراشٽر، جهوناڳڙهه، گجرات جو ڪنيات، راجستان جو جيسلمير ۽ مُلتان ۽ سنڌ جا انيڪ علائقا به شامل آهن.

شاه جي جيون توڙي رچنائن ۾ عشق مزاجي توڙي عشق حقيقيءَ جو روپ ملي ٿو-ڇو جو اصل ۾ اِهو شعر روحاني اڏيا تمڪ طرز جو آهي.

**شاه جو رسالو :**

شاه جو رَسالو يا (رِسالو) شاه لطيف جي ڪويتائن جو هڪ طرح سمپادن يا مجموعو آهي. ساڍا ڇهه هزار بيتن ۽ واين ۾ ڦهليل هن گرنٿ جا انيڪ روپ ملن ٿا. اڳ ان کي هن طرح به ظاهر ڪيو ويو هو.

"Ernest Trumpp called it Diwan when he edited the Risalo and published it from leipzig, germany in 1866 A.D."

هن ۾ 30 باب ملن ٿا جن کي ’’سُرُن‘‘سان سجاتو ويو آهي. سُر ڪلياڻ کان سُر بلاول.هنن ڳايل بيتن ۾ سنڌ جي سوُرمين سهڻي سسئي ليلا، مومل، مارئي، نوري ۽ سورٺ جي ڪٿائن کي شامل ڪيل آهي. شاه هڪ مهان صوفي سنت هو. هن جي هن ڪاويه ۾ صوفيانو، ناصحانو، عاشقانو طبيعي رزمي، مديحي ۽ ظريفانو شعر ملي ٿو. شاه جو شعر مسلمانن توڙي هندن کي هڪ جهڙو پيارو آهي.

شاه اوس هڪ وِشوَ ڪوي آهي. البت ان جو دنيا جي ڀاشائن ۾ اڃان به گهڻو پرچار ڪرڻ جي ضرورت آهي. خاص ڪري هن جي شعر جا ترجما انٽرنيٽ معرفت دنيا تائين پهچائڻ ضروري آهن. جي غير سنڌي دنيا شاه کان واقف ناهي ته ان ۾ اسان جو ڏوهه آهي. شايد اسان پاڻ ئي هن مهان سنت ڪويءَ جو پورو قدر ڪونه ڪري سگهيا آهيون.

**شاه عبدل لطيف جو يگ**

شاه لطيف پنهنجي وقت جو يُگ پرش هو. هن جي سَمي جي شاعريءَ جي سموري وقت کي شاهه عبدل لطيف جو يُگ چوڻ جڳائي -ڇو جو انيڪ وڏا ڪوي، شاه کان متاثر ٿيندا رهيا آهن. البت شاهه

لطيف تائين جي وقت جي وڏي وڇوٽيءَ ۾ اوس ڪيتريون ڪڙيون ڪٽل هئڻ گُهرجن. سنڌي ادب جي اتهاس ۾ ڪوجنيڪن ڪي سنت پراڻ ناٿ ۽ قاضي قادن جهڙن شاعرن جو وڏو تعداد شعر جو ملڻ بہ ان ڳالهہ جي تصديق آهي تہ اڃان بہ ضرور اهڙيون ڪڙيون هونديون. ڇو جو ايڏو وڏو مهان ڪوي اڇانڪ بنان ڪنهن لبني روايت جي پيدا ٿيڻ هڪ ڪرشمو ئي ٿي سگهي ٿو. شاهہ جي رسالي ۾ سنگيت جي آڌار ڪي نج پارتيہ ڇيو ويو آهي. ان جو تعلق اسلام سان نہ آهي. ايڏي وڏي ڳالهہ بہ ان راءِ کي قائم ڪري ٿي تہ شاهہ ڪواڪيلي سر پنهنجو پاڻ ۾ لوڪ ''روايت '' نہ هوندو.

شاهہ لطيف کان وٺي، سچل سرمست تائين لڪيل سنڌي شعر ۾ شاہ لطيف جو سڌو يا اڻسڌو اثر نظر ۾ رکي، ان کي شاہ لطيف جو يُگ چوڻ ۾ ادبي اتهاس جي روايت جي پوئواري ٿيندي ۽ تاريخي فرض ادائي ليکبي.

**شاهہ لطيف کان پوءِ جي شاعري**

آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا جي هن اڀياس جي حوالي ۾، هن آزاديءَ کان اول جي سنڌي شاعريءَ جي مختصر نظرثاني ڪندي، شاهہ لطيف تائين ۽ پڻ شاهہ لطيف ۽ هن جي يگ بابت سرسري نظر وجهڻ بعد، وري ڊاڪٽر ديال آشا جي ''سنڌي شعر جي تاريخ'' جي فهرست تي نظر ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ شاهہ لطيف کان ۽ آزاديءَ تائين هن صاحب اٽڪل 250 شاعر شامل ڪيا آهن. هن فرحت بخش فهرست واري تاريخ ۾ اٽڪل 650 صُفحن ۾ اٽڪل 500 ڪوين جو نموني جو شعر شامل آهي تہ تعارف ۽ اهميت بہ ڀڏايل آهي.

هن ڪتاب موجوب هت اُپٽار جي گنجائش نہ هوندي فقط ڪن اهم شاعرن جو ذڪر ڪافي ٿيندو. پر اهو سنتوش ڏيندڙ تہ خير نہ ئي ٿيڻو آهي. عام طور اهم مڃيل شاعرن ۾ شاهہ لطيف کان پو سچل ۽ سامي ۽ وڏا حد - نشان آهن ئي - ساڻ روحل فقير، دلپت، حمل فقير لغاري. گل محمد گل، بيدل، سانگي، مرزا قليچ بيگ بيڪس، ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي ۽ ڪشنچند بيوس تائين پهچي سگهجي ٿو. جن ۾ ٿي مکيہ شاعر هت نظرثانيءَ لاءِ کڻڻ ضروري آهن. پوءِ جي اهم شاعرن کي آزاديءَ کان پوءِ جي حوالي سان جوڙڻ نيڪ ٿيندو. اهي ٿي اهم شاعر آهن :-

1. سچل سرمست (1739-1826)
2. سامي صاحب (1743-1850)
3. ڪشنچند بيوس (1885-1947)

**سچل سرمست** : شاہ لطيف جنهن کي روحاني وارث ڪري ليکيو. اهڙي صوفي شاعر سچل کي، لعلسنگهہ اَجواڻيءَ ''بغاوت جو شاعر'' چئي نوازيو آهي. هن جو نالو تہ عبدل وحاب هو پر هو سچل سرمست جي پياري نالي سان مشهور آهي. قران کي برزبان ياد رکڻ سبب هن کي ''حافظ'' بہ چيو ويو. سنڌي، هندي، اردو، سرائڪي، پرشين، عربي ۽ پنجابي ڄاڻڻ سبب هن کي ''ستن ٻولين جو ڪوي بہ چيو ويو. ''سچ'' قبولڻ واري هن شاعر للڪاريو هو ''سچ ٿا مرد چون - ڪنهن کي وٺي نہ وڻي!''

**سامي صاحب** : هن جو پورو نالو چئنرام ٻچومل لنڊ ''سامي'' آهي. مشهور ڪتاب ''Four Classaical Poet of Sind'' ۾ ''شاهہ سچل، ساڻ ساميءَ'' جي ٽمورتي ۾ هو شامل آهي. ويدن جي واڻي سنڌيءَ ۾ سڻائڻ وارو هو شاعر ويدانتي شعر جو باني آهي.

ائين مڃيو ويو آهي تہ شاهہ 64 سال، سچل 90 سال ۽ سامي 100 کان بہ وڌيڪ سال حيات رهيا. سامي شڪارپوري جي لُنڊُ خاندان مان هو ۽ هوُ ڪپڙي جو واپاري ۽ ڀلاوٽو (ايجنٽ) هو. هو امرتسر ۾ رهيو يا ايندو ويندو هو. هو هڪ ودوان سوامي مينگهراج جي گيان کان متاثر ٿي خود بہ ويدانتي

ٻڌجي پيو ۽ پنهنجن سلوڪن ۾ بہ پنهنجو نالو ڏيئي پنهنجي سوامي (سامي)ءَ جو نالو ڏيندو رهيو ۽ خود بہ ان ئي نالي سان مشهور ٿيو. پنهنجا سلوڪ گرمُکيءَ ۾ لکي هو مٽڪي ۾ وجهندو ويندو هو.هن جا اٽڪل 4000 سلوڪ آهن جن جا گهڻا انتخاب نڪرندا رهيا آهن. ويدانت جي سنيهي باوجود هن شعر ۾ محمد صديق ميمڻ ”تصوف“ جو درشن (صوفي مت جو سار) بہ ڏٺو آهي.

ڪشنچند بيوس : (1885-1947)

ڪشنچند تيرتداس کتريءَ ”بيوس جو جنم فيبروري 1885تي سنڌ جي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. لاڙڪاڻي سنڌ کي سڀ کان وڏيڪ ۽ سڀ کان وڏا ساهتيڪار ڏنا آهن. هن ماستر ائين تہ سياوَ جي نماڻائيءَ وس پاڻ کي بيوس چوايو پر گهڻا وڏا شاعر هن کي سائين چئي هن جي عزت ڪندا رهيا آهن-جن ۾ هوندراج دکايل رام پنجواڻي، هري دلگير بہ آهن. هن جي وفات 23 سيپٽيمبر 1947 تي، هن جي رهائش گاهہ جشن خانہ، لاڙاڪاڻي ۾ هئي.

بيوس نئين دوَر جو باني مڃيو ويو آهي. هن جي ششيہ منڊليءَ کي ”بيوس اسڪول“ چيو وڃي ٿو اهي خود وڏا مقبول ساهتڪار رهيا آهن شاه ۽ ٽئگور هن جا آدرش هئا. بيوس قومي شاعر بڻيو ۽ پڻ هن جا قومي گيت آزاديءَ جي هلچل ۾ ڳايا ويا. هن جي ڪتابن ۾ ”سامونڊي سپون“ ڪويتا ڪَٺُ بهترين مڃيو ويو.60 سالن کان آخوند گل محمد واري شاعريءَ جي چال کي هن موڙ ڏيئي بدلائي ڇڏيو. بيوس تي لکيل ڪتابن ۾ ڊاڪٽر ارجن شاد جو لکيل ”بيوس ۽ نئون دوَر“ (1970) خاص آهي.

**بيوس منڊلي آزاديءَ کان اڳ ۽ پوءِ جي ڪڙي**

بيوس سائينءَ جي منڊليءَ جي مٿي ذڪر ڪيل شاعرن کان سواءِ ٻين ڪيترن شاعرن آزاديءَ کان اڳ ئي نالو ڪمايو پر هنن جو وڏيڪشعر تہ آزاديءَ کان پوءِ جي سمي ۾ آيو آهي. هونءَ بہ اتهاس ۾ گهٽو ڪري ڪنهن شاعر جي ڪٿ، هن جي سموري شعر تي ئي ٿيندي آهي- يعنيٖ هن جي حياتيءَ کان پوءِ اهو منظر اچي ٿو.

ڪوي بيوس جو ديهانت آزاديءَ کان ترت پوءِ ٻي مهني ٿيو آهي ان ڪري هن کي آزاديءَ کان اڳ سنڌي شعر جي آخرين ڪڙي چوڻ ۾ عيب نہ آهي پر هن جي منڊليءَ جا ۽ ٻيا شاعر آزاديءَ کان پوءِ چڱو ئي وقت شاعري ڪندا رهيان جن جي اُپٽار ۽ ڪٿ- آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي شاعريءَ جي حصي ۾ ڪرڻ جڳائي. ان ڪري هنن جو فقط ڪجهہ ذڪر ’بيوس‘ ساڻ ڪرڻ ڪافي آهي. اڳتي هنن بابت وستار سان رهاڻ جا موقعا ملندا.

# باب چوٿون

## آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا
## سنڌو نديءَ کان هند مهاساگر جو سفر


4.1 1947 کان 1950 ماٺ جو ماتم
4.2 1950 بعد جي ڇُرپُر
4.3 نئين زمين-نئون زمانو
4.4 ٻوليءَ ۽ لپيءَ جي نسبت ۾ سوڪيم تبديليون
4.5 مڪاني ٻولين جي ادب جا شفي ۽ نفي اثر
4.6 انيڪ ڌرمن-جاتين جي جيون شئليءَ جا اثر

# باب چوٿون

## سنڌو نديءَ کان هند مهاساگر جو سفر

### 4.1  1947 کان 1950 : ماٺ جو ماتم

جڏهن هندستان آزاد ٿيو تہ ٻہ وروڌي منظر الڳ-الڳ مُڪامن تي پنهنجي پنهنجي جوش ۾ هوندا. ڪي جشن ۾ ٻيا وئل ۾ !

جن جي عمر هندستان جي آزاديءَ جي سَمي، مون وانگر سال-اڌ بجاءِ هرومل سدارنگاڻيءَ ’خادم‘ صاحب جيان 34 سال کن هوندي. اهي ئي ان وقت جي وروڌي منظر جي ’’اکين ڏٺو‘‘ احوال ڏيئي، پنهنجن اُڏمن ۽ اُمنگن جي اڌ مئل لاشن جو بيان ڪري سگهن ٿا. اوس ڪي قسمت وارا بہ هوندا، جن ان ظالم وقت ۾ بہ پاڻ کي سڪي سلامت سمجهيو هوندو، پر اهڙا ورلا سولا ڪونہ لين. باقي ورلاپ ڪندڙ ڪوڙ. جيڏانهن نهار - اهي ئي نظارا هئا.

ٻارهن سالن جي ڪچي عمر واري لڇمڻ ڀاٽيا ڪومل ڀاٽيءَ جي جهاز ۾ ڪراچيءَ کان بمبئي سفر ڪندي اَٻو جهائيءَ جو اظهار هئن ڪيو آهي.

’’عجيب ماحول هو. هيءَ ايڏي ٻي گهر مخلوق ڪٿان آئي آهي ؟ ڪيڏانهن وڃي رهي آهي؟ ڇو وڃي رهي آهي ؟ سڀ وائڙا پئي لڳا !‘‘

(آتم ڪٿا - وهي کاتي جا پنا - ص 51) هيءَ تہ هڪ معصوميت ڀري دانهن آهي. سالم سمجهہ ۽ ذهين عالم هرومل سدارنگاڻيءَ ’خادم‘ ان دزد واري نس کي هئن پڪڙي آهي. ’’هندستان جي آزاديءَ، سنڌي هندن جي آسن ۽ اُميدن کي پاڻي ڦيري ڇڏيو. ورهاڱي نہ فقط جاني ۽ ٻي انتها مالي هاڃو رسايو، بلڪ پنهنجي جنم ڀوميءَ کي اَلوداع ڪرڻ لاءِ ئي مجبور ڪيو.

نقصان تہ بنگال ۽ پنجاب وارن بہ اڪيچار سنو. پر هڪ ۽ مُکيہ خيال کان ڀيٽ ۾ گهٽ. سندن پرڳڻا بہ اَڌ برابر ڪيا ويا. پر پوءِ بہ سرحد پار ڪرڻ پڄاڻا ڪين ڀارت ۾ رهيل ٻئي اڌ ۾ وسي وڃڻ جو موقعو هئو. جتي سندن ماتري ڀاشا، سنسڪرتي ۽ رسم - رواج ڦلجي ڦولجي رهيا هئا ۽ اجنبيت جو احساس سامهون نہ هئن.‘‘

’’ورهاڱي کان پوءِ سنڌي شعر چونڊ‘‘ ( 1987 مُهاڳ. ص. 1)

اهڙين حالتن ۾ 1947 ڌاري پناهگير بڻجي، آيل جاتي، اَجهي ۽ اَنّي لاءِ ڀٽڪندي ڪيترا سال قبيلا ئي زندگي ڪاٽي رهيا هئا، اتي ساهت رچنا، ڪويتا-شعر ڪنهن کي ياد پوندو ؟ لحاظ ڀهريان ڪجهہ سال تہ بلڪل ’’ماٺ جو ماتم‘‘ هئڻ سياويڪ هو.

### 4.2  1950 بعد جي چُر-پُر

1950 کان پوءِ ڪن جزوي شخصن، اڳ کان ئي ساهت سان ڇڳي لاڳاپيداريءَ سبب ۽ وري ڪجهہ اهڙن سنگتين - ساٿين سان سامنو ٿيڻ تي يا ڪن ٻيءَ طرح جي خاص حالتن جي ڪري، ٿوري گهڻي ادبي چُر-پُر نظر اچڻ لڳي. خاص ڪري اُنهن وٽ جن جي ان وقت ڪافي عمر هئي. اُنهن مان ڪيترا تہ آزاديءَ کان اڳ، سنڌ ۾ ئي ادبي مشغولين ۾ شامل هئا.

حالتن جي ڪجهہ سوجهري اچڻ سان، ٻارن جي پڙهائي، اسڪول، درسي ڪتاب، سنڌي ٻولي ۽ ائين ساهت جي ٻاڙ يا لوڙ پوڻ سان بزرگ شاعرن ورهاڱي جي دکن دردن جي دانهن کي شعر جي صورت ڏيڻ شروع ڪئي. هنن ۾ ليکراج عزيز، تيرٿ وسنت، پرسرام ضيا، ڪيئلداس فاني، پريو وفا، سدارنگاڻي 'خادم' پارا شروعاتي ڇڙُ-ڦُر ۾ شامل ٿيندا ويا.

## 4.3 نئين زمين - نئون زمانو

راتو رات ملڪ بدليو تہ حياتيءَ جون راهون بہ بدليون. سکيا ستابا ۽ آسودا ڪٽنب هت غريبڙا بڻجي پيا. هنن ويچارن لاءِ زمين بہ نئين هئي ۽ زمانو بہ نئون هو. وقت ئي بدلجي ويو هو. هنن جي 'درد' پري داستان کي ڪيترن پوءِ ڪهاڻين، ناولن ساڻ شعر ۾ بہ پلٽيو آهي. پر ان درد کي اکين سان ڏسڻ جو هڪ بهتر نظارو فلم ''اباڻا'' جي پرسرام ضيا جي گيت ۽ ماستر چندر جي آواز ۾، هڪ اِتهاسڪ يادگار بڻجي آيو :

''وڇن ٿا - وڇن ٿا... اُداسي وڇن ٿا... وڇن ٿا - وڇن ٿا... وطن کي ڇڏيندا...
ڇڏي ساز صوفي وڇن ٿا لڏيندا... اُميدون سيئي وڇن ٿا پليندا...
الله ڄاڻي آخر ڪڏهن ميلا ٿيندا... (1958)

هڪ طرف ورهاڱي کان اڳ ترقي پسند شاعري وجود ۾ آيل هئي. اها نين مسڪيني حالتن ۾، ڪئمپ جي زندگيءَ ۾، نئين سر هلچل، بي روزگاريءَ ۽ حالتن ۾، وري ڇُر-ڦُر ۾ اچڻ لڳي. ٻئي طرف سنڌ ڇڏڻ سان ٿيل سقيم حالتن سبب آيل اُداسي ۽ نراسائيءَ جو اظهار ٿيڻ لڳو.

پهرين طبقي ۾ ارجن شاد، ايشور آنچل سُگن آهوجا، ڪرشن راهي ۽ موتي پرڪاش جو ذڪر ٿيندو رهيو آهي تہ ٻئي طبقي ۾ ليکراج عزيز، ڪيئلداس فاني، پرسرام ضيا اڳرا ليکيا ويا آهن.

ائين، آهستي آهستي، سنڌي ڪويتا ۾، 1950 کان ترقي پسند ڌارا کي وقت جو سڏ ۽ پراڏو ملندو ويو ۽ اها اٽڪل ڏهہ پنڌرهان سال سنڌي اَدب جي هڪ خاص مشغولي بڻجندي رهي.

## 4.4 ٻولي ۽ لپيءَ جي نسبت ۾ سوکيم تبديليون :

ترقي پسند دؤر جي هن ماحول هلندي، ٻولي ۽ لپيءَ جا مسئلا سامهون ايندا ويا. جئن واسديو موهيءَ بہ لکيو آهي - ''يوميءَ کان الڳ سڄي پارت ۾، ٽڙي پکڙي ويل سنڌين لاءِ وڏي ۾ وڏي هاڃي، ٻوليءَ جي حوالي ۾ ٿي آهي، جيڪا زبان تان ترڪي رهي آهي.'' (جديد سنڌي شاعريءَ جو انتخاب - مهاڳ ص iv)

آزاديءَ کانپوءِ ڇڱي جدوجهد بعد سنڌي ٻولي 10 اپريل 1967 تي پارتي پارليامينٽ ۾ تسليم ٿي پر سنڌين جي دلين ۽ حالتن اڃ ان کي نہ چاهيندي بہ پرائو ڪري ڇڏيو آهي. عربي سنڌي لپيءَ جو آگره رکندي بہ سنڌين انهن جا اسڪول بند ٿيڻ ڏنا ۽ ديوناگريءَ اڄان بہ سائيڊ لائين ۾ رهي ٿي. اهڙن سببن ڪري ٻوليءَ جو ٻولجڻ ٻالڪن کان کسجندو ويو ۽ مٿان انگريزيءَ جو موهہ ۽ دٻاءُ وڌندو رهيو.

ڪجهہ حد تائين ڳالهائيندڙ پيڙي وري بہ بچي پر لپيءَ جي اڻ ڄاڻائي ديوار بڻي آهي. هاڻي تہ بس. ٽيڪنالاجيءَ جا ڪرشما ان کي ڪنهن روپ ۾ بچائي سگهن اها هڪ ئي آشا آهي.

اڄ جي حوالي ۾ ننڍڙن شهرن ۾ وڌيڪ، وڏن شهرن ۾ ڪجهہ گهٽ، سنڌي ٻوليءَ ۾ سوکيم تبديليون ايندي‌ون رهن ٿيون. خاص ڪري هندي بيلٽ ۾ هنديءَ جا اثر ان کي سنڌ واري سنڌيءَ کان ڪافي دور ڪري رهيا آهن. انگريزيءَ جا اثر تہ دنيا پر جي ٻولين ۾ بہ عام آهن، ان ڪري اهي سهي سگهجن ٿا - گهٽ گهٽ ڪتڪن ٿا - پر هندي ۽ ٻيا مڪاني اثر ٻوليءَ جي صورت بدلائيندا رهن ٿا.

البت اهي تبديليون ايتريون سوکيون آهن جو عام طور نظر اچڻ بہ مشڪل آهي.

### 4.5 مڪاني ٻولين جي ادب جا شعبي ۽ نثي اَثر

سنڌي شعر جي روپ رچنا تي، نثر جيان، مڪاني ٻولين جي اَدب جا اَثر ڏيڻ بہ سياويڪ آهن. مثال گجرات ۾ رهندڙ سنڌي اديب ۽ مهاراشٽر ۾ رهندڙ سنڌي اديب جي ساهتيہ ۾، نثر جيان، شعر ۾ بہ، پنهنجي پنهنجي ماحول جو پرڀاءُ پوڻو سياويڪ آهي. اديب جو پنهنجو آس پاس ٿي اديب جي مانَس کي گهڙي ٿو. ضرور ان ۾ ڪي اثر شعبي بہ ٿي سگهن ٿا. پر نج پنهنجو سواد قائم ڪيئن رهندو؟ مثال هنن جي ادب ۾ ساز، سنگيت، سواد سميت روزاني زندگيءَ جا هر قسم جا حوالا، سنڌي حوالا نہ رهڻا آهن. اها تبديل بہ ايتري سوکيو آهي جو جلدي پتو بہ ڪونہ پوندو. اسان جا پاپڙ - پڪوڙا - نيٺ تہ ڪاڪرن ۽ پيزا ۾ گم ٿيندا ويندا. سنو اهو آهي تہ اسان ڏارين سان ڏاريا نہ رهي پنهنجا ٻڻجي سگهون ٿا. پر اهو بہ سنو نہ آهي تہ اسان جي پنهنجي نجي سڃاڻپ سنڪٽ ۾ رهندي ايندي.

### 4.6 انيڪ ڌرمن - جاتين جي جيون شيليءَ جا اَثر

پروفيسر لعلسنگہ اجواڻيءَ جي سنڌي ادب جي تاريخ جي نئين باب ''سنڌي ساهتيہ جا سرچشما'' ۾ لکيو آهي -

''گهڻي ڀاڱي سنڌي ساهتيہ جو سرچشمو ڌرم آهي يا مذهب يا لوڪ ڪٿائون (سنڌي ترجمو : پروفيسر هيرو شيوڪاڻي. ص.84 )

اِها ڳالهہ اڄ جي حوالي ۾، جيتري بہ انداز ۾ قبول ڪجي، تہ ضرور مڃڻو پوندو تہ سنڌي اديب تي، ان ڪري ادب تي، نثر ۽ نظم ۾، انيڪ ڌرمن ۽ جاتين جي جيون شيليءَ جا اثر تہ اچڻا ئي آهن.

هت ڀارت ۾ انيڪ ڌرم ۽ انيڪ جاتيون، گهڻو ڪري گڏ رهندي، هڪ ٻئي جي ريتين رسمن ڏڻن ۽ رواجن سان پاڻ کي شامل رکن ٿيون. جئن گجرات ۾ نَوراتريءَ جي گربن ۾ سنڌي ڇوڪريون، ايترو تہ باريڪيءَ سان گربو (ناچ) ڪنديون، گجراتي لوڪ گيت ڳائڻ ۾ پاڻ نهڪائي سگهن ٿيون، جو مجال آهي تہ نالي جي 'آڻي' ڪانسواءِ ڪو ٻيو سڃاڻپ جو نشان بچيو هجي. خاص ڪري ننڍن شهرن ۾ تہ هنن جو لهجو بہ ڏاري ٻوليءَ جي مهڪ بہ نظر ايندي.

ائين ڌرم ۽ جاتين جا ''سهواس'' اسان کي ڏارين ۾ پيارو ضرور بڻائن ٿا، پر نيارو بڻائڻ کان دوُر ٿا رکن. اهي اثر گڏجي ڪري سنڌي ادب جي، تنهن ڪري سندس ڪويتا جي بہ، پنهنجي پڇاڻ کي درلڀ ڪندا ٿا رهن. ڪيترا نوان ساماڻيل شاعر تہ اُنهن ٻولين جا مقبول شاعر ليکيا وڃن ٿا. اهو بہ ڌرم سنڪٽ آهي تہ هنن سڌي ڳالهائڻ جي ڀرپور توفيق باوجود ايتري مقبوليت حاصل ڪئي آهي، ان تي فخر ڪجي يا افسوس. البت، آڻت اهو آهي جو اڄ جو ڪلا جڳت،ادب سميت گهڻو ڪري Local Colour کان گهڻو وڌيڪ Golobal Flavour جو ڏيندو رهيو آهي. ان ڪري هنن جو درجو اڳتي هلي ڪري، گجراتي، راجستاني يا انگريزي هندي - ليکڪ - شاعر بجاءِ، فقط ليکڪ - شاعر جو درجو ڏيڻو آهي. جئن نرتڪار ڪنهن گهراڻي يا شيليءَ سان وابسط هوندي بہ، خاص تہ هو نرتڪار طور ئي سڃاتا ويندا آهن.

# باب پنجون

## آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا جو اڀياس
## موضوعن جي حوالي ۾!

## Study of :
## Post Partition Sindhi Poetry
## with Reference of Subject Matters :

۵.۱ ۱۹۵۰ کان پوءِ سنڌي ڪويتا جا عام موضوع

۵.۲ ۱۹۵۰ کان پوءِ سنڌي ڪويتا جا خاص موضوع

۵.۳ موضوعن جي ڪَٿ وِڪاس ۽ مُناسبت

۵.۴ (ضميمو: ا: موضوعن تي سرسري نظر - هڪ فهرست)

**پومڪا:**

## موضوع جي سُڃاڻپ ۽ تحقيقات

موضوع لاءِ هت انگريزي لفظ آهي : Subject Matters. ان جو هندي لفظ विषय वस्तु
جنهن ۾ اَنگريزي لفظ Subject لاءِ وشيہ ۽ Matters لاءِ لفظ وستو چئي سگهجي ٿو. پر ٻنهي حالتن ۾ مُکيہ Keyword تہ وشيہ يا Subject ئي آهي.

هاڻوڪي زماني ۾ هرڪا تحقيقات ڊڪشنري ۽ گيان ڪوش جي آن لائين انٽرنيٽ ذريعي ڪرڻ جو سرشتو قائم ٿي رهيو آهي. هن اڀياس ۾ شاعريءَ جو اَڀياس اول موضوع يا وشيہ وستو يعني Subject Matter سان وابسطہ آهي www.thefreedictionary.com ويب سائيٽ تي هنن لفظن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي هيٺن ڏنل ملي ٿي.

The matter of thought , presented for consideration, in some statement or discussion,that which is made the object of thought or study.

هنن سٽن ۾ موضوع بابت ڏنل وصف ۾ هي لفظ خاص اَهم آهن:
،Object of the thought'

دنيا ڀر ۾ هن وقت سڀني کان وڏيڪ ۽ اَول ڪم ايندڙ ' ڄاڻ- ڇيڪلي' wikipedea (Encyclopedea) جي مکيہ ويب سائيٽ ۾ بہ ان بابت تمام اَهم ڄاڻ ملي ٿي.

Subject matter in general, is any thing, which can be CONTENT for some theory.

هيءَ سمجهاڻي نسبتي سوَلي آهي.

هت آيل هيءُ خاص لفظ CONTENT ڀرپور چِٽائي ڏئي ٿو. ان طرح موضوع کي CONTENT يا وري مٿي ذڪر ڪيل سمجهاڻيءَ موجب Object of thought يعني 'ويچار- وستو' ڪري لکڻ پنيان، ان کي رچنا- (لکيت- يا لکڻي) ۽ جو 'آڌار' ڪري مڃڻ جي مُراد نظر اَچي ٿي.

ساڳئي نموني ٻي وياکيا- تشريح ۾ بہ اهو هڪ قسم جو، رچنا جو، اَصلي مال اِسباب CONTENT هئڻ جو اَثر ملي ٿو. ڀوءِ چاهي اها رچنا ڪو سرجن Creation هجي يا ڪنهن علم يا وديا بابت اڀياس. اسان جو هت رچنا طور ڪويتا يا شاعريءَ سان واسطو آهي. ان ڪري هت موضوع بابت ٿيندڙ هيءَ اُپٽار ڪويتا يا شاعريءَ جي پَس منظر سان جُڙيل سمجهڻ گهرجي.

(هت هڪ ڳالهہ طرف ڌيان ڇڪائڻ بيجاءِ نہ ٿيندو تہ مٿي ذڪريل آن لائين گيان ڪوش Encyclopedea وقت بہ وقت Update ۽ پڻ Edit ٿيندو رهندو آهي. آن لائين هئڻ جو اِهو بہ هڪ وڏو فائدو آهي. ان ڪري ڪنهن ڪتاب مان ورتل ڪوٽيشن جيان اهو چيڪ ڪري ملائڻ بہ سوَلو آهي. پر ان ۾ لکيل ڪابہ ڳالهہ ڪنهن بہ وقت دُرستيءَ سبب بدلجي سگهجڻجو اِمڪان آهي. البت جئن ڪتاب جي ايڊيشن وابسطہ حوالي سان ڏسڻ ضروري هوندي آهي، تئن هت بہ

Last -Up dated جي تاريخ ڪم اَچي سگهي ٿي پر جي اِها ڳالهہ دُرست ڪيل هوندي تہ پوءِ ملائڻ مشڪل آهي. )

## شاعريءَ ۾ موضوع جي اهميت

عام طور ڪڍهن تہ ائين بہ لڳي سگهي ٿو تہ شاعريءَ ۾ موضوع جو هئڻ هرويرو ضروري نہ آهي، ۽ ان ڪري ان جي اهميت بہ گهٽ آهي. موضوع جو سڌو واسطو شعر جي سِري Title سان بہ جڙيل رهي ٿو. پر شعر يا شاعريءَ جي ڪيترن قسمن يا روپن ۾ تہ سِرو ئي نہ ڏنو ويندو آهي. ان ڪري بہ اهو ڀرم ٿي سگهي ٿو تہ ڪويتا ۾ موضوع جو هجڻ نہ لازمي آهي ۽ نہ وري ايترو اَهم.

پر حقيقت جو سوڪيم - باريڪ اَڀياس ڪرڻ سان پتو پوي ٿو تہ اهي ٻئي ڳالهيون صحيح نہ آهن.

هڪ - شاعريءَ ۾، ڪنهن نہ ڪنهن طرح جو موضوع لازمي آهي.

ٻہ - شاعريءَ ۾ بہ، موضوع جي ڪافي اهميت آهي.

ان طرح جي ڀرم جا بہ ڪي ڪارڻ آهن تہ ڇو شاعريءَ جي موضوع کي يا ان جي اهميت کي نظر انداز ڪيو ويندو رهيو آهي.

مثال طور غزل سنڌيءَ سميت، شاعريءَ جي هڪ تمام اهم صنف آهي. هڪ تہ غزل جهڙين هزارين ڪويتائن ۾ 'سرو' (نالو) Title ڏنل ئي نہ هوندو آهي. وري هڪ غزل ۾ ڪيترائي ڇڊا ڇڊا موضوع نظر ايندا آهن، هڪ شعر جو ٻئي شعر سان واسطو هئڻ بہ تہ ضروري نہ هوندو آهي.(مسلسل غزل جي ٻي ڳالهہ آهي.)

ان ڪري غزل ۾ ڪو بہ هڪ چٽو موضوع مشڪل نظر ايندو، جيڪو پاڻ ڪا ٿي گَهري ڇاپ ڇڏي سگهي. عام طور غزل جو هرڪو شعر ڪو جذبو يا ڀاوُ يا اَحساس يا ان جو بہ ڪو هلڪو ڇُهاءُ ڇڏيندو ويندو آهي. جيڪو اَسان جي چِت تي هلڪو ڌيرو اثر ڪندو آهي، جنهن کي اُن غزل جي هڪ قسم جي ڪيفيت چئي سگهجي ٿو.

پر حقيقت ڪجهہ ٻي بہ آهي.

تمام باريڪ ۽ ڌيرج واري سوڪيم اَڀياس سان پتو پوي ٿو تہ اُن ڇڊي ڌيري جذبي جي اثر يا اَحساس کي محسوس ڪرڻ جي لرزش جو آڌار، ڪو نہ ڪو هلڪو موضوع ئي آهي ۽ ڇاهي ان کي شاعري انداز ۾ خيال يا مضمون ئي ڇو نہ چيو وڃي- ۽ ڇاهي اهو ڪيترو بہ پوشيدو Indirect بہ ڇو نہ هجي. ان جو' مول' اَوس ڪنهن نہ ڪنهن قسم جي موضوع سان جُڙي ٿو. اَلبت ان جي اهميت نثر جي ڀيٽ ۾ يا وري موضوعاتي شاعريءَ جي ڀيٽ ۾، گهٽ وڌ يا اَڻچٽي ٿي سگهي ٿي. پر جنهن حالت ۾ شعر جي بنياد سان ان جو واسطو آهي، ان لحاظ کان ان جي بنيادي اهميت کان تہ انڪاري ٿي نہ ٿو سگهجي.

جن ڪويتائن ۾ سِرو Title ڏنل هجي، يا غزل جو مسلسل روپ هجي، جنهن ۾ غزل جا سمورا

شعر ڪنهن خاص خيال يا موضوع يا مضمون سان واڳيل هوندا آهن، تہ پوءِ موضوع جي اَهميت پاڻ مُرادو ڪشادي ٿي ويندي آهي. ان ڪان بہ اَڳتي ڪيترين لنبيون ڪويتائون، هڪ موضوع کي ’Central Idea‘ طور رکيءِرچيون ويندون آهن. اهي تہ موضوعاتي شاعري ليکيون وينديون آهن، هت بہ ، هيئت ، خاص موضوع ۽ عام موضوع جي سلسلي ۾، ان بابت اُپٽار جي گنجائش رهندي.

هت موضوع بابت تحقيقات ڪندي، ان جي وڏائي يا وڪالت ڪرڻ جو ڪوبہ اِرادو نہ آهي. نہ ئي ان جي اَهميت برقرار رکڻ جي ڪا ذميواري نڀائڻي آهي. سچ تہ اهو آهي تہ شاعري تہ اُمنگن جي اُڇل- Over flow of emotions جو اظهار ميڃيو ويو آهي. ان ڪري ان ۾ ويچار کي واهر ڪرڻ يا ان جي پنيرائي ڪرڻ جي خير ڪا گنجائش آهي. جي ڪويتا ان کي اظهار جو واهڻ بڻائيندي يا اَڃا بہ اَڳتي ان کي پرچار جو ساڌن بڻائيندي، تہ اها ڪويتا، پنهنجي وينجنا شڪتي، اِشاريت ڀري خاص معنيٰ يا نزاڪتي اظهار جي منظرڪشيءَ جي ڪلاتمڪ اظهار ڪان دور ٿيندي ويندي ۽ ان جو درجو گهٽ ٿيندو ويندو. هڪ طرح اهو ’ڪاويہ دوش‘ بہ ٿي سگهي ٿو.

پر ان جو نرادر ڪري ان ڪان بلڪل بچي سگهڻ بہ ممڪن نہ آهي. ڇو جو ڪويتا جي سرجن پنيان، ڪنهن نہ ڪنهن طرح ڪو نہ ڪو خيال ان جو بنياد رهي ٿو، جيڪو، ڪنهن نہ ڪنهن طرح، هڪ قسم جو موضوع آهي يا موضوع جو ڪو اَنش- وڪلپ آهي. ڀل تہ اِهو مُبهم بہ ڇو نہ هجي. ان جو وجود قبول ڪرڻو پوندو.

هيءَ ڳالهہ، ١٩٥٠ ڪان پوءِ، ترت آيل، سنڌي شاعريءَ جي ان وقت جي تمام اهم ڪتاب ’صراحي‘ءَ جي شاعر ليکراج عزيز، ڪتاب جي مُهاڳ ۾، هن طرح سمجهائي آهي:

’غزل داخلي چيز آهي، جنهن ڪري شاعر ان ۾ اندر جا احوال اوري ٿو (ص-’ب‘)

’نظمن جا نفيس مضمون اُن جي سِرَن مان نمايان آهن. نظم خارجي چيز آهي.‘ (ص - ’ب‘)

هت اها ڳالهہ چٽي ٿي سگهي آهي تہ غزل داخلي چيز هئڻ ڪري ان ۾ موضوع، سوکيم نموني ’اَندر جي اوراڻ‘ جي روپ ۾ اَچي ٿو. نظم خارجي چيز آهي، اُن ۾، مضمون (موضوع) اُن جي سِرن ۾ ئي نمايان (ظاهر) آهن.

اُستاد شاعر هت شاعريءَ جا بہ اَلڳ روپ (موضوع نسبت بہ روپ) داخلي ۽ خارجي ٻڌايا آهن، جن ۾ موضوع (مضمون) بابت چٽائيءَ سان چيل آهي تہ داخلي روپ ۾ خيال سوکيم رهي ٿو ۽ خارجي روپ ۾ اهو ظاهري رهي ٿو- اِسٿول رهي ٿو.

هيءَ سمجهاڻي، موضوع ۽ شاعريءَ جي نسبت جوڙڻ ۾، انهن جي Co-Relation ۾ ڪافي مددگار آهي. عزيز صاحب پنهنجي هن مُهاڳ ۾ اَڳتي اهو بہ واضع ڪيو آهي تہ غزل جهڙي، پوريءَ طرح دليان جوڙيل شاعريءَ ۾ موضوع يا مضمون، سِڌيءَ طرح، ڊائريڪٽ Direct يا प्रत्यक्ष نظر نہ بہ اَچي سگهي ٿو. پر نظم جي فطرت عام طور خار جي آهي. اُن جي سِرن مان ئي موضوع يا مضمون ليکا پائي ٿو. خاص ڪري بياني نظم مان . باقي خيالي يا جذباتي نظم هرويرو خارجي ئي

هجي، ائين ضروري نہ آهي. اها غزل جي ڪافي ويجهو ۽ ان ڪري چڱي حد تائين داخلي فطرت واري شاعري مڃي سگهجي ٿي.

موضوع بابت ٻين ڪن اهم شاعرن جي شاهديءَ سان هت اهو بہ ڌيان ۾ رکندا هلون تہ موضوع Subject Matter لاءِ ٻيا لفظ بہ ڪم ايندا رهندا آهن- خاص ڪري مضمون، وشيہ، وشيہ وستوُ، اُديشيہ، تاتپرج، خيال، ويچار، سنديش، سنيهو، Theme وغيره.

ائين تہ شاعريءَ لاءِ 'موضوع'، هرويرو نثر جيترو يا ڪٿا ساهتيہ جي ڪٿا- تت يا مضمون Essay جي Central Idea جيترو اَهم پل نہ آهي، پوءِ بہ ، ان ڪان سواءِ بہ شاعري 'بي سبب' نظر اَچي سگهي ٿي.

اَڳ واري زماني جي اُستاد شاعر عزيز صاحب جيان، اَڄ واري زماني جي اُستاد شاعر واسديو موهيءَ جون هي سِٽون، ان جي شاهدي پرين ٿيون:

نڪا بندش، نڪو وزن نہ خيال

بي سبب شاعريءَ تي ڪل آئي! (واسديو موهي)

(سنڌي نئين ڪويتا جي چونڊ تنقيد. سمپادڪ نامديو تاراچنداڻي . ص. ٣٠ )

هنن سٽن ۾ 'بندش' ۽ 'وزن' ٻئي لفظ، هن اَيياس جي ٻئي حصي 'صنف' جي حوالي لاءِ محفوظ رکي، 'خيال' لفظ کي مرڪزي نڪتو بڻائي، ان جو مَرَمُ سمجهي سگهجي ٿو. هو صاحب بہ قبول ڪري ٿو تہ، خيال (موضوع) سان ئي شاعري معنيٰ خيز بڻجي ٿي، نہ تہ اها چئِ تہ 'بي سبب' آهي.

(هت، هڪ هلڪو اِشارو ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ، هن اَيياس ۾ شاعريءَ جي روايتن کي ڌيان ۾ رکي هلڻو آهي. غير روايتي، ماڊرن يا پوسٽ ماڊرن شاعريءَ جي ڪن صنفن ۾ 'شُڌ ڪويتا' جو ريفرنس، شايد، اَسان جي مٿين ڳالهہ کي ڪافي حد تائين، ناقبول بہ ڪري سگهي ٿو.)

شري واسديو موهيءَ جي ان 'باسبب' شاعريءَ جي ٻن سٽن جي پختي پنيرائيءَ سان ، اَسان کي اِهو تہ قبول ڪرڻو پوندو تہ اَدب جي وصفن ۾ ڪابہ ڳالهہ ها، ڪابہ سمجهاڻي، آخرين ڪانہ هوندي آهي. مختلف اُستادن وچ ۾ ئي نہ ، مختلف وقتن تي ساڳئي شاعر يا ماهر جي ويچار ۽ عمل ۾، مختلف ڪنڊون بہ نظر ايندیون رهنديون آهن.

مثال هت 'وزن' ۽ 'بندش' ڪان سواءِ (۽ پڻ خيال ڪان سواءِ) شاعريءَ کي 'بي سبب ' ڄاڻائڻ واري ڪوي واسديو موهيءَ، خود، بنا وزن ۽ بنا بندش جي نئين ڪويتا جا ڪيترا مضبوط قلعا اَڏيا آهن- جنّن 'مٽڪو' نالي هڪ ئي ڪردار تي لکيل نيون ڪويتائون. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ، هن صاحب، ان قسم جي قلعي اَڏڻ سان 'وزن' ۽ 'بندش' وارن غزلن ۾، ان ڪان بہ وڌيڪ (۽ وڌيڪ مضبوط پڻ) قلعا اَڏيا آهن.

پر- جيستائين، هت، اسان جو واسطو خيال (موضوع) سان آهي، اهو هن جي (۽ عام طور سيني شاعرن جي) شاعريءَ جي قلعن ۾، پيڙهہ جي پٿر جيان، قائم آهي.

ائين برابر آهي تہ داخلي Subjective شاعريءَ ۾ ، من جي اُڌمن ۽ اُمنگن جي اُڌام، دنياداريءَ واري معنيٰ ۾، ’موضوع‘ جڻ ڍڪجي وڃي ٿو. پر پوءِ بہ ان جو وجود اوس نظر اَچي ٿو. پڙ تہ ان کي ڪنهن رسمي يا دستوري لفظ Technical Term ۾ سڃاڻڻ ڪجهہ ڏکيو بہ ٿئي ٿو. مثال:

نہ اچڻ پنهنجي وَس ۾ ۽ نہ وڃڻ پنهنجي وَس
پنهنجي مرضيءَ سان نہ ، اَچ وڃ کان آرام ملي! (ڪيئلداس فاني)

هت انسان جي حياتيءَ جي حوالي ۾ - جنم، مرڻ ۽ موڪش کي موضوع بڻائي، انساني محدودگيءَ کي اُجاگر ڪيل آهي. انساني فرياد طور آيل هن موضوع ۾ شاعر انسان جي مجبورين جي سلسلي ۾ آکيو آهي تہ انسان جي وَس ۾ نہ جنم آهي، نہ موت آهي ۽ نہ ئي وري موڪش(آرام) آهي. هنن سٽن جي خيال (سوچ) ساڻ اَرجن حاسد صاحب هن شعر جي بنسبت تاڪيد بہ ڪئي آهي تہ غزل صرف پنهنجي نہ، هر شخص جي سوچ ڏانهن مڙيو آهي. وهنوار-ويچار جي کهراين کي چڪيو آهي.

(ورهاڱي کان پوءِ جي غزل جي اينٿالاجي. ارجن حاسد.ص xv) حاسد صاحب اَڳتي هن قسم جي خيال (موضوع) کي هڪ طرح Straight Line Sensibility بہ چيو آهي.

هت اهو هڪدم واضع ٿي بيٺو آهي تہ ڪويتا يا شاعريءَ جو موضوع سان رشتو بدستور قائم آهي. ڪڏهن سِڌو ۽ ڪڏهن وري اڻ سِڌو يا سوکيم. ڪڏهن چِڊو، ڪڏهن گهاٽو. جتي ڪويتا داخلي آهي- ۽ جيتري داخلي آهي- اتي اهو چِڊو يا اوترو چِڊو آهي. جتي اِها خارجي آهي، يا جيتري خارجي‌آهي، اتي اهو گهاٽو يا اوترو گهاٽو آهي. ايتري قدر اِها سمجهاڻي قائم ڪرڻ ۾ چئن برک ڪوين ليکراج عزيز، ڪيئلداس فاني، اَرجن حاسد ۽ واسديو موهيءَ جي ذڪريل مثالي ڪٿن مدد ڪئي آهي. پر اَجا بہ بهتر ۽ چٽو مثال ڏيڻ لاءِ هٿيڪو آهي.

تازو ئي سنڌ جي هڪ نوجوان، نئين ٽهيءَ جي نمائيندي معتبر شاعر اَحمد سولنگيءَ جي شاندار شاعري انتخاب ’خواب آوارا پکي‘ (۴۷۲ پيج) ۾ هند جي نامياري اِسڪالر لڇمڻ ڪومل جي ۷۵ صفحن جي ’مقدمي‘ (مُهاڳ) ۾ هند ۽ سنڌ جي شاعريءَ جي گڏيل تاثير (سڀاوَ) بابت هيئن لکيل آهي:

’هند ۾ سنڌي نئين ڪويتا سنڌ جي شاعريءَ جي ڀيٽ ۾ هڪ نئون روپ ۽ رَوَيو اختيار ڪيو آهي. ڪو ننڍو پَلُ (Fleeting moment)، ڪا هڪ ننڍي واردات، ڪا هڪ ننڍي ٿيڻي (Happenning) يا ڪو اُڏامندڙ خيال (Passing thought) هڪ مڪمل ڪويتا جي صورت ۾ نروار ٿئي ٿو. پر سنڌ ۾ نئين شاعري اَجا موضوعاتي شاعريءَ جي دائري اندر داخل آهي. ان پَس منظر ۾ احمد سولنگيءَ جي اَڪثر شاعري موضوعن جي محوَر تي ڦرندي بہ خيال ۽ سنگيت جو اَنوکو سنگم، لئہ ۽ رِدم پيدا ڪري سگهي آهي جو سڄي شاعري بحر وزن تي پَڪي پختي هئڻ ڪري سموريون عروضي

تقاضائون پوريون ڪري ٿي. '(ص ٧٣)

هن تاريخي استيٽمينٽ ۾ لڇمڻ ڪومل صاحب جي ڳالهه مٿي ذڪريل پئمانن جي لفظن ۾ سنڌ جي شاعريءَ کي اَڃا موضوعاتي شاعريءَ جيدائري ۾ يعني ڪافي حد تائين خارجي تاثير (سُياوَ) سان وابسطه ڏِٺو ۽ ڏسيو ويو آهي- ۽ هند جي شاعريءَ ۾ 'اُڏامندڙ خيال کي به جڻ مُڪمل ڪويتا جي روپ ۾ ڏٺو ۽ ڏسيو ويو آهي. يعني ڪافي حد تائين اِها داخلي(سُياوَ) سان سُڃاڻڻ جو اِقرار ڪيل آهي، جيتوڻيڪ اها جنرل استيٽمينٽ آهي.

اسان جي هن اَڀياس ۾ موضوعاتي شاعريءَ جو حوالو ان معنيٰ ۾ اَهم آهي ته اتي موضوع جو وڏيڪ آڌار ورتل آهي ۽ ٻئي قسم ۾ اِهو سوڪيم نظر اَچي ٿو.

هت موضوع جي صاف سٿري‌قبوليل خانا بندي Classification جي ڳالهه به ڪرڻ جهڙي آهي.

وچين دَور جي هنديءَ جي سنت ڪوي ڪبير (۽ پڻ اهڙن ڪيترن ئي ٻين ڪوين) جي ڪويتائن ۾ ،'موضوع' ءَ جي آڌار تي ان کي ورڇيل -ورهائي ئي رکيل ملي ٿو. مثال- ڪبير جي پدن کي هن طرح ورهايل ڏسي سگهجي ٿو:

मोक्ष को अंग - गुरू को अंग - शिष्य को अंग

۽ ان هڪ موضوع ۾- مِثال- मोक्ष को अंग واري حصي ۾ ڏنل دوها ساکيون يا پد मोक्ष جي موضوع سان جُڙيل هوندا. ائين اَهڙن موضوعاتي ڪويتائي سلسلن ۾ به 'موضوع' يا 'وشيه' جي اهميت چٽي آهي. هن مان ته پاڻ اهو به ظاهر آهي ته ڪويءَ 'وشيه- وستو'ءَ کي ئي آڌار بڻائي شعر رچيو آهي. ان چوڻ ۾ ڪو وڏاءُ نه آهي ته ڪويتا يا شاعري لکي ويئي هجي چاهي ڳُنگُنائي ويئي هجي، ان پنيان موضوع- خيال-سوچ احساس يا اُمنگن جو مکيه آڌار آهي. ها، اَوس، اهو به ممڪن آهي ته بي‌ساخطه شاعري ڪندي خود ڪويءَ کي سُڄاڳيءَ طور ان جي خاص درڪار يا ڄاڻ نه به پوي. هونءَ به ڪويتا اَصل ۾، خيال جي ڪنهن دَٻاوَ Force سان لکجي ويندي آهي. اُن ۾ ڪو اُديش اڳ طيءِ ڪرڻ ضروري نه آهي. پاڻ مُرادو به ان ۾ خوشيءَ جو، غم جو، ڪنهن اُپديش- سنيهي يا سنديش جو، شڪراني يا فرياد جو يا ڪو اهڙو ٻيو ڀاوُ اظهارجي ويندو آهي.

شاعريءَ ۽ موضوع جي هن سِرشتي جي چٽائيءَ ۾ ڪجهه ٻيون ڪنڊون به ڏسڻ ضروري آهن.

مٿي ذڪر آيو آهي ته ڪيترين ڪويتائن ۾، خاص ڪري غزل ڪان‌سواءِ جي شاعريءَ ۾ ، يا وري خاص موضوعاتي شاعريءَ ۾، پوءِ چاهي اِها ننڍي هجي يا وڏي،'سرو' موضوع جواُهڃاڻ ڏيندو آهي. اِهو برابر آهي. اَلبت لازمي نه آهي. ڪٿي ڪٿي سِرو فقط ريفرنس، حوالو، اشارو ڏيندڙ ئي هجي يا اِهو ڪنهن طرح فقط 'نمت' بڻجي اَچي. تاتپرج طور چوڻ گهرجي ته 'سِرو' هرويرو 'موضوع' هجي ئي، اِهو ضروري نه آهي. اِهو موضوعءَ طرف اِشارو ڪندڙ تجلو- ڪا چٽڳ به هجي سگهي ٿي.

اٿين ڪويتا جيتري خارجي اوتري اها सोद्धेश्य (اُديش پرڌان) ۽ جيتري داخلي اوتري سوکيم- يا وڌيڪ ڪلاتمڪ هئڻ جو وڌيڪ امڪان آهي. البت اَپواد به هر هنڌ ۽ هزارين ملندا رهندا آهن. نئين ڪويتا جي اَهم ڪوي پريم پرڪاش جي هڪ ڪويتا هن طرح آهي.

'هڪ موضوع- به ڪويتائون ' (ڪونج جوُن ٢٠٠٢- ص ١٧)

هڪ موضوع آهي- 'ماءُ!' - عام موضوع جي هن مثال ۾ -

تصوير ڪويتا هڪ ۾ ان جو منظر الڳ آهي.

تصوير ڪويتا ٻه ۾ ان جو منظر الڳ آهي.

پر ٻنهي جو موضوع ساڳيو آهي- اِهو آهي - 'ماءُ!'

هڪ موضوع کي، ان کي عام موضوع طور به ڪٺي سگهجي ٿو ته وري خاص موضوع طور به ڪٺي سگهجي ٿو. هن سلسلي کي اَڳتي ايندڙ خاص موضوع 'يا' عام موضوع جي ٿوري تفصيلي اُپٽار جي گنجائش رهي ٿي.

## عام موضوع

عام طور، غير موضوعاتي شاعريءَ ۾، غزل، نظم يا نئين ڪويتا جهڙي روايتي يا غير روايتي شاعريءَ ۾، گهڻو ڪري، هر ٻن چئن سٽن ۾ يا پوري ڪويتا ۾، ننڍا وڏا موضوع ايندا رهندا آهن. اَلبت هنن ڪويتائن ۾ ڪڏهن موضوع جي اَهميت وڌيڪ هوندي آهي ۽ ڪڏهن ته اِهي هلندي هلندي ايندا رهندا آهن- جن کي اسان Passing Subjects به چئي سگهون ٿا.

پنهنجي پنهنجي وقت- زماني جي حوالن سان ڪڏهن ڪيترا ٻنه نوان موضوع به نظر ايندا آهن. يا وري عام طور نظر ايندڙ موضوعن کي شاعر ڀي ڪنڊ سان پيش ڪندو آهي. جئن: ڏيتي ليتي جهڙي عام موضوع تي هيءَ ڪويتا اَلڳ ڪنڊ ڏئي ٿي:

ڏيئر ڏجن منٿون ڪجن، ڏجين ڏن جو ڍير

پوءِ به ڦٽ لعنت ڪن صدا، هيءُ ناتو يا وير ؟ (اندر يوجواٽي)

ٻيو مثال به اندر يوجواٽيءَ جو ڏسڻ جهڙو آهي:

پردي ۾ ته عورت جي حفاظت آهي

بزرگ چيو اعليٰ خيال آهي

شاعر چيو هٽايو پردي کي

هيءَ پرش جي چرتر تي لعنت آهي. (يادگيريءَ مان لکيل)

هت عورت جي پردي ڪرڻ جي سماجڪ پهلوءَ کي ٻنه نئين نظر سان ڏٺو ويو آهي. سماج سڌار نه پر طنز يري للڪار ان جي خاصيت آهي.

هت آيل ٻنهي مثالن ۾ 'ڏيتي ليتي' ۽ 'پردو ڪرڻ- مُنهنُ ڍڪڻ' ٻئي عام موضوع آهن، جو جو انهن يا اهڙن سماجي موضوعن کي آڌار بڻائي کو ڪويتا جو سلسلو نه آيو آهي. فقط مختصر

ڪويتا تائين ان جو اِظهار محدود آهي. ان طرح اَهڙي ڪويتا کي عام موضوع واري يا وري غير موضوعاتي ڪويتا پڻ چوڻ گهرجي. بين لفظن ۾- خود ۾ ڪوبہ موضوع عام يا خاص نہ آهي، ان بابت آيل اظهار هڪ سلسلي ساڻ اَچڻ تي 'ڏيتي ليتي' يا 'پردي جو رواج' يا وري' سماجڪ اوڻايون' ان جو خاص موضوع ٿي سگهي ٿو- جي ان جو ڪو تفصيلي سلسلو ملي سگهي ٿو.

### خاص موضوع

جڏهن ڪو شاعر هڪ موضوع جي آس پاس رهي، ڪويتا جو ڪو سلسلو پيش ڪري تہ ان کي خاص موضوع واري ڪويتا يا موضوعاتي ڪويتا چوڻ گهرجي چو تہ هت شاعر جو 'خاص موضوع' کي ئي مکيہ آڌار بڻائي، ڪويتا جو ڪو ننڍو يا وڏو سلسلو ڏنل هوندو آهي.

ڪيترا ئي پورا ڪتاب هڪ ئي موضوع جي آس پاس رهي لکيل هوندا آهن، اتي هو ڪنهن 'خاص موضوع' کي آڌار بڻائيندا آهن.

جئن پارتي ڪويتا پرمپرا ۾ 'ڪٿا ڪاويہ' طور مهاڪاويہ يا کنڊ ڪاويہ ۾ ڪنهن ڪتاب کي آڌار بڻايو ويندو هو. اَڄ جي زماني ۾ وري ڪيترن اَهڙن موضوعن تي لنبي ڪويتا جو سِرَجَڻُ ٿيندو آهي- جئن اَرجن شاد جي لنبي ڪويتا 'انڌو دونهون' وطن جي ياد جي خاص موضوع کي آڌار بڻائي لکيل رچنا آهي. ساڳيءَ طرح واسديو موهيءَ جي ڪويتائي سلسلي ۾ 'مٽڪو' هڪ ئي ڪردار جي اَڄ جي پس منظر ۾ هن جي قياس جوڳي حالت کي موضوع بڻائي لکيل هڪ ڪويتائي سلسلو آهي. اَهڙو ئي بيو سلسلو 'واپسي' نالي ڪويتا جو ڪتاب آهي جنهن ۾ پڻ گوپ ڪمل هڪ ئي ڪردار جي اَڄ ۽ اَڳ جي مالي حالتن جي فرق کي موضوع بڻائي لکيل ڪويتا جو سلسلو آهي. اهڙا بيا بہ ڪتاب آهن پر هي خاص آهن.

اِهي بئي ڪتاب هڪ طرح خاص موضوعاتي ڪويتا جا خاص مثال آهن. اهي خاص موضوع تي لکيل رچنائون آهن.

پر اِهي ساڳيا موضوع جيڪڏهن 'موضوعاتي ڪويتا' طور هڪ سلسلي بجاءِ، فقط هڪ جهلڪ طور ڪنهن ننڍي وڏي ڪويتا ۾ ايندا تہ پوءِ انهن کي عام موضوع ۾ ڳڻڻ ٺيڪ ٿيندو.

موضوعن جي حوالي سان سنڌي شاعريءَ جي هن اَڀياس ۾ هيءَ ورڇ فقط سهوليت طور آهي. مُراد آهي وقت جي وٿيءَ سان شاعرن ڪهڙن موضوعن کي وڌيڪ اَهميت ڏني آهي يا هنن جي اوليتPriority ۾ ڪهڙو فرق آيو آهي يا ڪهڙا نوان موضوع شاعر پسند ڪري رهيا آهن.

### تاتپرج

(۱) عام موضوع- غير موضوعاتي ڪويتا- داخلي شاعريءَ طرف مائل.

(۲) خاص موضوع- گهڻو ڪري موضوعاتي ڪويتا جو سلسلو- خارجي شاعريءَ طرف مائل.

(۳) ساڳين موضوعن تي شاعر ان کي خاص طور موضوع بڻائي ان جي آس پاس ڪويتا جو سلسلو رکڻ سان ان کي 'خاص موضوع' طور پيش ڪري ٿو. يا وري فقط ڪنهن ڪويتا ۾ اُن جو ذڪر اظهاري ان کي عام موضوع جو روپ ڏيئي سگهي ٿو.

## ۱۹۵۰ کان پوءِ سنڌي شاعريءَ جا عام موضوع مثال ۽ تفصيلي اَڀياس

۱۹۵۰ کان پوءِ، سنڌي شاعري يا ڪويتا جا عام موضوع- انهن جا مثال ۽ انهن جي تفصيل نسبت هن اَڀياس ۾، هت تمام گهٽي عدد ۾ موضوعن جي ۽ پڻ مثالن جي گنجائش آهي. انهن مان ڪيترا موضوع اهڙا بہ هوندا ئي، جن تي، ’خاص موضوع‘ طور لکيل ڪويتائي سلسلو بہ لکيو ويو هجڻ ڪري، اُنهن جي اُپٽار وري ’خاص موضوع‘ طور ڪرڻ مناسب ٿيندو، جيڪو حصو اَڳتي آهي.

عام موضوعن جي حوالي ۾ اِهو جاچڻ دلچسپ رهندو تہ ڪو ڪوي ڪهڙا موضوع عام طور ڪپ ۾ آڻي رهيو آهي ۽ انهن جي روايت کان مُتاثر آهي يا هن جي پنهنجي پسندي يا چونڊ آهي. ان ساڻ هت هڪ ڳالھہ بي بہ ڌيان جوڳي آهي تہ هر جاتيءَ جي حوالي ۾ بہ ڪي اَهڙا موضوع ٿين ٿا، جي ان جاتيءَ سان ئي، يا ان جاتيءَ سان وڌيڪ وابسطہ هوندا آهن پوءِ اهي چاهي عام موضوع طور ڪم آندا ويا هجن يا وري خاص موضوع طور.

مثال سنڌي جاتي ۱۹۴۷ جي ديش جي ورهاڱي وقت سنڌ پرڳڻي مان ذري گهٽ راتورات لڏي هند ۾ پَري پَري ڦهلجي ويئي. ان هراسيل ۽ سراپيل ماحول سبب سنڌي جاتي، پنهنجي ماتريومي ’سنڌ‘ کي باربار ياد ڪندي رهي ٿي. اهو موضوع سنڌي ڪويتا ۾ آزاديءَ کان وٺي اڄ تائين تمام شدت سان هلندو اچي ٿو. اهو موضوع سنڌي جاتيءَ سان ئي (۽ پڻ ان قسم جي وڏي پئماني واري حادثن کي سهڻ وارين ڪن جاتين سان پڻ) لاڳو آهي، البت اتي ان جو هنن جو پنهنجو حوالو نظر ايندو.

سنڌ جي ياد کي ’سنڌيت‘ جي نالي سان عام موضوع طور گهڻو ڪري هر ڪويءَ ڪنهن نہ ڪنهن نموني اِظهاريو پئي آهي تہ وري ساڳئي موضوع کي، پل ڪن علحدين ڪندن کان، خاص موضوع طور بہ، موضوعاتي شاعريءَ طور بہ اِظهاريو آهي جنهن جي اُپٽار ’خاص موضوع‘ واري ڪويتائي سلسلي واري حصي ۾ ايندي.

ان طرح عام موضوعن جي شروعات طور، هت سڀ کان اَول ’سنڌيت‘ جي جذبي واري شاعريءَ ۾ ٿيل اِظهار جا ڪي مثال ڏسون.

هن موضوعَ کي ان جي ڪُشادگيءَ جي لحاظ کان، ڪيترين الڳ الڳ ڪندن سان ۽ ان ڪري الڳ الڳ لفظن سان، سُڃاتو وڃڻ بہ ايترو ئي سڀاويڪ آهي:

جئن: سنڌ جي ساروڻي، سنڌ جي ياد، وطن لاءِ تڙڦ، وطن جي خواهش، اَباڻا ۽ اهڙن ڪن بين نالن سان بہ ڏسي سگهجي ٿو. مکيہ طور سنڌ ۽ ان جي ساروڻي يا سنڌ ۽ سنڌيت طور هت ان موضوع نسبتي شاعريءَ جا مثال اهو ثابت ڪن ٿا تہ گهڻو ڪري هر ڪويءَ، ڪنهن نہ ڪنهن طرح ان موضوع تي قلم هلايو آهي. ان ۾ موزون شاعريءَ جو مکيہ رول تہ برابر آهي، پر نئين ڪويتا ۾ بہ ان جي پيشڪش برابر ڏسجي رهي آهي. ايترو ئي نہ، اهي شاعر، جن جو جنم ئي آزاديءَ کان پوءِ ٿيو آهي. اُنهن بہ، پنهنجن وڏن جي هن درد کي جهٽيو آهي. شايد ئي ڪو اپواد روپ شاعر ان جذبي جي اظهار کان بچيل هوندو.

**سنڌ جي ساروڻي** (سنڌ، سنڌي، سنڌيت، سنڌي ٻولي)

هن موضوع تي، خاص طور موضوعاتي شاعريءَ جي اُپٽار تہ 'خاص موضوع' واري حصي ۾ ٿيڻ گهرجي، پر هت عام طور ذڪريل سنڌيت جي سڳنڌ جي شاعريءَ جا مثال ڏسون:

زنده سا قوم رهندي
جنهن جي زبان زنده
پنهنجي جي قوم زنده
سارو جهان زنده ! (اَرجن حاسد)

هنن سٽن ۾ پڻ 'سنڌي' لفظ نہ آيو آهي، پر اها شاعر جي حليمائي ۽ فني نظر آهي. پوءِ بہ پنهنجي ٻوليءَ جو ڀرپور صدق ۽ وري شاهہ صاحب واري 'وِسوَ ڪلياڻ' واري ڀاونا جو پڙاڏو گونججي ٿو.

موتي پرڪاش جو مشهور گيت، جيڪو جڻ تہ هڪ قسم جو قومي ترانو بہ سڏيو ويو آهي- اِهو بہ ڪلاتمڪ اِظهار طور اول ذڪر جو حقدار آهي:

آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي!
مِٽيءَ کي سون بڻائڻ وارا سنڌي! (موتي پرڪاش)

هن گيت جا هڪ کان وڌيڪ آڊيو ۽ وِڊيو روپ ٿيا آهن جن مان ڪي تہ سنڌ وارن جا بہ رچيل آهن- 'يو-ٽيوب' تي رکيل ان جي هڪ روپ(Version) ۾ تہ ان کي 'لوڪ گيت' چيو ويو آهي. شايد اها گيتڪار موتي پرڪاش لاءِ سڀ کان وڏي سنمان جي ڳالهہ هوندي جو اهو جڻ لوڪن جو ورثو بڻجي ويو آهي.

اَهڙو ئي هڪ ٻيو گيت اٿين تہ فلم جو گيت آهي، باوجود ان جي، اهو تمام لوڪپريہ ٿي ويو آهي ۽ ان جا بہ ڪيترائي آڊيو ۽ وِڊيو روپ نهيل آهن.

منڙي اَباڻي ٻولي
سنڌي اَباڻي ٻولي!

اهڙين رچنائن ۾ پنهنجي ٻولي، جاتي، تهذيب- جنم ڀوميءَ لاءِ سِڪ ۽ شرڌا ڀريو اِظهار ٿيل نظر اَچي ٿو. سُريلي ڳايڪيءَ هنن گيتن کي وڌيڪ لوڪ پريہ بڻايو آهي.

اَرجن حاسد جي هڪ رچنا آهي:

چنجهيون اکيون ڏسي وٺ حاسد
پراڻو سنڌ جو نقشو آهيان! (اَرجن حاسد )

هنن اديت سٽن ۾ پنهنجي چهري کي سِنڌ جي نقشي سان تمثيلي اِظهار ڏيئي شاعر پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو آهي- جنهن ۾ 'چنجهيون' لفظ، قوم جي درد جي دانهن کي بہ سمايو آهي- هت هڪ طرح استعاري- پرتيڪ جو سهارو بہ ورتل آهي. پُراڻو لفظ بہ هت قديمي

تهذيب جو اَثر ڏٺي ٿو.

ڪوي حاسد جي وشال ڪاويہ ڀنڊار ۾ اَهڙا ڪيترا ٻيا بہ شعر ملندا رهيا آهن جن ۾ ’سنڌ‘ جي سِڪ موجود آهي.

هير سَرَهي لڳي، جڏهن سِنڌو وهي،
ساز جهيڻو وڄي، تنهنجي پير ۾هڄان! (اَرجن حاسد)

شاعر جو سُڪُون ماءُ جي گود جو اِشارو ڏيئي رهيو آهي.

سنڌ ۽ سنڌيت جي وڏي پئماني تي رهيل ذڪر واري شاعري، گيتن يا CDs - فلمن جي ڏکهي سلسلي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪي ڏنڌوڙي نظريا بہ ليئا پائي ونندا هوندا. اهڙي ڪنهن نظريي تي شاعر ڪيمن مولاڻيءَ وري هئن طنز ڪئي آهي:

ڪولٺو هٽ اَٽَوَ، پلي ڪوليو،
هونءَ بہ سنڌيت، سُنو وکر آهي!

شاعر کي اهڙو ڏوراپو ڏيڻ جو حق بہ آهي تہ جڏهن سنڌيت کي وهنوار جي وستو بڻايو نہ وڃي. شاعر هت اَهڙي ڪنهن ڪوَڙي سَچ جو منو اظهار ڪيو آهي. شايد سنڌيت جي جذبات کي وسيلو بڻائي ڪي ان جو فائدو وٺندا هُجن- اَهڙو اِشارو ملي ٿو.

سنڌيت جي ان اظهار ۾ سڀ کان وڌيڪ اَهم ترين ۽ ڪلا جي نظر کان بهترين اظهار نارائڻ شيام جو مڃيو ويو آهي جيڪو اسان جي دلين تي جڻ اُڪرجي ويو آهي.

اَ لا ائين نہ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي
هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي! (نارائڻ شيام)

سنڌ ۽ سنڌيءَ جي اتهاس ٿي وڃڻ جي پوائتي امڪان طرف اِشارو ڪري شاعر جڻ هڪ درد پري دانهن ڪئي آهي.

اَهڙي هڪ ٻئي اظهار ۾ هن جو جمالياتي اظهار تہ آه سان واه ڪرائي ٿو ڇڏي.

روئي روئي هاءِ، مون جا چانڊوڪي ڇڏي،
تون ٿي چنڊ ٻڌاءِ، اَڄ بہ آهي سنڌ ۾!

هن شاعر جي جذبات جو اهو جمالياتي اظهار هڪ طرف ’واه‘ ٿو چوائي تہ هن جي جذبات جو وري هيءُ پوتر اظهار ان کان بہ وڌيڪ پرڀاءَ سبب جڻ آه ڪرائي ٿو ڇڏي:

گنگا جمنا اَمرت اَمرت
تُنهِ تہ ليڪن سِنڌوُ آهي! (نارائڻ شيام)

ڪٿي ڪٿي ڪي شاعر جذباتي وهڪري ۾ اَتي پاوڪ ٿي، يا تہ آڪروش جو اظهار ڪا ڪري وهن، يا وري غير منطقي خيال کي قلمبند ڪري ٿا وِهن. البت ’شاعري آهي ٿي جذبن جي وهڪري

جو اظهار' موجب هنن جي اَڪر جو نہ تہ پر پاونا جو تہ قدر ڪرڻو آهي. هونءَ بہ شاعري بنيادي طرح نثر کان ان ارٿ ۾ الڳ ۽ بهترين اظهار مڃيل آهي تہ ان ۾ اسان کي अभिधा نہ، लक्षणा جو بہ نہ، فقط (يا وڌ ۾ وڌ) व्यंजना جو سهارو وٺڻو آهي، جنهن ۾ مبهم يا اِشاريت ڀريو اظهار هوندو آهي.

وطن جي لاءِ جان گهوري، پوءِ بہ ٿوري،
سنڌين جان نہ گهوري، وطن گهوري آيا! (ڪرشن راهي)

هنن لفظن جي व्यंजना ۾ ڪابہ اعتراض ڪرڻ جي ضرورت نظر نہ ٿي اَچي. شاعر جي پاونا چٽي آهي تہ اسان تہ 'وطن' لاءِ سِر صدقي ڪرڻ وارا ماڻهو آهيون، پوءِ بہ اَسان وطن کي ڇڏي ڀڄي آياسين. پر ڪي حقيقت شناس عالم ان شعر کي شاعر جي 'خيال جي زيادتي' طور ناقبول ڪندا رهيا آهن.

پابند شاعريءَ ۾ قافيہ ۽ وزن جا مُونجهارا ۽ آواز Sound جي اَثر جهٽڻ جو لوڀ ڪئين نہ خيال کي قربان(؟) ڪرائي ٿو وهي، ان جو هيءُ شايد هڪ مثال آهي. هيءُ هڪ طرح جذبات جي وهڪري جو غير سُڄاڳ ساهس آهي جنهن ۾ اُن پل جي ڪيفيت ۾ شاعر جي پاونا جو اظهار ٿي 'سارَ' طور ڪڻڻ گهرجي. شري نند جويري ('ڪونج' مخزن -جوُن ٢٠٠٢) جو ان بابت ناراضپو البت پنهنجي جڳهہ تي صحيح بہ ٿي سگهي ٿو. هونءَ بہ سنڌ جي عضمت لاءِ شاعر پنهنجي نظريي سان قدر ڪيو آهي.

جئن: جيئي پيئي سِنڌ اڃا پي
مري ڪپي ويا ڪيئي سِڪندر! (گوورڌن پارتي)

ونود آسوداڻيءَ وري بلڪل علحدو نظريو ورتو آهي:

قرب جو ڪڙو ڪڙڪائي ڏسجانءِ
ليئو دريءَ مان پائي ڏسجانءِ
هوندو سنڌي تہ در کوليندو
شاهہ جو نغمو ڳائي ڏسجانءِ (ونود آسوداڻي)

سنڌي هئڻ ماتر جي بہ هڪ وڏي پنهنجائپ آهي. شاعر ان جي اظهار لاءِ 'شاهہ' کي- هر سنڌيءَ جي سُڃاڻپ سان جوڙي هڪ وڏي ڳالهہ سِڌ ڪئي آهي. جڻ سنڌيءَ لاءِ ڪوبہ سنڌي، چاهي ڪٿي بہ هجي، هن جو پنهنجو آهي.

جئن: دنيا جو-
هر ڪو سنڌي-
منهنجو پيڪو مائٽ! (نامديو تاراچنداڻي)

هن طرح ڪيترا اَهڙا شاعر بہ سنڌ جي سڪ جو اظهار ڪندا رهيا آهن، جن جو جنم تہ آزاديءَ کان پوءِ ٿيو آهي، پر هنن پوءِ بہ ڪڏهن سنڌ ڪانہ ڏٺي آهي (TVءَ تي دنيا ڀر جا نظارا ڏسڻ البت ٻي ڳالهہ آهي).

جئن:

مون
نہ ڏٺي سِنڌُ
نہ محسوس ڪئي سنڌ جي آبهوا،
نہ ڪڏهن سو چيو پنهنجي روايت
۽ ورثي جي باري ۾،
پر،
اَڄ محسوس ڪري رهي آهيان سنڌوءَ جو وهڪرو
پنهنجي رت جي رواني‌ءَ ۾..... (رشمي راماڻي)

اِن طرح ٻولي ۽ جاتيءَ جو درد اَڪثر هر سنڌي ڪويءَ جي ڪنهن نہ ڪويتا ۾ نظر ايندو رهيو آهي.....

ٻيڙيءَ وارا....
اَدا مُهاڻا،
اُهي شلا ليک -
سمنڊ ڪناري-
مِٽيءَ جي ڍير تي
رکندا ويندا!
پلي وارو-
جوتين ساڻ،
اُنهن جو نگهبانُ ٿيندو!
ڍيري ڍيري ڪنهن ڏينهن،
هڪ نئون-
جيئرن جو دَڙو-
ٺهي ويندو!
۽ ائين هڪ ڏينهن
منهنجي گونگي ٻولي
اَمر ٿي ويندي! (نامديو تاراچنداڻي)

جئن مٿي چيل آهي، شايد ئي ڪو شاعر سنڌ ۽ سنڌيت جي جذبي جي اظهار ڪان بچيل هجي. هت اَهڙي هڪ اَپواد روپ ڪويءَ جو ذڪر ڪرڻ نا مناسب نہ ٿيندو، ڇو جو هيءَ اَپياس ان قسم جي

اَپوادن کي بہ اپياس جو حصو ٻڌي ٿو.

اَنند کيماڻيءَ هن قسم جي جذبات کان پاڻ کي ڪافي اَلڳ رکيو هجي، ائين نظر اَچي ٿو. هو صاحب هونءَ بہ ’ڪويتا‘ کي ’اُلٽ ڪويتا‘ طور ئي قبول ڪري ٿو، جنهن ۾ جذباتي شاعريءَ جو شايد ڪو دخل نہ آهي. اَلبت سنڌي شاعريءَ کان بہ وڌيڪ سنڌي نثر ۾ يا شخصي اظهار طور، جنهن موهن ڪلپنا، سنڌ بابت سڀ کان وڌيڪ جذبات ڏيکاري، اَنند کيماڻي ان ليکڪ جو وڏو قدردان رهيو آهي. موهن ڪلپنا جي ڪويتا ’جهاز جي ڊيڪ تي‘ هت ياد ڪرڻ جڳائي!

۽ هيءَ رچنا جيڪا بہ سنڌ ۽ هند جي گايڪن چاهہ سان ڳائي ئي آهي: اها پلا ڪٿن ٿا وساري سگهون!

سنڌ منهنجي اَمان،
سونهن تنهنجيءَ مٽان-
چا لکي چا لکان! (تاجل بيوس)

(’يو- ٽيوب‘ تي گهڻن گايڪن جي ڳايل گيت تان)

ساڳي من جي اُڇل اَرجن حاسد جي نماڻن لفظن ۾ بہ اُتري آئي آهي:

سِنڌُ منهنجي اَما
ڪيڏو تو لاءِ سِڪان!
تنهنجي چانئنڻ چمان
مهر تو کان مَڱان.... (ارجن حاسد)

هت بہ ائين ٿو لڳي، سنڌيت بابت آيل شعرن مان ڪهڙا لکي ڪهڙا لکان! وري خاص موضوع تي شعر جام آهن...... سنڌ بابت بہ جام آهن.

**ترقي پسند نظريو:**

سنڌيت ۽ سنڌي ٻولي ۽ جي تمام اَهم، نازڪ ۽ جذباتي موضوع جي تہ ڳالهہ ئي نرالي آهي. جيترا مثال لکجن، ٿورا آهن.

ان بعد جي موضوعن ۾، سنڌ کان ٻئي عمل ۾ آيل اَهم موضوع آهي ترقي پسند نظريو، جنهن ۾ ڏين، هين، غريب، هاري ناري، محنت ڪش مزدور طبقي بابت شاعرن جو انقلابي توڙي جذباتي نظريو جهلڪندو رهي ٿو. ان قسم جي بلند آواز شاعريءَ ۾ عام لوڪن لاءِ همدرديءَ جو جذبو اَول ۽ اَوس نظر ايندو، جنهن ۾ پرسرام ضيا ۽ سڳن آهوجا اَڳرا رهيا:

هر خوشيءَ تي خاص ماڻهن جو رهي ٿو اِختيار
عام جي مُنهن تي نہ ڏسجي ٿي ڪا سَرهائي اَڃا! (پرسرام ضيا)

آئيندي جا خيال ائين سمجهي ٿي ڪجن،
مزدور - راڄ ، آيو ڪ آيو جهان ۾ ! (سُڳن آهوجا )

ڪرشن راهيءَ جو وهنوارڪ نڪتو هن طرح ڏسڻ ۾ آيو:

فقط بک جي ڪري ايندو نہ ڪوئي انقلاب آهي
لڙڻ جو ناهہ جي جذبو، مرڻ سان ڪجهہ نہ ٿيڻو آ: (ڪرشن راهي)

هن درد ڀري آه ۾ ڪڏهن شاعراڻي طنز بہ ٻڌجي ٿي: درد اُڀري اَڇي ٿو!

اَڌ روٽيءَ سان بصر بہ آهہ!
ان کي فاقو ڪير چوي؟ (اندر پوڄواڻي)

بُک ۽ غربت ۾ ڪٿي وري غيرت بہ 'بُلند' نظر آئي:

منهنجي غربت کي گهڻو ڏَن مالَ هرڪائي ڏنو:
پنهنجي هٿ اَڳتان بہ پر مون نہ هٿ ڦهلائي ڏنو!
مون سوين همراه ۽ همدرد تي حاضر ڏنا
پر نہ تہ بہ ڳوڙهن اُگهڻ لاءِ ڪنهن ڏي واجهائي ڏنو! (کيئلداس 'فاني')

اهو غربت جي همدرديءَ جو جذبو شاعرن کان وسرڻ جو نہ آهي. آخر بہ شاعر خود بہ تہ ساڳئي سماج جو حصو آهي: ان وقت ۾ - چاهي اڄ بہ !

اَڄُ دوُنهون نِڪري ٿو،
هُن جي جهوپڙيءَ مان،
پڪ ئي پڪ
ماني اُتي رڌي هوندي...... (اِندرا 'شبنم')
بک اتي پڪ ئي پڪ
ٽڪي هوندي!

ترقي پسند شاعري سرمائيدار جي آباديءَ ڪي سماج جي برباديءَ طور ڏسندي آهي:

ملڪ ٿيو آزاد ۽ آباد ٿيا سرمائيدار
آهي جنتا لاءِ پر ساڳي نراسائي اَڃا! (پرسرام ضيا)

آزاديءَ جي سُکن جو پرم ٽٽڻ ۽ موهه ڀنگ ٿيڻ جو به اَڪثر پُرُ اَثر اِظهار ملندو رهيو آهي:

ڏيو نه، تيل نه، تيلي نه، وٽ نه، اوندهه آهي!
اسان جو خواب هو، چوڏر چِراغُ پسنداسين! (هري دلگير)

ترقي پسند نظريو پل پنهنجي وقت ۽ حالتن سان آيو، اُڀريو ۽ پوءِ ٻين ساهتڪ ڌارائن ۾ ڍڪجي ويو، پر ان جي موُل ڀاونا اَڃا به ڪنهن نه ڪنهن طرح ملندي رهي آهي. آخر به شاعر ’هيڻن‘ جو همراهه آهي.

**سماجڪ نظريو:**

ترقي پسند نظريي سان ڪافي ويجهائي رکندڙ هيءُ نظريو به ايترو ئي اَهم آهي. هونءَ بهسماجڪ نظريو Social Concept دنيا ڀر جي ادب جو سڀ کان وڏو موضوع رهيو آهي. اهو هر قسم جي اَدبي رچنائن ۾ به هر وقت جي دَور ۾، ڪنهن نه ڪنهن طرح ايندو رهيو آهي.

1960- 1970 ڌاري جڏهن ڀارتي اَدب ۾ نئين ڌارا New Sensibility ءَ جي وڏي لهر آئي، تڏهن البت ساهتيه ۾ سماجڪ نظريي سان انفراديت يا انسان- فرد جو وجود ۽ هن جي اَهميت کي ساهتيه ۾ اوليت ملندي نظر آئي ۽ ان جو اَثراَوس اڃا تائين آهي. پر پوءِ به سماجڪ نظريو ته ساڻ رهيو ئي آهي. گهڻو ڪري سماج جي هيٺي حالت، سماج سڌار ۽ سماجڪ وهنوار طرف شڪايتن جا يا نصيحتن جا شعر هميشه لکجندا رهيا آهن، جن ۾ نظم کان وڌيڪ نثر ۾ به زور رهيو آهي. جيئن هت شرافت جي قحط لاءِ دانهن ڪيل آهي:

ويا شرافت جا وڻ پاڙون پٽجي
اَهڙو طوفان ڪو گهلي ويو آهه. (ڪيئلداس فاني)

عورت جي حالت هميشه سماج ۾ قياس جوڳي رهي آهي: شاعر جي اَک ۾ همدردي آهي:

جسم فوٽ بال، چلهه يا نمائش ٻڻن
ڪونه ته به عورتون، ٿي سگهن عورتون! (واسديو موهي)

عورت جي جسم کي روزي روٽيءَ جو ساڌن بڻجڻ تائين جي حالت کي پهچي به هنن کي ’عورت‘ جو درجو ڪونه ٿو ملي سماج ۾!

دنيا ۾ جي برائي ڪندي به شاعر کي شڪايت آهي ته پاڻ کي ته هرڪو اڇو اُجرو ٿو چوي!

سڀ چَوَن ٿا ته آ بري دنيا
پاڻ کي ڪو برو نٿو سمجهي! (پريو وفا)

لُٽ ۾ شامل اوڙو پاڙو
ڪنهن ڪنهن جي لاءِ ڪڙهون کاڙو! (پريو وفا)

اُن لٽمار ۾ وري ڪڏهن ڪو شاعر هن طرح طنز به ڪري ٿو وٺي:

ڪير ٿو اَڄ ڏسون ڪري چوري
چور پهرو ڏيڻ لڳا آهن! (ڪرشن راهي)

سماج ۾ هرڪو مُنهن ڦيري ٿو ڇڏي- پنهنجائپ ڪان مُنهن موڙي ٿو ڇڏي!

هوا ڪا اهڙي هلي آهه جو زماني ۾
لڳي ٿو جڻ ته سڄاڻ به اَجنبي پيارا ! (تيڪچند مست)

سماج ۾ ٻٽو وهنوار جڻ عام ٿي پيو آهي، جنهن تي شاعر کي واجب شڪايت آهي:

رات جي اوندهه ۾ پنهنجا هٿ رڱي
صبح مندر ۾ وڃي پوڄا ڪندا! (لڇمڻ دبي)

سماج جي ان قسم جي ٻهروپي ۽ نقلي وهنوار تي شاعر جي نظر اڪثر پوندي رهي آهي.
مرد ۽ عورت جي سماجڪ سرشتي جي به ڪويتا جي ڇهنب تڪي رهي آهي:

.....تون مون لاءِ روٽي پچائين ٿي
ان ڪري ئي مان توکي
به روٽيون
کائڻ لاءِ ڏيان ٿو... (پوپٽي هيراننداڻي)

اهي لفظ 'پتي' چوي پل ڪونه ٿو، پر هن جو روايتي وهنوار اهو ئي ٿو چوي. ۽ ڪويتا سماجڪ ڏڙڪن کي لفظن جو روپ ڏيئي ٿي ڇڏي.

مُلهه مهانگي آزادي
ائين ته ملٽي ناهي
هر سُک جي قيمت
چڪائڻي پوندي آهي
دنيا جي دڪان ۾ !....! (سندري اُتمچنداڻي)

ڪويتا اَڻ ڄاتل سماج جي اَڻ ڄاتل دک کي ڪئن پنهنجو ٿي بڻائي! هڪ انوکو مثال:

منهنجي زندگي اها چني آهي
جنهن ۾
جُوان پُٽ جي
مَوتَ جي خَبرَ ڏنل آهي
۽ مان
اها ٻُڍڙي ماءُ آهيان
جنهن کي اها چني
هر ڪنهن غلط پڙهي ٻڌائي آهي! (شريڪانت ’صدف‘)

هت آخرين سٽ ۾ ’هر ڪنهن‘ غلط پڙهي ٻڌائڻ جي حوالي سان، هڪ وڏي سماجڪ همدرديءَ جي اَحساس جي صحيح خبر شاعر اسان کي پڙهي ٻڌائي آهي.

## رومانيت (پيار مُحبت جو جذبو)

شاعريءَ ۾ سماجڪ نظريو جيئن عام آهي، تيئن يا ان کان به وڌ، رومانيت جو جذبو دنيا ڀر جي ادب ۾ عام آهي. شايد چوڻ گهرجي ته، شاعري رومانيت جو ٻيو نالو آهي. جتي سماجڪ نظريو شاعريءَ جي ويچار پکش جي نمائندگي ڪري ٿو، اتي رومانيت اِنساني ڀاوَ پکش جي نمائندگي ڪري ٿي. دنيا جي اَدب تي به وڏا عالمي اَثر وجهندڙ مَهان چنتڪ هت ياد ڪرڻ گهرجن. هڪ جو واسطو ٻُک Hunger سان آهي، ۽ ان جو چنتن ۽ ان جي چنتا ڪندڙ ڪارل مارڪس مکيه مڃيو ويو آهي. ٻئي ٻي ماجرا آهي Sex - اِنسان جي فطرت سان وابسطه نفساني ٻک- انسان جي پريه ڪمزوري، جنهن جو واسطو ’من‘ سان آهي ۽ من جو وگيان ڏيندڙن ۾ فرائڊ مکيه مڃيو ويو آهي.

رومانيت سنڌي شاعريءَ ۾ جماليت ساڻ ويجهائي رکندي آئي آهي ۽ ان ڪري جتي سماجڪ نظريو هڪ ضرورت طور قبول ڪيو ويو آهي، پر ان جو ڪلا سان گهڻ واسطو رهيو آهي، بنسبت روماني ڪويتا جي.

ها. اَوس. مثال به اَوس ڳالهائيندا:

جي ڀائين، اهو ڄاڻين ، ڇا آهي بهشت آخر
وچ حُسن جي ڪوچي جي، تن من سان گدائي ڪر. (ليکراج عزيز)

مان به هڪ تنهنجي خريدارن مان هوس
توکي جن طلبيو، طلبگارن مان هوس (پرسرام ضيا)

يار- محبوب جي ملڻ جي انتظار جو هر شاعر وٽ ڪونہ ڪو شعر آهي:

هن جي وعدي جي ڪنهن ’سُپان‘ بہ ڏني؟
تہ بہ مزو ’اَعتبار‘ ۾ آهي! (هرومل سدارنگاڻي ’خادم‘)

حسن آڻي ٿو زندگيءَ ۾ جان
عشق جڻ روح زندگيءَ جو آ! (پريو وفا)

نينهن جي باھ ’اِندر‘ آهي عجيب،
باھ ويئي لڳي تہ جي پياسين! (اِندر پوجواڻي )

مُحبت جي خمار جا اکيچار رنگ هر ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ نظر ايندا . سنڌيءَ ۾ بہ گهٽ نہ آهن.

جڏن هٽيو آنچل، ملي اک سان اک،
چاق ٿي پيا عشق جا بيمار اچ! (اَرجن سڪايل)

اڪين تہ اِشاريت خود ۾ شاعريءَ جي وڏي خصوصيت آهي پر پيار جي اظهار جي تہ وري ڪا ٻي ٻولي آهي: حجاب ۽ حَياءَ جي ٻولي!

نگاهن ادائن اِشارن جي ٻولي
نئين آهي نت ناز وارن جي ٻولي! (نَارائڻ شيام)

نہ سمجهي سگهيو حسن ڏاران ٻيو ڪو،
تمنا پري نينهن وارن جي ٻولي! (نارائڻ شيام)

تنهنجي در تي اَچي جڏهن رَسبو
چوُر پنهنجو غرور ڏسنداسين! (ڀڳوان ڪلناڻي ’ساقي‘)

شاعر حسين مورتن جو شائق رهيو آهي ۽ وري هن شاعر جو نصيب ڏسو:

جنهن لاءِ وڏم ٿي واجھ سو گهائي ٿو گهوُر سان
حسن ۽ حجاب جو بہ هيءُ منظر عجيب آ ! (اَرجن شاد)

رومانيت جو هيءُ جذبو سنسڪرت ساهتيہ موجب ۽ ان ڪري پارتي ڀاشائن ۾ شرنگار رس سان سڃاتو وڃي ٿو، جنهن کي گهڻن ودوانن ’رس راج‘ (نَوَن رسن ۾ سڀ کان اهم) پڻ چيو آهي. ان جا وري بہ مکيہ روپ بہ عام طور قبول ڪيا ويا آهن- هڪ ملن جو- سنيوگ شرنگار ۽ ٻيو وري جدائيءَ جو- ويوگ شرنگار. ان کان سواءِ هندي ساهتيہ جي اتهاس ۾ جڏن هڪ طرف ڀڳتي ڪال کي سونو (بهترين) يگ چيو ويو آهي تہ وري هڪ پورو ڪال (ڀڳتي ڪال کان ترت پوءِ جو) ريتي-ڪال بہ گهڻن اِتهاسڪ نکتن کان اَهم آهي. ان جو هڪ نالو ئي آهي- ’شرنگار-ڪال‘. هن سَمي جي ڪوين وري ’نايڪا ڀيد‘ ۾ نايڪائن جا قِسمَ ٻڌائڻ ۾ پنهنجي قابليت ڏيکاريندي ڪمال ڪيو آهي.

ڪي نايڪائون پريميءَ جي ويوگ ۾ ايترو تہ روئنديون رهيون جو هنن جي اکين مان نڪتل آنسن جي نديءَ ۾ ٻيڙيون هلڻ لڳيون! اَتي شيوڪتي (مبالغو) بہ اَلنڪار آهي پر هيءَ تہ ان جي بہ اَتي آهي!

هاڻي زمانو حقيقت شناسيءَ جو آهي ۽ وري ان طرف بہ جديد شاعر پنهنجي ٻئي قسم جي اَتيءَ طرف وک کڻڻ لڳا آهن.

تنهنجيءَ جدائيءَ ۾
هڪ پيرو بہ خيال نہ آيو تنهنجو
مان خوش هوس ٻين سان
جيئن توسان هوندو آهيان
۽ ائين
هِن - هُن سان مُشڪي کلي
مون حِصن ۾ جيئڻ سِکي ورتو آهي. ( واسديو موهي)

هيءُ مثال ’ويوگ شرنگار‘ جو ٿي هڪ جديد نمونو آهي، پر ان ۾ بہ هڪ طرح اُلٽي دِشا جي اَتي نظر اَچي سگهي ٿي! پوءِ بہ، ٽيڪنيڪل ٽرمس ۾، هيءَ ڪويتا بہ رومانيت جي رچنا ئي ڳڻبي.

اِن طرح، هيءُ اِيياس موضوعن جي اَلڳ اَلڳ موڙن ۽ نظرين جي تفاوت کي بہ اندر لائين ڪندو هلي، اهو صحيح ٿيندو.

پر ائين ڪونهي تہ جديد شاعر شرنگار پاونا کان ڪٽيل آهن، مٿي ڪيترا مثال ان جو تاثر ڏيئي چڪا آهن. اَلبت اُنهن جي تپش ۽ تازگي پنهنجي رهڻي آهي. خاص ڪري’ حسن‘ جي تعريف ۾ غزل لکڻ جي شروع ٿيل اَصل روايت کي اَڄ جي نئين غزل جي شاعرن ان موضوعن کان جان تان ڪنارو ڪري نئين ڪويتا جي اَثر کي جهٽي غزل کي موضوعن جي ٻي سرحد تي ويهاريو آهي. پوءِ تہ ان کي ’نئون غزل‘ چوڻ جي بہ ضرورت نہ رهي، ڇو جو هنن جون پرمپرائون بدلجي ويون.

منهنجي وحشت کان ٿئي نہ رسوا حسن
عشق جوُن عادتون مٽائيندس! (ارجن شاد)

باوجود، حسن عشق جي داستان ۾،تعريف، انتظار ۽ اِلتجا جا عنصر ڪنهن نہ ڪنهن طرح ليئا پائيندا رهيا آهن. لفظن جا چهرا نوان آهن، معنائون ساڳيون!

ساھ هئو جنهن ۾ نہ تنهن کو سڏ ڪيو
زندگيءَ کي بس سڏيندي شام ٿي! (ايم ڪمل)

جديد نظر واري اِها شاعري ٿي اَڄ جي اَصلي شاعري مڃڻي پوندي، جنهن ۾ ’دلدار‘ جي تصور کي بہ نئون روح مليل ٿو پاسي. اُهو هڪ کان وڌيڪ معنيٰ جي حوالي ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿو:

تو سان جڏهن به ملڻ ٿيو آ

دوُريءَ جو احساس وڌيو آ! (ايم ڪمل)

ڪڏهن ته شاعر هن زماني جي ’بي رواني‘ءَ لاءِ اَفسوس ڪندا نظر اَچن ٿا!

عشق اُڏري ويو زماني مان

تال نڪري ويو تراني مان! (لکميچند پريم)

سنڌي شاعريءَ جا گهٽ ۾ گهٽ ٽي موضوع اَهڙا چئي سگهجن ٿا، جن تي، گهڻو ڪري، هر شاعر، اَوس، ڪجهه نه ڪجهه لکيو هوندو.

١ - سنڌيت ٢ سماجڪ نظريو ٣ رومانيت.

چاهي هنن جي ڪيفيت اَلڳ اَلڳ رهي هوندي. ائين ته اِهو چوڻ ۾ به وڌاءُ ڪونهي ته سماجڪ نظريو ، رومانيت ساڻ قدرت جو چِٽُ اَهڙا موضوع دنيا ڀر جي شاعريءَ ۾ عام آهن.

## قدرت

سونهن جماليات ڪويتا جو اَصل ۾ پهريون شرط رهيو آهي، نثر ۽ نَظم ۾ ائين ته، ويچار ۽ ڀاوَ جي اوليت مکيه رهي آهي. ڀر جڏّن دنيا ڀر ۾ عورت جي جسماني سونهن ۽ ان جي پيشڪش يا قدردانيءَ ۾ ڪاچ ڪان وٺي،عاج يا سوني چانديءَ جا يا پليٽينم جي ڳهڻن جي سجاوت قبوليل آهي، تڏّن نثر ۾ ٻوليءَ ۾، ويچار جي ۽ سِڌي معنيٰ جي اظهار جي اوليت آهي ۽ نظم ۾ قسمين قسمين النڪار- ڳهڻن جي ۽ ڀڻ اِشاريت ڀري وينجنا واري معنيٰ کي ترجيح ڏيڻ جي روايت رهي آهي.

ساڳيءَ طرح ڪويتا ۾، اِنساني سوُنهن کان سواءِ، يا ان ساڻ، قدرت جي نظارن جي سونهن جي به خاص اهميت رهي آهي.

موضوع طور به گهڻين ڪويتائن ۾ قدرت کي ئي مرڪز ۾ رکيل نظر ايندو رهندو آهي. هونءَ البت قدرت جو چِٽُ ’سهايڪ‘ رهيو آهي ڀر ڪڏهن ڪڏهن ان کي موضوع جهڙي يا علامتي اهميت به ڏنل هوندي آهي. هن سَچي ماجرا کي جماليات جي نظر سان به ڏٺو ويندو آهي. ڇو جو هر قسم جي سونهن جو چِٽُ، ڪويتا يا شاعريءَ جي ڪلا کي نکاري ٿو ۽ ان لاءِ گهڻن قسمن جي شاعريءَ جي ڇندن ۽ اَلنڪارن جو سهارو به ورتو ويندو آهي ۽ شاعر جي ڪلپنا جي بهترين اُڏام ساڻ ساهتيڪ ٻوليءَ جي باريڪي به ضروري آهي. جيڪو ملي ڪري جماليات جو احساس ڪرائي ٿو. ان لاءِ وينجنا نالي واري شبد شڪتي اهم آهي- جنهن کي اِشاريت به چئي سگهجي ٿو.

سنڌيءَ ۾ هاڻوڪي يڳ جي شاعريءَ ۾ ڀاونائن کي قدرت جي نظارن ۽ وسيلن ساڻ باريڪيءَ سان پيش ڪري جماليات جو ڪلاتمڪ اظهار ڪرڻ سبب، نارائڻ شيام تمام مقبول ۽ پيارو شاعر

ليکيو ويندو آهي.

مٿي ڏنل هڪ مثال هت بہ ڏسُون: هُتِ ’سنڌ‘ فوڪس ۾ هئي، هِتِ قدرت.

روئي روئي هاءِ، مون جا چانڊوڪي چڙهي،
تون ئي چنڊ ٻڏاءِ، اڄ بہ آهي سنڌ ۾ !

هت دل جون نازڪ پاونائون، نزاڪت واري ٻوليءَ ۾، قدرت جي حوالي سان، دلڪش بڻجن ٿيون. قدرت جو ذڪر ۽ حوالو ڪٿي تہ خود ۾ ئي پنهنجو پاڻ ۾ سمورو موضوع بڻجي اَچي ٿو:

ٻپهرن جو جهڙ اولڙا آرسين جا
شرارت سُجهي ڪا پپر جي پنن کي! (نارائڻ شيام)

سڄ سان ٿي منهن اَٽڪائي
جرئت ڪڪريءَ جي تہ ڏسو! (ڍولڻ راهي)

قدرت جي نظارن سان قدرت (ايشوري طاقت) جو مِليل تاثر بہ عجيب ڪيفيت پيدا ڪري ٿو:

مينهُن وسڻ وقت صرف سمنڊ پسيو
ڪيت ننڊ ۾ بہ وڦلندو رهيو! (واسديو موهي)

شاعر شاعر جي قدرت سان پنهنجي پنهنجي رُغبت آهي، پنهنجائپ يا حجت آهي:

ائين هوا ساهہ تي ڪٽي هلڪا
رڻ جي واريءَ تي جڻن پيَرَن رَهنڊون! (ارجن حاسد)

هت قدرت جي چِٽ سان جمالياتي اظهار جو عڪس بہ آهي. ’چانڊنيءَ‘ تي لکڻ وارا تہ ڪوڙ پر تيرٿ بسنت ’اُماس‘ تي بہ لکيو آهي!

سنجها آئي
ديپ نہ دکيو
تارا ٽمڪيا
الڪو نہ لٿو
هي اَندر جو حال
جهڙو اونهو آڪاس
اُماس ئي اُماس! (تيرٿ بسنت)

(ورهاڱي کان پوءِ جي چونڊ شاعري - خادم.)

## جماليات (علم - خوبصورتي)

ائين تہ جماليات موضوع جي نسبت ۾ گهٽ ، شاعر جي ڪلا جي پيشڪش ۽ اظهار جي اصلوڪي نظر ۽ ڪمال جي حوالي ۾ وڌيڪ ياد ڪندا آهيون. پر قدرت جيان، ڪڏهن ڪڏهن اِهو ساڌن بجاءِ خود ۾ ساڌيہ سِڌي بڻجي تہ پوءِ ٻيو ڇا کپي! سوُنهن جو رس-درشن ڏسو:

تو گود ۾ بالڪ کي جئن ٿڃ ڏني ويني،

معصوم اُگھاڙپ تي پاڪيزگي للچائي ! (نارائڻ شيام)

هت شاعر جي نظر جو اهو ڪمال آهي تہ نفساني نظاري کي پاڪ پوِيتر بڻائي ڏِسي ۽ ڏيکاري سگھي ٿو. ساڻ ساڻ هيءُ تصويري اظهار پڙهي، هت پنج سوَ سال اَڳ ليئونارڊ دا ونچيءَ جي ناهيل پينٽنگ ياد اچي ٿي ٿي وڃي جنهن ۾مَدر ميري ٻار کي ٿڃ ڏارائي رهي آهي ۽ اهو چٽر بہ پاڪيزگيءَ ۽ ممتا جي علامت طور دنيا ڀر ۾ پرسِڌ آهي.

گھڻا دفعا جمالياتي اظهار نفساني- Sensual بہ ٿي سگھي ٿو. ڇو جو جمالياتي اظهار ۾ قدرت جي سونهن ساڻ انساني سونهن جو باريڪ ۽ تمثيلي چِٽُ هوندو آهي.

وات تي تنهنجو تڙيل جوڀن ڏنم

ڇوڀڇوڻ ڇوواٽي تي ڦهتي وڃي! (ارجن حاسد)

نَس-نَس ۾ هوَس جي جڻ سَرپٽي لهرائي،

ڇا قوهہ جوانيءَ ۾ رات آهہ هنئر آئي! (نارائڻ شيام)

شاعر شيام جي جمالياتي شاعريءَ ۾ ’جسم‘ کي جوڳي جڳهہ ملندي رهي ٿي:

سڊول جسم جو هر انگ راڳڻيءَ جو روپ

ڪمال نغمہ هئي شيام خاموشي هن جي! (نارائڻ شيام)

هت راڳڻي،نغمہ، خاموشيءَ جهڙا جمالياتي اَنُر سُڊول جسم جي ڪشش مان اُڀري آيا آهن.

جمالياتي شاعريءَ سوڌو هرڪا شاعري ڪڏهن ڪڏهن ايتري سوکيم معنيٰ سان ڀريل هوندي آهي جو ان کي گھڻ ڪندو روپ ملي ويندو آهي. جئن:

روشنيءَ کي، ۽ ڇميم ڪرڻن کي

اڄ اڻين ناںءُ ڪنيو مون تنهنجو!

هت ’تنهنجو‘ لفظ محبوب لاءِ بہ آهي ۽ ايشور جي هستيءَ لاءِ بہ آهي. صوفي ڪلام جي جڻ هڪ هلڪي صدا من کي ڇهي ٿي وڃي! جڻ ڪا عبادت!

سونهن جو منظر قدرت سان بہ عجيب ناتو ٿو رکي:

ڪي ڪٽا سونهہ جا ڇٽيا گھر ۾

چنڊ کي ارڳ هن ڏنو هوندو! (ونود آسوداڻي)

سنڌي شاعرن ۾ هن وقت بہ نوجوان شاعر- ونود آسوداڻي ۽ هن جو ڀاءُ راجيش آسوداڻي ٻئي ’فقط‘ من جي اَک سان ڏسڻ وارا شاعر آهن. ونود جو هيءُ شعر هڪ طرف تہ چنڊ کي ارڳ ڏيڻ جي هڪ ڌارمڪ ڪريا جو حوالو ٿو ڏئي، جنهن ۾ هڪ گيچڻ (ٽُنگن واري وڏي ڇاٽيءَ جهڙو برتڻ) جو اُپيوگ ڪري چنڊ جي پوڄا ڪري ارڳ ڏيڻ (پنهنجي شرڌا کي علامتي طور اَرپڻ ڪرڻ جي هڪ وِڌي) جي ڳالهہ ڇئي، سنڌيءَ سميت ڀارتي پرمپرا کي ياد ڪيو آهي، تہ ٻئي طرف چنڊ کي ارڳ ڏيڻ ۾

ڪم آندل برتڻ جي خيال کي ڪٽي، چنڊ جي سونهن جا ڪي ڪٽا (ڪرٽا) ان گيچڙ مان چٽيا هئڻ جي اَڌيت ڪلپنا بہ ڪري ٿو. من جي اَک جي نظر ۽ ڪلپنا ، عام نظر ۽ ڪلپنا کان گهڻو اَڳتي آهي.

من جي ڳالهہ تہ هونءَ بہ سندرتا بخشيندي آهي جيڪا عام طور خيالي Abstract هوندي آهي.

من جي سندرتا تہ پوپٽ جو اُڏڻ

پن کي، گل کي، شانت کي پيئندو وڃي! (ارجن حاسد)

اها جمالياتي شاعري، عام طور سماجڪ سنديش واري شاعريءَ کان تمام گهڻو دور جي چيز آهہ ۽ شُڌ ڪويتا Pure Poetry ۽ جي سُڳنڌ جي گهر جو ياتي آهي. اها اُپيوگي ڪويتا جي مائٽياڻي بہ نہ آهي. جئن چئجي کٽي تہ سماجڪ شاعري جيون ضروري چيز-(مثال اناج) جي برعڪس آهي تہ جمالياتي شاعري خوشبوءِ جي برعڪس آهي، جيڪا جيون ۾ ضروري چيز تہ نہ آهي پر جيون کي مهڪائڻ واري چيز آهي.

جمالياتي شاعريءَ ۾ نہ فقط خيال جي نزاڪت کپي، سونهن جي صداقت کپي پر ان جي ٻولي بہ ڪجهہ هن طرح 'نئين' کپي:

نگاهن، ادائن، اِشارن جي ٻولي

نئين آهہ نت ناز وارن جي ٻولي! (نارائڻ شيام)

نازڪ ٻوليءَ جي نزاڪت پري سونهن ئي جمالياتي منظر خلقي سگهي ٿي. ان ڪري هن موضوع تي گهڻو ڪري خاص شاعرن جا خاص شعر ئي نظر ايندا. يا جن جا نظر ايندا اهي 'خاص' ٿي ويندا.

اِها ٻوليءَ جي سونهن ئي آهي جيڪا 'نگاهن جي ڇانو' جي ڪلپنا کي ساڪار ڪري ٿي سگهي.

اڄ ڏَرَتَتيءَ ۾ پنڌ ڪندي ياد ٿي پوي،

ساعت لنگهيس جا تنهنجي نگاهن جي ڇانوَ مان! (نارائڻ شيام)

سوُنهن شاعر جي فطري چاهہ سان جڙيل آهي. هونءَ ڇيو ويندو آهي، سوُنهن چيز، Object يا انسان ۾ نہ، ڏسڻ واري جي درشتيءَ ۾ بہ نہ ، هن جي درشتيڪوڻ (نظريي) ۾ يا هن جي دِل جي ڪيفيت ۾ هوندي آهي. اَگر دل من ڊانواڊول آهي تہ، 'سوُنهن' باءِ پاس ٿي ويندي- خبر بہ نہ پوندي! اِها فطرت جي نازڪ خيالي منو وگيانڪ تند شاعر هئن ٿو پڪڙي ڏيکاري:

سوُنهن نيڻن ۾ ئي سمايل آهي

بس ڏسڻ جي الڳ ادا آهي!

شايد ان ڪري ئي مجنوءَ جي نظر جي خاص ڪلپنا شاعرن ڪئي هوندي! ۽ دلدار جي ديدار لاءِ نظر پيدا ڪرڻ جي ضرورت ٻڌائي ويندي آهي!

ائين تہ جمالياتي شاعريءَ جو Scope موزون شاعريءَ ۾ ئي (وڏيڪ) آهي. پر نئين ڪويتا ۾ بہ خاص شاعر اها ماٺي ۽ ماٺائي سگهن ٿا:

ماڪ ڀَن کي چمي ورتو هئو
خوشبو ڪيس ورائي وئي هئي! (ارجن حاسد)

هر سانجهيءَ
سِجُ سمائجي ويندو آهي
اولهه جي سمنڊ ۾
رتو رت آسمان ۾ چانئجي ويندي آهي سانت
پر رات گذرندي ئي اوير جي اُفق مان
ليئو پائيندو آهي نرم ملايم سُرخ سج
ڪنهن نئين چاول ٻار جيان...... (رشمي راماڻي)

ماڪَ سان محبت شاعرن لاءِ من پسند ڪرت ۽ اظهار آهي:

درين جي شيشن تي
ماڪَ
پرِيات ويلي
سنان بعد
چنڊيل وارن جون
ڦينگُوُن! (موهن گيهاڻي)

## نفساني (Sensual)

'سدا گلاب' هڪ اَپواد طور رکيل سينگار شاعريءَ جي ڪتاب کان سواءِ (جِيڪو موضوعاتي شاعريءَ ۾ ذڪر هيٺ ايندو) اسان وٽ عام طور يا خاص طور (موضوع طور) سنڌيءَ ۾، نفساني Sensaul شعر تمام گهٽ يا ورلي ملي ٿو پر ملي اَوس ٿو. ۽ جي ملي ٿو ته ان جي به ايتري اهميت قبول ڪرڻ جڳائي. نفسانيت Sensaulity جيستائين عياشي آهي، تيستائين اها جيون جي هڪ تصوير سان جڙيل آهي ۽ اِهو گناهه جي حد ۾، يا چوڻ گُهرجي، سماج جي نهيل- نهي ويل سيپتڪ گناهه جي حد ۾، ڪونه آهي. اَلبت سماج ۾ عام طور ان جي خوشامديد ڪانه ڏسبي آهي پر نندا اوس ڏسبي آهي جيڪا گهڻو ڪري اصليت کان وڌيڪ ڏيکاءُ سان پريل هوندي آهي.

اِنساني فيلسوفيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ، ۽ هاڻ شايد چوڻ گهرجي ته ٽي ويچارڪ ان جي نندا ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن: تن ۾ هڪ پارتي فيلسوف چار واڪ- مشهور آهي. هنجو चार्वाक दर्शन مشهور آهي. گوتم ٻڌ جي زماني جي آس پاس واري هن ويچارڪ لاءِ هيءُ سٽون ڏسون!

اُتم سک تي پلا
چو نه اَڌڪار ۱ انسان جو!

هن برهسپتيءَ کي
اَوس هوندو
لِڪلُ ڪو ورِدانُ
جڳت توسان نفرت ڪندو
پر
هلندو تنهنجيءَ راهه تي! (نامديو تاراچنداڻي)

هن ڪان سواءِ زوربا ۽ هاڻ اوشو جا ويچار هن درشٽيڪوڻ کي قبول ڪري رهيا آهن.

شايد عياشي لفظ بدنام ٿي وڃڻ ڪري ان مان هڪ سماجڪ ترسڪار جو ڀپ اسان کي ائين ڪرڻ لاءِ آماده ڪندو هجي.

پر شاعرن ان جي پرواهه نه ڪئي آهي، يا خاص نه ڪئي آهي. جيتوڻيڪ هنن 'هَوَس' جي جسم فَروشيءَ جي قبوليت به ڪانه ڏني آهي.

هت نفساني شعر جا موضوع، گهڻو ڪري ته جمالياتي يا فنائتي شعور سان وابسطه ٿي نظر ايندا رهيا آهن ۽ اهڙا ڪيترا مثال ته' جمالياتي موضوع' جي حوالي سان ڏسي سگهيا آهيون. ڇو جو نفساني موضوع جماليات ۽ اِشاريت سان ڀرپور رهڻو آهي ۽ اِهو ئي شعور کي سوُنهي ٿو.

اَنب جي ٻور جي ڪَنڙي خوشبو
ائين به ڪنهن اَنگ کي ڇهندو آهيان! (ارجن حاسد)

هت پوشيده ٿي سهين، 'اَنگ' فقط هڪ لفظ نه آهي ، پر سڄي شعر جي موضوع جو Concept آهي ۽ اسان جي حواسن کي، متاثر ڪري ٿو وڃي!

ڇونڪ تان ويٺي به هڪ ورتم ڪٽي،
رات چنچر جي اُگهاڙي بي حيا! (ارجن حاسد)

حاسد جي هيءَ ڪمال جي شاعري، پوريءَ طرح نفساني شعر جو مثال آهي. ان ۾ جمالياتي ڦهلاءَ جي پهرين سٽ به، ٻي سٽ لاءِ سامان بڻجي ٿي وڃي. سڀ ڪجهه مبهم هوندي به، اشاريت هڪ 'رومانٽڪ عالم' جو روپ ڪڙو ڪري- هڪ لرزش پيدا ڪري ٿي وڃي!

'پنهنجي ڪتاب ٻالهه شاعريءَ جي' ۾ واسديو موهيءَ به هن شعر کي ڪٽي هڪ زوردار ڪامينٽ ڪئي آهي ته غزل ۽ رومان، هڪ ٻئي سان جُڙيل، هڪ ٻئي ۾ وڪوڙيل جسم هوندا آهن(ص ٦٧). هت هن ٽپڻيءَ ۾، ائين ته غزل بابت ڪجهه چوڻ جو ارادو آهي، پر ان سان نفس جي معنيٰ به جڙيل يا وڪوڙيل شامل ٿي وئي آهي.

اَهڙو هڪ وڏيڪ انداز ڏسڻ جهڙو آهي: هت به ساڳي شاعراڻي شرارت پر شعور پيري آهي:

ٻِلن تي جن جي ڪي ميوا پچن ٿا،
اُنهن جو ذائقو پڻ جي چکي ڪو! (ارجن حاسد)

نفساتي اِشاريت، ضروري ناهي، نفس تي ئي فوڪس ڪرڻ لاءِ هجي. اها ٻين نشانن کي بہ تير ڇپائي سگهي ٿي. جئن:

هڪ ڪوڙو اقرار شهر آ

ڪنهن وِئشيا جو پيار شهر آ!

شهريت جي زندگيءَ جي نقليت کي شاعر وِئشيا جي نقلي پيار سان پيئيو آهي، جئن نئين ڪويتا ۾ هريش واسواڻيءَ بہ ’پرش وِئشيا ‘ جي ڪلپنا ڪري، شهريت جي ٻُسائي-بوريت-Monotonyءَ کي اظهاريو آهي.

ڇوريءَ جي تاڻ مرَمَ جي سترن ڇَپ رکيا

برپٽ ۾ بوند بوند کي واري چُمي ٿي جئن! (اَرجن حاسد)

پوشيده ۽ مُبهم شعر خاص طور معنيٰ جي جهنگل طرف رُخ ڪرڻ کان سواءِ ئي پنهنجو هُڳاءُ پکيڙي ٿو ڇڏي! هت بہ ڪجهہ اَهڙو منظر آهي.

ڪڏهن وري نفس جي اِشاري جي پنيان هڪ قسم جي باريڪ ڪنفيشن ليئو پائي ٿي وٺي!

واسنا جو دوُنهون هيو سامهوُن

جسم تنهنجو نظر نہ آيو هو! (شريڪانت صدف)

ڪڏهن وري اها ڪنفيشن بجاءِ فرياد جو سُر بہ آلاپي ٿي:

منهنجو شرير

جنهن کي هُن

لوپس ٽيبليٽس

آپريشن يا اَهڙين ڪن تجويزن

حوالي ڪري ڇڏيو آهي! (پوپٽي هيراننداڻي)

هن ڏس ۾ هت ئي اَهڙين خاص ٻن ڪويتائن جو ذڪر ڪرڻ بهتر ٿيندو.

(١) پوپٽي هيراننداڻيءَ جي ڪويتا ’ڏُن هينان دبلي‘ جنهن ۾ هن استريءَ جي ’يوني‘ءَ تي نہ فقط بيباڪيءَ سان لکيو آهي، پر هن ، استريءَ جي ان درد کي بہ ڇُهيو آهي جنهن ۾ اُگرتا پري سچائيءَ ساڻ ڪلاتمڪ اظهار بہ آهي- جڏهن هوءَ چوي ٿي- استري، پرش جي اَهم کي ٻيهندي رهي آهي.

(٢) هن ڪويتا کان ئي مُتاثر ٿي، چترو ناگپال پرش-انگ تي اَهڙي ئي بيباڪ ڪويتا لکي آهي، البت اها ايتري فنائتي نہ ٿي نظر اَچي. فنائتي اِظهار کان سواءِ ڪويتا جو ڪو بہ ’سَچُ‘ ڦڪو ٿو بڻجي وڃي. ڇو جو سنو ويچار پاڻ مرادو سني ڪويتا ڪونہ بڻجندو آهي. ٻئي پاسي اهو بہ ايترو ئي وڏو سچ آهي تہ ڪويتا ۾ ’ڇنتن‘ بہ، وڏو، عام ۽ بلڪل سپاٽ موضوع آهي ۽ اِهو بہ ’شڏ

ڪويتا‘ جي اَپوادي سرحد کي ڇڏي، هرڪو شاعر قبول ڪري ٿو.

### آتم-چنتن (فلسفو-حيات)

اَڄ جو فرد پنهنجو پاڻ کي، من ۾، مُخاطب رهي ٿو. هو پاڻ کي به پنهنجو پاڻ سان گڏ ڪونه ٿو محسوس ڪري. پاڻ سُڃاڻي پاڻ لهڻ جي سلسلي ۾ هيءُ به هڪ قدم آهي:

پاڻ کان پريرو رڙهي وينس
پنهنجي پاڇي کان دور ٿي وينس! (ارجن حاسد)

آتم-چنتن گهڻو ڪري سماجڪ حوالن سان جُڙيل آهي، البت ڪٿي ڪيترا نوان اُفق به ڇهي ٿو. جئن جيون ۽ جڳت، ايشور، موت ، وغيره. هنن ۾ ’موت‘ بابت الڳ به سوچڻو پوندو ڇو جو اهو به ڪافي ڦهليل موضوع آهي. فلحال هت فرد جي پنهنجي پاڻ سان لڙائيءَ جو منظر پَسوُن!

ساري دنيا سان لڙي سگهندين
پاڻ سان ڪئن مگر پڄي سگهندين! (گوپ ڪمل)

هن طرح جي سماجڪ چنتن ۾، پنهنجي هستيءَ طرف به شاعر اڪثر سُڃاڳ Conscious رهن ، اِهو ڪافي سپاويڪ آهي:

ڪالهه پئي نيلام ٿيو هو وچ بزار
پڪ ڳنهان ها، پر ڪَمَلُ سستو نه هو! (ايم ڪمل)
وڪڻو پاڻ ٿَوَ ته مان ڪيو
اَگهه خريدار جي خوشيءَ تي ڇڏيو! (ايم ڪمل)
ماڻهو آهيان ٿو وڪامان حاسد
۽ وري ڪيڏو نه سستو آهيان! (ارجن حاسد)

خيال جي اُڏام جون دِشائون ڪڏهن ڪڏهن يوُ ٽرن ۾ موت به کائينديون آهن. ارجن حاسد جوئي هڪ شعر هنديءَ ۾ هن طرح ٿو ملي:

माना कि बिकाउ हैं हम
पर किसने कहा सस्ते हैं हम

جيون-جڳت جي فلاسافي، ڪلا جي روپ ۾ اَچڻ تي، اها هڪ فلاڻي فلاسافر جي ويچار بجاءِ، عام اِنسان جي راءِ تي ٽڪجي وڃي- اَهڙو احساس اڪثر ملي ٿو:

فاني جهان مان ڪو لڏڻ لاءِ تيار ناهه
سڀ کي جيئڻ جي آس ۾ مرندو ڏٺم. (ڪيئلداس فاني)

ان شعر ۾ ۽ پڻ هينين شعر ۾ راڳ ۽ ويراڳ جي سنگم کي ڏسجي ٿو!

کيتري دير چتا تي رکندَ،
جلد ئي باهہ لڳائي تہ سمهان ! (گوپ ڪمل)

خيال جو اَهڙو ئي سماءُ، هن طرح جي شاعراڻي سمڪ ۾ بہ آهي:

سمڪ وجود جي جيسين رهي، نہ راز مليو،
اِهو وجود وڃائي ڏسان تہ ڇا ٿو ٿئي! (ارجن چاولا)

خدا جي خدائيءَ تي سوچڻ وارا خود کي ’ پاڻ‘ ۾ ئي ٿا پَسن.

خلقيو خدا اسان ئي، گمنام پيو اسان ئي،
منهنجي وجود بن کو، ٿيندو خدا بہ آهي! (ارجن شاد)

هستيءَ جي ناسونت هئڻ جي نماڻي قبوليت بہ شاعر ڪندا رهيا آهن:

زمين هوندي اهائي ۽ اهو ئي آسمان هوندو
نہ تون هوندين نہ مان هوندس مگر پو پيو جَهان هوندو! (ڪرشن راهي)

شاعر جو آتم چنتن ڪڏهن ڪڏهن لاجواب بہ ڪري ٿو ڇڏي!

ري گهريو آندو ويس سنسار ۾
هر قدم تي مون وڃڻ جي آ ڪئي....... (ايشور آنچل)

زندگي بامقصد آهي يا بي مقصد آهي، ان بابت سارتر جهڙا جديد هستي وادي ويچارڪ جيڪو جلدن ۾ نہ چئي سگهيا آهن، اِهو هت ايشور آنچل فقط هڪ اڌوري سٽ ۾ ثابت بہ ڪري ڏيکاريو آهي (’ري گهريو آندو ويس سنسار ۾!‘)

**موت**

موت ائين تہ ’آتم چنتن‘ جو ئي هڪ موضوع آهي، پر ان بابت ڪُشادي سوچ جي ضرورت رهي آهي. هيءُ موضوع سچ پچ تہ ٻين سڀني موضوعن کان وڌيڪ excitement پيريو آهي. رواجي طرح وڏي عمر وارا شاعر هن موضوع کي ڇهندا آهن- ائين مڃڻ صحيح هوندي بہ غلط ثابت ٿي رهيو آهي. ڇو جو گهٽ عمر وارا شاعر بہ ايتري ئي چتائيءَ سان موت سان اَکيون ملائيندا نظر ايندا آهن.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اسان وٽ هن وقت گهٽ عمر وارا شاعر ئي گهٽ (تمام گهٽ لکڻ بہ گهٽ آهي!) آهن. درلڀ ئي سهي، مثال تہ ملي ٿا وڃن، اَڃا:

لاش مُرڪي نہ ها ڪڏهن هنجو
روئي روئي، اڄ هو مئو هوندو! ( منوج چاولا)

مرڻ سان مُرڪڻ ۾ هڪ تمام باريڪ Death-wish ڳولهڻ ڏکي ناهي! چاهي ان جي سمڪ خود شاعر کي نہ بہ هجي. هونءَ ’موت‘ هرويرو هر حالت ۾ شوڪ جي ماجرا ناهي: مشهور گجراتي ڪويءَ جي سٽن تہ موت ۽ لاش کي رومانيت-پريتم جي سونهن جي حوالي سان بہ جوڙيو آهي:

نهين تر آوي ريتي توتري نهين لاش دَريا مان،

مَني لاڳي چي کي ايٽي ڪناري تمني جويا چي

تمي چو تينا ڪرتان پڻ وڌاري تمني جويا چي! (برڪت ويراڻي ’بي فام‘)

(ورنا هن طرح تہ ڪانہ تري هان لاش درياهہ ۾

مون کي لڳي ٿو تہ اُن ڪناري تي توکي ڏٺو آهي.... تون آهين، ان کان وڌيڪ توکي ڏٺو آهي....)

پر پوءِ بہ - ڏيئي وڃي ’موت‘ اِنسان لاءِ هن جي پنهنجي دنيا، هر طرح ۽ هميشهہ لاءِ ختم ڪري ٿو. اهو اوس ئي ڏڏڪو ڏيندڙ تہ آهي ئي! وري موت بہ اَڪثر اچانڪ ۽ قسمين قسمين بهانن سان پيو ٿو ڏسجي:

هيڏا بم گوليون ٽئنڪون ۽ چا چا

پتڙي جان لاءِ نهڻ لڳا آهن.....

گئس نيپام، روڊ ڪنتري، مَوت

تنهنجا نالا وڌڻ لڳا آهن! (واسديو موهي)

پر جڏهن ’زندگي موت کان بدتر‘ ٿي محسوس ٿئي تہ شاعر موت لاءِ بہ جڻ واجهائي ٿو!

موت هر دک جو ڇوٽڪارو آ

زندگي ئي وڏو عذاب آهي! (پريو وفا)

موضوع نسبت مثالي شعرن ۾ موضوع جي اَهميت رهي ٿي، ضروري ناهي اُهي شعر بهترين تخليق جا بہ مثال هجن. مٿي ذڪريل خيال هڪ کان وڌيڪ وقتن تي هڪ کان وڌيڪ شاعرن اظهاريو آهي:

موت مفت ۾ ٿيو بدنام

جنهن کي ماريو، ماريو حيات (نارائڻ شيام)

ائين ڪيترن ئي شاعرن موت بابت پنهنجا تاثر اوس ڏنا پئي آهن:

پل حياتي حسين خواب آهي

پوءِ بہ ڪو موت جو تہ ڊر ٿو لڳي!

ائين تہ جيون- حياتي فقط حسين خواب ئي آهي، پوءِ بہ اهو حسين آهي ان ڪري موت کان تہ بهتر آهي! پر جن کي زندگيءَ جا فريب نصيب ٿيا هجن، تن کي تہ موت لاءِ ڪشش هوندي!

موت لاءِ چو سڪن پڇو تن کان،

جن هجن ڪاڏا زندگيءَ جا فريب! (لڇمڻ ڪومل)

اٿين تہ موت جو تجسم Persnofication (مانويڪرڻ) جو روپ هڪ عجيب ڪيفيت ڏئي ٿو. پر شاعر جي پهچ کي ڪا مريادا ڪٿي هوندي آهي!

موت بہ جاڳي پوندو آهي،
ڪويل سان روحن جي سُس پُسِ! (واسديو موهي)

اِن طرح موت کي ڀوائتو روپ نہ ڏيئي ان کي 'ساڌارڻ' بڻائڻ جي ڪوشش وڻندڙ لڳي ٿي.

نئين ڪويتا ۾ بہ موت کي اينترو ئي شدت سان موضوع بڻايو ويندو رهيو آهي. گهڻو ڪري اُتي موت لاءِ 'پنهنجائپ' جو رُخُ رکيو ويو ٿو ڏسجي. ڪيترا وچارڪ اٿين قبول ڪندا رهيا آهن تہ اڄ جي ويچارشيل اِنسان جي من ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ڪنهن ڪنڊ ۾ مُبهم طور ئي سهي، Death-wish جو خيال رهيل هوندو آهي ۽ اهو اينترو ئي سڀاويڪ آهي، جيترو جيئڻ جي لالسا.

سور سپ سيني ۾
سوگها ڪري سمهي پياسين،
ننڊ جو رستو
متان موت جي در تائين هلي! (لڇمڻ ڪومل)

ننڊ ۽ موت جو اِهو رشتو ۽ رستو سنڌي شاعريءَ ۾ ڪلياڻ آڏواڻيءَ هن طرح شروع ڪيو هو:

ننڊ عارضي مَوتُ، مَوتُ ابدي ننڊ ٿيو
نيٺ ٿيون ٿا فوت، پاڻ هيري ننڊ تي! (ڪلياڻ آڏواڻي)
(ورهاڱي کان پوءِ جو چونڊ شعر-خادم)

## طنز

اٿين تہ طنز خود ۾ هرويرو موضوع ڪانهي. نہ ئي مذاح موضوع آهي. جئن جماليت بہ خود ۾ موضوع ڪانهي، پر شعر جي خيال جي پيشڪش جي اَنداز جو هڪ خاص نمونو آهي. پر پوءِ بہ، شعر ۾ ان جي اهميت موضوع کان گهٽ نہ آهي ۽ ان ڪري طنز واري شاعري خود ۾ هڪ پرڪار بہ بڻجي ويئي آهي. طنز شعر کي وينجنا-اِشاريت جي خوبيءَ سان ڀرپور ڪري ٿي ڇڏي.

آتما کي
ساڙي نٿو سگهجي،
ٻوڙي نٿو سگهجي،
ماري نٿو سگهجي،
- مگر - آتما کي،
وڪڻي تہ سگهجي ٿو! (ايم ڪمل)

کيڏا کيس ٿيا مَندَرَ ۾
پڳون ويني جاچيو چپ-چپ! (هري دلگير)

طنز لاءِ بہ بھتر موضوع آهن- هڪ ايشور ٻيو سياست. طنز جي سمجھڻ ڏکي نہ هجي، تہ اِها پاڻ مُرادو خوب ٻالهائي سگهندي آهي. پر جي ائين ناهي، تہ پوءِ سَمجھائي ان کي کُچَسو کيو چڏي!

مهربان ٿيو جيکڏهن وقت-
ايندڙ نسل تي،
قبرن مان ڳولهي کڍندو
۽ اُگھاڙو کندو اُنهن کي
پوجا کرائي ويا جيکي پنهنجي!
چوَ واٽن تي پتلا پوکارائي
سازشي حالتن هيٺ
هڪ مُکمل جاتيءَ جي
(اَهنسڪ)
هتيا کرڻ کان پوءِ بہ. (هريڪانت)

هريکانت جي سياسي طنز جا سَوَ مثال ملي ويندا جن ۾ ودروھ واکا کري رهيو آهي! ان کري ئي تہ هن جي اهڙي شاعريءَ تي سنڌ ۾ سيمينار بہ ٿيا هئا!
سياست ساڻ سماجڪ طنز جو اظهار ۽ سوبہ بنا کنهن آکروش جي-هئن ممکن ٿي سگهيو آهي:

دهشت خوف زناءُ اَنياءُ
هنسا هتيا ماتم
اڄ کلھ هي
منهنجي ملڪ جي
شهرن جا نالا آهن! (موهن همٿاڻي)

سماج ۾ طنز لاءِ موضوعن جي کڏهن کوٽ نہ رهي آهي.

کير ٿو اَڄ ڏسون کري چوري
چور پهرو ڏيڻ لڳا آهن! (کرشن راهي)

ها، طنز واري شاعريءَ ۾ اکثر تضاديہ فقرا ملندا آهن.

اوچيون ماڙيون ڏسون نڳيءَ جون
اَشرافن جو اَنگ اُگھاڙو. (کشن خوبچنداڻي 'رنجايل')

هت تضاديہ - حرفن سان طنز ئي جڻ موضوع يا مقصد پاسي ٿو!

هنسن جي محفل جي هاڻي
ڏسو صدارت ڪانءُ ڪري ٿو! (ٽيڪم 'آفتاب')

فقط شاعر ئي ايمانداريءَ سان دوُر جي سوچي ٿو!

ٿي چڪي ڌرتي سڄي تقسيم آ
هاڻي هن آڪاش جا ٽڪرا ڪندا! (لڇمڻ ڊُبي)

وڏا ڪوڙ وڏا ماڻهو وڏن ڪتابن ۾ لڪائن تہ ڇا چئجي؟

پنهنجا نالا چمڪائي ويا
تواريخن کي پنيلائي ويا! (شريڪانت صدف)

طنز ۾ شاعر خدا جي حفاظت جي بہ چنتا ڪري سگهن ٿا!

هڪ خبر 'نيت' تي خدا ڏياري
ساڌو سنتن کان هو خفا آهي! (ونود آسوداڻي)

## ناري - چيتنا

سنڌي شاعريءَ ۾ ائين تہ ڪوي يا شاعر روحاني، جمالياتي چاهي ٻي گهڻي شاعريءَ ۾ 'اِستريءَ' بابت ئي وڏيڪ پاونا جو اظهار ڪندو رهيو آهي، چوجو پرش روپ ۾ شاعر جي نگاهہ ۾ اِستري فوڪس ۾ رهي اهو سياويڪ بہ آهي. پر اِستري جي آتم سنمان يا ناري چيتنا کي ئي خاص طور موضوع بڻائي شاعري ڪرڻ ٻي ڳالهہ آهي. اتي اسان کي قبول ڪرڻو پوندو تہ ٻين ڀاشائن جيان سنڌيءَ ۾ بہ، ناري چيتنا لاءِ وري بہ اِستريءَ طرفان آيل ڪويتا ۾ ئي جوڳي جڳهہ ملي آهي. البت پُرش پرڌان سماج ۾ پُرش ڪوين اِستريءَ جي سمان اَڌڪار ۽ دک درد لاءِ بلڪل نہ لکيو آهي، ائين بہ ڪونهي.

واسديو موهيءَ جي ٻن سٽن ۾ اهو درد بيشڪ اپريو آهي: هيءُ مثال هت وري ڏسوُن:

جسم فوٽ بال، چُلهہ يا نمائش بڻن،
ڪونہ تہ بہ عورتون، ٿي سگهن عورتون! (واسديو موهي)

پل مرد ڪيترو بہ سچ چَوَن، ناريءَ جو درد ناري ئي جاڻي سگهي ٿي. ڪلا پرڪاش اهو ثابت ڪيو آهي. هئن:

زال ذات جو جنم ئي اهڙو آهي،
اهو ڏنگ بہ سَهڻو ٿو پوي.
گَهرُ بہ تنهنجو آهي

وَرُ بہ تنھنجو آھي
کنوار! تون ڇو ٿي لڇين ڦٿڪين؟ (ڪلا پرڪاش)

اِستريءَ جي ويدنا جو ڪلاتمڪ اظهار تمام درلڀ رهيو آهي پر رهيو اوس آهي:

سِڄُ آهي ڇوڪري
پنهنجي ٻاهه ۾ پاڻ سڙندي
شام جو ٻُڏي ويندي!
سُپنو آهي ڇوڪري
جيڪو چادر تي ليٽي
ڪوڙ پڇاڙي ننڊ ٿو ڪري! (ومي سدارنگاڻي)

ماءُ کي تہ گهري ننڊ ۾ بہ
پتو هوندو آ پاسي ۾ سُتل ٻار جو حال
شايد انهيءَ ڪري ٿي
پڳهوان کي ماءُ نہ
پر پتا چيو ويندو آ. (وينا ڪرمچنداڻي)

اِستري ۽ پُرش جي سماجڪ حالتن جي ورهاست عجيب روپ ورتو آهي. اَڳ اِستري گهر سنڀاليندي هئي، پُرش ڪمائڻ جو ڪاروبارُ. پوءِ وري نين حالتن ۾ اِستري بہ ڪمائڻ لڳي. پر پُرش گهر سنڀالڻ قبول ڪونہ ڪيو.

منهنجي نصيب ۾ نہ آرام ڪرسي آهي،
نہ چانهہ جو پيالو
نہ شاهہ جو رسالو
چلهہ چڪلو ويلڻ آهن مون لاءِ! (ومي سدارنگاڻي)

اَڪثر هر طرح جي موضوعن جا سلسلا انيڪ ڪوين وٽ ملن ٿا. تن ۾ ڪي تہ اَهڙا آهن، جن بابت چئي سگهبو تہ شايد ئي ڪو شاعر ملي جنهن اُنهن تي شعر نہ لکيو هجي. جيئن سنڌيت، ترقي پسند نظريو يا ان جي بنھ ويجهو سماجڪ نظريو، رومانيت، جماليات، قدرت وغيره.

هن اڀياس ۾ موضوعن نسبت عام وضاحت بہ اوس ٿيندي رهندي ۽ خاصو موضوعاتي شاعريءَ جو حصو بہ الڳ رٿيل آهي. پر اَڃا ڪيترا ئي عام موضوع بہ آهن، جن تي شاعر لکندا رهيا آهن. تن مان ڪن تي اَڳ لکجندو هو، هاڻ ڪونہ ٿو لکجي- جيئن سماجڪ بُرايون يا سُڌارا يا ڌارمڪ نصيحَتون. ڪن تي وري اڳ ڪونہ لکجندو هو، هاڻ لکجي پيو- جيئن شهريت، جديديت، ٻنو وهنوار، پيار جو وهنوارڪ روپ، آتمڪ چنتن ۾ هستيوادي رُخُ، سياسي طنز ۾ تکي نوڪدار اِشاريت پري نظر وغيره. اهو فرق وقت جي بدليل لاڙن موڙن جو سڀاويڪ نتيجو آهي. ان سڀ ساڻ اڄ جي شاعريءَ ۾ جماليات ۽ نفس جي وڌيڪ بهتر ۽ اِشاريت پري پيشڪش ڏسجي ٿي. اِن ڪان سواءِ بہ وڏا فرق ٻيا بہ آهن. ٻوليءَ جي لحاظ ڪان بہ ۽ پڻ صنفن جي لحاظ ڪان بہ وڏو فرق نظر اَچڻ بہ ايترو ئي سڀاويڪ آهي. ڇو جو هاڻ ڪافي وقت ڪان پوءِ سنڌ واريون روايتون بہ ڏسا بدلائيندين نظر اَچن ٿيون. البت ان سڀ بابت ٽيڪنيڪل تفصيل ان جي خاص الڳ رٿيل باب ۾ ڏسي سگهنداسين.

عام موضوعن بابت مکيہ موضوعن ڪان پوءِ ڪيترا نوان، يا رواجي يا وهندڙ جيون متعلق ايندڙ موضوع هڪ سرسري نظر سان ڏسڻ سان وقت جي بدلاوَ جي بہ سَمَجَهہ پوي ٿي.

## اَڪيلائپ

سوُر پچار سين ڪي ساٿي  
پوءِ بہ هرڪو تنها تنها. (نارائڻ شيام)

اڪيلائپ اَڄ جي يگ جو وڏو سراپ آهي. اِنسان اَڄ پيڙ ۾ اڪيلو آهي. تنها تنها آهي. اسان جي اَڄ جي زماني جي نوجوان شاعر منوج چاولا جو تخلص ئي 'تنها' آهي- ائين هڪ شاعرا جو بہ تخلص شيلو 'تنها' آهي. (اَپواد روپ ڪيترا ذڪر سن ٢٠٠٠ ڪان پوءِ جا بہ ڪرڻ ضروري ٿا لڳن.)

جڏهن جڏهن ٿي سُڃاڻپ ڪنهن سان  
ائين لڳو تہ اَڪيلو آهيان! (اَرجن حاسد)

من جي ويرانيءَ جو وري هيءُ منظر ڏِسوُن:

تنها تنها وينو آهيان  
روز رُئڻ جا سوَلو آهي! (ونود آسوداڻي)

## گهر

'گهر' اِنسان جو آکيرو آهي. ڌرتيءَ جي آخرين ڪنڊ آهي ۽ ائين شاعرن گهر جي موضوع تي بہ اڪثر قلم هلايو آهي:

گھر جا ڀاتي، جڻ تہ گھر ۾ گڏ اَڪيلا ٿا رھن
پنھنجي پنھنجي گھر ۾ آھن، پنھنجا پنھنجا اجنبي!
’گھر‘ ۽ ’مڪان‘ جو فرق تہ ظاھر آھي- مڪان سلامت آھن پر.....
ھر رات گھر ڏگ ڀيل سائيڪل جيان لڙڪڙائي ٿو اُٿي....        (پريم پرڪاش)

## زندگيءَ جي ڪشمڪش

ھيءَ اَڪيلي اُداس ارٿ ھيڻ زندگي.
صبح جي
چانھہ جي ڪوپ کان
رات جي
کير جي ڪوپ تائين،
بير جي گلاس مٿان لنگھندڙ
ڪا ھڪ حسين گھڙي بہ نہ ٿي ڏئي!        (موھن ديپ)

جديد شاعر جي جديد زندگيءَ جي ڪشمڪش جي اھا تصوير گھڻو ڪجھہ چئي ٿي وڃي. زندگي ’اُداس‘ ۽ ’ارٿ ھيڻ‘ لڳي آھي ھن کي. آشاوادي يا شفي نظريي Positive Thinking واري نظريي جي سامھوُن ھيءَ ھڪ للڪار آھي. پر سَچائيءَ جي سُڳند کان خالي بہ تہ نہ آھي.

## آتنڪواد

پوري دنيا ۾ آتنڪواد جي ڌھڪاوَ جي ڪِنوڻ ڪڄي رھي آھي. نہ ڌرتي سلامت آھي ۽ نہ آسمان. آمريڪا ۾ اَھڙو وڏو قھر آسمان مان آيو ۽ ڀارت ۾ عاليشان ھوٽل جي ڌرتيءَ تي. شاعر جي نظر اُنھن جي پنيان ڪم ڪندڙ طاقتن تي پوي ٿي:

خدا جي واسطي سوچڻ ڇڏي ڏيو!
ڀڳوان توھان جو ڀلو ڪندو.
توھان کي ٻيو ڪجھہ بہ نہ ڪرڻو آھي.
فقط مرڻو ۽ مارڻو آھي.
خدا جي واسطي سوچڻ ڇڏي ڏيو!        (نامديو تاراچنداڻي)

## شھريت

مھانگري جيون ۾ ڊڪ ڊوڙ ۾ ڪنھن کي مرڻ جي فرصت نہ آھي. شھر جي رُڃ، ريگستان جي رُڃ کان ڀيانڪ آھي.

ريگستان جي رُڃ
ريگستان کان ريگستان تائين آھي.

شهر جي رُڃ ته
زمين کان آسمان تائين آهي.
پئسو عهدو ڏنڊو واپار!
نوڪر چاڪر بنگلو ڪار!
عيش آرام عورتون يار! (ڪرشن راهي)

**ديو مالائي Mythological حوالا** به جديد ڪويتا ۾ جديد نموني ۾ لڳاتار ايندا رهيا آهن:

موت جي مُنهن مان
رَتَ جو ڦيٽو ڇڪيندڙ
آءٌ خود ئي آهيان- سوريه پتر ڪَرڻُ!
رتوڇاڻ وچ ۾ گيتا ڳائيندي
لاشن گدر ڦيرا پائيندي
مان ئي آهيان مهارٿي ڪَرَڻُ! (شيام جئسنگهاڻي)

## مذهبي تعصب

ڪٿي نه ڪٿي مذهبي تعصب جو ڪو پُراڻو حوالو جديد شاعريءَ ۾ ذڪريل ملي وڃي ٿو. جيتوڻيڪ اسان جو شاعر اڄ اِنهيءَ تعصبي وهنوار کي فقط طنز جو ئي حصو بڻائي ٿو.

تڏهن هڪ گهوڙيي به
اُهي لفظ پڙهيا
۽ وڏي واڪي چيائين
"هندو پاڻي.... مسلمان پاڻي"
۽ ريل هلڻ لڳي! (نند جويري)

## منو وگيانڪ سوچ

جي هجي ميرو وڳو. بدليون ڪٿي
پر اُداسيءَ کي ڪٿي لاهي اَڇوُن! (لڇمڻ دُبي)

جديد زندگيءَ جي هر هنڌ حاضر هڪ 'اُداسي' ۽ مهانگائي به عام موضوع آهن.

## مهانگائي

هي ڪاڏي جون شيون هاڻي ڏسڻ جي لاءِ نظر ايندیون
جو ڪائڻ کان مهانگائيءَ ڏسڻ تي آهي پهچايو! (ڪرشن راهي)

ڳوهي ڳوهي ڏينهن کي، هن رات جي ماني ڪئي،
عمر هن اڻين ئي وڏائي، زندگي ڪائي هتي! (ايم.ڪمل)

## ڍڪوسليبازي (دَنبُ)

منهن مان ٿي ماڻهو نہ سُڃاڻو
چهرو جنهن کي پنهنجو ناهي!　　　　(ڪرشن راهي)

اڳ دکايل پارن وڏن ڪوين بہ اِنقلاب، هولي، ڏياري، برسات، بهار، هاري ناريءَ تي، رَسمي سماجڪ ڏِڻن تي بہ شعر لکيا آهن. پر هاڻ اهڙيون روايتون بہ بدليون آهن تہ نظر ۽ انداز بہ بدليا آهن. ايترو ٿي نہ لفظن جي اپيوگ ۾ بہ وڏي تبديلي آئي آهي. البت اَهڙن مُدَن تي سوچ ويچار جي گنجائش صنفن ۽ اظهار جي نَوَن طريقن جي سلسلي ۾ وڌيڪ موزون آهي.

موضوعن بابت ائين هڪ ڳالهہ دلچسپيءَ سان ڏسڻ جهڙي بہ ملي ٿي وڃي. شاعريءَ ۾ بہ ڪڏهن ڪڏهن حسين اتفاق ٿيندا رهندا آهن. ڪو موضوع يا ڪا تمثيلي مُشابهت ڪٿي پڙهيل ٻڌل هجي، ۽ چت کي وڻي وئي هجي، تہ اسان جي Sub-Conscious-mind ۾ ڪٿي دَرج Feed ٿي وڃي ٿي، وري ڪڏهن ڪنهن وابسطہ ڪُنڊ واري اظهار وقت اُها ان سان بنا سڄيتيءَ جي شامل ٿي وڃي ٿي ۽ ٻن الڳ شاعرن جا خيال ڪافي ملندڙ لڳڻ جو حسين اِتفاق ٿي وڃي ٿو. ان سلسلي ۾ ڪڏهن اِميج جهڙي وجهڻ بجاءِ، ڪي نقاد وري اِميج جهڙي ۽ جاڙي واڙي نقل ڪرڻ جو ڀرم پيدا ڪري پنهنجي علميت تي ڪالر مٿي ڪرڻ جو موقعو ناهي وڃندا آهن، جيڪو صحيح نہ آهي.

هڪ اڌ مثال موضوع جي مشابهت جو ڏسڻ بہ نيڪ ٿيندو:

مُنهن مومل جو، محبوباڻو لڳندو آ
هن جي سامهون چنڊ پراڻو لڳندو آ.　　　　(پريو وفا)

هڪ مشهور هندي فلمي گيت ۾ ساڳيو خيال هن طرح آيو آهي:

روپ سُهانا لگتا هئہ- چاند پُرانا لگتا هئہ-
تيري آگي او جانم!

ڪڏهن وري اتفاق سان ائين بہ ٿئي ٿو جو شاعر پنهنجو ڪو تصور ٻئي نموني دهرائي ٿو. البت اهو بنسبت وڌيڪ سياويڪ آهي، جئن: واسديو موهيءَ جا بہ شعر هن طرح ملن ٿا:

ٻار ٿهڪن ۾ اَچي چٽڪي جئن
مينهن اهڙو ٿو وسي، سمنڊ مٿان!　　　　(واسديو موهي)
مينهن وسڻ وقت صرف سمنڊ پسيو
کيت ننڊ ۾ - وڦلندو رهيو.　　　　(واسديو موهي)

ائين ڏٺو وڃي تہ عام موضوعن جي ڪٿ وري بہ ڪري سگهجي پر ڪا ڳٽپ ڪرڻ مشڪل آهي. هڪ غزل ۾ ٿي ڪيترا مختلف خيال، موضوع ملي ٿا وڃن ۽ سوين شاعرن جون غزل جون رچنائون تہ هزارين! ان ڪري سنڌي ڪويتا جي اڀياس ۾ موضوعن نسبت عام ڪٿ کان اڳ خاص موضوع (موضوعاتي ڪويتا) جي جاچ پرک ڪري ڏسجي. اِن سلسلي ۾ اول ڪي خاص اهڙا ڪتاب ڏيان تي آڻٹا پوندا جي ڪنهن موضوع تي آڌار رکي لکيل آهن.

## 5.2 1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا جا خاص موضوع

1950 بعد سنڌي شاعريءَ جي هن اڀياس ۾ موضوعن جي حوالي ۾، هيستائين، موضوع جي وضاحت ۽ تحقيقات ۽ عام موضوع نسبت تفصيل ۽ مثال ۽ پڻ اُنهن جي اُپٽار ٿي آهي.

هاڻ هت موضوعن جي حوالي جو ٻيو روپ پيش آهي جنهن ۾ خاص موضوع جي سلسلي ۾، اَهڙن موضوعن بابت تفصيل ۽ مثال جاچڻا آهن، جن جي آڌار تي 'موضوعاتي شاعريءَ' جا ڪيترا اهم ڪتاب ملندا رهيا آهن.

هونءَ عام طور، ساهتيہ رچنا کي مکيہ ٻن روپن ۾ ورهايو ويندو آهي.

هڪ - نثر ، ٻہ - نظم

وري جئن نثر جا انيڪ روپ آهن- تئن نظم جا يعني شاعري يا ڪويتا جا بہ ٻہ مکيہ روپ مڃڻ ۾ ايندا آهن-

هڪ - پربنڌ ڪاويہ - جنهن ۾ ڪاويہ رچنا جي ڪن خاص نيمن انوسار رچنا ٿيندي آهي خاص طور کنڊ ڪاويہ ۽ مها ڪاويہ.

ٻہ - مُڪت ڪاويہ - هن ۾ وري نيم يا پابنديءَ کان سواءِ مُڪت روپ ۾ رچنا ٿيندي آهي ۽ انهن جا بہ نِنڍا نِنڍا انيڪ روپ ٿيندا آهن. خاص ڪري، ڇند واري رچنا ۽ بنا ڇند واري رچنا. وري ڇند واري رچنا جا بہ انيڪ روپ ٿيندا آهن. اُنهن جي با تفصيل اُپٽار هن اڀياس جي ڇهين باب ۾، صنفن جي سلسلي ۾ ڪرڻ جو ارادو آهي، جنهن کي هُتِ 'اظهار جي نَوَن طريقن' جي حوالي سان جاچڻو ۽ پرکڻو آهي.

هنن سيني ڪاويہ - روپن ۾ ڪم ايندڙ ڇندن النڪارن جي ڳالھہ ٻولھہ پڻ اتي ئي ڪرڻ جڳائي.

پر جيستائين موضوعن جو سوال آهي، اها ماجرا الڳ آهي. شاعري چاهي بنڌن واري هجي يا مُڪت رچنا هجي. موضوع اوس ئي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اَچڻا آهن، جن کي خيال، مضمون، Theme، وشيہ وستو بہ چئون ٿا.

جتي خاص طور موضوع کي ئي فوڪس ۾ رکي ڪاويہ رچنا ڪئي وڃي ٿي، ان کي موضوعاتي شاعريءَ طور سُڃاتو وڃي ٿو. ڇو جو ڪو خاص موضوع اتي نہ فقط مکيہ آڌار بڻجي ٿو، پر اتي ان بابت وستار سان تفصيلوار ورڻن ڪيو ويندو آهي. ڪيترين رچنائون تہ پورو ڪتاب هڪ خاص موضوع تي آڌار رکندڙ هونديون آهن. جن ۾ ڪي تہ 'ڪٿا ڪاويہ' يا 'جيوني ڪاويہ' بہ هوندا آهن. البت اتي ڪن ۾ خاص موضوع سان ڪيترا ٻيا نِنڍا موضوع پڻ هم راھہ ٿيندا آهن.

هت اهڙن خاص موضوعاتي شاعريءَ جي اڀياس جي سلسلي ۾ اول ڪجھہ اهڙا خاص ڪتاب اڀياس هيٺ آڻڻ ٺيڪ ٿيندو. جئن پوءِ 'خاص موضوع' بابت ڪي نڪتا، ظاهر ٿي سگهن.

### خاص موضوع واري موضوعاتي شاعريءَ جا ڪي اهم ڪتاب

(هت هنن ڪتابن جي موضوعن بابت موضوعن جي نسبت اڀياس محدود رهندو. رچنا روپ جا حوالا اڳتي الڳ وشيہ سان وابسطہ آهن.)

**جڳمڳ جوت** (گوتم ٻڌ جي جيونيءَ جي موضوعاتي ڪويتا)

روپ ڪمار ''گهايل'' جي هن ڪتاب تي مثال لکيل آهي- سڄي هند ۽ سنڌ ۾، سنڌي ڀاشا جو پهريون مهاڪاويه (1991). هن نظم جي ڪتاب جو خاص (مکيه) موضوع آهي گوتم ٻڌ جي جيوني. ڪتاب ۾ مهاڪاويه جي روايت جو ڌيان رکيو ويو آهي. پهرين ارپڻ، پوءِ نويدن، پوءِ وندن ان روايت جا حصا آهن. تنهن کان پوءِ مهاڪاويه جي سرگ طور هڪ کان ٻارهن سرگ (باب) آهن جن ۾ هر هڪ جي شروعات ۾ سنڌيءَ جي مکيه شاعرن جي ''اُستتي'' (وندن) سان شروع ڪري گوتم ٻڌ جي جيونيءَ جا مکيه جاتل سڃاتل اَنش الڳ الڳ چندن ۾ شاعريءَ ۾ بيان ڪيل آهن. خاص موضوع طور گوتم ٻڌ جي جيونيءَ جي بياني شاعريءَ کان الڳ، ان ۾ ٻڌ جي مهما ۽ گيان جو سار ڏيڻ جي ڪوشش به ڪيل آهي.

مثال- ٻڌ ڌرم هئو ٻَڌَل ٻُڌيءَ تي،
زور ان جو ڪَرَمَ شُڌيءَ تي،
ڪرم ڪانڌ جو ٻڌ ويري هو.
سداچار جو اوُ پيري هو. (ص-٥٥)

هنن سٽن ۾ ٻڌ جي جيون جو عرق سمايل آهي. اها تمام وڏي ۽ اهم ڳالهه آهي جيڪا ٻُڌَ جي گيان جو آڌار بڻي ته هن 'ٻُڌي' تي ٻَڌل گيان کي اهميت ڏني هئي ۽ ڪرم ڪانڌ جو وروڌ ڪيو هو. 'سداچار' ئي هن جي جيون جو وڏو سنديش هو. ڪئن نه ايترين ننڍين ۽ ٿورين سٽن ۾ هن شاعر گوتم جي جيون جو سنيهو سمايو آهي.

ڪٿا ڪاويه ۽ جيوني ڪاويه Biographical Poetry جون جيڪي جاتل سڃاتل مريادائون اڪثر عام آهن، سي به اُوس هن ڪتاب ۾ آهن- پوءِ به هن ڪتاب جي ٽن مکيه پهلن تي ضرور شاعر کي چڱي سڦلتا ملي آهي:

١- مها ڪاويه جي روپ ۾ شاعريءَ جي سنڌيءَ ۾ پهرين ڪوشش.
٢- گوتم ٻڌ جي حياتيءَ جا مکيه ورق.
٣- گوتم جي جيون جي تمام اهم سنديش جو عرق.

اها ڳالهه هت قبول ڪرڻي پوندي ته شاعريءَ جي نزاڪت واري ٻولي ۽ پڻ فن-شاعريءَ جي ماڻن ماپن سان نڀائيندي شاعريءَ جي گهربل منظر ڪشيءَ جي لحاظ کان هيءَ رچنا ايتري وڏي مقبوليت نه پائي سگهي آهي، چاهي ان جو رچنا روپ ''اَساڌارڻ'' آهي ۽ پڻ نرالي ۽ خاص موضوع سان نباهه به ڪافي حد تائين ڪامياب رهيو آهي. جنهن لاءِ ڪجهه مثالي شعر هت ڏسڻ بيجاءِ نه ٿيندو:

ديون جو ڀي ٻُڌُ هو ديو
مگر نه هوُ هو پٿر جو ديو
اهنسا، ديا جو ساگر هو
اِنسانيت سان تر به تر هو!

وڏي صدق سان مان بہ چوان ٿو
گوتم ٻُڌ جي شرن وڃان ٿو
ٻوڌ ڌرم جي شرن وڃان ٿو
ٻُڌ جي سنگھہ جي شرن وڃان ٿو! (روپڪمار گھايل)

**عملي - عامل** (چوئٿرام گدواڻيءَ جي جيوني جي موضوعاتي ڪويتا)

روپ ڪمار ''گھايل'' جو هيءُ ٻيون مها ڪاويہ بہ ڪٿا ڪاويہ ۽ جيوني ڪاويہ جي رچنا روپ ۾ ١٩٩٢ ۾ شايع ٿيو آهي. هن ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ جي جيونيءَ جو خاص موضوع ان جو آڌار آهي.

هن موضوعاتي ڪاويہ رچنا ۾ بہ مهاڪاويہ جي ٽيڪنيڪل گھرجن کي ڌيان ۾ رَکي، ارپڻ، نويدن ۽ ٻارهن سرگ رتائتي جيونيءَ جي پيش ڪش ڏنل آهي.

چوئٿرام گدواڻيءَ جي سماجڪ جيون سان هت هن صاحب هن جي شخصيت کي بہ نظم ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

سفيد ڪاڌي پهرڻ وارو
دَمَ سببان نت سهڪڻ وارو
گانڌي ٽوپي، قد جو ڇوٽو،
دل جو ليڪن شاهہ، نہ ڪوٽو! (روپ ڪمار گھايل)

جئن گوتم ٻُڌ جي جيوني هر پاڻڪ لاءِ چاتل موضوع هئڻ سان شاعريءَ کي آتم-سات ڪرڻ جي سهوليت هئي، تئن هت نظر ڪانہ ٿي اَچي. هن خاص موضوعاتي شاعريءَ ۾ هڪ ٿي اهم مقصد ڇٽو آهي تہ شاعر 'مها ڪاويہ' لکي رهيو آهي، جيڪا هن جي من جي هڪ وڏي ڳالهہ آهي.

اهم مقصد سُجاڳيءَ ۾ رهڻ سان، شاعريءَ جي موضوع سان تہ وري بہ نڀائڻ ڪجھہ ممڪن ٿيو آهي، پر شاعريءَ جي ڪلا فن جي لحاظ کان، پهرين مها ڪاويہ جيان، مريادا رهي آهي ۽ ان ڪري هيءَ رچنا پڻ ايتري گھٽي 'آساڌارڻ' ڪانہ ٿي سگھي آهي. فقط ان ڳالهہ جو سهارو، تہ اڳ ڪنهن 'مهاڪاويہ' ڪونہ لکيو آهي، ڪا رچنا 'مهان' ڪانہ ٿي بڻجي.

هت هڪ بہ ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي:

'مهاڪاويہ' کي ڪنهن بہ ساهتيڪ پنڊت ڪڏهن بہ 'مهان ڪاويہ' ڪونہ ڪوٺيو آهي. ڪابہ رچنا ڪاويہ گڻن سان مهان ٿيندي آهي! ٻيو اِهو تہ، گجراتي ساهتيہ ۾ اسان کان تمام وڏي روايت ۽ بي شمار ساهتيڪ پنڊار هوندي بہ، اتي 'هڪ بہ مهاڪاويہ' جي رچنا ڪانہ ٿي ملي. نہ اڳ، نہ هاڻي. هنن کي ان ڳالهہ جو ڪو بہ افسوس ڪونهي. ڇو جو هنن وٽ مهان ڪوين ۽ ڪويتائن جو تہ وڏو پنڊار آهي.

پر ان ڪري ڪو هن رچنا جو قدر گھٽ ڪونہ ٿو ٿئي. ان جو 'جوڳو' قدر تہ اوس ڏيڻو آهي. جي خاص قدر نہ ڏيو آهي تہ ان جي شاعريءَ جي فن جي مريادا ان جو ڪارڻ بڻي هوندي. هونءَ بہ، هن ٿي ايياس ۾، شروعات ۾، تاتپرج ۾ لکيو ٿي ويو آهي تہ موضوعاتي شاعري داخلي گھٽ، خارجي وڌيڪ رهڻي آهي ۽ ان ڪري اُها ڪٿا ڪاويہ يا خاص موضوع جي بار ٻوجھہ جو تہ سامنو ڪندي آهي. هت وري موضوع جو सर्व-विदित نہ هئڻ بہ ڪجھہ تہ ضرور کٽڪيو هوندو.

**لاڪيڙو - لعل** (سنت ڪنوررام جي جيونيءَ جي خاص موضوعاتي ڪويتا)

موضوعاتي شاعري- ڪٿا ڪاويہ - جيوني ڪاويہ جي سلسلي ۾ روپ ڪمار 'گهايل' جو هيءُ ٽيون مها ڪاويہ ۱۹۹۴ ۾ شايع ٿيو آهي. هن ۾ 'امر شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب' جي جيوني ڪويتا ۾ ڏنل آهي. ساڳي طرز تي، هن ڪتاب ۾ بہ، شاعر ارپڻ، نويدن، وندن ۽ پوءِ ٻارهن سرگ جي مها ڪاويہ جي ٽيڪنيڪل رِتا عمل ۾ آندي آهي. هت ڪتاب ۾ هن صاحب 'مها ڪاويہ جون خصوصيتون' جي وچور بہ ڏني آهي.

ڪنوررام جي جيونيءَ جو سارانش هت بہ بهتر نموني پيش ٿيو آهي:

جڳ ۾ بيحد پيارو ٿيندين
ونڊ چڙي تون سڀ کي ڏيندين
رهي سنڌ پل خالي جهولي
لولي، لعل دلارا لولي! (روپڪمار 'گهايل')

هت ڪنور رام لاءِ چيل هن جي گرو جيءَ جي لفظن ۾ اڻ سڌيءَ طرح ڪنوررام جي گڻن کي پيش ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب جي موضوع لاءِ، سنڌيءَ جي حوالي سان، सर्व-विदित جي ساکشي تہ ڪري سگهنداسين ۽ ان ڪري هت موضوع جي نباھ جي سنڪٽ جو خاص سوال ڪونہ ٿو پيدا ٿئي. پوءِ بہ شاعراڻي نزاڪت ڪٿا ڪاويہ جي هن قسم جي ڪاويہ ۾ خارجي رهڻ واري مريادا ڪان بچڻ ڪونہ ٿي سگهيو آهي. اهڙا اَپواد 'رام چرت مانَس' جهڙا گرنٿ ورلي ٿيا آهن. پوءِ بہ ايترو مڃڻ مراد آهي تہ هن شاعر سنڌي شاعريءَ ۾، اڪيلي سر ٿي خاص موضوعاتي شعر جا ڪتاب ڏيئي، اهم ڪوٽ پوري ڪرڻ جو جتن ڪيو آهي. ان ڳالھ جو اُوس ئي اِتهاس ۾ جوڳو قدر ٿيڻ گهرجي. جيستائين هن ايپاس ۾ خاص موضوعاتي شاعريءَ جو واسطو آهي، اهي ٽيئي ڪتاب، پنهنجو پاڻ ۾ عمدا مثال آهن. چاهي شاستريہ درشٽيءَ کان اهي مها ڪاويہ چوڻ ڏکيا آهن. چو جو اُنهن ۾ بين ڪن ڳالهين ساڻ اتهاسڪ پوراڻڪ شخصيت جو پورو جيون ڪونہ ٿو ملي.

**روپ مايا** (جمالياتي شرنگار رس جو ميلاپ وارو مينڪا ۽ وشوا متر جي ملن جو موضوع)

سنڌي شاعريءَ جي هاڻوڪي اِتهاس ۾ هند ۾ نارائڻ شيام هِڪ ئي سُر ۾ سِرمور شاعر مڃيو وڃي ٿو. هن جي مُڪت ڪويتا جو تہ وڏو ۽ بهتر ڀنڊار آهي، پر هن جو ڪاويہ 'روپ مايا' هت موضوعاتي ڪاويہ طور جاچڻ دلچسپ ٿيندو، جنهن کي عام طور 'کنڊ ڪاويہ' (يا چوڻ گهرجي 'لگهو کنڊ ڪاويہ') چيو وڃي ٿو. هونءَ بہ اهي ماڻ- ماپا، تمام خاص ڪاويہ رچنائون، پنهنجي طرف ۾، بدلائي سگهنديون آهن. مثال جيہ شنڪر پرساد جي رچنا 'ڪاماينيِ' مها ڪاويہ طور مشهور آهي، پر اهو بہ شاستريہ نيمن سان تہ مها ڪاويہ ڪونہ آهي. وري 'رشميرَٿِي' रश्मिरथी رام ڌاري سنگهہ دِنڪرَ جي رچنا تہ 'کنڊ ڪاويہ' هوندي بہ، ايتري پرڪيات تي جو ان کي 'مها ڪاويہ' بہ چيو ويو آهي.

پر هت 'روپ-مايا' جو حوالو موضوعاتي ڪاويہ جي سلسلي ۾ ئي واسطو رکي ٿو. ان ۾ مهارشي

وِشوامتر ۽ اَپسرا مينڪا جو پريم پرسنگ يا اَصل ۾ شرير سان موهت ٿيڻ ۽ سماگم لاءِ اُتساهت ٿيڻ جو پرسنگ موضوع روپ ۾ اَچي ٿو. جنهن جي پنيان اِندر ديوتا ۽ ڪامديو جي ’وشوامتر جي تپسيا ڀنگ ڪرڻ جي مُراد‘ جي ڪٿا بہ لڪل آهي. هن ڪنڊ ڪاويہ ۾ موضوع تہ واهہ جو ۽ تمام ڪشش ڪندڙ ڪنيل آهي. پر ڪوي نارائڻ شيام جي رچنا جو مُکيہ اُديش ڪٿا چوڻ بنه نہ آهي. هن جو اِصل اُديشيہ سندرتا جو چِترَڻُ آهي، جنهن ۾ قدرت ۽ ڪامنيءَ جي سندرتا جو سَموهن ڪندڙ ورڻن آهي ۽ ان ۾ ڪوي بيشڪ سڦل ٿيو آهي. ان ڪري ’روپ-مايا‘ جمالياتي شاعريءَ جو سِنڌيءَ ۾ سرمور ڪاويہ مڃيو ويو آهي. تنهن سان گڏ هت اهو رايو بہ شامل ڪرڻ صحيح ٿيندو تہ سنڌي شاعريءَ جي اِيياس ۾، موضوعاتي شاعريءَ جي سلسلي ۾ بہ، خاص موضوع طور ۽ ڪٿا ڪاويہ جي روپ ۾، ’روپ-مايا‘ سڀ کان وڌيڪ ملهائتو، جمالياتي، ساهتيڪ جڳت ۾ سيني ودوانن جو يڪ راءِ قبوليل شاعراڻو ڪرشمو آهي. هڪ مثال:

چيلهہ تي جٺن ٿي رکيس هن هٿ وٺي هيسائجي،
ائين ڏکيس ڇاتي ٿي، جٺن ڇيڙي ڪوئي هنڊول راڳ،
پريم جي ياڪُرَ ۾ ڪنبندڙ جسم ويو بس شانت ٿي،
ڏيري ڏيري ڇڻ ويو خاموش ٿي هنڊول راڳ! (نارائڻ شيام)

**مَٽِڪوُ** (هڪ ڪردار واري-غريبيءَ جي انتها واري موضوعاتي ڪويتائن جو سلسلو)

موضوعاتي شاعريءَ ۾ ’’مٽڪو‘‘ بہ پنهنجو پاڻ ۾ ڪنهن ڪرشمي کان گهٽ نہ آهي. هيءُ ڪتاب ائين تہ ’مُڪت‘ ڪويتائن جو هڪ سنگرهہ آهي، پر ان ۾ هڪ ئي ڪردار جي حوالي سان هڪ ڪٿا جو سلسلو هئڻ ڪري اهو ڪٿا ڪاويہ جو، پڻ ڪنهن حد تائين ڪنڊ ڪاويہ جو پرڀاءُ يا آڀاس ڏئي ٿو.

هن سنگرهہ ۾ ’مٽڪو‘ نالي ڪردار جي جيون جي آس پاس جا ڪيترا چتر آهن، جيڪي بيحد غريب طبقي جي- ڦٽپاٿ تي جيئڻ واري طبقي جي زندگيءَ جا پيچرا کٽي ٿا هلن. پيانڪ غريبيءَ جا اهڙا چتر جو پريمچند جي هندي ڪهاڻيءَ ’ڪفن‘ جا ڪردار بہ هنن اڳيان سُکيا ستابا نظر ٿا اَچن، جو هو زور سان کلي ڳالهائي ۽ ٻين سان چل بہ ڪري سگهن ٿا.

ٿن ڏينهن کان پوءِ
جمنيءَ ٻاجهري آندي آهي
هن ننڍڙي ڳام ۾
مجوري ڪڏهن ڪڏهن ئي تہ ملي ٿي.
اَڄ بہ نہ ملي،
نيٺ
هوءَ دڪان جي ڪنڊ ۾ سُسندي ويئي
تہ جيوي پساريءَ جي دل
ويڪري ٿيندي ويئي! (واسديو موهي)

’غريبي‘ ئي هن ڪتاب جي ڪويتائن جو مکيہ موضوع آهي. مٽڪو نالي وارو ڪردار تہ نمت

آهي. هو هڪ ڪردار نہ پر هزارن مان هڪ آهي. هن ڪتاب جو اَصلي فوڪس آهي ’گهرُ‘. هيءَ ڪويتائن جو مجموعو هئڻ جي باوجود، سڀئي ڪويتائون هڪ ڪردار، جي بيحد مسڪيني حالت ان جو موضوع آهي ۽ اها ’فوٽ پاٿ‘ جي فرش ۽ ٻَڙ جي وڻ کي ڇت وارو ’گهر‘ چوڻ وارن جي زندگيءَ کي ’زندگي‘ چوڻ جي مجبوريءَ جو داستان آهي.

**واپسي** (موضوع هڪ ڪردار واري لنبي ڪويتا جو سلسلو: جديد دورجا رشتا)

گوپ ڪمل جو هيءُ ڪتاب بہ ’مٽڪو‘ جيان، نئين ڪويتا جو هڪ مائيل اِسٽون رهيو آهي. اهو بہ ’هڪ ٿي ڪردار‘ واري سلسلي وارو ڪويتائن جو سنگرهہ آهي. هڪ ٿي ڪردار جي آس پاس هوندي بہ، هر ڪويتا پنهنجو پاڻ ۾ پورڻ آهي. هڪ اهو ڪردار جيڪو پنهنجي ٻالپڻ ۽ جواني حد مفلسيءَ ۾ گذاري، ولايت وڃي، اَرب پتي ٿي موٽي ٿو. هو اُنهن جڳهين تي وڃي ٿو، جتي هن ٻالپڻ توڙي جواني گذاري هئي.

هيڊ ماسٽر
هار اڳيان وڌائي ٿو
فوٽي تي چاڙهيٺو آهي
لئبرري
اَما جي نالي آهي.
اَڄ
پهريون ڀيرو
اَحساس ٿيو اَٿم
مون ڪڏهن بہ
ماءُ کان نہ پڇيو هو
سچو پرساد تہ هوءَ
مون کي کارائي ڇڏيندي هئي
پاڻ ڇا کائيندي هئي؟ (گوپ ڪمل)

هن ڪويتا سنگرهہ جي سڀني ڪويتائن ۾ بہ، اَميريءَ جي ورتمان پنيان، غريبيءَ جو ماضي ئي مکيہ فوڪس آهي. ان ساڻ پيءُ پُٽ جو اڳرو سٺيو رشتو (جڏهن غريبي هئي) ۽ هاڻ وارو اَيوڳو رشتو (جڏهن اميري آهي) جو موضوع پيش ٿيو آهي. هڪ لنبي ڪتا واري ڪنهن اپنياس بجاءِ، هنن ڪويتائن ۾ جو درد اُڀريو آهي، اهو ناول ۾ بہ اُڀارڻ ڏاڍو مشڪل آهي!

اڻين هيءَ رچنا پڻ خاص موضوع واري خاص رچنا آهي. جديد زماني جي جذبات ۽ گذريل زماني جي جذبات جي پيشڪش!

**انڌو دونهون** (موضوع-سنڌُ جي سارَ)

ارجن شاد جو طويل نظم ’انڌو دونهون‘ جو موضوع تہ ’سنڌ جي سار‘ جي ئي آهي. پر هيءَ رچنا خاص موضوع جي يا موضوعاتي رچنا جي هن سلسلي ۾ اَچي ٿي. شاعر هن نظم ۾ پاڻ کي

نئين ماءُ جي گود ۾ هوندي، سڳي ماءُ جي سنيه جي تڙپ بيان ڪري ٿو:

عام طرح تہ ماءُ ئي ڪنهن ٻار کي
گود ۾ ونندي آهي
هتي مون پاڻ ئي پاڻ اُچلايو آهي
نئين ماءُ جي گود ۾
سڳي ماءُ جو سنيه ڪٿان آڻيان؟ (ارجن شاد)

**اِستري تنهنجا روپ** (اِستريءَ جي سماجڪ حيثيت جي موضوعاتي ڪويتا)

ڍولڻ راهيءَ جي هن ڪتاب ۾ ڪل ١٠٨ پنجڪڙا آهن جي سڀ 'استري تنهنجا روپ' سِري جي مناسبت موجب، سماج ۾ اِستريءَ جي حيثيت جي موضوع تي منحصر آهن. گوڙيہ وئشنو پنٿ موجب بندرابن جي ١٠٨ گوپين جو ۽ مُڪيہ شو-گڻ بہ ١٠٨ هئڻ سان ١٠٨ رُدراڪش جي موتين جي مالها جو حوالو ١٠٨ سنکيا جو مهاتم ثابت ڪري ٿو. هت بہ اِستريءَ جي شخصيت ۽ شڪتيءَ جي اُستتي ڪندڙ ١٠٨ پنجڪڙا هن طرف آدر ڀاءُ جو اِشارو ڪري ٿو. هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو بہ ساڳئي نموني ڇپيل آهي.

هيءُ پڻ موضوعاتي شاعريءَ جو خاص ڪتاب آهي جيڪو بہ ڇڻ پنهنجي قسم جو ڪنڊ ڪاويہ يا ڪويتا سلسلو آهي. شاعر اِستري جي انيڪ روپن کي همدرديءَ سان چٽيو آهي:

اِستري تون ڌاتر جي ذات
سرشٽيءَ جي رچنا جو موُل
سرڳ جي باغ جو سندر ڦول
اَزل کان آهين آب حيات
اِستري تون ڌاتر جي ذات. (ڍولڻ راهي)

**اَسمتا جي نالي هڪ ڪاويہ - ڪٿا** (سنسڪرتيءَ جي موضوع تي هڪ ننڍڙو ڪٿا ڪاويہ)

هريش واسواڻي سنڌيءَ ۾ نئين ڪويتا جو باني ڪوٺيو ويو آهي. پر هن جي وڏي ديِن اِها آهي تہ هن جون ڪويتائون اول کان آخر تائين، سوکيم وينجنا (اِشاريت) کان ڪڏهن بہ ٻاهر ڪانہ نڪتيون ۽ ڪيتريون ڪويتائون اڄا تائين De-Code ڪانہ ٿي سگهيون آهن- تن ۾ هن جي هيءَ ڪاويہ ڪٿا بہ آهي.

هن لنبي ۽ سموري پرتيڪ ڌرمي رچنا ۾ اَسمتا (سنسڪرتي) منو وگيان، هستيواد، سچ جي پرک، وچترتا جهڙا ڪيترا حوالا ملي هڪ اِشارو اهو ٿا ڪن تہ اڄ جي اِنسان ۾ اُيريل سنسڪرتيءَ ڪلا جي طرف اُداسي، هن جي جيون کي ماڻڻ بجاءِ جاٽڻ طرف ڇڪي وئي آهي. اِنسان اِنسان وچ ۾ پنهنجائپ کي وري پائڻ جي هڪ سوکيم التجا بہ ان ۾ پسجي ٿي. پر هن قسم جي پرياوَ جهٽڻ

لاءِ مهيا ڪيل لفظ ڪافي نہ آهن- اُنهن جي وچ ۾ جهاتي پائڻي پوندي.

ز ن د گ ي
يا
جي سگهجي تي
يا
ماٺي سگهجي ٿي.
ماٺڻ وارن جو حشر اِهو ٿو ٿئي
هو ان کي جاٺي ڪونہ ٿا سگهن
جاٺڻ وارن جو حشر اهو ٿو ٿئي
هو ان کي ماٺي نہ ٿا سگهن. (هريش واسواڻي)

**پگهت** (سنسڪرتيءَ جي سنڪٽ جي موضوع جي ڪويتا)

پريم پرڪاش جي هيءَ رچنا بہ نئين ڪويتا جي مخصوص موضوعاتي رچنا آهي. ائين تہ موضوعاتي ڪويتا چڱي وستار جي پکيڙ ساڻ موضوع جي بہ چٽي سڃاڻپ گهرندي آهي ۽ شايد ان گهرج سبب اها داخلي گهٽ ۽ خارجي وڌيڪ نظر ايندي رهي آهي. پر ’اسمتا نالي ڪاويہ- ڪٿا‘ جيان ’پگهت‘ ۾ اهي گهرجون اهميت نہ پائي، ڪويتا جي وينجنا جي(۽ پڻ هڪ قسم جي سوکيم ليہ جي) اهميت قبول ڪري ۽ ڪرائي رهيون آهن.

’پگهت‘ جو مونولاگ ۽ ڊائلاگ ڪافي حد تائين، پنهنجي موضوع يا ڪٿہ جا چٽا سُر آلاپي سگهيو آهي ۽ سنڌي لوڪ ناچ- پگهت ۾ ڪچندڙ ’ڳالهہ‘ جي سلسلي وسيلي، سنڌي سنسڪرتيءَ جي سنڪٽ جي اَحساس کي سنجيده نموني ’پياري‘ سگهيو آهي.

توُن لوٽياني واريءَ منجهان
هڪ تهذيبي ڪوٽ اَڏج
جنهن جي پٽين تي اُڪرڻ لاءِ مان
پائرن کان
سندن نالو ۽ ناٺو آڻي سگهندس! (پريم پرڪاش)

**منش - نگري** (اِنساني جگياسا جي موضوعاتي ڪويتا جو سلسلو)

هڪ مڃتا موجب پنهنجي رچنا جو ذڪر ڪرڻ هڪ طرح ڏرم سنڪٽ ۾ پوَڻ آهي ۽ ان ڪري ان کان بچڻ ۾ ڀلائي آهي. مان هن ڪتاب جي پنيان ڇپيل شري اَروڻ باباڻيءَ جو نوٽ ڏيئي هن ڏرم سنڪٽ جو نبيرو ڪرڻ جي وچين واٽ ٿو وٺان.

This book is a continuity of nine periods of enquiry that humanity has so for gone through, begining with Gyan Sutra, Vedant, Geeta, Mahavir, Budha, Charvaka, Kabir, Sartre and Osho. In this inimitable style, Shri Tarachandani has achieved a commendable task by informing and clarifying these various world views in a beautiful poetic expertise.

(ديوناگري سنسڪرڻ جي پنيان ڏنل پيج مان)

**تنهائي ۽ ڪوڙو دونهون** (نئين احساسداريءَ جون پهريون موضوعاتي ڪويتائون)

گوورڌن ڀارتي گيتڪار طور ”اڪيلو راجا“ رهيو آهي. سنڌي فلمن ۾ پرسرام ضيا جا گيت اول اوس مقبول ٿيا جن ۾ ساهتيڪ سڳنڌ بہ ٿمٿار هئي، پر هن جي وڃڻ کان پوءِ ئي اهو ممڪن ٿيو هو.

ان کان پوءِ سنڌي فلمي گيتڪار طور گوورڌن ڀارتي خود ۾ هڪ وڏو ادارو رهيو. هو چنڊ هو تارا ورلي ڏسبا هئا.

پر هن شاعريءَ ۾ 'اُنا مينهن ملير' ۽ ٻيا بہ ڪيترا ڪتاب ڏنا جن جو ساهتيڪ درجو اوچو رهيو. جيتوڻيڪ ان ۾ عام رواجي گيت بہ شامل ٿيندا رهيا. پر موضوعاتي ڪويتائن جي سلسلي ۾ ١٩٦٠ کان ١٩٧٥ تائين لکيل هن جون ڪوتائون هن ڪتاب ۾ نئين ڪويتا جي ڌارا جي سرجڻ ۾ وڏو يوگدان آهن. هت اهڙيون چڱيون ئي لنبيون ڪويتائون آهن جن کي نظم چوڻ ٺيڪ ٿيندو پر هنن جي پيشڪش پنهنجي وقت ۾ بنه نرالي ۽ مشڪل سان ڪويتا لڳندڙ هئڻ جي باوجود اهي اِتهاسڪ اهميت رکن ٿيون. انهن ۾ ”سئنيٽوريم ۾ پهرين رات“ ڪويتا ١٩٥٩ جي رچنا سنڌي نئين ڪويتا جي چند پهرين ڪوشش ۾ اهم آهي جنهن ۾ ”بيماري ۽ چانڊني“ءَ جو ڇڙو موضوع جهلڪي ٿو.

چنڊ
پيلو چنڊ
ڏٻرو چنڊ
جڻ سله جو مريض
دور-
اولهہ جي اُفق ۾ ويو ٻُڏي!.... (گوورڌن ڀارتي)

هن ڪتاب ۾ ٻيون بہ ڪيتريون اهڙيون ئي ڪويتائون ساڳي اَهميت پائن ٿيون جن ۾ 'تنهائي ۽ ڪوڙو دوُنهون'، 'جنگي قيديءَ جي واپسي' وغيره خاص آهن.

موضوعاتي شاعريءَ جي ڪيترن خاص موضوعن تي لکيل شاعري ۽ ڪويتا جي ڪتابن جي اڀياس جي هن حصي ۾، ائين تہ، ڪتابن يا موضوعن يا وري مثالي ڪويتائن جي چونڊ، هر حالت ۾، رئنڊم Random بي قطاريو ئي رهڻي آهي، ڇو جو رٿائتي چونڊ لاءِ باقائدي سِرن يا ليکڪن جي فهرستي ڪتابن جو بندوبست درلڀ آهي. وڏين موجود لئبررين جي ملاقات کان پوءِ بہ اهو نرڻيہ پنهنجو من ماري منظور ڪرڻو پوي ٿو.

ان ڪري ڪيترا مثالي ڪتاب هت ان ڪري اڻ نهڪندڙ فهرستي سرشتي ۾ نظر اَچڻ جو پرپور امڪان آهي. پر ڪوشش اها اَوس رهي آهي تہ هت موضوعاتي شاعريءَ جا گهڻ مقبول يا گهڻ چاتل سُڃاتل شاعرن جا ڪي ڪتاب شامل ڪرڻ يا ذڪر هيٺ آڻڻ، هرويرو غير مناسب نہ ليکجڻ گهرجي. هيٺ ڪجهہ اهڙا ڪتاب نظر هيٺ آڻڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

ائين تہ سنڌيءَ ۾ ڀڳتي ڪاويہ جي پرمپرا هندي يا هندي ٻيلٽ جي ڀاشائن جيان رام-ڪرشن ڀڳتي ڪاويہ جي روپ ۾ ڪانہ اُسري آهي، پر صوفي ڪاويہ پرمپرا اوس اُسري هئي.

البت اڄ جي زماني ۾ اها رچنا جي سطح تي گهٽ ئي نظر اچي ٿي. پر اوس ڪي مثال ملي

وچن ٿا. جيتوڻيڪ اُنهن جي رچنا نئين نہ آهي. اِشاعت نئين آهي.

مثال ''رِنديِ ڪَلام الصوفيا'' جو ننڍو ڪتاب سن ٢٠٠٠ ۾ ڇپيو آهي- جنهن جي رچناڪار جو نالو محب الفقرا حضرت سائين راز پير واهہ واهہ (بي.ڪي. اَجواڻي) آهي. جنهنجون ڪي جزوي رچنائون ٻين هنڌ بہ آيل آهن. ڀڳوانداس ڪي اَجواڻي BKA جو تخلص 'سائين راز' آهي. هو سوٽ بوٽ نيڪ ٽاءِ پائي بي.ڪي. اجواڻي نهي پوندو آهي ۽ مالهائون پائي گودڙي وڇائي وهندو آهي تہ 'سائين راز' ٿي پوندو آهي. هن ڪتاب جو شعر پرڪاشڪ ڪي شاعر آمريڪا مان شايع ڪرائڻ لاءِ موڪليو هو.

محبوب ڏني موت محبت جي صدقي آهہ منو مننارُ!
سر جو سانگو لاهي اعلان ڪيوسين ''بہ- اسم- الله'' تو آ هار!
پناهہ ورتي سين پير مغان وٽ، مستن چاڙهيا ڪيپ خُمار! ('سائين راز')

فقط ٢٥ صفحن جي هن صوفياڻي ڪلام جي ڪتاب کان پوءِ ٣٥٠ صفحن جو ڪتاب ''ايسر جا صوفياڻا ڪلام'' ذڪر هيٺ اَچي ٿو جيڪو عربي ۽ ديوناگريءَ ۾ گڏ ڇپايل آهي. هن ۾ لڇمڻداس ڀاٽيا، سنڌالاجيءَ جي ڊئريڪٽر لکمي کلاڻي، سنڌي ساهتيہ جي موبائيل اينسائيڪلوپيڊيا طور ڄاتل اٺ ئي پهر فقط ٻين سائين جي ۽ سوبہ سالن کان مدد ڪندڙ صاحب ٻجاڻيءَ ۽ ٻين جي مدد سان، ''درويش ايسر'' جو ڏيڍ سوَ سال پراڻو دستخط (ٻين سائين جي هٿ سان قلم بند ڪيل) وڏي محنت سان ٢٠١٢ ۾ شايع ڪرايو آهي.

''ايسر جا صوفياڻا ڪلام'' سنڌي سنت ساهتيہ ۾ ۽ پڻ موضوعاتي ڀڳتي پرڌان شاعريءَ ۾ اهم اضافو آهي.

سُر تلنگ ڪلام- ١۴

اڳيون واري پائي وَٽَ، پيءَ توريندي‌ءَ ترازيءَ ۾؛

١- ڄُران تہ چاڪ چيڪن ٿا، ڦوهان ڏين ٿان ڦٽ

٢- ڪيم ڪتيم ڪين ڪي، شَلَ مُحب نہ ڪندا مَٽَ؛

٣- ويهي وڄايل ڏينهڙا، شل ڪامِلَ ڪندا ڪَٽَ؛

۴- ورتي ٻاجهون نہ ويندا، ٻجهن سڪتي پَٽَ؛

٥- وننداا سنگ صحيح ڪري، ڏُکو نہ ڪندا گهٽ؛

٦- ايسر سهندي سِرَ تي، ڏاڍي ساهن جي سَٽ. (ايسر جو ڪلام)

هنن ٻنهي صوفي ڪوتا جي ڪتابن جي سلسلي ۾ هڪ ٽيون ۽ لڪل اهم ڪتاب آيو آهي 'جي ڀائين جوڳي ٿيان' هيءُ بہ صوفي ڀڳتي يا آڌياتمڪ پرمپرا جو شاعريءَ جو سنگرهہ آهي. جنهن ۾ دلپت صوفيءَ جو ڪلام ترتيب ڪري ڏنل آهي. ان جي ترتيب جديد ليکڪ گوپال ٺڪر ڪئي آهي.

دلپت صوفيءَ جي هن سلوڪن جي سنگرهہ ۾ پڻ وڏي حصي ۾ راڳن (سُرن) سان ورڇ ڪيل آهي. هٿ بہ ان ورڇ ۾ موضوع يا Theme جو ڌيان رکيل آهي- جئن سَلوڪ گُر اُستت جا، جنهن ۾ گروءَ جي مهما جا ئي سلوڪ ملن ٿا:

نمو نمو سري ست گرو، اَچل روپ اکنڊ
دلپت سوامي رَم رهيا ايڪو سروي پنڊ
نمو نمو سري ست گرو، گيان روپ اَپار
دلپت جهاتي پائڪي ديکيا درس مُرار!

هنن ڪتابن جو مضمون Theme صوفي ڀڳتي چئي سگهجي ٿي! هنن ڪتابن جي وڏي ساهتيڪ اهميت آهي. عام رواجي ڀڄنن ۽ فلمي گيتن جي طرز تي نهيل پئروڊي وارا ڪتاب به اڪثر ڏسبا آهن ، پر اُنهن جي ساهتيڪ اهميت خاص نه هئڻ سبب هت ذڪر هيٺ آڻڻ ضروري ڪونه ٿو لڳي.

اڌياتمڪ ۽ ڀڳتي پرمپرا ساڻ انيڪ ساهتيڪ رچنائن کي سنڌيءَ ۾ انواد ڪري پيش ڪرڻ جو سلسلو به هلندو رهي ٿو. جن ۾ کي ڪتاب تمام وڏي اهميت سبب ذڪر ڪرڻ نامناسب نه ٿيندو.

پرسرام ضيا جي سکمني- جنهن جو وري آڊيو (آوازي پيشڪش) ۾ مشهور گايڪا ڀڳوتي ناواڻيءَ جي ڪئسيٽ ۽ سي.ڊي. تمام گهڻي لوڪ پريه ٿي آهي. ائين هري دلگير جي گيتا جو انواد ۽ تلسيداس تلريجا جي ''رام چرت مانس'' جو پديه اَنواد به اتهاسڪ اهميت واري موضوعاتي شاعريءَ جا مثال آهن.

ان سلسلي ۾ تازو آيل ڪتاب 'ساوتري' ۽ جو ذڪر به ڪرڻ گهرجي جيڪو اربندو گهوش جي مها ڪاويه جو ڊاڪٽر ايس. ڪي. پنشيءَ جو ڪيل اَنواد آهي. ساڳيءَ طرح هن سلسلي ۾ 'گيتانجليءَ' جو تازو ڪيل کيمن مولاڻيءَ جو اَنواد به هت ياد ڪرڻ جڳائي- جنهن ۾ به روي بابوءَ 'ايشور جي اُپاسنا ۽ پرارٿنا' جو سُر آلاپيو آهي.

هت موضوعاتي شاعريءَ جي حوالي ۾ ڪيترن اهم شاعريءَ جي ڪتابن جي سلسلي ۾ هڪ ٻئه الڳ قسم جو لنبي ڪويتا جو ڪتاب ذڪر هيٺ آڻڻ به ضروري آهي. 'پٽ جي ويوگ ۾ لکيل چترو ناگپال جي لاثاني ڪويتا' طور هيءَ 'ادب لطيف' جي روپ ۾ ٨٠ صفحن جي لنبي ڪويتا جو ڪتاب آهي. هن نئين ڪويتا جي ادب لطيف جي لنبي ڪويتا ۾ پنهنجي پياري پٽ جي ننڍي ڄمار ۾ معمولي گهٽنا جي تحت ٿيل هتيا جي حوالي سان هڪ طرح جيوني (بايو گرافيڪل) ڪاويه جي رچنا آهي جنهن ۾ سنيه انجلي پيش ڪيل آهي. هن کي جيڪر شوڪ گيت به چئي سگهجي ۽ سپاويڪ جذباتي اظهار ٿيو آهي.

هڪ هٿ ۾ تنهنجو برٿ سرٽيفڪيٽ
ٻئي هٿ ۾ ڊيٿ سرٽيفڪيٽ کڻي سوچيان ٿو،
تنهنجو جنم ۽ مرتيو ٻنهي حالتن ۾ ڪيل پيءُ جو پارٽ
ڇا بلڪل پروس، سپاويڪ ۽ ڪيڻ پنگر نه هو؟ (چترو ناگپال)

سنڌي موضوعاتي شاعريءَ ۾ ڪافي ووڌتا رهي آهي. جديد ليکڪ شيام جئسنگهاڻيءَ ’ممبئي منهنجي‘ ڪويتائن جي سنگرهه ۾ مُمبئي شهر بنسبت پنهنجو شاعراڻو اظهار ڪيو آهي تہ وري ’گوڻاني منظر‘ نالي واري ڪويتائن جي سنگرهه ۾ هن ڳوٺا، خاص ڪري پنجم شهر جا منظر چٽيا آهن.

ممبئي منهنجيءَ جو هڪ منظر هن طرح آيو آهي:

ايراني ريسٽارنٽ
صاب ڪا برين فراءِ ڪرو
ميم صاب ڪا آمليٽ بنائو
خان ڪو ڪڙڪ چاءِ مارو.

شيام جئسنگهاڻيءَ هن ڪتاب ۾ هڪ سهڻو نوٽ بہ درج ڪيو آهي:

”ڪنهن شهر مهانگر خاص مقام ڪي توج جو مرڪز بڻائي ائين تہ گهٽن ئي ليکڪن- ڪوين پنهنجي رچنائن ڪي خلقيو آهي:

جيمس جايس - ڊبلن
بودليئر - پئرس
ٽي.ايس.اليٽ - لنڊن
فرانز ڪافڪا - پراگ

ها، اسان وٽ بہ ’او شڪارپور‘ جهڙي ياونا پريل رچنا ’چوَ واٽي تي‘ ڪتاب ۾ نند جويريءَ جي ملي ٿي.

هي رچنائون هت ’مهانگر‘ جهڙي موضوعاتي شاعريءَ جي حوالي سان ذڪرجي رهيون آهن. ان طرح ’آزادي آندولن جا گيت‘ ۾ هري دلگير جي سمپادڪيءَ ۾ ’آزادي آندولن‘ جي موضوع تي لکيل گيت شامل ڪيل آهن:

آهہ مقصد هڪ ئي شل مادر وطن آزاد ٿئي
شل ڏٺيءَ در پيش ’فانيءَ‘ جي اها فرياد ٿئي! (ڪيئلداس فاني)

**سدا گلاب**

موضوعاتي شاعريءَ ۾ ڪٿا ڪاويہ يا جيوني ڪاويہ لکڻ هڪ ڳالهہ آهي پر هڪ اهڙي موضوع تي لکڻ، جنهن بابت سماج ان موضوع طرف سڌي اک ملائڻ لاءِ بہ تيار نہ هجي، اها وڏي ڳالهہ آهي. شايد اهوئي سبب آهي جو ان بابت سنڌي شاعريءَ ۾ خاص ذڪر بہ ڪونہ ٿا ڏسجن. البت پرم ابيچنداڻيءَ بيشڪ ان لاءِ وستار سان لکيو آهي.

هن موجب هيءَ رچنا- ”سدا گلاب سنڌي سينگار شاعري (شرنگار ڀاوَ) جي لحاظ کان پنهنجو پاڻ ۾ هڪ مثال آهي.“

روپ لعل راڌا ڪرشن آريہ ’نيل ڪمل‘ جو هيءُ شاعريءَ جو ڪتاب اول ١٩٥٦ ۾ ۽ پوءِ وري ١٩٨٣ ۾ ڇپيو آهي.

سنسڪرت ۽ هندي ساهتيہ ۾ اِستريءَ جي جسم جي سونهن جي ورڻن جي هڪ پرمپرا آهي جنهن کي ’نک-شک ورڻن‘ چوندا آهن، جنهن ۾ ننهن کان چوٽيءَ تائين جي انگن جي تفصيلي بيان جي گنجائش رهي ٿي اهڙو اظهار هت بہ آهي.

اِستريءَ جي هٿن وارن، اُرهن، اَکين، چپن ۽ رخسارن جي سندرتا جو تشبيهن سان اِظهار ٿيو آهي. پر سچو اظهار شائستگيءَ پريل رهيو آهي.

هن ڪتاب ۾ ’ڪام سوتر‘ جو پرڀاءُ بہ نظر اَچي سگهي ٿو. جهڙو جريت پريو موضوع آهي، تهڙو ئي ان جو ساهتيڪ اظهار آهي.

هيستائين هت، ١٩٥٠ کان پوءِ جي سنڌي شاعريءَ ۾، ڪجھ اَپوادن ۾ ويجھو لکيل شاعري ڪويتا جي بہ شموليت ڪندي، عام موضوع ۽ خاص موضوعن جي باتفصيل ۽ جهجهن مثالن سان، نظرثاني ڪيل آهي.

اڳتي موضوعاتي شاعريءَ جي هن اڀياس جي آڌار تي، ’موضوعن جي ڪٿ، وڪاس ۽ مناسبت‘ جي روپ ۾ تاثراتي تاتپرج پيش ڪرڻ جي مراد آهي.

## 5.3 موضوعن جي ڪٿ، وڪاس ۽ مُناسبت

آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي شاعريءَ جو اڀياس:

هن سلسلي ۾، عام موضوع ۽ خاص موضوعن جي وضاحت کان پوءِ شاعري، ڪويتا جي هنن موضوعن جي ڪٿ، وڪاس ۽ مُناسبت ڏسڻ پرکڻ سان هن اڀياس جي هن حوالي جو تاتپرج وڌيڪ چٽو ٿيندو.

### ڪَٿَ Assessment

موضوع خيال، وشيہ- وستو، مضمون يا Theme کي مرڪز بڻائي لکيل شاعريءَ کي موضوعاتي شاعري چَوڻ تہ بلڪل ٺيڪ آهي، پر اها شاعري جنهن ۾ 'من جي اُڇل ۽ جذبات' جو اِشاريت پريو بيان ٿي هجي، ان کي البت موضوعاتي شاعري چوڻ ڏکيو آهي. اهڙي رچنا خارجي گهٽ، داخلي وڌيڪ رهي ٿي. پر پوءِ بہ، مٿي شروعات ۾ ڪيل تفصيلي اُپٽار موجب، اهڙي رچنا ۾ بہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني، ڪو نہ ڪو مضمون تہ رهي ئي ٿو. جنهن کي هت 'عام موضوع' طور ذڪريو ويو آهي.

اها ڳالهہ بہ صحيح آهي تہ ڪنهن غزل جي هر ٻن سٽن ۾ ڪو نئون خيال هجڻ سان، موضوع يا مضمون جو چٽو آڀاس مشڪل ٿو ملي. تہ پوءِ هزارن جي تعداد ۾ غزلن جي اڪيچار شعرن ۾ آيل اهڙن عام موضوعن جي 'ڪٿ' ڪيئن ڪري سگهجي ٿي.

ان جي جواب ۾ هيٺ اتاريل ڪن واين-ٽپڻين جو حوالو اول ڏسي وٺون: ''شروع ۾ تہ غزل پنهنجي لفظي معنيٰ سان نباهيو، پر رفتہ رفتہ ان جو مضمون گونا گون ٿيڻ لڳو. ان ۾ اِخلاقي سماجي فيلسوفانہ، سياسي وغيره نڪتا اِظهار پائڻ لڳا.'' (واسديو موهي: ڳالهہ شاعريءَ جي ص-١١)

''غزل جو موضوع شروع کان رومانس رهيو آهي.... سڄي دنيا کي سياست ۽ جنگ جي خونخوار چنبن ڪجهہ ائين نچوڙيو آهي، جو مَخلوقات کي، چنهنبڙي پائي سڄاڳ رکڻ لاءِ، شاعرن پنهنجي اَڏ کان وڌيڪ شاعري ان مضمون کي ئي ارپڻ ڪري ڇڏي آهي....'' اَرجن حاسد. (آزاديءَ کان پوءِ سنڌي غزل جي ائنٿالاجي ص VIII ۽ XI )

''نوان نوان موضوع، مطلب ۽ مقصد، روز مره جي عام زبان ۾ قلمبند ٿيڻ لڳا...'' (هرومل سدارنگاڻي 'خادم'- 'ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي شعر جي چونڊ' مهاڳ ص-۵)

مٿين ٽن حوالن مان اهو ثابت ٿئي ٿو، تہ شاعريءَ جي علم ۽ اڀياس ۾، ڪيترا عام تاثرات جهٽي سگهجن ٿا، ۽ اڳ يا هاڻي جي شاعريءَ ۾ ايندڙ عام موضوعن جي 'بدلاوَ' جو اَحساس بہ ٿاري سگهجي ٿو. اهڙن يا اِنهن حوالن جي سهاري، هت بہ، اڀياس هيٺ آيل اَڪيچار عام موضوعن مان ڪيترا ذڪر هيٺ آڻڻ سان ۽ پڻ انهن جي مختصر يا باتفصيل اُپٽار جي ذريعي، اوس ئي، ڪيترا تارَڻ-پرياوَ Impressions جهٽڻ جي صداقتي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي. البت سوڪيم مضمون خيالن جي ڪنهن سلسلي جي نہ هئڻ سبب، ڪيترا دفعا، ڪنهن خيال تي آڱر رکي بدلاوَ کي ڏيکارڻ اوس ڪجهہ مشڪل آهي.

اهو تہ عام طور، جام دفعا ورجايو پيئي ويو آهي، تہ غزل ۾ اڳ 'محبوب جي تعريف' يا 'عشقيا' مضمون رهندا هئا، پر پوءِ جديد زماني جي هوا لڳڻ سان ان ۾ بہ، ٻي شاعريءَ جيان بدلاوَ ايندا رهيا

۽ پوءِ اُها بہ ’عام جنتا‘ جي ڏک- سُک، خوشي- غم، نصيحت ۽ طنز سان جڙندي وئي. اهو صرف سنڌيءَ ۾ نہ پر ٻين ٻارتي ٻولين ۾ بہ ڏٺو ويو آهي. هتي ايترو نوٽ وٺڻ گهرجي تہ اڄ ٢٠١۴ جي دؤر تائين بہ، ’سنڌ‘ ۾ لکجندڙ غزل، جديد غزل ٿي نہ سگهيو آهي، يا چوڻ گهرجي اڃا تہ نہ ٿي سگهيو آهي. تمام ٿوري انداز ۾، البت، جديد غزل ملي ٿو، پر ڀارت جيان، اها نئين غزل جي نئين احساسداري ڪانہ ڏيئي رهيو آهي.

ايترو ضرور آهي تہ ان ۾ بہ رايا ٿي سگهن ٿا جو اسان جو رايو، سنڌ جو غزل هت تمام گهٽ پهچڻ سبب، ’مٽاڇرو‘ ٿي سگهي ٿو. پر هت هن اڀياس ۾ ايتري ٿوري ڇوٽ ڪافي آهي، جو سِنڌ جي شاعري هت شامل نہ آهي.

اول عام موضوع جي ڪيل اَڀياس جي سلسلي کي ڏسڻ سان لڳي ٿو تہ آزاديءَ کان پوءِ، جلد ئي ’ترقي پسند‘ نظريو ۽ ’سنڌيت‘ جو جذباتي درد، سنڌي شاعريءَ ۾ مکيہ موضوع بڻجي ويا. ترقي پسند نظريو، نثر ۾ وڌيڪ ڦهليو ۽ سنڌيت وارو جذبو نظم ۾ وڌيڪ پيش ٿيو. ترقي پسند لهر عالمي ادب جي ۽ پڻ ڀارتي ادب جي لهر سان سِڌي واڳيل هئي پر سنڌيت جي جذبي جي لهر فقط سنڌي ادب جي پنهنجي لهر هئي ۽ آزاديءَ جي گهٽنا جو ئي انجام هئي.

ترقي پسند شاعري خارجي وڌيڪ رهي ۽ سنڌيت جي لهر داخلي وڌيڪ رهي. ترقي پسند شاعري توڙي سنڌيت جي لهر واري شاعري، ٻئي وقت جي دَٻاوَ Force جا ئي انجام آهن ۽ ٻنهي ۾، گهڻو ڪري هر شاعر، ٿورو ياگهڻ قلم هلايو آهي. ٻنهي ۾ چاهي چڱي ڌاپر آئي آهي، پر ٻنهي جو ڪو نہ ڪو روپ اڪثر، جهلڪندو رهي ٿو.

انهن کان پوءِ ’سماجڪ نظريو‘ موضوع جي ڳالهہ بہ نرالي آهي. دنيا ڀر جي ادب ۾ سڀ کان وڏو وشيہ ڀل پريم آهي پر ’سماج‘ کان تہ ٻاهر اهو بہ ڪونهي. ترقي پسند نظريو تہ خود ۾ ’سماج‘ جي پرگهور ئي آهي ۽ سنڌيت جو جذبو ڀل عام يا فرد جي درد جي دانهن سان جڙيل آهي، پر ڪنهن سنسڪرتيءَ سان وابسطہ هئڻ ڪري اهو بہ سماج سان ڪٽيل نٿو رهي سگهي.

خود ساهت کي سماج جو آئينو چيو ويو آهي. انفراديت جي جديد نظريي ۾ بہ فرد سماج جو ئي حصو قبوليل آهي. ساهتيہ کي سماج جي آلوچنا چوڻ پنيان بہ اهو ئي سُرُ ملي ٿو. ظاهر آهي ’شاعريءَ‘ ۾ سماج دنيا ڀر جو وڏو موضوع رهڻو ئي آهي. ڀل ان ۾ ’سماج‘ جو سڌو ذڪر گهٽ ايندو آهي.

اَڳ پنگتي اوٺاين ۽ سماج سڌار جي نظر سان شاعر رچنا ڪندا هئا، پوءِ ان ۾ خارجيت بجاءِ داخليت طرف مُڙي ان ۾ اِشاريت ۽ طنز جو داخل ٿيڻ سياويڪ هئو. ان کان پوءِ ’سماج‘ کي مبهم رکڻ ۽ اڻ سڌو ڇهڻ جي ڪوشش رهي. ائين روايتي شاعريءَ ۾ سَماج کي سڌي ۽ جديد شاعريءَ ۾ اَڻ سِڌي جڳهہ ملندي نظر اَچي ٿي. پر اهو موضوع تڏهن بہ ۽ هاڻي بہ اهميت ڀريو رهيو ئي آهي. البت اڳ جتي ڏڻ وار، ريت رواج، موسم جهڙا موضوع سماجڪ شاعريءَ جو مکيہ حصو هوندا هئا، اڄ اتي طنز جو سهارو ورتو ٿو وڃي. سماجڪ نظريي ۾ ’ناري چيتنا‘ اڳ بہ ۽ اڄ بہ، وڏو موضوع رهيو آهي. ڏيتي ليتي ۽ اهڙا برا رواج البت هاڻ شاعر ياد ڪري ڀُلجڻ لڳا آهن، نہ ئي وري سماج سڌار يا سماجڪ براين لاءِ نصيحت سکيا اڄ جي شاعر کي وڻي ٿي. ان بجاءِ اڄ سماج جو دائرو وڏي گلوبل

ٻڌيو آهي ۽ اوڙي پاڙي جي سماج جي تنگ دائري کي ترجيح ڏيڻ بجاءِ اهو ’ڪشادي سماج جي چنتا‘ جي روپ ۾ ’چنتن‘ جو روپ وٺي رهيو آهي.

رومانيت لاءِ چيو ويندو آهي تہ هيءُ موضوع شاعرن لاءِ هميشه جوان رهڻو آهي. جڳت ڀر جي شاعريءَ جو هڪ ٿي وشيہ آهي- ’انسان‘ ۽ انسان لاءِ پريم سڀ کان عزيز وشيہ آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ صوفي شاعري قديم زماني کان ٿي اوج تي رهي آهي. ان جو واسطو پريم سان تہ ايترو آهي جو خدا کي بہ ’محبوب‘ جي نظر سان ڏسڻو آهي. وچين دؤر ۾ البت پريم کي پردي ۾ رکڻ جو رواج رهيو، پر هاڻ وري اهو جديد روپ ۾، شرنگار سان ڪڏهن نفس جي پاڇي سان، ڪڏهن غير روايتي دوستيءَ جي روپ ۾، ڪڏهن ’هرجائي‘ روپ ۾، نظر اَچي ٿو. اڳ جيان هاڻ شرم حيا جي ڳالهہ ڪانهي ’هڪ‘ پريميءَ لاءِ جان قربان ڪرڻ بہ ڪيترن قصن ۾ ’افورڊيبل ايفرٽ‘ ڪانہ ٿي قبول ڪئي وڃي. ائين ’جنس‘ جو دَخل بہ عام ٿيو آهي. سونهن جو مظاهرو ٽيڪنالاجيءَ ذريعي سستو ٿيو آهي تہ عاشقاڻو مزاج مهانگو ٿيو آهي. پڇم جو اَثر پورب جي اثر ۾ ملي ڪڏهن عجيب ڪيفيت بہ پيدا ڪري ٿو. اڄ جو جديد شاعر، سنڌيءَ سميت، نئين هوا جو شعر چوڻ لاءِ ٻڌجي ويو آهي. پر جمالياتي پيشڪش ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ ’بهتر رچنائون ان جي خاصيت آهي.‘

هونءَ بہ شاعر پنهنجي وقت جي سنتان تہ آهي ئي! پر ملڻ خاطر تہ اڄ بہ عاشقاڻا غزل ملي ٿا وڃن. اِسٽاپٽ ٿيل روايتون بنه بند ڪانہ ٿينديون آهن. قدرت جو موضوع بہ سنڌيءَ ۾ درلڀ نہ آهي. ڪيترا شاعريءَ جا ڪتاب تہ ’قدرت‘ جي حوالي وارن سِرن ۾ ايندا رهندا آهن:

سڄ الائي ڪٿي ڪري پيو<br>
سڄ اڳيان ٻڪ<br>
ڇهنب ۾ ڪک<br>
پن ڇڄڻ جو آواز<br>
رڻ پٽ ۾

قدرت جو قهري روپ البت هت بہ درلڀ رهيو آهي ۽ سونهن ڀريو روپ عام آهي. اهو خود ۾ موضوع بہ ٿيو آهي تہ وري ’سهايڪ‘ طور بہ آيو آهي. چنڊ ڀل پراڻو ٿيو آهي ۽ اتي ڪڏون ڪٻا ڏسجي ويا آهن پر پوءِ بہ شاعرن ان جو ساڳيو سواگت چالو رکيو آهي. قدرت علامت بہ بڻي آهي. موسم جي سائيڪل ڀل اسان ڀلجي ويا آهيون، پر بهار ۽ بارش جي ڇُهاوَ کان بي خبر ڪانہ ٿيا آهيون. ها، جديد نظر واري شاعريءَ ۾ قدرت کي نئين نظر سان ڏسڻ بہ اوس شامل آهي.

هن طرح سنڌي شاعريءَ جا مرڪزي موضوع سنڌيت، ترقي پسند نظريو، سماجڪ نظريو، رومانيت ۽ قدرت اڪثر هرڪو شاعر پسند ڪري ٿو. چئي سگهجي ٿو تہ شايد هر ڪنهن ڪويءَ انهن موضوعن تي اوس ڪا نہ ڪا شاعري ڪئي هوندي. اَپواد ايشور جيان هر هنڌ حاضر آهي، اها ٻي ڳالهہ آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾، جيڪا شاعري اوچ درجي جي ساهتيڪ رچنا طور سڀ کان وڌيڪ مرتبو پائي سگهي آهي، ان کي جمالياتي شاعري چوڻ گهرجي. جنهن ۾ فن ڪلا جو بهترين مظاهرو مليو آهي. علم خوبصورتيءَ واري سونهن جي رَس، درشن واري جمالياتي شاعري تمام نازڪ خيال ۽ فنائتي

پيشڪش جو ٻيو نالو آهي. البت ان سان قدرت جو چٽ، اِنسان جو پريم جو جذبو ۽ ڪجهه حد تائين نفس جا پاڇا اَوس ويجهائي رکندڙ آهن. جديد دور ۾ نارائڻ شيام ۽ اَرجن حاسد ان جا اڳرا مثالي ڪوي آهن. هت به هنن جا جهجها مثال پيش ٿي ويا آهن. اها به هڪ طرح ان ڳالهه جي صداقت ٿي اظهاري. نفس يا جنس متعلق شاعراڻو اظهار سنڌيءَ ۾ جلال ڪٽي نالي واري ڪويءَ کان پوءِ روپ لعل راڌا ڪرشن آريه ’نيل ڪمل‘ جي ’سدا گلاب‘ کان سواءِ، موضوع طور مشڪل ٿو نظر اچي. ان کان پوءِ ڪنهن حد تائين ان جي موضوع جو ٿورو تاثير نارائڻ شيام جي ’روپ مايا‘ ۾ جهلڪي وڃي ٿو. ڇو جو اتي مينڪا کي فقط ان مراد سان ٿي موڪليو ويو هو ته هوءَ پنهنجي روپ ۽ ادائن سان رشي وِشوامتر کي ’واسنا‘ طرف مائل ڪري ۽ ساڻس سماڳم به ان جو مقصد رهيو.

ٻيءَ طرح عام موضوعن ۾ ان جا اِشاريت پريا ڇُهاوَ عام رهيا آهن. به خاص ڪويتائون هت به ياد ڪرڻ جهڙيون آهن. پوپٽي هيراننداڻيءَ جي ’دن هينان دبلي‘ جنهن لاءِ به رايا پل ٿي سگهن، پر اها جريت پري موضوع جي رچنا رهي آهي. چترو ناگپال جي مرد جي انگ تي لکيل ڪويتا ’نڙ‘ به هت ياد ڪرڻ جڳائي- البت ان جي فنائتي پيشڪش ايتري معياري ڪانه رهي آهي.

ڪجهه عرصو اڳ، ’ڪونج‘ ۾، سلسلي وار، نفساني شعر جو هڪ سلسلو هليو پر هن شاعر جو اَصل نالو مبهم رکيو ويو.

ڪنهن حد تائين منگهارام ملڪاڻيءَ جي شاعريءَ جي رچنا- ’جوانيءَ جا جذبا، پيريءَ جون يادون‘ (١٩٧٥) به هت ياد ڪرڻ جهڙي چيز آهي، جنهن ۾ نفس جا پاڇا اوس ملي وڃن ٿا.

هنن موضوعن جي سرسري يا سراسري طور اهميت ته اڳ جهڙي آهي ئي، پر اڄ جي نئين جديد نظر سان شاعرن ان کي موجوده زماني جي پَس منظر سان ڏٺو ۽ پيش ڪيو آهي ۽ ان ۾ هو ’ڪافي‘ صحيح رهيا آهن.

هر شاعر ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ کان، فطرتي فلاسافر آهي. ائين ’چنتن‘ پڻ شاعريءَ جو تمام عام موضوع آهي. جيون، جڳت، ايشور، قدرت ۽ موت ان جا گهڻا فوڪس رهيا آهن- چاهي اڳ ۽ اڄ جي نظر ۽ پيشڪش ۾ فرق آهي. اڳ جتي ايشور جي اُپاسنا ۽ موت لاءِ ڊر جو اظهار ملي ٿو، هاڻ ايشور لاءِ اُپهاس (طنز-ٺٺولي) ۽ موت سان اکيون ملائڻ واري بيفڪري ڏسجي ٿي. سماج ۾ ناري چيتنا ۾ وڏو فرق آيو آهي. اڳ ناريءَ لاءِ همدردي هئي، هاڻ آدر ۽ دوستيءَ جو اظهار آهي. اڳ ناريءَ لاءِ پرش جو نظريو شعر بڻيو هو- هاڻ خود ناري پاڻ پنهنجي ’چڪلي-ويلڻ‘ تي طنز ڪري ٿي. ان طرح ٻيا به ڪيترا ننڍا وڏا جديد زماني جا موضوع، جديد نظر سان ٿيا آهن.

عام موضوعن جي ان جنرل اسيسمينٽ ساڻ خاص موضوعن واري، سلسليوار موضوعاتي شاعريءَ تي نظرثاني ڪندي هڪ شفي رايو اهو نهي اَچي ٿو ته ان ۾، سنڌي شاعري اُميدن کان وڌيڪ يا عام موضوع جي سراسري سڦلتا سان ڪلهو ملائڻ واري حيثيت پائي سگهي آهي.

عام موضوع جي داخلي شاعري وڌيڪ سهڻي، وڌيڪ باريڪ، وڌيڪ سوکير، وڌيڪ فنائتي هئڻ جي باوجود، هت خاص موضوع واري خارجي شاعريءَ ۾ ڪيترا تمام اهم ڪتاب، خارجيت جي قبوليت جي باوجود، ڳاٽ اوچو رکڻ جي سگهه رکن ٿا.

سنڌيءَ ۾ ’مهاڪاويه‘ جي رچنا ٿي پنهنجو پاڻ ۾ هڪ تحفو آهي. چاهي اهي ايترا ڪلاتمڪ بڻجي نه سگهيا آهن. پر ’روپ مايا‘ لگهو ڪنڊ ڪاويه هوندي به، ڪلاتمڪ رچنا طور ’سرمور‘ ثابت ٿي

آهي. ساڳئي نموني ’مٽڪو‘ پنهنجو پاڻ ۾، سنڌي شاعريءَ ۾ جديد دؤر جو مٽيو آهي. هڪ ڪوي اِنسانيت جي عبادت جي حدتائين همدردي ڏيکاري سگهي ٿو، اهو هت ثابت ٿي سگهيو آهي. واپسي، ٻه ان جي بلڪل پرسان ڪلاتمڪ قابليت سان ٻهاري سگهجي ٿو. ان ئي قطار ۾ ٻيا ٻه ڪيترا موضوعاتي ڪويتا جا ڪتاب رکي سگهجن ٿا، جئن انڌو دونهون، اِستري تنهنجا روپ، ڀڳت وغيره. شرنگار رس جي خصوصي Exclusive شاعراڻي ڪتاب ’سدا گلاب‘ جي الڳ اهميت مڃڻ گهرجي.

هنن موضوعاتي شاعريءَ جي ڪتابن يا لنبي ڪويتا جي سلسلن سان، جديد دؤر جي موضوعاتي شاعريءَ جي هن ڪٽ ۾ اهو بلڪل قابل- قبول رايو آهي ته، شاعرن، صنف جي روپ رچنا کان وڌيڪ جماليات، چنتن (سماجڪ چنتن ساڻ اِنساني جڳياسا) کي ترجيح ڏيئي، بهتر شاعريءَ جو شان وڌايو آهي. ٻيا ٻه ڪيترائي جديد زندگيءَ جا عام رواجي سُڀاوَ جا چاهي اهم نڪتا ٻه ڪويتا جو روپ وٺي آيا آهن ۽ اهي وڏين لنبين ڪويتائن ۾ پکڙيل آهن.

ڪيترا ٻيا موضوع ٻه عام آهن جئن قدرت ۽ جماليات ٻئي موضوع ’روپ مايا‘ ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ ڏسجن ٿا. يا هڪ رنگي ٿي پيا آهن. پٽ جي ويوگ جي ڪويتا پنهنجو پاڻ ۾ هڪ الڳ شاعراڻي گهٽنا آهي جيڪا شوڪ گيت يا مرثين جي ٻه ياد ڏئي ٿي. صوفي ڪلام جي ٽن ڪتابن سان اهو قديمي ڪاويه جو رنگ جديد زماني ۾ وري مليو آهي. شهريت هڪ طرف نئون موضوع آهي ته ’شهرن‘ تي موضوعاتي شاعريءَ جو ٻيو روپ ملي ٿو. هن سلسلي ۾ ڪيترن اهم موضوعاتي ڪتابن جي ڪاويه روپ ۾ ٿيل انواد جوبه هت جوڳو ذڪر ۽ قدر ڪرڻ نيڪ ٿيندو.

پر پوءِ اهو ٻه مڃڻو پوندو ته ڪرشن ڀڳتي ڪاويه ، رام ڀڳتي ڪاويه، راشتريه ڀاونا، ديو مالائي Myth جا نسبتي ڪاويه ۽ ڪيترا اهڙا ٻيا موضوع ٻين ڀاشائن جي ڀيٽ ۾ ڪافي ڪافي گهٽ نظر اَچن ٿا. اسان وٽ ٻال ساهتيه جون ڪويتائون ٻه ’سطحي‘ ئي وڌيڪ ملن ٿيون. ’واهه ڙي تارا‘ يا ’پئسو لڌم پٽ تان‘ جهڙيون ليه پڌ ٻال ڪويتائون ٻه گهٽ آيون آهن.

## موضوعن جو وڪاس Development

ائين تہ هت ذڪر هيٺ آندل موضوعن جي فهرست ڪافي لڳندي ۽ اگر اها ناڪافي بہ لڳي تہ اهو چوڻ ۾ وڌاءُ نہ آهي تہ هڪ غزل ۾ ڏهہ موضوع ڏسجڻ واري فهرست لنبي ڪرڻ ۾ ڪهڙي دير لڳندي؟ پر ان جو سروڪار  خاص نظر نہ ايندو. هت انهن ئي عام چاهي خاص موضوعن جي اهميت رهي آهي جيڪي يا تہ گهٽا شاعر اپنائيندا هجن يا وري اُنهن جو سلسلو ملندو هجي.

ان لحاظ ڪان ايتري تسڪين وني سگهجي ٿي تہ ١٩٥٠ ڪان پوءِ جي سنڌي شاعريءَ ۾، موضوعن جي وڪاس جي سلسلي ۾ انداز ايترو گهڻو نہ سهي، پر ووڌتا- گونا گونيت اوس ملي ٿي. ان سان ٻيو لطيف پاسو اِهو بہ آهي تہ  ڪافي حد تائين، شاعريءَ ۾ اُنهن موضوعن سان نباهڻ جي لحاظ ڪان بہ خاطر خواهہ ’ڪوالٽيءَ‘ جي بہ ڪمي نہ آهي.

ايم ڪمل جهڙي شاعر جا ويهارو ڪتاب هن جي سگهہ ٻڌائن ٿا. هن جو ’چونڊ ڪلام‘ بہ ان جي شاهدي ڀري ٿو، موضوعن جي ڀرپور هئڻ جو بہ. نارائڻ شيام جي ’روپ مايا‘ جو هت ذڪر ٿيو آهي. پر هن جا بہ وڏا سنگرهہ ’ذات ۽ حيات‘ بہ ڀاڱا اڳيان رکنداسين تہ زندگيءَ جي هاٺوڪي يُگَ جو داستان موضوعن جي روپ ۾ اسان اَڳيان کلي پوي ٿو.

نارائڻ شيام ۽ ارجن حاسد جي شاعريءَ ۾ جماليات جيڪڏهن باريڪ سوکيم ڀاونائن جي اغهار جو ڀنڊار آهي تہ وري جديد زماني جي استاد شاعر واسديو موهي ۽ گوپ ڪمل جي وڏن ٻڙ جي وڻ جهڙن وشال سنگرهن ۾ هزارين موضوع ڀن ڀن تي لکيل شاعريءَ جو احساس ڪرائن ٿا. لڪشمڻ دبي ۽ ڏولڻ راهيءَ چاهي واسديو نرمل ڀارن ڪيترن شاعرن اڄوڪي زندگيءَ جي ڏڙڪڻ کي ڪافي حد تائين لطيف ٻڌايو آهي. ڪيمن مولاٽيءَ يا اڄ جي يگ جي نوجوان شاعرن ۾ ونود آسوداڻيءَ چاهي ٻين ڪيترن  تمثيلي ۽ تشبيهي اظهارن ۾ ڀاڻ موڪيو آهي. هت هنن سيني ۽ ٻين بہ ڪيترن شاعرن جا ڪيترائي مثال بہ درج ڪيا ويا آهن.

نئين ڪويتا جي هڪ الڳ ڌارا سنڌي ڪويتا ۾ اول تہ هنديءَ جيان الڳ اُجاگر ٿي ۽ پوءِ گنگا جمنا سرسوتيءَ جي سنگم جيان هاڻ اهي ڪافي حد تائين گڏيل پرواهہ ۾ جذب ٿيل نظر اچن ٿيون. البت اڳ آيل نئين ڪويتا جا الڳ شناس رکندڙ ڪتاب تہ بيشڪ نجي دنيا  خلقڻ ۾ ڪامياب رهيا هئا.

سنڌي شاعريءَ ۾ واسديو موهيءَ غزل چاهي نئين ڪويتا ۾ هڪ جهڙو  مٿاهون قد حاصل ڪيو آهي ۽ ان معنيٰ ۾ هو اڪيلو اهڙو شاعر آهي. هونءَ ڪيترا موزون شاعريءَ وارا نئين ڪويتا ۾ ٽاٻڙجندا رهندا آهن.

جيستائين موضوعن جي وڪاس جو سوال آهي تہ اهو مڃٽو پوندو تہ حسن عشق جي روايتي موضوع کي جديد نموني ۽ حوالي سان پيش ڪرڻ جو ڏانو اسان جي جديد شاعرن حاصل ڪري ورتو آهي ۽ ان ڪري ارجن حاسد جهڙن بزرگ شاعرن اهڙن نازڪ خيالن کي بہ سخت زمين تي اُتاريو آهي.

چوريءَ جي تاڻ مرم جي سٿرن تي چَپَ رکيا
برپٽ ۾ بوند کي واري  چمي  تي  جٿن.  (ارجن حاسد)

اِستري چريتر کي شاعرن اڳ جي روايتي نظم سان پيش ڪرڻ بجاءِ اڄ جي نظر سان پيش ڪيو آهي. جتي پرش ڪوين جو سوال آهي، هنن اِستري شڪتيءَ جي آجيان ڪندي هن کي ’هم سفر‘ جو درجو ڏنو آهي. ۽ پڻ همدردي جو اظهار ڪيو آهي.

جتي خود شاعرائن جو سوال آهي، هنن دبيل زبان ۾ پنهنجي شڪايتن کي درج ڪندي سماجڪ نظريي کي بدلجڻ جي للڪار ڪئي آهي. اڄ جيڪي سماجڪ غير برابري، سماجڪ براين، ٻال وواهه، وڌوائن جي ڏتريل حالت، اڪيلين زالن جي زندگيءَ جي مسئلن جو اڻ سِڌو اظهار، يا وڏي عمر وارن جي هيٺي حالت جا چتر نثر توڙي نظم ۾ پسبا هئا، هاڻ اهي يا تہ عدم موجود آهن، يا وري اُنهن نئين سوچ کي اپنايو آهي. ڪٿي ڪٿي روايتي سُر ملي بہ وڃن ٿا پر اُنهن جو نظريو ساڳيو نہ آهي.

اڄ جي زماني ۾ ٽيڪنالاجي ۽ سوشل ميڊيا، اِنسان جي روزاني ڪرت ڪار کي ئي بدلي ڇڏيو آهي. ان جو اثر شاعريءَ تي بہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح ٿي رهيو آهي. مثال ڪو وقت اڳ ’ٻار ڪيرائڻ‘ ابارشن، سماجڪ يا نئتڪ گناهہ هو ۽ پڻ سرڪاري بندش بہ هئي. بعد ۾ اها سرڪاري بندش نہ رهي پر هاڻ ٻار جي ڌيءُ يا پٽ جي جنم کان اڳ جاچ مُمڪن ٿي آهي پر سرڪاري بندش آهي. اڄ ٻار جو جنم ڪِرايي جي ڪوک ۾ بہ ممڪن ٿيو آهي. انهن بدلجندڙ حالتن ۾ سماج، سائنس ۽ سرڪار جو دخل آهي ۽ شاعر سماج جي خيال کي توج ڏئي ٿو.

شايد اڳتي هلي ڌيءُ يا پُٽ مرضيءَ سان پيدا ڪرڻ بہ ممڪن ٿئي. يا وري ڌيئرن جو ڏڪر ٿئي ۽ ’مردن جي دنيا‘ بڻجي وڃي. نين حالتن ۾ اِنساني ڀاونائن ۾ بہ وڏو ڦيرو ممڪن آهي. ممتا ۽ پريم جي بہ سوشل اِسٽيٽس بدلجڻ جا امڪان نظرن ٿا. هڪ سُجاڳ شاعر اهڙن نَوَن رُخن کي سنجيدهہ نموني کڻندو رهيو آهي. اها سماجڪ سڄاڳي، سنڌي شاعرن ۾ برابر نظر اَچي ٿي. ان طرح جي عجيب سماجڪ حالتن جو اصلي ڪارڻ ٽيڪنالاجي آهي ۽ اها اسان جي ڀلائيءَ لاءِ آهي. پر ان سان ايندڙ نسل جي وهنوارن جو بہ سڌو واسطو آهي. شاعر ۽ ليکڪ کي پاڻ کي پنهنجي اظهار کي نين حالتن سان نهڪائڻ ضروري آهي ۽ هو ان لاءِ تيار نظر اَچي رهيو آهي.

زندگيءَ جيِنَوَن روپن، نَوَن حوالن ۽ نين حالتن جي مدنظر جديد زماني جي شاعرن اهڙين تبديلين کي نظرانداز نہ ڪيو آهي. پر نئين پيڙهيءَ جي شاعرن جي ڏڪر جي ڳالهہ نرالي ۽ ڀيانڪ چنتاجنڪ آهي. پوءِ بہ اها اُميد رکڻ جا اسان کي ڪافي واجب سبب آهن تہ شاعر نوان موضوع، نوان خيال يا مضمون شاعريءَ ۾ اپنائي رهيا آهن ۽ هو چڱي حد تائين سڄاڳ ۽ سڦل آهن. شاعر ريڊيميڊ موضوعن تائين محدود نہ آهن، ايترو وشواس هو ڏيئي سگهيا آهن. هنن وٽ نَوَن موضوعن جو وڪاس ڪرڻ جي ڪلپنا شڪتي موجود آهي. ’گهر‘ جي ڪلپنا ۾ جديد نظر هڪ-ستي ’تنها‘ ۾ ڏسجي ٿي نئين درشٽي :

”ماڙن وارا گهر ائين، ڄڻ ماچيسن جا محل“ (ستيش روهڙا)

هت اسان حويلين بجاءِ ملٽي اِسٽوري فلئٽس ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ نئين تشبيهہ ڏسي سگهون ٿا. جنهن ۾ بزرگ ڪوي ستيش روهڙا جديد نظر جو اظهار ڪيو آهي تہ وري بلڪل نوجوان شاعر منوج چاولا چوي ٿو:

گودڙي سنهي روئي پوندي
ڪوڙا سپنا ڏنا اٿئي ڇو؟ (منوج چاولا)

هت آشائن کي حد اندر رهڻ جي منووگيانڪ نظر جو تمثيلي اظهار ملي ٿو. اڄ جي وهنوارڪ ڪشلتا جو هيءُ منظر بہ اهڙي شاهدي ڀري ٿو:

بينا سوين هزار
عرضيءَ سان جن سوَ ڏنا،
تن لاءِ ناهہ قطار.... (مرلي گووندا‌ڻي)

## مناسبت Validity

آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي شاعريءَ جي موضوعن جي حوالي واري هن اڀياس جي 'مناسبت' واجبيت جي چڪاس ۾ تاتپرج ڏسڻ به دلچسپ ٿيندو.

ساهتيه ۾ ساهتيڪار سماج کان متاثر ٿئي ٿو ۽ پڻ سماج کي متاثر ڪري ٿو. اکرن ۽ لفظن جي هن وسيلي وارا شاعر ليکڪ ۽ پترڪار ڄاڻ ۾ يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾، سماج طرف پنهنجا فرض به نڀائيندا رهندا آهن. ان ڳالھ جو ٿورو خلاصو به ضروري آهي. ڪڇ ۾ زلزلو ٿئي ٿو ته پريم پرڪاش ناٽڪ لکي ٿو. ڪنڊلا بندر تي سمنڊ جو ڇوليون اِنسان تي قهر ڪرڻ لاءِ اچن ٿيون ته اِندرا واسواڻي ڪويتا ۾ ان جو درد پيش ڪري ٿي. ديش جي هڪ حصي ۾ ڪنهن قوم تي حملا ٿين ٿا ته هريش واسواڻي ڪهاڻي لکي ٿو. ديش جي پرڌان منتريءَ کي هن جا رکوالا ئي قتل ڪن ٿا، شيام جئسنگھاڻي ڪويتا ۾ دانهن ڪري ٿو.

ڇو؟

شايد اِهي لکيتون هنن جي فطرت ۾ به نه آهن. پوءِ به ڄاڻ ۾ يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ليکڪ شاعر اهڙن موضوعن تي لکڻ لاءِ آماده ٿين ٿا ۽ اڻ سڌيءَ طرح هڪ قسم جي فرض ادائي به نڀاهن ٿا. هونءَ ته ڪو شاعر عام طور ڪنهن خيال کان متاثر ٿي جڏهن ڪويتا لکي ٿو ته هن کي خبر نه به پوندي هوندي ته اهو خيال آخر هن کي ڪٿان ۽ ڇو آيو! دِماغ هرپل هردشا کان اڻ ڳڻيا تاثير جهٽيندو رهي ٿو. اهي هن جي ارڌ چيتن من ۾، (ڪڏهن وري اَچيتن اوستا ۾ به!) وسندا رهن ٿا. انهن جو هڪ گڏيل مجموعي تاثير هن جي 'مانسڪتا' کي هر پل گهڙيندو رهي ٿو. جنهن کي اسان اِنسان جي سمجھ ۽ سڀاوَ جو جوڙ چئي سگهون ٿا. ان جوڙ جي جوڙجڪ مطابق ئي هو سوچڻ جي دِشا پراپت ڪري ٿو. ڪڏهن کي گهٽنائون هن کي ڇرڪائن يا هرکائن ٿيون. تڏهن هو ترت ان پل Instantly ڪا نئين دِشا پراپت ڪري ٿو ۽ هن جي سوچ جي اِها دِشا هن کي ڪنهن 'خيال طرف موڙي ٿي' بس ان کان پوءِ اِنسان جي ردعملي ڪرت Action of Reaction شروع ٿئي ٿي. جي اِهو اِنسان شاعر آهي ۽ ڪجھ لکڻ گنگنائڻ (من ۾ به) لءِ من سان سهوليت پري حالت ۾ Comfortable آهي ته ڪويتا جنم وٺي ٿي. پوءِ اها ٻن سٽن جي ٿئي يا ڪيتري به. اِتي ان شاعر جو اهو 'خيال' موضوع بڻجي ٿو.

جنهن سماج جي جِن حالتن ۾، جيڪو شاعر، جنهن حد تائين، اَحساسات کي جنهن نموني جهٽي ۽ اظهاري ٿو، اوتري حد تائين، اَهڙي نموني جي رچنا جو سرجن ٿئي ٿو.

هن سڀ ورتانت جو سار اهو ٿيندو ته شاعر جي موضوع جي چونڊ، گهڻو ڪري سُڄاڳ سوچ جي يا سُڄاڻ نه پر سُجهجهي ويل هوندي آهي. پوءِ به هن جي اُن مانسڪتا جي گهڙڻ ۾ سماجڪ حالتن جو وڏو رول ته آهي ئي. ان ڪري ئي سماج ۽ ساهتيه جو رِشتو هڪ ٻئي کي متاثر ڪرڻ جو مڃيو ويو آهي.

آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي شاعريءَ ۾ به وقت به وقت موضوعن جي مجموعي چونڊ پنيان به، سماجڪ حالتن، خاص ڪري آس پاس جي ٻاهرين ۽ من جي واتاورڻ (هڪ طرح مانسڪ يا چت جي دَشا) جي پرڀاوَن ساڻ شاعريءَ جو سرجن ٿيندو رهيو آهي جو شاعر حساس دل Sensitive آهي.

هو دنيا داريءَ کان دوُر هلندڙ زندگيءَ کي نج نظر سان پرکيندو آهي ۽ خيال جهٽيندو آهي. موضوع، مضمون، خيال جو خلقجڻ، اڻ سڌيءَ طرح سماجڪ پَس منظَر ۽ شاعر جي مانسڪتا جي ان پل جي اِسٿتيءَ تي منحصر آهي. پوءِ به ڪو شاعر 'سدا گلاب' جهڙو اَتي- شرنگارڪ شاعري ٿو ڪري ته ڪو گيتا جي گيان جي واکاڻ ٻڌائڻ لاءِ گيتا جو هڪ وڏيڪ ترجمو ٿو ڪري! در اَصل ٻئي شاعر هڪ

ٻئي ڪان الڳ نہ آهن. ان پل جي وٿي آهي - جڏهن هنن کي ان موضوع طرف سوچڻ جي ڏِشا ملي هوندي.

ايتري اُپٽار موضوعن جي چونڊ بابت اهو سمجهڻ ۾ ڪجهہ سهايڪ بہ ٿي سگهي ٿي تہ شاعر ڪئن موضوع جي چونڊ طرف ڇڪجي ٿو. ان ڪري هن کي يا هنن کي روز روز نوان نوان موضوع سجهندا رهندا آهن ۽ هو خيال کي ڪلپنا سان جوڙي، تمثيلي ۽ تشبيهي سجاوٽ سان پاڻ لاءِ (۽ خود پنهنجي آتم رَتيءَ جي ترپتيءَ لاءِ بہ) پيش ڪندا آهن.

هت پيش ٿيل هنن موضوعن جي ’سلسلي‘ کي ڪو آڌار نہ آهي، نہ ئي ممڪن آهي؛ سواءِ ان جي تہ پهريان بہ موضوع وقت جي حوالي سان جڙي آيا آهن ۽ پوءِ جا ڪجهہ موضوع عام طور شاعريءَ سان وابسطہ آهن ۽ سنڌيءَ ۾ بہ ڪافي ڪم آندل آهن. ڪن حالتن ۾ عيوضي سنگرهن جي ورتل آڌار جي سلسلن جو اَثر ٿيو آهي.

هونءَ تہ ڪو شاعر سوچي سمجهي ڪنهن موضوع تي لکڻ ڪونہ وهندو آهي، ائين ئي جڏهن ڪيس ڪجهہ سجهندو (Intution) آهي تڏهن لکجي ويندو آهي.

هن ڪان فرمائش واري رچنا، پاد-پورتيءَ واري رچنا يا فلمي ڪهاڻيءَ سان مئچ ڪري Situational رچنا گهٽو ڪري سيڪنڊ ڪلاس رهندي آهي؛ اَپواد ڇڏي.

سنڌي شاعريءَ ۾ آزاديءَ جي هيڏي وڏي گهٽنا جي اَثر ڪري، اڳ ئي عمل ۾ آيل ۽ پارٽ پر ۾ ڦهليل ترقي پسند نظريو ۽ پوءِ سنڌين جي لڏ پلاڻ بعد سنڌ جي سارَ جي سنڌيت جي لهر جا موضوع عمل ۾ اَچڻ هڪ اِتهاسڪ ڪرشمو ڪري ڪٿڻ گهرجي. بعد ۾ ذڪريل سماجڪ نظريو، رومانيت، قدرت، جماليات، نفساني موضوع هڪ ٻئي سان جڙيل ۽ عام طور هر شاعر جي اوليت وارا موضوع رهيا آهن. ٻيا موضوع Random سمجهڻ گهرجن يا ڪويتائن جا سنگرهہ ۽ چونڊ سنگرهہ پڙهندي تاريل چئي سگهجن ٿا.

خاص ڪري جن وشين تي وڌيڪ ڪَوِين لکيو آهي - انهن کي اوليت ڏنل آهي.

خاص موضوعاتي شاعريءَ ۾ اهڙي چونڊ جي گنجائش ئي ڪانہ آهي. جيڪي اهڙا اهميت ڀريا ڪتاب مَيسر آهن، اُنهن ۾ آيل موضوع ئي سپاويڪ طور ايپاس هيٺ ڪٽٺا آهن.

هن ايپاس ۾ ڏسڻ ۾ ائين اوس آيو آهي تہ سنڌي شاعر پنهنجي مخصوص حالتن سان منهن ڏيندي ساهيتہ سرجن جي وات ٺاهي آهي. پارٽ پر ۾ پکڙجي ويل ۽ آرٿڪ طور سپ ڪجهہ وڃائي وري نئين سر ٺانئيڪا ٿي جيون کي ڪنهن طرح هلائيندي، پنهنجي سوچ کي دشا مِلندي، هن قلم هلايو آهي ۽ پاڻ سان، پنهنجي شعور سان، پنهنجين وقت بہ وقت درپيش ٿيل حالتن سان، پنهنجي جاتي قوم سان ۽ پڻ ديش جي پاونا سان وفادار رهي نباهيو پئي آهي يا چوڻ گهرجي پنهنجي جذبات سان نباهيو آهي.

البت هت رواجي يا ان ڪان بہ گهٽ درجي جي ڪويتائن جي رچنائن سان، شعور سان نباهڻ ڪان قاصر ڪوين جي خاص اهميت ڪانہ ڳڻي آهي. بلڪ عيوضي ڪوين ۽ عيوضي ڪويتائن جي مجموعن کي ئي وڌيڪ ڌيان ۾ رکيو ويو آهي. ان ڪري هن ايپاس جي دوران ايندڙ تارَڻ نچوڙ Collective Flavour جي واجبيت يا مُناسبت جي Validity ڪافي حد تائين قابل- قبول هئڻ جو ٿورو آتم وشواس بہ اوس محسوس ٿيو آهي.

ان لاءِ وڏو سبب اِهو بہ آهي تہ سنڌي شاعريءَ ۾ آزاديءَ ڪان پوءِ، ساهتيہ اڪادميءَ جهڙين معتبر سنستائن طرفان چونڊيل معتبر سمپادڪن جي رٿائتي عيوضي رچنائن جي چونڊ ڪيل سنگرهن کي مکيہ آڌار بڻائڻ سان، پاڻ ڪان وڌيڪ هنن جي عيوضيپڻي Representation کي اهميت ڏيڻ سان، ڪافي حد تائين، سموري شاعري، اڻسڌيءَ طرح هن ايپاس ۾ نظر ثاني هيٺ آڻڻ جي منشا

بہ برثواب ٿي آهي. ساڻ ساڻ اهڙن سنگرهن ۾، ڪن بہ ٽيڪنيڪل ڪارڻن سان، ڪيترين رچنائن يا شاعرن جو اُتي سماويش نہ ٿي سگهڻ ڪري يا اُنهن جي شموليت اڻ گهربل هئڻ ڪري بہ اهڙن شاعرن ۽ هنن جي رچنائن جي هن اڀياس ۾ الڳ نظر سان اهميت هئڻ سبب، هنن جو هتي جوڳو قدر ڪرڻ نيڪ سمجهيو ويو آهي. مثال اهڙن عيوضي سنگرهن ۾ مهاڪاويہ جي هت شامل رچنائن جو يا 'سدا گلاب' يا 'دلبر پٽ منهنجو' جهڙين رچنائن جو ذڪر بہ مشڪل ملندو. پر موضوعاتي شاعريءَ جي خاص سلسلي سبب، هنن جو هت ڀرپور ذڪر ڪيل آهي.

موضوعن جي وڪاس ۾، وقت جي سلسلي کي ڪٽڻ ممڪن ٿي نہ سگهيو آهي، پوءِ بہ، عيوضي رچنائن جي چونڊ ۾ آيل وقت جو سلسلو، ڪنهن طرح هت، پاڻ مرادو نظر اَچي سگهيو آهي. ساڳي ڳالهہ شاعرن جي شموليت يا رچنائن جي مثالن جي شموليت کي بہ اهڙي آرڊر ۾ آڻڻ ممڪن نہ ٿي سگهيو آهي. پر ان جي هن قسم جي حوالائي اڀياس ۾ ضرورت بہ نہ سمجهي ويئي. پر عيوضي شاعرن کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ بابت جوڳو ڌيان رکيل آهي.

اهو هت وري بہ دهرائڻ ضروري ٿو لڳي، تہ هن اڀياس ۾ ڏنل مثال چاهي موضوعاتي شاعريءَ لاءِ ذڪريل ڪتابن جو آڌار فقط ۽ فقط وابسطہ وشيہ وستو ئي رهيو آهي، اُنهن رچنائن جو ساهتيڪ معيار نہ رهيو آهي. ساڳئي ئي خاص سبب ڪري، هن اڀياس جي دائري کي ڪشادو ڪرڻ جي ڪجهہ ڇوٽ بہ ورتي ويئي آهي.

هن اڀياس هلندي محسوس ٿيل هڪ ٻہ کٽڪندڙ ڳالهہ جو ذڪر بي جاءِ نہ ٿيندو. اسان کي ناميارن ڪوين وٽان شاهڪار رچنائن جي اُميد رکڻ جو هرڪو حق آهي، پر اهڙي اُميد خاص برثواب نہ ٿي آهي. وري ساڌارڻ شاعريءَ کي نقلي تعريف ڀل گهٽ ملي ، پر ان جي تنقيد نہ ٿيڻ سبب اهڙا سنگرهہ ايندا ئي رهيا. سرڪاري مدد جون خدمتون بهتر ڪويتا بجاءِ، ساڌارڻ ڪويتا کي ئي وڌيڪ مليون ڇو جو ڪيترا معتبر ڪوي اَهڙي مدد لاءِ مشڪل سان اڳيان اَچڻ چاهيندا هوندا.

شايد اسان وٽ ٥٠٠ ڪويتا جي ڪتابن مان Classical Value وارا ٥٠ ڪتاب مشڪل ملندا. باقي وقت جي پرواهہ ۾ لڙهي ويندا. شايد اسان ڪويتا جي نہ، ڪويءَ جي تعريف ڪري سنڌي اَدب ۾ غلط روايت قائم ڪري وِڌا آهيون. يا لڳي ٿو، ڪويتا لاءِ ڏيرج واري Dedication جو نہ هئڻ ۽ تڪڙي تعريف جي لالچ ۽ سرڪاري مدد ۽ اِنعام ان لاءِ جوابدار آهن- جن مان ڪيترن قصن ۾ سستم ئي گهرگهلي آهي. هت هڪ ڳالهہ دهرائڻ جهڙي آهي آزاديءَ کان پوءِ اسان وٽ وڏن ناميارن(!) ڪوين مان ڪِن تہ هڪ بہ 'يادگار' ڪتاب نہ ڏنو آهي! پوءِ بہ هو ناميارا ۽ وڏا ڪوي ٿي سگهيا آهن، ڇو جو بار بار هنن لاءِ آدر ۽ تعريف جي ذڪر اسان کي ائين مڃڻ لاءِ آمادهہ ڪيو آهي. ان ڪري شاهہ سچل ساميءَ جهڙن Classical ڪوين جي ورثي باوجود اسان کي ڏيئي وئي هڪ بهترين ڪوي مليو آهي- نارائڻ شيام، جنهن لاءِ اڃا تہ 'ٻہ رايا' نظر نہ آيا آهن. ٻيو شايد نئين ڪويتا جي سلسلي ۾ هريش واسواڻي بہ ڇئي سگهجي، جنهن لاءِ بہ اڃا تہ 'ٻہ رايا' نظر نہ آيا آهن. باقي حال حيات مربي ڪوي جيڪي لکي رهيا آهن، تن مان وڏيون اُميدون رکڻ جو اسان کي هرڪو حق آهي. ها، هلندي هلندي، هيءُ هيترو ڏکوئيندڙ Painful نوٽ ونڻ هت ان ڪري جائز سمجهڻ جو عرض بہ ڪري ونڻ نيڪ ٿو لڳي، جو هيءُ سنڌي شاعريءَ جي پنجاهہ سالن جي وڏي ۽ اهم عرصي بابت هڪ اڀياس آهي. هيءُ عرصو وڏو ان ڪري آهي جو هنن پنجاهہ سالن ۾ جيترو لکيو يا ڇپيو ويو آهي، ايترو اڳ جي هزار سالن ۾ بہ نہ آيو آهي. هيءُ عرصو اهم ان ڪري آهي جو اسان ان عرصي جا ئي شاهد آهيون. ۽ سڀاڻي جي تہ هونءَ بہ ڪنهن کي خبر آهي؟ سوشل ميڊيا ۽ ٽيڪنالاجي خبر نہ آهي، احساس جي اِميج کي ڪهڙي روپ ۾ تبديل ڪري! تبديل-جيڪا شروع بہ ٿي چڪي آهي.

## ضميمو

### موضوعن تي سرسري نظر - هڪ فهرست:

آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا جو اَڀياس- موضوعن جي حوالي ۾ هن سلسلي ۾ ذڪر هيٺ آيل عام موضوع توڙي خاص موضوعن تي سرسري نظر وجهڻ لاءِ هيءَ فهرست محض هڪ ريڊي ريفرنس آهي.

ڪيترا موضوع هڪ ڪان وڌيڪ نالن سان به سڃاڻڻ جو رواج آهي. ڪيترا ٻئا موضوع هڪ ئي شاعريءَ ۾ ساڳي اهميت رکندڙ به آهن. خاص موضوعاتي شاعريءَ يا ڪويتا جا سلسلا يا لنبي ڪويتا جا خاص موضوع، 'رچنا' ۾ بين واڌو موضوعن کي به ساڻ ساڻ پيش ڪندا آهن. ڪي موضوع، خود ۾ موضوع گهٽ پر ڪويتا جي شئليءَ سان وڌيڪ سڃاتا ويندا آهن.

### عام موضوع

١- سنڌ جي ساروڻي يا سنڌيت
٢- ترقي پسند نظريو
٣- سماجڪ نظريو
٤- رومانيت (پيار محبت جو جذبو يا شرنگار رس)
٥- قدرت-ڪائنات (موضوع طور يا سهايڪ طور)
٦- جماليات- (علم-خوبصورتي، موضوع طور يا شئليءَ طور)
٧- نفساني ( Sensual )
٨- آتم چنتن (فلسفہ-حيات)
٩- موت
١٠- طنز (موضوع طور يا شئليءَ طور)
١١- ناري چيتنا (स्त्री - विमर्श)
١٢- اڪيلائپ
١٣- گهر
١٤- زندگيءَ جي ڪشمڪش
١٥- آتنڪواد
١٦- شهريت
١٧- ديو مالائي حوالا (Mythological)
١٨- مذهبي تعصب
١٩- منو وگيانڪ سوچ
٢٠- مهانگائي
٢١- ڍڪوسليبازي (ڍَنڀُ)
٢٢- جديديت (موضوع، ويچارڌارا يا شئلي)

هت ڪيترا موضوع پنهنجو پاڻ ۾ اڪيلا موضوع نہ آهن، پر جڻ ڪيترن سارن ملندڙ جهلندڙ موضوعن جو گڏيل بنچ آهي، جنهنجا ڪيترائي روپ، قسم، Shades ڪويتا ۾ ملندا رهندا آهن يا وري اهي خود ۾ ڪنهن شئليءَ جيان ڪيترن موضوعن کي پيش ڪرڻ ۾ به سهايڪ هوندا آهن، جئن قدرت، جماليات، منووگيانڪ سوچ وغيره.

## خاص - موضوع (موضوعاتي -ڪويتا)

## اهم -ڪتاب ۽ انهن جا موضوع

١- جڳمڳ جوت (گوتم ٻڌ جي جيونيءَ جي موضوعاتي ڪويتا)
٢- عملي عالم (چوئٿرام گدواڻيءَ جي جيونيءَ جي موضوعاتي ڪويتا)
٣- لاکيڻو لعل (سنت ڪنوررام جي جيونيءَ جي موضوعاتي ڪويتا)
٤- روپ- مايا (جمالياتي شرنگار رس جو ميلاپ وارو مينڪا ۽ وِشوامتر جي ملن جو موضوع)
٥- مٽڪو (هڪ ڪردار واري غريبيءَ جي انتها واري موضوعاتي ڪويتائن جو سلسلو)
٦- واپسي (موضوع- هڪ ڪردار واري لنبي ڪويتا جو سلسلو. اڳ جي غريبي اڄ جي اَميري ۽ جديد دؤر جا رشتا)
٧- اَنڌو دونهون (موضوع- سِنڌُ جي سار)
٨- اِستري تنهنجا روپ (اِستريءَ جي سماجڪ حيثيت جي موضوعاتي ڪويتا)
٩- اسمتا جي نالي هڪ ڪاويہ - ڪٿا (سنسڪرتيءَ جي موضوع تي هڪ ننڍڙو ڪٿا ڪاويہ)
١٠- پڳٽ (سنسڪرتيءَ جي سنڪٽ جي موضوع جي ڪويتا)
١١- منش -نگري (اِنساني جڳياسا جي موضوعاتي ڪويتا جو سلسلو)
١٢- تنهائي ۽ ڪوڙو دونهون (نئين احساسداريءَ جون پهريون موضوعاتي ڪويتائون)
١٣- رندي ڪلام الصوفيا (صوفي ڪويتائن جو ننڍو سنگره)
١٤- ايسر جا صوفياڻا ڪلام (صوفي ڪويتائن جو وڏو سنگره)
١٥- جي پائين جوڳي تيان (دلپت ڪويءَ جي صوفي ڪويتائن جو سنگره)
١٦- دلبر پُٽ منهنجو (پٽ جي ويوڳ ۾ لکيل لنبي ڪويتا جو ڪتاب)
١٧- ممبئي منهنجي (ممبئي شهر جي موضوع تي ڪويتائن جو سنگره)
١٨- گوئاني منظر (گوئا- پنجم شهر بنسبت موضوعاتي ڪويتائون)
١٩- او شڪارپور! (شڪارپور جي ياد جي موضوع تي لکيل لنبي ڪويتا)
٢٠- آزادي آندولن جا گيت (آزاديءَ جي موضوع جي گيتن جو سمپادن)
٢١- سدا گلاب (شرنگار رس ۾ اِستريءَ جي سونهن جي موضوع تي لکيل ڪويتا)
٢٢- ڪجهه موضوعاتي ڪويتائن جي اهم ڪتابن جي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيل ترجمن جو حوالو- (جئن گيتا جو انواد، رام چرت مانَس، ساوتري، گيتانجلي وغيره)

## باب - ڇهون
## آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا جواَپياس اِظهار جي نوَن طريقن جي حوالي ۾

6.1 1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا جوُن عام صِنفوُن:
6.2 1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا جوَن خاص صِنفوُن.
6.3 سنڌي شاعريءَ ۾ اظهار جا نوان طريقا- نوان پريوگ
6.4 سنڌي شاعريءَ ۾لنبيوُن ڪويتائون-ڪنڊڪاويہ - مهاڪاويہ
6.5 سنڌي ڪويتا ۾ هڪ ڪردارِ تي لکيل ڪويتائي سلسلا
6.6 سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جي اهميت
6.7 سنڌي نئين ڪويتا جو يگ، پريوگ ۽ حاصلاتون
6.8 سنڌي نئين ڪويتا جو سفر :نئين ڪويتا کان ڪويتا تائين
6.9 سنڌي ڪويتا ۾ ڪويتا جي نالي ۾ رواجي رچنائن جي ڀرمار
6.10 غير رواجي ڪويتائون. ڪجهہ خاص حاصلاتون.
6.11 1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا ۾ اظهار جا نوان طريقا، ڪٿ، وڪاس ۽ مناسبت
6.12 ضميمو:١: سنڌي شاعريءَ جي صنفن تي سرسري نظر: هڪ فهرست
6.13 ضميمو:٢: ڪجهہ خاص ڪويتائون. سرسري نظر. هڪ فهرست

# پس - منظر

ڪلا جو هڪ نالو ئي آهي سُندرتا.

ٻين لفظن ۾ ڪلا (۽ ان ڪري ڪويتا)؛ يا ڪويتا (۽ ان ڪري ڪلا) بابت هر ڳالهہ سندرتا جي حوالي سان جُڙيل آهي. جڏهن تہ ڪويتا جي ڪلا، شبدن جي ڪلا آهي، ان ڪري هت ان سندرتا جو واسطو بہ شبدن سان جڙيل رهڻو آهي. شبدن يا لفظن جو آڪار-پرڪار تہ بس ڪِنِ لڪيرن تائين محدود آهي. پر ان کان سواءِ لفظ جي وجود جا بہ اَهم پهلو آهن- آواز ۽ اَرٿ. آواز يا ناد کي سنسڪرت ۾ ڌونيध्वनिچوڻ نيڪ لڳندو. اَنگريزيءَ ۾Sound چئي سگهجي ٿو. ڌونيءَ جا ڪُل 10455 ڀيد ڳڻايل آهن. (’ڪاويہ پرڪاش‘)ائين سنسڪرت ۾ ڪويتا جي شاسترن ۾ ان جي وڏي اَهميت آهي. هرهڪ لفظ- شبد جو پنهنجو آواز يا آوازي سرشتو آهي. اهو اُچارڻ سان واسطو رکي ٿو. ان جي آواز جي لرزش جو بہ هڪ قسم جو سنگيت ئي چوڻ گهرجي. ان جي اَثر يا گڏيل اَثرن سان هڪ طرح جي گونج ٿئي ٿي. سنسڪرت ڪاويہ شاستر ۾ ان متعلق پورو ’ڌوني سمپردايہ‘ موجود آهي. ان کي ٻين ڪن اَهم عناصرن- تتن جيان- ڪويتا جي آتما چيو ويو آهي. اَلبت هت اِهو وسارڻ نہ گهرجي تہ ان زماني ۾ ڪويتا ڳائڻ يا اُچارڻ سان وابسطہ هئي يا ائين چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو تہ اها ڳائڻ، اُچارڻ يا گنگنائڻ سان ئي وابسطہ هئي. هن پرمپرا نسبت آنندورڌن جو گرنٿ ’ڌِوَنيالوڪَ‘ ڏسڻ وٽان آهي.

اَڄ ڪلهہ پڙهڻ جي، بنا اُچارڻ جي (Silent) سرشتي ۾ ’آواز‘ جو اَثر (Effect) پڻ شانت رهي ٿو. جيتوڻيڪ اُهو ڪنهن نہ ڪنهن گڻ يا ماترا ۾ جهٽجي ٿو. شانت پڙهڻ ۾ بہ ’آواز‘ پنهنجو جادو جاري رکي ٿو. ائين ڪويتا جي ڪلا جي، اَڪيلي نہ سهي، مکيہ ماڌيم ’شبد‘ جي، اُن آواز جو تاثير تہ قائم ئي آهي. اهو ڪجهہ ان طرح آهي جيئن گونگو ماڻهو ڪويتا پڙهي بہ ان ’تاثير‘ جو اَحساس ڪري سگهندو(هوندو). يا جڏهن چوڻي آهي تہ جنهن کي هٿ نہ هوندا آهن، ان کي بہ نصيب تہ اوس هوندو آهي. چاهي هن کي هٿ جون لڪيرون نہ هونديون آهن. تئن، اَسين چاهي آواز جو اُچارڻ نہ بہ ڪريون، اِهو من ۾، وڄي رهيو هوندو آهي.

لفظ جي ان آواز يا اُچار جي آڌار تي گنگنائڻ جي يا اُچارڻ جي حوالي سان، ان لاءِ گهربل وقت جي بنياد تي، ماترائون يا وزن مقرر ڪيا ويا ۽ اُنهن جي وِستاري سرشتي ۾ ’ڇند شاستر‘ آيو، جنهن سان ڪويتا- شاعريءَ سان ڳائڻ جي ڪلا بہ جُڙندي رهي. ان سلسلي ۾ ئي لفظن جي ڳٽپ جي آڌار تي بہ ڇند جڙندا رهيا ۽ شاعريءَ جي هڪ قسم جي وياڪرڻ- گرامر جي آڌار تي ان جا قسم بہ جُڙندا رهيا. هنن بابت سنسڪرت ۾ ’ڪاويہ شاستر‘ جي وڏي پرمپرا عجب ۾ وجهندڙ حد تائين ڦهليل آهي، جيڪا سنڌيءَ ۾ بہ ايتري ئي اَهم آهي.

لفظ يا شبد جي آڪار کان سواءِ، ان ’آواز‘ کان پوءِ، ان کان بہ اَهم، ان کان بہ وشال، ان جي

شڪتي ان جي اَرٿ ۾ سمايل آهي. هرهڪ لفظ جو ڪونہ ڪو اَرٿ يا معنيٰ آهي. اِها ڳالھ ائين تہ بنا شڪ بلڪل درست ۽ هر ٻوليءَ جي سرشتي ۾ قبوليل آهي تہ هرهڪ لفظ جي ڪا نہ ڪا، يا هڪ کان وڌيڪ معنيٰ ٿيندي آهي ۽ ان سان ئي شاعريءَ جو 'شعور' جُڙيل رهي ٿو. پر هت ٿوري ٽيڪنيڪل ڳالھ ڪري وٺڻ جهڙي آهي. برابر اهو تہ اوس مڃيو ويو آهي تہ هر هڪ شبد کي ڪا معنيٰ آهي. پر اهو بہ اَوس مڃيو ويو آهي تہ ڪنهن بہ لفظ کي (پنهنجو پاڻ ۾) ڪا بہ معنيٰ نہ آهي. لفظ کي معنيٰ جُملي سان ملندي آهي. بنان جُملي ڪنهن لفظ کي اَصل ۾ ڪا معنيٰ ڪانهي. شاعريءَ ۾ تہ اُن معنيٰ جي بہ خاص معنيٰ آهي، مهما آهي. ان معنيٰ جون بہ گهڻيو معنائون آهن؛ ان جا ڪيترا تھ آهن، ان جون ڪيتريون ئي ڪُنڊون آهن. اِشارن کان گونج تائين.

ان طرح ڪويتا يا شاعريءَ جي ماڌيم طور شبدن جي ڪلا جي سلسلي ۾، لفظ يا شبد جي آڪار تي ، آواز ۽ اَرٿ جي گڏيل تاثير جو جوڙ اسان جي هن اَڀياس جو آڌار آهي. ان جي اَندرين ۽ ٻاهرين آڪار ، آواز ۽ اَرٿ جي سندرتا جي سڃاڻپ ۽ پرک ڪندي ڪندي هت اَڳ ۽ اَڄ جي شاعريءَ جي  نون طريقن جو اَڀياس ڪرڻ مکيہ مُراد رهندي.

هر ڪلا جيان، ڪاويہ ڪلا جو بہ ، پنهنجو شاستر آهي. هر ڪلا جيان، ڪويتا-ڪلا جي بہ پنهنجي صدين پراڻي روايتن جي، پرمپرائن جي تاريخ آهي. ائين برابر آهي تہ ڪويتا جو هر اَڀياس ڪنهن خاص ڀاشا- ٻوليءَ جي ڪويتا جو اَڀياس هوندو آهي. پر هر ڀاشا- ٻوليءَ جي شاعريءَ جو اَڀياس، پنهنجن حوالن سميت، يا ان کان سواءِ بہ ڪويتا جو، ڪويتا ڪلا جو اَڀياس هوندو آهي. ان ڪري، هت، آزاديءَ کان پوءِ جي اَڌ صديءَ  جي آس پاس جي وقت جي، سنڌي شاعريءَ جو اَڀياس پڻ آهي. هت تہ پاڻ، خاص حوالي طور، نَوَن طريقن NEW TOOLS جي سلسلي ۾، سنڌي ڪويتا جي وڪاس ساڻ، ڪويتا-ڪلا جو اڀياس، اول ۽ اَهم آهي.

هر ڪلا، ان ڪري ڪويتا بہ، حساس دِل شخص جي آتم اظهار جو ذريعو آهي. اِظهار لاءِ هت 'شبد' ماڌيم آهي ۽ شبدن جي آڪار آواز ۽ اَرٿ جي جوڙجڪن جي اَنيڪ طريقن ۾ وقت بوقت نئين پيشڪش جي ڪوشش ٿيندي رهندي آهي. اَهڙين نين ڪوششن جي اَنجام جي سڃاڻپ ۽ جاچنا هت هن اَڀياس ۾ ڪرڻي آهي. اول، سنڌي شاعريءَ ۾ اظهار جي نَوَن  طريقن جي سلسلي ۾، خاص طور، اَڀياس جو داعرو نظر ۾ رکڻ بهتر ٿيندو.

**(ا)  صنف-فارم** (ٻاهريان اوزار)

شاعريءَ ۾ 'فارم' جي يعني 'صنف' جي پنهنجي يگاني اَهميت رهي آهي. گهڻو ڪري، ويهين صديءَ جي پهرين اَڌ تائين، ان جو واهپو، ذري گهٽ اَٽڪر نظر اَچي ٿو. بلينڪ ورس، کي اَپواد مڃون تہ ، هر ٻوليءَ ۾، شاعري، ڪنهن نہ ڪنهن فارم ۽ ڇند کي آڌار بڻائي هلندي نظر اَچي ٿي. سنڌيءَ ۾ پڻ اَسان وٽ بيتن ۽ ڳاهن جي روپ ۾، آڳاٽيون (اٽڪل  هزار کن سالن کان) صِنفون ملن ٿيون.

اڻين صنفون يا شاعريءَ جا فارم هن اَپياس جو هڪ مکيہ وشيہ رهيو آهي ۽ اَڳ کان اَڄ طرف انهن جي پراڻن کان نَوَن رچنا روپن جي اُپٽار ڪرڻ سان نَوَن طريقن جي پڇاڻ ڪرڻ هڪ وڏو مُدو ٿيندو.

**(٢) ساهتيڪ صِفتون** (شاعريءَ جا اندريان اوزار)

شاعريءَ ۾، شبدن دواران، احساسن جي اظهار جي باريڪ،سوکيم پيشڪش لاءِ، جمالياتي نظر جا ڪرشما، ساهتيڪ صفتن ذريعي خلقڻ سان، شاعريءَ جا خوبصورت تاثرات دِلِ کي ڇهندڙ بڻجندا آهن. هنن ساهتيڪ صفتن Literary Terms ۾، علم - فصاحَت (النڪار شاستر) جنهن ۾ علامتن، تشبيهن، اشتهارن، تمثيلن جهڙن تخليقي اوزارن جو استعمال، وڏي سگهہ گهري ٿو.

هنن ٻنهي قسمن جي ٻاهرين ۽ اَندرين اوزارن جي مُرڪبي ترڪيب سان، شاعريءَ جو سرجن بهتر کان بهترين بڻجي ٿو. اَلبت، نئين زماني تائين، انهن جو جيڪو ناٽ رهندو آيو آهي، اِهو، نئين زماني ۾، وري ڪِنِ ٻين پَهُلن جي اَڳيان، ڪجهہ جهڪو اَوس ٿيو آهي. جيڪو بہ هن اپياس جي دائري ۾ اچڻ جڳائي. عام طور ڪويتا جي اَپياس لاءِ ’ڇند ۽ اَلنڪار‘ مٿين ٻنهي پهلن لاءِ گڏيل سِرو آهي، پر سڀ کان اَول، شاعريءَ جي صنفن جي تفصيلن کي ڏسڻ بهتر ٿيندو.

## 6.1 1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا جوُن عام صِنفوُن

### صِنف (Literary Form) يا رچنا روپ:

ائين تہ ’ڇند‘ لفظ خود ۾ بہ ڪويتا جي عيوض بہ ڪم ايندو هو، پر هاڻ ان لاءِ اَلڳ اَلڳ ڇندن ۾ لکجندڙ ڪويتا جي رچنا جا اَلڳ اَلڳ روپ پنهنجي پنهنجي سڃاڻپ سان قائم ٿيل آهن. اَلبت ڪي رچنا روپ هڪ ڪان وڌيڪ ڇندن ۾ بہ لکبا آهن. هت مکيہ يا وڌيڪ مقبول صنفن جي ڪجھہ اُپٽار ڪرڻ جو اِرادو آهي ۽ باقي جو ذڪر ڪافي ٿيندو. پر پهرين 1950 ڪان اَڳ‌جي شاعريءَ تي بہ هڪ نظر وجهڻ گھرجي.

### 1950 ڪان اَڳ جون عام صنفون

آڳاٽي اَدب جي وچور ۾ وڃڻ جي هت گنجائش تہ نہ آهي، پر ايترو ذڪر ڪافي ٿيندو تہ ’گنان‘ ۽ ’ڳاها‘ جون ڪي مثالي ڪويتائون- سٺون ڪيترن اتهاسڪارن درج ڪيون آهن. پر پوءِ ’بيت‘ اسان وٽ ايتري تہ ڄاتل سڃاتل صنف رهي آهي جو اِها ’ڪويتا‘ جي لفظ عيوض ڪم اَچڻ لڳي هئي.

تصديقي طور، پهرين مکيہ ڪوي، قاضي قاضن جي112 بيتن جو ٿي پرماڻ اُن لاءِ ڪافي آهي. هت هن ڪويءَ جي رچنائن جي فڪري سوچ توڙي بيتن جي چست بندش ڏسي، لڳي ٿو، هيءُ ڪوي پهريون نہ پر هنڪي مکيہ ڪوي مڃڻ لاءِ دِلِ سُرڪي ٿي.

بيت تہ اڄ تائين اوج تي رسيل شاعري صنف طور قبوليل آهي.

ان ڪان سواءِ آڳاٽي عرصي ۾ مناجات (هڪ قسم جو گيت، جو پيغمبر جي شان ۾ ڳاتو ويندو هوندو) جو ذڪر بہ ملي ٿو تہ سترهن مصرعن وارن بيتن جو ذڪر بہ اَچي ٿو تہ پدن جو ذڪر بہ ٿيو آهي. بيت سان گڏ وائي ۽ ڪافي، ٿنهي کي گڏي ڪلاسيڪي سنڌي شعري صنفن طور بہ سڃاتو ويندو آهي. هڪ وڏي عرصي تائين قديم شعر جو رشتو ڳائڻ وڄائڻ سان بہ جُڙيل رهيو ۽ چارڻ، ڀَٽ هڪ طرف تہ سورهيائيءَ جا گيت، لوڪ ڪهاڻيون يا مصنوعي قسمن جي ڳائڻ جا ذڪر ٻئي طرف ٿيندا رهيا آهن. اتي وري توحيد ۽ طريقن جي عارفاني شاعري تصوف بنسبت بہ ذِڪرُ ڏسڻ ۾ اَچي ٿو.

شاعريءَ جي سڃاڻپ سنگيت جي سُرن ساڻ جوڙڻ بہ اَسان وٽ، هندي ۽ پنجابيءَ جيان عام ڳالھہ آهي. جئن شاھہ عنايت ڪان شاھہ لطيف سوڌو اها روايت مقبول رهي آهي’سُرڪنيات‘ هنن ٻنهي شاعرن ۾ ملي ٿو. ان روايت کي تازو نئين زماني ۾ شيخ اَياز جي’سر نارائڻ شيام‘ تائين ياد ڪري سگھجي ٿو.

بيت وائي ۽ ڪافيءَ ڪان سواءِ سڀ ڪان وڌيڪ جنهن صنف جو ذڪر ملي ٿو، اهو آهي ’دوهو‘. البت ڪٿي’ڪَوِتَ ڇند‘ جو بہ ذڪر ملي ٿو. البت اتي شاعر تي فن جي مظاهري طور

رنگين بياني ئي وڌيڪ نظر آئي آهي. گهڻو ڪري زباني روايتن ۽ مذهبتي سکيا سان شاعر تعليم يافته ٿيا هئا. دوهي ۾ شاهه ڪريم جا 94 بيت پنهنجو پاڻ ۾ دوهي ڇند جي ڪاميابي ليکبي. ٻن مصعرن بجاءِ، ٽن مصعرن وارا ٿي بيت، ان زماني جو تجربو رهيو هوندو.

ان طرح ڏسڻ ۾ اَچي ٿو ته سنڌي شاعريءَ ۾ ڪيترائي روپ گهڻو اَڳ وڏي پئماني تي لوڪپريه رهيا هئا.

ورهاڱي تائين'سنڌي شعرن جو انتخاب' (انتخاب ڪندڙ رام پنجواڻي) ڪتاب (1976) ۾ ڏنل شعرن ۾ هن طرح صنفون آيل آهن.

بيت وائي، مدح، ڏوهيڙا، سارنگ، سلام، سلوڪ، ڪافيون، يادگيريون، غزل، ڳوناڻو گيت، خيال هڪ- روپ ٻه، رباعيون، گيت ۽ چوڏسي، البت هنن ۾ ڪي روپ، اَصل ۾ ڪاويه روپ نه آهن، پر سرا آهن.

**هاڻ 1950 کان پوءِ :**

اَهڙي ئي ٻئي انتخاب 'ورهاڱي کان پوءِ سنڌي شعر جي چونڊ' (چونڊ ڪندڙ ايچ. آءِ. سدارنگاڻي) ڪتاب (1987) ۾ آيل صنفون هن طرح ڏسي سگهجن ٿيون. هت به ڪيتريون رچنائون محض ڪنهن سِري هيٺ آيل آهن- ڪيترين ۾ صنف جو ذڪر نه آهي ۽ آزاد نظم يا نئين ڪويتا ڪي الڳ بيهاريل به نظر ڪونه ٿيون اَچن.

غزل، ست چونڪيون، ننڍيون ڪويتائون، ڪافي، راز ۽ نياز جا بيت، رباعيون، گيت، پنجڪڙا، وايون، ترائيل، دوها-سورٺا، تنها، ڪنڊ ڪاويه، تصويرون، نئين ڪويتا، نظم، اُلٽ ڪويتا، گيت.

هت ڏنل ٻن اَهم اِنتخابن ۾ ڪيتريون رچنائون ٻنهي ۾ ڪا نه آهن- اهو تفاوت وقت جو اثر چئي سگهجي ٿو- ساڳئي وقت ٻئي انتخاب ۾ ڪيترا رچنا روپ ، ورهاڱي کان پوءِ خاص ڪري، 1950 کان پوءِ جي وهڪريTrend جو عمل ڏيکارين ٿا.

هت ئي، هن ساڻ ئي، اَهڙي ٽئين اَهم انتخاب تي به نظر وجهندا هلون. 'جديد سنڌي شاعريءَ جو انتخاب' (2010 -1950). انتخاب ڪندڙ- واسديو موهي. ڪتاب (2011) ۾ آيل صنفن جي وچور هن طرح ڏسجي ٿي. اوس ئي، هت به ڪيترين رچنائن جي رچنا روپ (صنف) جو چٽو ذڪر نه ٿيل آهي.

غزل، رباعيون، پنجڪڙا، گيت، وائي، ترائيل،هائڪو، تنها، تصوير، ڳالهيون، چوڪرا، بيت، دوها، قطعا، جيتوڻيڪ ڪتاب ۾ هت به ڪي محض سِرا آهن (جيئن نئين ڪويتا، جديد ڪويتا- جيڪي رچنائون وابسط ڪتابن مان آيل آهن.)

هت ٽن خاص ودوانن رام پنجواڻي، ايچ آءِ. سدارنگاڻي ۽ واسدو موهيءَ جي ٽن خاص انتخابن ۾،1950کان اَڳ ۽ وري آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي شاعريءَ ۾ ڪم آيل مکيه شعري صنفن جي چٽي جهلڪ ملي ٿي.

هنن ٿن مان، پوين ٻن، انتخابن جو دائرو هن اياس سان ڪافي مِلي ٿو. ان ڪري هنن ٻنهي انتخاب ڪندڙ ودوانن جي، صنفن بابت مذڪور انتخابن جي مهاڳ ۾، ذيل نندي پر اهم اُپٽار بہ، ڏسڻ جهڙي آهي:

**(ا) ايچ آءِ. سدارنگاڻي:**

”بيت، دوهي، سورٺي، وائي، ڪافي، گيت وغيره لکڻ جو رواج تہ اسان ۾ هلندو پئي آيو، هاڻي ٻيا فارم بہ وجود ۾ آيا. تلسيداس تلريجا چوپايون چيون، ۽ منجهن سارو تلسيڪرت رامائڻ سماياءِين. شيام، آزاديءَ کان اڳ وليم شيڪسپيئر جي طرز تي سانيٽ (چوڏسي) جو پايو وڌو هئو، تنهن وشوامتر ۽ مينڪا جو قصو ’روپ مايا‘ نالي شعر سان سورهن سانيٽن ۾ آندو. سُگَن، هري دلگير ۽ راهيءَ پڻ اِنهيءَ صنف تي طبع آزمائي ۽ ڪامياب رهيا. دلگير ترائيل جو بنياد وڌو ۽ هريڪانت جيٺواڻي هڪڙو ئي شاعر آهي، جنهن’پره کان پهرين‘ نالي سان ترائيل جو ڪتاب شايع ڪيو. جپاني‌هائڪو ۽ پنجابي ٽَپو کي وري بہ شيام ئي لکي، سنڌي شعر کي تصويرن جي‌صورت ۾ مالامال ڪيو. هائڪو اِندر پوجواڻيءَ بہ جوڙيا. پر انهن کان وڌيڪ شاهہ عبدالڪريم جي هڪ سِٽ وارن بيتن جي طرز تي تنها مروج ڪياءِين. پريو وفا پنجڪڙا جي نئين فارم جي ايجاد ڪري، اُنهن کي پڪو پختو عروض جو رنگ روپ ڏيئي، مفڪرانہ مضمونن جي اظهار جو وسيلو بڻايو ۽ ’سرخ گلاب سرها خواب‘ نالي پنجڪڙن جو ڪتاب پڻ ڇپاراياءِين.“ (ص8)

هت خادم صاحب ، ورهاڱي کان ترت پوءِ، 1950کان پوءِ جي سنڌي شاعريءَ ۾، صنفن جي بهتر ڄاڻ ڏني آهي ۽ ڪيترين تبديلين جو ڀرپور ذڪر پڻ ڪيو آهي.

بعد جي انتخاب ڪندڙ ٻئي ودوان واسديو موهي صاحب پڻ پنهنجي مُهاڳ ۾ (ڪتاب- جديد سنڌي شاعريءَ جو انتخاب (1950-2010) پنهنجي وقت ۽ وشيہ مطابق صنفن بابت هلندڙ روايتن جي ۽ پڻ تبديلين جي، نہ فقط ڄاڻ پر ڇنڊڇاڻ ۽ پرک ڪندي هيئن لکيو آهي:

”سنڌيءَ ۾ ڪيترين ئي صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي ويئي آهي، جئن، رباعي، ترائيل، غزل، پنجڪڙو، نظم، هائڪو وغيره.

هتي اهو ڄاڻائڻ واجب ٿيندو تہ ٻين ٻولين جي برعڪس، سنڌيءَ ۾ هائڪو ڇندن ۾ لکيو ويندو آهي ۽ ان ۾ قافيہ جو استعمال بہ سختيءَ سان ٿيندو آهي. ڇندن ۾ ان جو روپ مُني سورٺي جيان آهي...... سنڌيءَ ۾ اِظهار جون کي نيون صنفون بہ گهڙيون ويون آهن- جن ۾ اندر پوجواڻيءَ جي گهڙيل ، هڪ سِٽي ڪوتا ’تنها‘ روپ ۾، اڌ دوهو يا سورٺو آهي. 24 ماترئن ۾ ۽ بيت سان بہ پوريءَ طرح نباهيل.پريو وفا چوپدي ۾ پهرين مصرع جو دهراءُ ڪري’پنجڪڙو‘ جوڙيو ۽ ان تجربي ذريعي چوپدي جي تاثير ۾ اضافو آندو. ’هائڪو‘ ۽ ’غزل‘ صنفن کي ملائي ’سوچ صورتون‘ (هائڪو غزل) صنف (واسديو موهي) بہ اُيري آهي پر ان جي اُپٽار في الحال مان مِستقبل لاءِ محفوظ رکان ٿو. هڪ، ڇئن لفظن ۾ ڪويتا جو حظ وٺائڻ لاءِ ’ڇوآڪرا‘ صنف بہ وجود ۾ آئي

آهي، جيڪا هاڻي قبوليت ماڻي رهي آهي. ان ئي حوالي ۾، سنڌيءَ ۾، هڪ ئي ڪردار ڪي ڪٿي، ڪوتائن جا ڪتاب لکيا ويا آهن.(”مٽڪو“ واسديو موهي، ۽ ”واپسي“ گوپ ڪمل.) (ص 3)

مٿي ذڪريل ٽن خاص عيوضي چونڊ انتخابن ۾ شامل صنفون حقيقت جي آڌار تي، ٽري بينيون آهن- انهن ۾ ڪنهن ودوان جي پسنديءَ جي خير جا دخل اندازي ٿي سگهي ٿي. ان ڪري ان کي آڌار بڻائڻ سان چٽو نظر اَچي ٿو ته آزاديءَ کان اڳ(پهرين انتخاب ۾) جيڪي صنفون نظر اَچن ٿيون ۽ اُنهن ۾ جيڪي رچنا روپ عام طور گهڻي تعداد ۾ ۽ گهڻن شاعرن طرفان لکجندا رهيا آهن- اهي پوءِ به جاري رهيا آهن. البت اَهڙيون صنفون ٿوريون آهن- خاص ڪري بيت، وائي، ڪافي، غزل، رباعي، گيت ۽ چوڏسي. اُنهن ۾ ’بيت وائي ۽ ڪافي‘ انهن ٽن کي ته ڪلاسيڪي صنفون به چيو ويو آهي:

”ان ريت شاهه عنايت يا ميون شاهه عنايت، جڏهن ماڻهو ڪيس پيار وچان ڪوٺيندا هئا ، لازمي طور سترهين صديءَ جو شاعر آهي. هو ڪلاسيڪي شاعر هو، ان معنيٰ ۾ ته هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪلاسيڪي سنڌي شعري صنفن بيت، وائي ۽ ڪافيءَ کي ڪم آندو آهي. (سنڌي اَدب جي تاريخ، لعلسنگهه اجواڻي. سنڌي ترجمو.( ص107)

اُنهن کان سواءِ، عام صنفن ۾، ڏوهيڙا (دوها)، سلوڪ، رباعي، گيت شامل آهن. اَلبت سلوڪ ان ارٿ ۾ عام صنف نه آهي جو گهڻا شاعر ڪم آڻيندا رهيا آهن- پر ان جو چڱو پنڌار اسان وٽ اوس آهي. باقي هڪ چوڏسيءَ جو شامل ٿيڻ نئين صنف جي داخلا چئي سگهجي. ٻيا شامل شعر عام صنفن يا خاص صنفن بجاءِ، اڻ ڄاتل يا گهٽ ڄاتل صنفن ۾ آهن. البت هت ذڪر هيٺ آيل اِهو انتخاب ورهاڱي تائين واري دَور جو آهي، جنهن جي وڌيڪ اُپٽار جي هت گنجائش به نه آهي.

ان کان پوءِ ڊاڪٽر خادم صاحب جي انتخاب ۾ ورهاڱي کان پوءِ جي ۽ 1986 تائين جي وقت تائين سنڌي شعر جي چونڊ ٿيل آهي. جنهن ۾ هن صاحب وائي، ڪافي ۽ بيت سان غزل، رباعي، گيت، پنجڪڙا، ترائيل، دوها، سورٺا، تنها، ڪنڊڪاويه، تصويرون نظم برابر جهجهي انداز ۾ ڪم آندل صنفن کي جوڳي جڳهه ڏني آهي، پر هت پهريون دفعو عيوضي مجموعي ۾، ڪافي وڏي تعداد ۾ نيون ڪويتائون به شامل ڪيون آهن. ايترو ئي نه، هن بزرگ ودوان ،اَنند کيماڻي جنهن کي اُلٽ ڪويتا چيو آهي، شيام جئسنگهاڻيءَ جنهن کي جديد ڪويتا چيو آهي، اَهڙيون رچنائون به فراخدليءَ سان قبول ڪيون آهن. ايترو ئي نه، اَنند کيماڻيءَ جي آڏين اُپين سٽن واري آڪرتيءَ واري ڪويتا جو پريوگ تجربو به شامل ڪيو آهي ته ’ننڊيون ڪويتائون‘ به شامل ٿيون آهن.

برابر هن دَور ۾ نئين ڪويتا اسٿاپت ٿي چڪي هئي ۽ موزون ڪويتا تي ڇڻ حاوي پئجي رهي هئي. اڪثر هر موزون شاعر بنا ڇند واري نئين ڪويتا لکڻ لڳو هو. هن انتخاب ۾ سنڌي شعر جو

صحيح منظر پسجي رهيو آهي.

ائين هت شامل صنفن جي ڪشادگي هڪ طرف ملي ٿي تہ نئون موڙ ٻئي طرف ملي ٿو.

1950 کان پوءِ، 'عام صنفون' طور هت وائي، ڪافي،بيت، غزل، رباعي، گيت، نظم، پنجڪڙا، ترائيل، دوها، سورٺا ڇڪي سگهجن ٿا. تنها، ڪنڊ ڪاويہ ، تصويرون ڪجهہ نئين رچنا روپ ۾ رکيسگهون ٿا. البت روايت کان ڪٽيل صنفون تہ ڪانہ آهن. تنها، ڪنڊ ڪاويہ ۽ تصويرون چندن سان وابسطہ آهن. باقي 'نيون ڪويتائون' نئين پيشڪش آهي. انهن بابت هيٺ الڳ وستار سان لکڻ جي گنجائش رکيل ئي آهي. ساڳي طرح غزل بابت بہ الڳ اَڀياس هيٺ اَچڻو آهي.

هن انتخاب کي تاريخي اهميت آهي. سمپادڪ خود بہ چندن ۾ لکڻ ساڻ، بنان چند ('مکت چند' ٻي ڳالهہ آهي، ڇو جو اهو پاڻ ۾ ئي هڪ قسم جو چند بہ ڇيو ويو آهي.) بہ لکڻ وارو ڪوي آهي. البت هن پاڻ بہ قبوليو آهي تہ هن کي بنا چند جي ڪويتا راس نہ آئي.

سنڌي شعر جي صنفن جي اَڀياس جي لحاظ کان هنن انتخابن ۾ غير موجود صِنفون، ذري گهٽ لکجڻ بند ٿيڻ جو احساس ٿئي ٿو. پر ان ۾ افسوس جو ڪو بہ سبب ڪو نہ آهي. ڪلا نت نوان پيچرا ۽ پنڌ ڪندي رهي تہ اهو وڌيڪ سپاويڪ ۽ وڌيڪ سهائيندڙ آهي. وڌيڪ سُهڻو بہ آهي.

ائين تہ سنڌي شعر جا ڪيترا ٻيا بہ انتخاب ٿيا پئي آهن- پر جدا جدا ڪارڻن سبب انهن جي عيوضيپڻي بابت وشواس قائم نہ ٿي سگهڻ ڪري، اُنهن کي هت آڌار بڻائڻ مناسب نہ لڳو آهي.

مٿي ذڪريل ٽئين انتخاب'چونڊ سنڌي شاعريءَ جو انتخاب' کي، هن اَڀياس جي وڌيڪ ويجهو ۽ وڌيڪ اَهم مڃڻ جا گهڻا سبب آهن. وڏو سبب آهي تہ ان جو سمپادڪ واسديو موهي صاحب، سنڌي شاعريءَ جو اهڙو نرالو شاعر ۽ ڪوي آهي، جنهن کي موزون شاعريءَ توڙي نئين ڪويتا تي، ساڳيو اختيار رهيو آهي. شايد ئي اسان وٽ ڪو ٻيو اَهڙو شاعر هوندو. هن ودوان سمپادڪ بہ خادم صاحب وانگر موزون شاعريءَ جي ۽ پڻ نئين ڪويتا جي چُست چونڊ پيش ڪئي آهي. هت غزل، رباعي، پنجڪڙا، هائڪو، تنها، ترائيل، تصويرون، لنبي ڪويتا، وائي، هائڪو اُلٽ ڪويتا، چؤاڪرا، بيت، دوها، قطعا شامل آهن. هت شامل ڍولڻ راهيءَ جا قطعا ڏيان ڇڪائن ٿا جيڪا صنف پهرين ۽ ٻئي انتخاب ۾ نہ آئي هئي. وائي بيت بہ صنفون آهن پر ڪافي هت نظر نہ آئي آهي. ائين وقت وقت جي وٿي پنهنجو اثر اوس ڏيکاري ٿي.

هن چونڊ ۾ غزل جو مٿيرو اِستان، برابر قائم رهيو آهي. پر هڪ عجب جي ڳالهہ اِها آهي تہ ٻئي (وچين) انتخاب ۾ جتي نئين ڪويتا جو ناٽ نظر اَچي ٿو جئن ان ۾ ايشور آنچل جي شروعاتي اهم نئين ڪويتا 'ري گهريو آندو ويس سنسار ۾'، گوورڌن ڀارتيءَ جي شايد پهرين معتبر نئين ڪويتا-'سئنيٽوريم ۾ پهرين رات') هريش واسواڻيءَ جي عيوضي رچنا 'پرش وئشيا'، واسديو نرمل جي'نيتردان'، واسديو موهيءَ جي عيوضي رچنا 'بي وقت وقت' شامل آهن. تئن ٽئين

انتخاب ۾، اهو ناٽڪ نظر ڪو نہ ٿو اچي. چاهي ان جو سمپادڪ خود ’ نئين ڪويتا‘ جو (پڻ) وڏو نالو رهيو آهي.

ان مان اهو انومان اوس ڪري سگهجي ٿو تہ 1986 کان پوءِ، ’نئين ڪويتا‘ جو اِهو ’ناٽڪ‘ نہ رهيو آهي.

تنهن کان سواءِ اهو نظر اچي ٿو تہ غزل کان سواءِ جي موزون شاعريءَ جي صنفن ۾ ڪا بہ صنف اُسري نہ سگهي آهي. ائين، 1950 کان پوءِ جي عام صنفن ۾، شامل صنفن مان ڪنهن بہ هڪ ۾ ڪو نئون سمورو سنگرهہ بہ نظر ڪونہ ٿو اَچي. ترائيل، پنجڪڙا، رباعيءَ جا اَڳ ئي آيل آهن.

هن انتخاب ۾ ٻيون ڪي نيون داخلائون اوس نظر اَچن ٿيون. ’تنها‘ جو هڪ صنف طور ڪجهہ زور وڌيڪ وڌيو آهي. هڪ نئين صنف طور ’چوَاڪرا‘ هڪ کان وڌيڪ شاعرن جي صنف بڻي آهي. ٻنهي ۾ مجموعا بہ آيا آهن. هڪ ئي ڪردار جون ڪويتائون، جيڪي پنهنجو پاڻ ۾، الڳ الڳ بہ، مڪمل ڪويتائون آهن، انهن جا ٻہ مجموعا، سنڌي شاعريءَ جي هڪ شاندار پهل چئي سگهجي ٿي. ان کان سواءِ ’هائڪو غزل‘ جو تجربو پڻ ڌيان ڇڪائي سگهيو آهي.

هيءُ انتخاب، هڪ طرح وچين انتخاب جي سامهون، جتي، ’نئين ڪويتا‘ جي حوالي ۾، ڪجهہ جهڪو نظر آيو آهي، اتي، ٻين نين حاصلاتن سان ۽ پڻ غزل جي اوج ڀري رچنائن سان، ٻہ قدم، اڳتي چئي سگهجي ٿو.

هن چونڊ سان، سنڌي شعر جي سموريت ۾ هڪ طرح جي ڪٽ ڪندي، اهو چٽو اثر وهي ٿو تہ، سنڌي شاعري، ڪروٽ بدلي، تازي تواني، ۽ ڪجهہ وڌيڪ سگهاري بڻي آهي. روايتي صنفن ۾ غزل اَڪيلي سِرمور صنف بڻي آهي. نيون داخلائون بہ ڌيان ڇڪائن ٿيون.

ٽن اَهم عيوضي انتخابن جي چونڊيل صنفن جي نظرثانيءَ بعد چئي سگهبو تہ سنڌيءَ ۾ غزل کان سواءِ، وايون، ڪافيون بيت ڏوهيڙا ۽ وري دوها ۽ سورٺا اَڳ واري شاعريءَ ۾ خاص جڳهہ رکندڙ صنفون آهن. ان کان پوءِ قطعا، رباعي، هائڪو، ترائيل، سانيٽ، گيت اچن ٿا. ائين تہ ڪرشن راهيءَ جي مجموعي ۾ ان کان سواءِ اوراٽا، لاڏا، سهرو، جهومر، ڇيڄ، قوالي، ٽپ ۽ آزاد نظم بہ شامل آهن . ائين گوورڌن ڀارتيءَ ۽ ڍولڻ راهيءَ بہ گهٽين صنفن ۾شموليت ڪئي آهي.

پر نئين زماني جي شاعريءَ جي بدلاو ۾ آزاد نظم، ادب لطيف، نثري نظم، جديد ڪويتا، چڙي ڪويتا جهڙين رچنائن ۾ سڀ کان وڌيڪ اَهميت چند مان جند ڇڏائڻ جي رُخَ طرف رهي آهي. ان ڪري ان کي آزاد (جيتوڻيڪ اها پوريءَ طرح چند کان آجي نہ چئي ويئي آهي) کان وٺي اُلٽ ڪويتا جا نالا پئي ڏنا ويا آهن، پر سڀ کان وڌيڪ ان کي ’نئين ڪويتا‘ جو نالو قبول پيو آهي. جنهن ۾ ’نئين‘ لفظ ٻٽي معنيٰ ٿو رکي. هڪ آڪار ۾ نئين، ٻيو اظهار ۾ آيل احساس ۾ بہ نئين. انجي بدلاو لاءِ’ودروهہ‘ ان جو آڌار مڃيو ويو آهي.

پُراڻن خيالن ۽ پُراڻين تشبيهن لاءِ وِدروهہ اُن جو مکيہ پئمانو آهي. چند کان پوريءَ طرح

آجي، اَلبت ليہ ڪي ڪنهن حد تائين يا ڪنهن نہ ڪنهن قسم ۾ قبولڻ واري هن قسم جي ’ نئين ڪويتا‘ جي سڀني متين نالن ۾ ڪي بنيادي فرق ڏيکارڻ جي بہ ڪوشش ڪئي پئي وئي آهي. ڪافي وقت تائين تہ ان کي ’نئين ڪويتا‘ طور ئي پئي سڃاتو ويو، پر پوءِ هاڻ ان لاءِ فقط ’ڪويتا‘ لفظ ڪم آڻڻ جو سرشتو قائم ٿيڻ لڳو آهي.

1950 کان پوءِ، عام صنفن ۾، هڪ تہ مکيہ آهي غزل. ليکراج عزيز (ڄ 1897) کان ونود آسوداڻيءَ ( ڄ 1969) تائين 54 شاعرن جي غزل لکڻ وارن جي فهرست ’آزاديءَ کان پوءِ سنڌي غزل جي اينٿالاجي‘(2008 سمپادڪ ارجن حاسد) ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

ساڳيءَ طرح آزاد نظم، ڇند مُڪت نئين ڪويتا جي لکڻ ۾ بہ شاعرن جي دلچسپي نظر اَچي ٿي. موزون شاعريءَ جي شاعرن بہ ان تي قلم آزمايو. ائين هرومل سدارنگاڻي (ڄ1913) کان ومي سدارنگاڻي (ڄ 1971) تائين شاعرن جو تعداد ’آزاديءَ کان پوءِ سنڌي نئين ڪويتا جي اينٿالاجي‘ ( 2009 سمپادڪ پريم پرڪاش) جي فهرست ۾ شاعرن جو تعداد 58 تائين ڏسي سگهجي ٿو.

هاڻي سوال ٿو اُٿي تہ غزل ۽ نئين ڪويتا (آزاد نظم کان اُلٽ ڪويتا سميت) جي هنن شاعرن، ٻيون ڪهڙيون صنفون اپنايون آهن.

اٽڪل هڪ سوَ ڪوين جي شاعريءَ تي سرسري نظر وجهڻ سان نظر ائين آيو آهي تہ باقي صنفن ۾ تمام گهٽ شاعرن، سو بہ تمام گهٽ صنفن ۾، ان ۾ بہ تمام گهٽ رچنائون ڏنيون آهن. جنهنجي عيوضيشموليت چڪاسڻ تمام ڏکي آهي جو ان لاءِ ڪو الڳ عيوضي مجموعو بہ نہ آهي ۽ انهن مان ڪن صنفن ۾ الڳ مجموعا آهن- تن ۾ پنجڪڙو، ترائيل، سانيٽ، رباعيون دوها ۽ بيت ڇئي سگهون ٿا.

ورهاڱي کان پوءِ انهن صنفن ۾ هڪ يا وڌ ۾ وڌ ڪن ۾ بہ مجموعا آهن يا وري گڏيل مجموعن ۾ جهجهي تعداد ۾ ڏسي سگهون ٿا.جن جي اپٽار بہ اڳتي ڪرڻ نيڪ ٿيندو- جو انهن کي عام صنفون نہ پر خاص صنفون چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ۽ اُتي تجرباتي پريوگ بہ شامل هوندا.

صنفن جي نواڻ ۾ هت بہ مکيہ پهلو ڏيان ۾ رکڻ جهڙا آهن-

هڪ تہ غزل ۽ ٻيا فارم پل ساڳيا نظر اچن ٿا، پر انهن جو فقط گهاڙيٽو ئي ساڳيو آهي. اندران اِظهار ۽ خيال بلڪل بدليل آهي. اڳ جتي حسن عشق جي پيار محبت جي جذباتي شاعري، سا بہ گهڻي قدر ’هٿرادو‘ (Crafted) هوندي هئي. اتي هاڻي سماجي سياسي سوچ جا سلسلا وڌيڪ ايندا ٿا رهن. البت بهتر غزل طور جمالياتي اظهار جو ئي وڌيڪ قدر ٿئي ٿو. اتي ئي اَسان جو اڄ جو غزل ۽ ٻيون موزون شاعريءَ جون رچنائون وڌيڪ ڪلاتمڪ بڻجن ٿيون.

ٻيو مکيہ پهلو آهي، غزل ۽ ٻين اهڙن موزون شاعريءَ جي ڇندن وارن فارمن بجاءِ، وڏي انداز ۾ بنا ڇند واري ڪويتا (آزاد ڪويتا ۽ نئين ڪويتا طور) بہ لکجندي نظر اَچي ٿي. ورهاڱي کان پوءِ

اٽڪل 1960 ڌاري ان جي پيشڪش شروع ٿي ۽ اُها 1970 کان 1990 تائين زور رهي. ايتري زور رهي جو ان جي پرڇاوَ ۾ گهڻو ڪري هر نثر نويس بہ اَچي ويو ۽ نئين ڪويتا لکڻ لڳو.

پر جئن مٿي خادم صاحب واري انتخاب ۾ ان جو زور نظر اَچي ٿو پر پوءِ موهي صاحب واري انتخاب ۾ اهو زور گهٽيو آهي، تئن اها پوءِ جهڪي ٿيندي وئي. البت ان لاءِ هڪ رايو تہ اهو آهي تہ چندن جي مڪتيءَ سبب سپاٽ بيانيءَ وارين ڪويتائن ان جي اَصلي ڪشش کي ڊاهي پٽ ڪيو ۽ هڪ وڏو تعداد اَهڙن نئين ڪويتا جي مجموعن جو آيو، جنهن ڪري اها پنهنجي اصلي سڃاڻپ قائم رکي نہ سگهي.

ٻيو رايو اهو آهي تہ، هاڻ بہ، اَڃا تائين، نئين ڪويتا جو نجو پنهنجو تاثر هڪ نظريي (Concept) طور بلڪل محفوظ آهي ۽ اهو 'ڪويتا' جي روپ ۾ باقاعدي جاري آهي. نہ فقط ايترو پر 'غزل' کي بہ ان نئون غزل بڻائي ڇڏيو آهي.ان رايي جو تاتپرج اهو آهي تہ پارت جي هر ڀاشا ۾ آيل ان نئين Sensibility سموري ساهتيہ کي، نثر کي بہ، ٻاهرين اِظهار کان اندرين اظهار طرف موڙيو آهي، ان کي وڌيڪ سنجيده بڻايو آهي. وڌيڪ چنتن شيل بڻايو آهي ۽ ان ڪري ئي هاڻ نئين ڪويتا کي، 'نئين' چوڻ جو بہ ضرور نہ آهي.

البت اهو ظاهر آهي تہ اسان وٽ هاڻ يا تہ غزل آهي يا اها نئين ڪويتا يا بنا چند واري ڪويتا. هاڻ نظمون، آزاد نظمون، قطع ۽ رباعيون، ڪافيون ۽ وايون، عاشقاڻا غزل، سانيٽ، ڪنڊڪاويہ، ترائيل وغيره جهڙا فارم ذري گهٽ وِسرجي رهيا آهن. هونءَ بہ وهندڙ پرواه ۾ هر روايت تراشجندي رهندي آهي اهو جيون لاءِ جئن بهتر آهي تئن ئي ڪلا لاءِ بہ بهتر آهي.

'سنڌي شاعريءَ ۾ نيون ڌارائون' ('روشن ڇانورو' جو مُهاڳ) ۾ سڀن آهوجا ان بدلاو کي نئين سڄاڳي چيو آهي. هن بيوس جي ان نئين سڄاڳي کي ڪرشمو بہ چيو آهي ۽ ان کان بہ وڌيڪ شيخ اَياز جي نئين سڄاڳيءَ کي وڏو رتبو بخشيو آهي.

''شعر ۽ ادب جي دنيا ۾، ٻي سُڄاڳي شيخ 'اياز' آندي. هن بيوس واري (جان تان) موضوعاتي سُڄاڳيءَ کي ، اڃا نوان لفظ، نيون ترڪيبون ڏنيون. هن سنڌي شاعريءَ کي نئون ذهن، نئون شعور ڏنو، نئين انفراديت، نئين آفاقيت ڏني. سڀ کان وڌيڪ هن پنهنجي يگاني فن ۽ شخصيت سان، سنڌي شاعريءَ کي نئين ليءِ، نئين لوچ ۽ نئون تاثير ڏنو.'' (سنڌي تنقيد ڪتاب ۾ شامل- ص 112 )

سنڌي ڪويتا جي هن اپياس ۾ اظهار جي نَوَن طريقن ۾ اِظهار جي روايتي چندن سان وابسطہ ڪويتائي سلسلن ۾ بہ هڪ طرح نَواڻ ايندي وئي- خاص ڪري سڀ کان وڌيڪ ڪامياب صنف (۽ پڻ سڀ کان وڌيڪ لکجندڙ صنف پڻ) غزل کي تہ جڻ 'نئون غزل' ئي بڻائي ڇڏيو. نہ فقط خيال جي پيشڪش يعني انداز-بيان، پر ٻوليءَ ۾ پڻ تازگي ۽ روانيءَ جي نرالپ صاف جهلڪي ٿي.

ان کان سواءِ، سڀ کان وڏي بدلاوَ طور، بنان چندن جي 'نئين ڪويتا' جي اظهار جي بنه نئين طريقي جي هڪ وڏي ۽ قريبن سمانتر سلسلي ۾، ذري گهٽ هر شاعر دلچسپي ڏيکاري ۽ اڏ کان وڌيڪ شاعرن يا تہ ان لاءِ جدا مجموعا ڏنا يا وري پنهنجي مجموعن ۾ جوڳي جاءِ ڏني.

نئين ڪويتا جي ان لهر، نوان ماڻ ۽ ماپا، نوان روپ ۽ آڪار تہ ڏنا ئي، پر ان جي اثر ۾ موزون شاعري بہ وڌيڪ سنجيده ۽ وڌيڪ سهج بڻجندي وئي. نئين ڪويتا، شاعريءَ جي هڪ نئين سجاڳي هئي ۽ ان موزون شاعريءَ کي نيون معنائون ۽ نيون سمتيون بخشيون.

پوءِ بہ چندن سان وابسطہ رچنائن جي ڪن خاص ذڪر لائق اهم ڪتابن جو هت ذڪر ڪرڻ بهتر ٿيندو، جن ۾ نئين هوا جو تاثير بہ آهي تہ صنفن فارم جي علحدگي بہ آهي. سڀ کان اڳ سڀ کان الڳ ۽ اَهم، نارائڻ شيام جي سانيٽ - سنگرهہ- 'روپ مايا' جو ذڪر ڪرڻ لازمي آهي. سانيٽ کي سنڌي روپ ۽ 'چوڏسي' نالو ڏيئي، شيام، ڪل 16 سانيٽ جوڙي 'روپ مايا' نالي ڪنڊ ڪاويہ جوڙيو ۽ اهو اڄ تائين(2015) جمالياتي ڪويتا جو 'بي جوڙ' گلدستو مڃيو وڃي ٿو. اهو سڀ کان اول 1955 ۾ پڌرو ٿيو.

روايتي سنڌي شاعريءَ ۾ اهو غير روايتي ئي نہ غير رواجي رچنا جو نمونو نظر اَچي رهيو آهي. 1961 ۾ 'پرهہ کان پهرين' ترائيل جو مجموعو ڏيئي هريڪانت الڳ وات گهڙي. 1980 ڌاري اهڙا بہ ٻيا ڪتاب الڳ تري اچن ٿا جيڪي پڻ هڪ الڳ سڳنڌ ۽ سرهاڻ ڏين ٿا.

'سرخ گلاب سرها خواب' پنجڪڙن جو مجموعو پريو وفا جي رچنا ۾ نئين رنگت بڻجي آيو تہ 'خوشبوءِ جو سفر' وري هرومل سدارنگاڻي 'خادم' جي رباعيت جو مجموعو پڻ سنڌي شاعريءَ ۾ نرالي خوشبوءِ کڻي آيو. ڍولڻ راهيءَ طرفان، 1987 ۾ ' ذات جون ڏياٽيون' روشن ٿيون، جنهن سنڌي شاعريءَ ۾ نغما (گيت) پيش ڪري نئون پرڪاش ڦهلايو.

1994 ۾ ''آئينا ۽ عڪس' ۾ وري پريو وفا هڪ بنهہ نئين ڪوشش ڪئي. 'هائڪو' نالي جي جپاني ڪويتا جي صنف ۾ پورو مجموعو پيش ڪيو.

ائين پريو وفا اول پنجڪڙن جو ۽ پوءِ هائڪو جو ڪتاب ڏنو. ان سلسلي جي پوءِ واري Follow-up بہ اڳتي ڏسڻ ۾ آئي. البت اُها ڪافي پوءِ جي آهي پر ان ۾ هنن ڪتابن جو ڪنهن طرح جو سلسلو تہ ڇڪي سگهجي ٿو.

'استري تنهنجا روپ' ۾ ڍولڻ راهيءَ پنجڪڙن جو مجموعو (2006- انگريزي ترجمو2007) ڏنو. انگريزيءَ اَنواد ۾ شري لعلچند نچاڻيءَ بہ پنجڪڙي جي پٽڙن سان نڀايو آهي. ان طرح هائڪو جو بہ هڪ مجموعو ڇڱو پوءِ گوپ گولاڻيءَ 'وڻن جهليا ٻوڙ' (2013) ۾ پڌرو ڪيو آهي.

هت گيتن جي سلسلي ۾ بہ ڏسڻ گهرجي. گيت رچنا ائين تہ عام جام ٿيندي رهي آهي جنهن ۾ خاص ڪري فلمن جي بهاني يا فلمن لاءِ يا ڳائڻ جي مراد سان، پرسرام ضيا ۽ گوورڌن ڀارتيءَ جا نالا تہ ريڊيو لاءِ ۽ گرامو فون رڪارڊن تي اُڪريل آهن ئي. پر بہ مجموعا بہ گيت رچنا ۾

ذڪر قابل چئي سگهجن ٿا- جن ۾ هڪ تہ ’آزادي آندولن جا گيت‘ نالي هري دلگير جو (1995) سمپادن آهي جنهن ۾ انيڪ ڪوين جون گيت رچنائون شامل آهن ۽ ٻيو هڪ ڪتاب ’پنکڙيون‘ ليلا مامتاڻيءَ جو بہ گيت سنگرهہ طور سنہ 2000 ۾ آيو آهي. هت اهو ياد ڪري هلون تہ هن اپياس جي هن سلسلي ۾ ’صنفون‘ نظر ۾ رکي هلڻو آهي.

بلڪل پراڻي زماني جي ۽ قريبن وسري ويل هڪ روايت ۾، واسديو نرمل تازو 2014 ۾ ’ديوان نرمل‘ جو ڪتاب ڏيئي ثابت ڪيو آهي تہ شاعراڻي روايتن جا پير پختا هوندا آهن- ’صراحي‘ ۽ ۾ ’ديوان‘ شامل هو ۽ اهو ڪوي عزيز صاحب تہ ان پرمپرا جو ئي شاعر هو.

هن زماني ۾، البت 2000 کان ڪجهہ پوءِ آيل ٻن ڪتابن ۾، اظهار جي نئين طريقي طور آيل ’تنها‘ صنف جو ذڪر گهٽو بي جاءِ نہ ليکبو. ڇو جو ڪتاب جي اِشاعت رچنا جي سرجن کان چڱو پوءِ ٿيندي رهي آهي. سنہ 2005 ۾ ’تنها‘ نالي هڪ پورو ڪتاب ڏيئي، ستيش روهڙا هڪ نئين پهل کي اڳتي وڌايو آهي . 2006 ۾ ان کي اڃا بہ اڳتي وڌائڻ ۾ ’سپن منجهہ موتي‘ ۾ ’تنها‘ صنف جو مجموعو آڻي، گهنشيام ساگر اهو سفر جاري رکيو، جيڪو اندر پوڄواڻيءَ جي نالي سان جڙيل رهيو آهي ۽ ان ۾ هري دلگير بہ شامل ٿيو آهي.

تمام گهڻن ڪوين جي وڏي غزل جي مجموعن جي تہ لنبي قطار آهي ئي آهي، پر هت مراد آهي تہ ڪجهہ روايت کان هٽڪي ڇا لکيو ويو آهي، جنهن کي اظهار جي نَوَن طريقن سان جوڙي ڏسي سگهجي ٿو.

ان سلسلي ۾ ’راز نياز‘ بيتن جو مجموعو بہ ڌيان طلب ڪتاب آهي جنهن ۾ ڪلياڻ آڏواڻيءَ جا 500 بيت آهن. اِهو ڪتاب برابر روايت کان ٻاهر تہ بلڪل ئي نہ، پر بلڪل اندر، اڃا بہ پراچين صنف جو ڪتاب آهي. ان طرح هت غزل کان سواءِ جي صنفن جي سلسلي ۾ ضرور اهم آهي.

چندن جي پرمپرا ۾ مٽي هڪ ڪنڌ ڪاويہ ’روپ مايا‘ جو اَهم ذڪر ٿيو آهي. هڪ ٻئي ڪنڌ ڪاويہ ’اَنارڪلي‘ءَ جو بہ هت ذڪر ڪرڻ گهرجي جيڪا رچنا ارجن سڪايل ڏني آهي.

جيستائين صنفن جي لکڻ جو سوال آهي، هت ٽن مهاڪاوين جو ذڪر دهرائڻ بيجاءِ نہ ٿيندو- روپ ڪمار گهايل ٽي مها ڪاويہ بہ ڏنا آهن- رچنا جي اَهميت اوس ئي اول ۽ اهم آهي، پر صنف جي حوالي سان ان جو هت ذڪر ضروري لڳو آهي. اهي ننڍا ڪتاب آهن- جڳ مڳ جوت، عملي عامل ۽ لاکيڻو لعل. جيڪي 1991، 1992 ۽ 1994 ۾ شايع ٿيا هئا. ترجمي جي روپ ۾ مها ڪاويہ تلسيداس تلريجا جي’ رام چرت مانس‘ جو ذڪر اڪثر ٿيندو رهيو آهي. تازو وري ’ساوتري‘ (اربندوگهوش) جو ترجمو ڊاڪٽر ايس ڪي. پنشيءَ (2013) شايع ڪيو آهي.

هن اُپٽار ۾ سنڌي شاعريءَ جي صنفن جي سلسلي جي ۽ پڻ بدلاوَ جي دشا جا اَهڃاڻ ملن ٿا. ۽ پڻ بدلاوَ جي رخ ۽ رفتار جي خبر پوي ٿي.

ائين تہ ڪيترن بين اهڙن اصلي يا ترجمن جو ذڪر بہ ڪري سگهجي ٿو پر اپياس وشيہ ۽ داعري جي آس پاس رهڻ جي ڪوشش بہ ڪرڻي آهي.

## 6.2 1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا جوُن خاص صِنفوُن

آزاديءَ کان پوءِ ،يعني قريبن 1950 کان پوءِ، روايتي يا موزون شاعريءَ جي صنفن جي هلي چلي ڪافي وقت قائم رهي ۽ پوءِ بہ ڪن صنفن ۾ تہ اڃا بہ زور آهي، خاص ڪري غزل ۾ .

پر غزل ۽ وري نئين ڪويتا جي هلندي ڪجھہ نوان پريوگ فارم جي ڏس ۾ ڪيا ويا. گھڻا تہ نہ، پر ٿورا ئي سهين. نئين فارم جو ڪو بہ پريوگ، تجربي طور ٿيندڙ شروعات ئي هڪ وڏي ماجرا آهي. ان سلسلي ۾ بہ اَسان جي سنڌي شاعريءَ ۾ ٿورا اهم تجربا اوس ٿيا آهن جن جي اتهاسڪ اهميت آهي. جيتوڻيڪ اُنهن جي اتهاسڪ ڪاميابي اڃا وقت گھرندي.

ان ڏس ۾ سڀ کان اول چند سان ٿورو گھڻو واسطو رکندڙ قديم رچنا روپ بيت،دوهي-سورٺي سان ويجھائي رکندڙ ۽ ان کان بہ پاڻ وڌيڪ مختصر رچنا روپ آهي تنها.

ان فارم جي نالي جو ان جي آڪار پرڪار سان بہ واسطو آهي. تنها جو ارٿ آهي اَڪيلو. هيءَ رچنا هڪڙي ’سِٽ ‘ ۾ سمايل آهي. اِئين تہ ان جي ايجاد جو يا ان جي اندر ڪويتا جي نئين شڪتي پري ان کي ’خاص صنف‘ جو درجو ڏيڻ ڏيارڻ ۾ اِندر پوڄواڻيءَ جو نالو جڙيل ئي آهي، پر خادم صاهب پاران ودوانن جو اهو رايو بہ هت ضرور ياد ڪرڻ گھورجي-

’هائڪو اِندر پوڄواڻيءَ بہ جوڙيا، پر اُنهن کان وڌيڪ شاهہ عبدل ڪريم جي هڪ سٽ وارن بيتن جي طرز تي تنها مروج ڪيائين.‘

(ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي شعر جي چونڊ- ص 8) هت اِهو اڻ چٽو سگنل ملي ٿو تہ هڪ سٽي ڪويتا شاه عبدل ڪريم شروع ڪئي هئي پر ان کي ’تنها‘ نالي سان اِندر پوڄواڻيءَ Re-invent ڪيو ۽ سڄائي سنواري پيش ڪيو.

موتيلعل جوتواڻيءَ جي ڪتاب ( Shah Abdul Karim (1970 جي ترجمي سان هن جا 93 ٻن سٽن وارا بيت ان ۾ ٻن بجاءِ چئن حصن ۾ ڏنل آهن پر ڪي ٿورا هڪ سٽ وارا (ٻن حصن ۾ ) بہ آهن جيڪي اَصل ۾ هڪ سٽ وارا هئڻ گھرجن ۽ اهي چوَڻيون Sayings هئڻ گھرجن. ديال آشا جي’ سنڌي شعر جي تاريخ‘ ۾ چٽو ڄاڻايل آهي تہ هن جي ڪلام جون ڪي مصراعون پهاڪي طور مروج ٿي ويئون آهن. (ص 43)

(1) پاڻيءَ اُتي جهوپڙا مورک اُڃ مَرن.

اَصل ۾ ان ڪلام (بيت) جي ٻي سٽ بہ آهي ’دانهون ڪن مٺن جيئن، دم نہ سڃاڻن‘ لڳي ٿو اُنهن پهاڪن وارن ’هڪ سٽي‘ حوالن کي ’تنها‘ واري ’هڪ سٽي‘ ڪويتا جي اڳيان رکي، اُنهن کي ’تنها‘ فارم جو اڳلو روپ‘ چيو ويو آهي. ڇو جو’ هڪ سٽ واري ڪويتا‘ جو ڪو بہ اُليک مٿين ٻنهي ڪتابن ۾ ڪونہ ٿو نظري- نہ ئي ’سنڌي شعر جو انتخاب‘ (ورهاڱي تائين) ۾ ان جي سمپادڪ رام پنجواڻيءَ ئي ڪيو آهي، جنهن هن جي ڪلام جا ڪل ئي96بيت ڏنا آهن جن ۾

ڪو به هڪ سٽ ۾ نه آهي.

' سنڌي ٻاشا ۽ ساهتيه ڪوش' توڙي ٻين اتهاس جي ڪتابن ۾ به اهڙو ذڪر ڪونه ٿو ملي. ها اندر پوچواڻيءَ سان جڙيل تنها جي شروعات جو ذڪر گهڻن هنڌ ملي ٿو.

'سنڌيءَ ۾ اِظهار جون ڪي نيون صنفون به گهڙيون ويئون آهن ، جن ۾ اندر پوچواڻيءَ (1918-1992) جي گهڙيل، هڪ سٽي ڪويتا 'تنها' اهم آهي. ('جديد سنڌي شاعريءَ جو انتخاب' واسديو موهي. مهاڳ ص3)

ان ڪان پوءِ هڪ اَهم فارم طور گوپال نڪر جي رچنا 'چَواڪرا' اَچي ٿي. هت 'اڪر' 'لفظ'لاءِ ڪم ايندڙ شبد آهي. هن چئن لفظن ۾، گرامر ڪي چپ (Silent) ڪرائي، اختصار جو ڪرتب ته ڪيو آهي، پر' چند' ڪان به ڪنارو ڪيو آهي، جيڪو 'تنها' ۾ ڪيل نه آهي.

'چَواڪرا ' بابت مون کي لکيل هڪ وڏي خط ۾ گوپال جي ان وضاحت کي به ڏسون: 'وزن- بحر کان مڪت رکي اٿم- مناسبت به گهٽ آهي. جڏهن نئين چيز ڏجي ٿي ته پوءِ ان کي دقيانوسيءَ جي ديوارن جا سپورٽ نه ڏجن ته چڱو.'

جتي 'تنها' جا مٿي ذڪر ٿيل به مجموعا آيل آهن اتي 'چواڪرا' جو مجموعو 'حيف تنهين وطن وساريو' خود گوپال نڪر جو آيل آهي . گهنشيام ساگر پڻ ڪجهه 'چوَڪرا' قلمبند ڪيا آهن. هنن نئين زماني جي رچنائن ۾ 'اِشاريت' ۽ 'طنز' اهم آهن.

ڪجهه نمونا ڏسون جن ۾ اِظهار جي نَوَن طريقن جي جهلڪ ملي ٿي.

اندر پوچواڻي

تنها: اُپ جي سليٽ تي، ڀڳن ڪان ساڳيو سبق !
مهاساگر جي پنيءَ تي، ننڍڙو ڪَکُ سُوارُ!
'مان' ڪاٺوُ دُنيا، باقي 'مان '!

ستيش روهڙا

پاڻ ڪڍيم جي پاڻ مان مون ۾ بچندو ڇا؟
سُک سونهن سنمان، ويري آدم ذات جا.
سُک چنتا ۽ پيار ٿي ، جيون جو آ سارُ.

گهنشيام ساگر

ڇيچ ڏوهي ڇو نه وجهي؟ فتويٰ وَرتُس گودِ.
زهر ماريو زهر کي ، پوءِ به زهرُ بدنام!
شاعر اَرٿيءَ اڳيان نميو، ڏنو ڪنهن؟ کِليو ڪالُ!

چَواکرا:          گوپال ٺڪر

ممبئي - منهنجي          حيف - تنهين
پرائي   -  پرائي!          وطن - وساريو
چار - چپ          موت  -  وري
هڪ - پيار          بي حيائي-ڪئي!

گھنشيام ساگر

هٿوڙو چيٽي          فلئٽ اٽيا
سرجن و سرجن          جھوپڙيوُن مَڪڻُ
مِصري ڦِڙڪي          ٻُڍا  آشرم
سَڳيون پينڙُ          بيمار سيپتا

جئن 'تنها' جي سٽ، خود ۾ هڪ ڪويتا بڻي آهي، ڪٿي جاندار تہ ڪٿي ڪٿي بجليءَ جي برسجڻ جي محض گنجائش ڏيکاري سگھي آهي. تئن مٿي ڏنل 'چَواکرا' ۾ ڪويتا جي شڪتي محض چئن لفظن ۾ شايد چوڻ نيڪ ٿيندو اَڌ سِٽ ۾، ڪڏهن تہ ڪمال ڪري ٿي سگھي! البت ڪيترا هوائي فائرنگ تہ هر ڪويتا جي نصيب ۾ هوندا ئي آهن.

اَڃا اها بندش تراش گھري ٿي ۽ ڪو شاعر ان کي بهتر پالش سان نُکيلو ۽ چمڪيلو بڻائي سگھي شايد. اهڙي ڪجھہ اُميد هنن نمونن ۾ بہ نمايان ٿي بيني آهي.

ڪو بہ تجربو، پنهنجو پاڻ ۾ 'اِمڪانات' جو ئي دلاسو کڻي ايندو آهي. ڪن تان آس لاهڻي بہ پوندي آهي يا وري ڪڏهن نئين سر وقت ان جي لکل سگھہ کي ڪو Re-charge ڪري بہ ڏيکاريندو آهي.

هر تجربي سان، اها بہ هڪ گھٽ وڌندڙ ڳالهہ جُڙيل هوندي آهي تہ، ڪيترا فرضي ٽِرايل-ڪوششون- ڪڏهن آڏيون اُبتيون، ڪڏهن اول اَسپاويڪ لڳندڙ بہ هونديون آهن. سنڌي شاعريءَ ۾ اظهار جي هٽ آيل هنن نَوَن طريقن سان بہ اهو سڀ ڪنهن حد تائين لاڳو سمجھڻ گھرجي. دنيا جي ٻين ٻولين ۾ بہ اِهو ٿيندو رهندو آهي. مثال 'تنها' جي حوالي ۾ ڏسون:

Some examples of one line poems were created by Ancient authors. Modern monostich was started in Russia in 1894. In western poetry, monostich was re invented. (wikipedea)

آزاد نظم کي پنهنجو، گھرگھلو ئي سهين، ڪو تہ جوڙجڪ لاڳو ڪيو ويو. پر نئين ڪويتا جي شروعات ڪندڙن ۾، سيني کان سُڄاڳ ۽ ڪامياب ڪوي هريش واسواڻيءَ تہ، خود چندن جي قبرن تي ويهي ڪويتائون لکڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. اهو آتم وشواس خود ۾ وڏي ڳالهہ هئي.

پنج -ست -پنج ماترائن ۾ لکيو ۽ ’ماڪ ڦڙا رابيل‘ ۾ 1964 ۾ شامل ڪيو.

**نارائڻ شيام (تصويرون)**

پيچ پِنيءَ جي ويلَ!
سنهڙو سنهڙو چندرما،
ماڪ ڦِڙا رابيل!

ڌرتي ۽ آڪاس،
ويچاري درويش جو،
هيءَ ئي آهه لباسُ!

گلي گليءَ ۾ شور
اونهاري جون موڪلوُن،
ٻار، لغڙ ۽ ڏور!

پوءِ ان کي ڪرشن راهيءَ ۽ ٻين بہ اپنايو:

**ڪرشن راهي (هيڪوُ)**

اُفق جو رت وهيو،
ڏينهن رات جي ويڙهہ ۾،
وقت جو موت ٿيو!

ناهي، نہ هئڻ جو ڏُک آهي،
هيءَ مِرگ ترشنا جي دنيا،
آهي، تہ هئڻ جو سُک ناهي!

خواب ۾ شايد ماڻيان
جاڳ ۾ جو نہ مليو آ
ننڊ ڪِٿان پر آڻيان؟

پريو وفا هائڪوءَ کي ’ٽستا‘ چيو آهي ۽ هن ترنم جي لحاظ کان ۽ پڻ ڪبير ۽ ميران جي ٻچنن سلوڪن مان پريرڻا پائي ان ۾ پهرين ۽ ٽين سٽ ’وائي‘ءَ واري رکي، پر وچين سٽ جو وزن ’فعلن فعلن فاعلن‘ جي بجاءِ ’فعلن فعلن فعلن فعلن‘ رکيو. هن هائڪوءَ جي مڪمل مجموعي ’آئينا ۽ عڪس‘ ۾ ان وضاحت سان گڏ اهو بہ ٻڌايو آهي تہ شيام کي، جنهن ئي سڀ کان اول، هائڪوءَ کي ’تصوير‘ ڪري پيش ڪيو، شاهہ صاحب جي وائيءَ مان پريرڻا ملي هئي.

هائڪو- پريوُ وفا

جئن ماڪيءَ جي مک
گُل گُل مان رس چوُسي آئي
منهنجي رولو اَڪ!

ململ جو پَهراڻُ
چاتي ساري چوليوُن چوليوُن
موجن ۾ مهراڻ!

آچڻ وينٔي ڪيرَ
اُرهه، ٻچي، ٻَلَ، چَپ ٻيو چا چا
مون تہ چُميا بس پيرَ!

’هائڪو‘ ائين ڪن ٻين شاعرن بہ لکيا ۽ گوپ گولاڻيءَ (اندور) تہ پورو مجموعو بہ ڏنو ’وڻن جهليا ٻوُر‘ . نين صِنفُن جون هي رچنائون، اڄ جي شاعريءَ جي پيٽ ۾ وڏيڪ ويچار پورڻ، وڏيڪ نزاڪت پَرِيوُن، نَوَن خيالن ساڻ نئين انداز سان پيش ٿيون آهن چاهي تنها هجن، چاهي هائڪو يا تصويرون.

هنن ۾ اختصار ۽ اشاريت جو ڪمال آهي. هي صِنفوُن چاهي چندن ڪان چُتَل نہ آهن پر اِهي ايترا تہ سوَلا ۽ سرل فارم آهن جو لڳي ٿو تہ اکرن جو اوتيل جَلُ، بنا ڪنهن ٻاسڻ برتن جي، سڌو ئي اسان جي ٻُڪ ۾ آهي. ڪتي ڪتي هائڪوءَ کي ٽيڙو ’ٽستا‘ بہ چيو ويو. ان طرح اظهار جي اُڪير ۽ التجا شاعرن کي نَوَن طريقن لاءِ آماده ڪندي آهي. ڪن ٻين شاعرن بہ گهٽن ئي فارم ۽ روپن ۾ قلم آزمايو آهي، تن ۾ سُڄاڳ ڪوشش ڪندڙ شاعر بہ آهن، تہ بي ساختا اَندر جي اُڇل سان لکندڙ بہ آهن. تن ۾ آسن واسواڻي ’مجبور‘ ۽ کيمن مولاڻيءَ جهڙا شاعر لڳاتار شاعريءَ جي فن جي انيڪ روپن سان جند جوڙي وينا آهن. هونءَ غزل يا نئين ڪويتا، لکندڙ شاعر تہ برابر وڏيڪ تعداد ۾ آهن ئي آهن، يا وري ائين چوڻ هاڻ وڏيڪ نيڪ ٿيندو تہ نئين ڪويتا (آزاد ڪويتا) ۽ غزل ۾ وڏيڪ شاعر وڏيڪ دلچسپي ڏيکاريندا رهيا آهن. اَپواد طور ڪڏهن ڪڏهن ڪي شاعر لوڪ ڪاويہ جي روپن کي بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ شُماري، سنڌي شاعريءَ کي وڏيڪ مالامال ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪري رهيا آهن مثال مُرلي گووِنداڻيءَ جي ڪتاب ’سڏڪن جي سوغات‘ ۾ هڪ صنف ’ٿوڪ شامل آهي. ’ٿوڪ‘ مان هڪ جهلڪ- جنهن ۾ پراڻن آشوُ ڪوين جي Instant ڪويتا جوڙڻ جهڙو اِشارو ملي ٿو.

سگهڙن جا ٻول ڀلا
سنتن جا قول ڀلا
شادين ۾ڍول ڀلا
ڦوڪٽ جا ٽول ڀلا
اهي چارئي ٺوڪ ڀلا،
ٺڪا چارئي روڪ ڀلا!

سِٽن جي ٻُٽپ تي عام طور صنف جي سڃاڻپ ٿاهڻ روا سمجهي سگهجي ٿو. ان طرح ’چونڪ‘ جي هڪ جهلڪ: جنهن ۾ چار سِٽون هجن ۽ پڻ ٻيون ٻه بندش جون ضرورتون اُن کي رباعيءَ کان نرالي صنف ڪن ٿيون..

ماٺهن جي دل سوڙهي آهي
سڀ جو سوچ علحدو هردم
ڪيئن لڳائي ڪنهن کي مرحم
دنيا گونگي ٻوڙي آهي!

ائين هائڪوءَ کان پوءِ تنها لکڻ جو سرشتو ڪيترن شاعرن اپنايو آهي پر هاڻ ڏيري ڏيري اهي سرشتا جدا ٿي رهيا آهن البت جاري ضرور آهن. پر ’آزاد ڪويتا‘ نالي ’مُڪت ڇند‘ نہ پر ’ڇند مُڪت‘ ڪويتا لکجڻ ئي وڌيڪ نظر اَچي ٿو.

انٽرنيٽ جي دنيا ۾ ڪويتا جي ڇپائيٽي تہ بلڪل عام آهي ئي، پر ڪويتا جي فارم جي ڇپائيٽي بہ هاڻ عام ٿيڻ لڳي آهي. پر اُتي بہ سٽن جي ٻُٽپ ۽ ڏُهراءُ (ڪٿي آواز- سائونڊ يا ڪٿي معنيٰ سان بہ) جو ئي ڪيل نظر اَچي ٿو ڪٿي وري 50 نوان فارم ۽ مثال بيان ڪيل ملن ٿا. پر اسان جي پنهنجي ننڍڙي دنيا ۾ غزل ۽ آزاد ڪويتا جو ئي ٻول بالا آهي. اسانجي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ اِظهار جي گنجائش تہ ڀرپور آهي، پر ڪلا جي کيتر ۾ بہ هڪ قسم جي پوئلڳيءَ جو عام رواج رهيو آهي. اها بہ عجب جي ڳالهہ آهي تہ جتي هنديءَ جو اسان وٽ وڏو پرڀاءُ رهڻ سڀاويڪ مڃيو ويو آهي، اُتي خود هنديءَ ۾ غزل جو ايترو ڦهلاءُ ڪو نہ ٿيو آهي. البت گجراتي ٻوليءَ ۾ اوس غزل ڀهرين صف جي صنف رهي آهي. هنن ٻنهي ڀاشائن ۾ ڪي وڏا تمام ڪامياب شاعر ’غزل‘ کي اِستاپت ڪري سگهيا آهن اهو هڪ وڏو سبب تہ خير ظاهر آهي ئي. شڪر آهي ان هوندي بہ ڪيترا شاعر تيار شاهي رستا ڇڏي نوان پيچرا ٺاهي، پنهنجي تخليقي شڪتيءَ جو بهتر پريوگ ڪندا ٿا رهن، اظهار جي نَوَن طريقن جي ضرورتن کي توج ڏيندا ٿا رهن. جيتوڻيڪ اَصلي مُلهہ تہ هر حالت ۾ ’شاعري‘ءَ جو آهي، فارمن جو ايترو نہ آهي. اهي تہ اَصل ۾ ’سانچا‘ آهن ۽ تمام وڏي عرصي کان اَڪثر هر ڀاشا ۾ ، اُنهن سانچن کان آزاد رهي، آزاد ڪويتا، کان نئين ڪويتا Blank Verse - Free Verse جي دِشا ۾ هلڻ جو رواج بہ هاڻ ڪٿي بہ نئون نہ رهيو آهي ۽ اَهڙيءَ طرح

جتي ڪنهن وقت ’ڇند‘ لفظ، خود ۾، ’ڪويتا‘ لاءِ پڻ ڪم ايندو هو، اتي هاڻ ’ڇند‘ جي ڄاڻ ته ڇا، پر ڇند کي ياد ڪرڻ به ضروري ڪو نه ٿو ڀانيو وڃي. ان لاءِ هڪ سبب اهو به آهي ته دنيا ڀر جي ڀاشائن جي ڪويتا جو، دنيا ڀر جي ڀاشائن ۾ انواد هڪ اهم ضرورت آهي ۽ اتي آزاد ڪويتا ان ضرورت کي وڏي هٿي ڏيئي رهي آهي. هڪ مثال ڏسڻ وٽان آهي: گجراتيءَ ۾ ’ڪاويه وِشو‘ نالي 50 ديشن جي 77 ڀاشائن جي (سنڌيءَ سميت) اَٽڪل 500ڪوين جي ڪويتا جي گجراتي ترجمي جي ڀومڪا ۾ ’اَنواد‘ لاءِ هئن به چيل آهي

Translation is trans-creation ان لاءِ هڪ مثال جو به حوالو ڏنل آهي

‘Japanese Poetry re made into English’

ظاهر آهي ’ڇندن‘ جي جتي اهميت آهي، اها ته خيرُ بنا شڪ آهي ئي آهي، پر انواد جي سلسلي ۾، ان جي محدودگي به قبول ڪرڻي پوي ٿي. بس اهو قبول ڪرڻ ۾ همت ڪرڻي پوندي ته، بنا ڇندن به ڪويتا ممڪن آهي ۽ بهتر ڪويتا به ممڪن آهي. پر اِهو وسارڻو نه آهي ته يگن تائين برقرار رهيل ڇند جي سنگيت واري سگهه دنيا ڀر جي راڳ ۽ راڳ ورتيءَ لاءِ اوتري ئي ضروري آهي.

ائين قبولڻ ۾ ڪا دقت نه هئڻ گهرجي ته ٻنهي جون پنهنجون ضرورتون، مريادائون ۽ خاصيتون آهن ان ڪري ٻنهي جي الڳ الڳ اهميت آهي ۽ برابر برقرار آهي.

الڳ اهميت جي حوالي سان اظهار جي نَوَن فارمن جي هلندڙ سلسلي ۾، ڇندن جي ٻنڌن کان آجي، آزاد ڪويتا تي نظر ثاني ڪرڻ به ضروري آهي. اَهڙي رچنا کي عام طور ’نئين ڪويتا‘ پئي چيو ويو آهي جو ان ارٿ ۾ ته صحيح آهي ته، ان جو اهو نالو ئي وڌيڪ قبوليو ويو آهي. پر ان ارٿ ۾ ڪجهه گهٽ صحيح آهي ته، هر اها رچنا، جيڪا ڇند ۾ نه آهي ، اها نئين ڪويتا آهي. ڇو جو، ڇند نه هئڻ، نئين ڪويتا جي مکيه پهچان ڪانه آهي. ان جي مکيه سُڃاڻپ نئين احساسداري، نئين سوچ، نئون ڀاوُ ٻوڌ ۽ هر پُراڻي دقيانوسي سوچ لاءِ ودروهه ۾ سمايل آهي. البت ڄاڪاڻ ته هر نئين چيز پراڻي چيز جي وجود جي حوالي سان ۽ ان جي موجودگيءَ ۾ ئي نئين لڳندي آهي، ان ڪري، ان جي نئين هجڻ کان وڌيڪ نئين لڳڻ جي به ڪا ته مريادا رهڻي آهي. ان ڪري، اَٽڪل چاليهه پنجاهه سالن بعد، هاڻ نئين ڪويتا کي نئين چوڻ ضروري نه رهيو آهي. ان بابت تفصيل ۽ مثال، ان نسبت اڀياس ۾ ڏسڻ سان اِهو وڌيڪ چٽو ٿيندو. ساڳي ڳالهه غزل بابت پڻ لاڳو آهي. پر ان کان اڳ شاعريءَ جي فنائتي ۽ جمالياتي پيشڪش لاءِ اڪثر ڪم ايندڙ ’اوزارن‘ Tools بابت ڳالهه ڪجي.

## 6.3 سنڌي شاعريءَ ۾ اظهار جا نوان طريقا ۽ نوان پريوگ

سنڌي شاعريءَ ۾، آزاديءَ بعد جي، اِظهار جي نَوَن طريقن ۾، جيتري قدر صنفن جو سوال آهي، عام صنفون توڙي خاص صنفون- اهو پنهنجي جاءِ تي، اول ۽ اَهم نظريو آهي. پر، فن جي لحاظ کان، صنفن سان، اهو اِيياس اُتي پورو نہ ، پر شروع ٿئي ٿو. صنف يا فارم پل کهڙو بہ هجي پر ان جي فنائتي پيشڪش پنهنجو پاڻ ۾، سڀ کان وڌيڪ اهميت ڀري ماجرا آهي. چو جو، ڪويتا، ڪلا سطح تي، نوان ماڻ ۽ پرماڻ، ڏيکاري اهو ضروري آهي. جيڪو ٻين لفظن ۾، مٿي،’ساهيتڪ صِفتوُن‘ جي سري سان ذڪريل آهي، جنهن ۾ هر صنف جي اَندرين نزاڪت جا ٽولس اها فن يا ڪلا جي ڪرامت ڪندا آهن. اَصل ۾ ڪويتا جي ڪلا اتي ئي لڪل آهي.

### ساهيتڪ- صِفَتون : Literary Terms

ڪويتا جي ڪلاتمڪ پهچ ۽ پهچان ان جي احساس ونڊڻ جي شڪتيءَ ۾ تہ آهي، پر احساس ونڊڻ جي طور طريقن ۾ بہ آهي. جنهن ۾ وقت بہ وقت، نوان نوان پئمانا ڪم ايندا رهيا آهن.

هڪ وڏو ڪُشادو النڪار شاستر بہ ان لاءِ ڪم ايندو رهيو آهي. ان لاءِ لفظن جي چونڊ ۾ سونهن جماليات جي اَهميت بہ شامل آهي تہ وري اِشاريت ۽ اختصارجي بہ درڪار آهي. جي اها ڍڪيل پوشيده اظهار ڪري ٿي تہ نزاڪت جو ڪرشمو سرانجام ٿئي ٿو. نہ تہ وري اها لائوڊ ٿي ڪنن ۾ وڃي ٿي تہ بي سُري ساز جو شور (Noise) يا لُڙ لڳندو.

جيئن چيو ويو آهي تہ ڪلا گهونگهٽ ۾ ئي وڌيڪ سونهندي آهي- هڪ ننڍي ڪويتا ۾، ڪويتا جي هيءَ سڃاڻپ هت ڏسڻ جهڙي ٿي سگهي ٿي:

**ڪويتا**

اَندر جي احساس جو
شَرميلو اظهار
پَلڪون جهُڪائي
حِجابي نَظرون لڪائي،
لِياڪا پائي
ليڪن منجهان!

هڪ طرح ڏٺو وڃي تہ، شُڌ ڪويتا Pure Poetry ڪو بہ سماجڪ سنديش جو بار کڻڻ کان ڇُٽل آهي. اها تہ ڪنهن سِتار جهڙي ساز جي هڪ سريلي جهنڪار ئي آهي. پر ،آخر بہ، ڪويتا، لفظن جي سهاري نثر جي سنگ ۾ رهندي، ويچار سان جڙڻ کان سواءِ، مشڪل رهي سگهندي. ان ڪري، اشاريت ۽ اختصار سان ان جي احساسداريءَ لاءِ ڪيترا اوزار Tools ان جي سرجن ۾ ساٿ ڏيئي ان جي سوُنهن کي وڌائڻ لاءِ ڪم ايندا رهندا آهن ۽ پڻ ان جي آواز جي لرزش ۽ معنائن

جي لڪل تهن کي سليقي سان پيش ڪرڻ ۾ سهايڪ ٿيندا آهن. جن ۾ ڪڏهن ڪڏهن شانت سنگيت جو به سريلو سهارو هوندو آهي.

ڪويتا لاءِ جئن ڇند لازمي نه آهي، تيئن النڪارن لاءِ به چئي ته سگهجي ٿو. البت اهو ڇوڻ ڇندن جي پيٽ ۾ ٿورو ڏکيو ضرور آهي. ڇو ته ڪابه ڳالهه 'سهڻي ۽ اثردار' نموني ڇوڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن طرح جي 'سجاوٽ' ڪم اَچي ٿي. ان ڪان پوءِ وري ڳالهه اچي ٿي ليه جي. ليه رواني ڪويتا جي لاءِ ڇندن ڪان ته وڌيڪ ضروري آهي، پر اِها النڪارن ڪان به وڌيڪ ضروري آهي. ڪن هاٺوڪن ودوانن ته اڪثر ان کي' لازمي' چيو آهي. هنن جو ڇوڻ آهي ته ليه ڪان سواءِ ڪويتا، نثر آهي. ڪويتا لاءِ اِها ڳائڻ يا ڳائي سگهڻ' جي، يگن ڪان هلندڙ روايت باوجود، ڳائڻ به ان لاءِ بلڪل ئي ضروري نه آهي. البت ليه جي حوالي سان چيو ويندو آهي ته ڪويتا 'ڪَن جي' ڪلا آهي يعني ان جي ليه ۾ ٻُڌجڻ جي آوازي سُريلائپ هئڻ گهرجي.

ائين ته وقت به وقت اهي مڃتائون گهٽ يا وڌ اهميت واريون نظر اينديون آهن. پر هر رچناڪار پنهنجي پنهنجي وقت جي سنتان آهي. اڄ ليه ڪويتا جي جان آهي يا ائين چيو ويندو آهي. سپاٽي اها مڃتا کو ٻيو رُخُ اپنائي سگهي ٿي. جئن ڪنهن زماني ۾ ڇند کي ئي ڪويتا جي پهرين ضرورت مڃيو ويندو هو. النڪارن لاءِ اَڄا به ان ڪان گهڻو پري نه ويا آهيون. جيتوڻيڪ آدي (سڀ ڪان پهرين) ڪوي والميڪيءَ جي به سڀ ڪان پهرين، پاڻ مُرادو چئجي ويل ڪويتا جي ٻن سٽن ۾ اَلنڪار ڪونه آهي.

मां निपाद प्रतिष्ठां त्वमगम शा श्वती समा :।
यत्क्रौंचमिथुनादेकमवधीः कापमोहितम ॥

ان طرح هن وقت ائين سمجهه ۾ اَچڻ سپاويڪ لڳي ٿو ته ليه، رواني ڪويتا ۾ هئڻ ئي گهرجي. انومان ڪري سگهجي ٿو ته پهرين پهرين ڪويتا جي گُنگُنائڻ سان ليه پنهنجو پاڻ ڪويتا سان جڙي وئي هوندي. ڪويتا اصل ۾ ڪلپنا جو سرجن آهي. اها ئي النڪارن جو به سرجن ڪري ٿي. ان موجود ڪويتا جي جنني ڪلپنا چئي سگهبي. هنن سيني مختلف خيالن جو سلسلو ڏسي وري به سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر به ڪويتا ڇا آهي؟

دنيا ڀر جي گهڻين اُلجهائيندڙ وصفن کي ڇڏي، سڌي سادي نموني‌هيئن چئي سگهي ٿو. اندر پوجواڻيءَ جي لفظن ۾ - 'ڪنهن دلڪش جذبي يا خيال جو دلڪش اِظهار 'ڪويتا' يا 'شعر' آهي.' ('فن شاعري ص1)

شاعريءَ ۾ اِظهار کي دلڪش، يا وڌيڪ دلڪش، معنيٰ ڀريو، سُهڻو ۽ سُريلو بڻائڻ لاءِ، اَلنڪارن جي ۽ اهڙن ڪن ٻين وسلن ۽ وسيلن جي تمام وڏي اهميت رهي آهي. نئين زماني ۾ ان جي اها ضرورت گهٽي چترائيءَ ڀري (Smart) بڻي آهي، ڇو ته کي مُڏا تي ويل هٿيار گُهربل تاثِير ڪونه ٿا ڏين.

ائين ته النڪارن جو تمام وڏو شاستر آهي ۽ سَنسڪرت جي ان روايت جو ڪافي وڏي پئماني

تي اُپيوگ ڪيتريون ئي پارتي ڀاشائن ۾ عام آهي. سنڌيءَ ۾ البت ان جو ايترو وسيع اپيوگ يا ان جي پرڪارن جي تفصيلي ڇنڊ ڇاڻ نظر ڪانہ آئي آهي. اها ڳالهہ واسديو موهيءَ جي هڪ اپياس ۾ هن طرح بہ ڏسجي ٿي.'' انهن حوالن، يعني ترقي پسند، رومان (جيڪو هاڻ بہ جوان آهي) شهريت وغيره جي اظهار ۾ ٻوليءَ اندر سمايل شڪتي- سِروتن (streams of strength) کي ايترو ڀرپور نموني يا اهڙي تخليقي طاقت سان ڪم نہ آندو ويو هو، جو ان ۾ بجلي (Hydraulic power ) پيدا ٿي وڃي.''(ڳالهہ شاعريءَ جي ص. 32) البت هن 2006-1996 جي ڏهاڪي واري اپياس ۾، تضاد (وروڌي اظهار)، تشبيهون ۽ استعارا، تجسم (مانويڪرڻ) جي ۽ ڀڻ ٻِٽي تضاديہ (Oxymoron) اظهارن ('ڪوسي ڇانو') جا بهتر مثال ڏيئي، انهن جي ڇنڊ ڇاڻ لاءِ، ٽيڪم جو نہ، پر ڊِرِل جو استعمال ڪرڻ جي صلاح بہ ڏني آهي ۽ پُراڻن حوالن سامهون نوان اِظهار ڏيکاري شاعريءَ جي تخليقي طاقت جي پڇاڻ بہ ڪرائي آهي.

اِظهار جي انهن نَوَن طريقن جي پڇاڻ جا اهڙا اپياس سنڌيءَ ۾ عام جام ٿيندا رهڻ گهرجن، پر ائين ٿيو ڪونهي.

سنڌ جي شاعر تاجل بيوس جو هڪ اَپياس 'تبسم جا استعارا ۽ ڪئلاش جا آبشار' (ڪونج) سنڌ جي شاعريءَ نسبت ملي ٿو. پر اَلنڪارن جو نئين نظر وارو پريوگ ۽ اُپيوگ اوس ڪافي ٿيندو رهيو آهي، چاهي اُنهن جي شاستر جو وستار سان اَپياس خاص نظر ڪونہ ٿو اَچي.

هونءَ بہ اهميت تہ وري بہ لکشڻ گرنٿن (شاسترن) جي ڪانہ آهي، 'لکشيہ' (رَچنائون) گرنٿن جي ئي آهي. شاستر رچنا کان پوءِ جي چيز آهي.

گذريل پنجاهہ سالن جي سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙا گهڻا ئي دلڪش اِظهار عام جام ٿيندا رهيا آهن. نہ فقط موزون شاعريءَ ۾، پر آزاد ڪويتا ۾ بہ. ايترو ئي نہ، ڪافي حد تائين، نثر ۾ بہ اَهڙا مثال عام آهن.

هنن دلڪش اِظهارن ۾ ڏيان ڇڪائيندڙ عناصر تہ تمام گهڻا آهن پر هت ڪن خاص پئمانن جي ڪَل پرزن جي ڪجهہ ڳالهہ ئي ڪري سگهبي:

علامت Symbol هڪ قسم جي پرتيڪ (نشاني) طور نئين زماني جو وڏو شاعري وسيلو آهي جيتوڻيڪ اهو ايترو ئي پراچين، قديم بہ آهي. (ڪبير جي پرتيڪ جو تہ ڇا چئجي!'منڪا منڪا چانڊڪي منڪا من ڪا ڦير....')اول هيءُ رايو ڏسون: 'هريش واسواڻي نئون ڪوي آهي ۽ هو پنهنجن ڪويتائن ۾ علامتون جهجهي انداز ۾ ٿو استعمال ڪري. 'پرش وٺشيا' ڪوتا ۾ هو اِنسان جي استعمال ڪي 'پرش وٺشيا' جي علامت ٿو ڏئي.' (سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ ڪوش. ص155) سنڌيءَ جي ماڊل ٿي ويل هن ڪويتا ۾ علامت جو نمونو ڏسون:

غلط هنڌن کان بچڻ جي ان ناٽڪ ۾
سَڙڪُن تي مونکي روزي ڏيئي

چار ديوارين ۾، منهنجي تن ۽ من سان ويچار ڪري،
هي شهرُ

مون کي ڏيري ڏيري
پُرش وَڻشيا جو روپ ڏيندو ٿو وڃي.
(ڪويتا ’پرش وڻشيا‘)

وري علامت - پرتيڪ جو بنهه الڳ قسم جو پريوگ به ڏسون هڪ نوجوان ڪويءَ طرفان!

دهشت خونُ زناءُ انياءُ
هنسا هتيا ماتم
اڄ ڪالهه هي
منهنجي ملڪ جي
شهرن جا نالا آهن.
(ننڍي ڪويتا: موهن همٿاڻي)

هاڻ وري علامت جو هڪ بهترين نمونو ’حاسد‘ جي شعر ۾ ڏسجي:

چنجهيون اکيون هي ڏسي وٺ حاسد،
پراڻو سنڌ جو نقشو آهيان!

هت چنجهيون لفظ، ’پراڻو‘ لفظ سان ملائي ڪري، اکين کي سنڌ جي نقشي جي علامت بڻايو ويو آهي! وري حاسد جي هيءَ علامت روماني تاثر ڏئي ٿي: صوف به وڏا ڳاڙها ڳاڙها/ لاريءَ واري ته مٿس/چمڪندڙ پنيون به لڳايون آهن/ اَگهه ته پڇي وٺان/ ان بهاني صوف کي هٿ ۾ ڪٽي/ چُهي به وٺندس...(ڪويتا ’پسندي‘) تشبيهه تمثيل ۽ استعارو ته هر ڀاشا جي هر ڪويءَ جي پنهنجي پنهنجي سُڃاڻپ بڻجي ويئي آهي. هنن ۾ استعارو وڏيڪ اثردار آهي.

استعارو- روپڪ (Metaphor) جو چِٽُ به ڪڏهن ته غضب ڪندو آهي.

گنگا جمنا امرت امرت
ٿڇ ته ليڪن سنڌو آهي! (نارايڻ شيام)

سنڌ جو مطلب
اسان جو تن آ
۽ سنڌوءَ جو مطلب
اسان جا ڳوڙها آهن! (مهيش نينواڻي)

پيار تو لاءِ ياجي ماني
مون لاءِ هوا پاڻي
ياجي مانيءَ کان سواءِ
تون تہ جيئرو رهندين
هوا - پاڻيءَ بنا
مان تہ مري ئي ويندس. (ومي سدارنگاڻي)

هنن مشابهتي مثالن ۾، ڪو بہ 'واچڪ' شبد نہ آهي، ان ڪري پاڻ، تشبيہ هت وڌيڪ تکي، شُڌ ۽ ساتوڪ لڳي ٿي. روپڪ جو اهو ئي تہ ڪمال آهي. البت تشبيهہ جو بہ بهتر اپيوگ ڪويتا کي چمڪائي ٿو ڇڏي.

مون کان نہ پُڇ تہ سنڌ ۾ مون ڇا وڃي ڏٺو
هڪ خواب هو شيشي جيان پٿر تي ڇڻ وڃي ڪريو! (ڪرشن راهي)

جيئن شيشو پٿر تي ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿيندو آهي، تيئن 'خواب' جو ٽٽڻ هت ڏيکاريو ٿو ڇڏي! (هت 'جيان' واچڪ شبد ڪم آيو آهي.)

تضادي سُر بہ ڪويتا ۾ विरोधाभास अलंकार طور اهميت پري جڳهہ والارين ٿا.

مون تن کان ٿي جَلڻ گهريو
جيڪي پاڻ اُجارا هئا! (ڪيمن مولاڻي)

تون اَکيون بند ڪري مون ڏي ڏس
توکي لڳندو تہ ڏٺل آهيان مان! (واسديو موهي)

اڄ جي ڪويتا ۾ طنز ۽ مِٺ جو بہ گهڻو اپيوگ ٿيندو آهي. ڪٿي محض حوالي طور ۽ ڪٿي تہ وري گهڻي وستار سان. مثلاً - ديومالائي چرتر وارو رامائڻ جو هيءُ حوالو ڏسون:

سَهڄ غُصئل کِڻ ۾
پيڻ جي فضيحت تي
هڪ سراسر شخص جيان
فيصلو وٺندي بدلي جو
خود ليکو نہ لتاڙي
ٻئي کي ليکي کان ٻاهر آڻيندي
هو بڻجي پيو وانر جنگ جو ڪارڻ.
(ڪويتا 'راوڻ' - واسديو موهي)

طنز گھٽو ڪري ڪنھن علامتي دانھن مان نڪرندي آھي. ھنن سٽن ۾ اِھا ھئن اُيري آھي:

ٻنهي جي سرير مان
هڪ هڪ چيز ٻاهر نڪرندي
تنهنجي آتما هوندي
منهنجو وويڪ هوندو.
تنهنجي آتما ڪنهن سرسبز فرد جو رول ادا ڪندي.
۽ منهنجو وويڪ غريب، منهنجو ئي رهندو.....
ٻئي پاڻ ۾ ڪجهه ڳالهائيندا رهندا!
منهنجو وويڪ وچ ۾ هڪ مونولاگ چوندو:
ٻيو سڀ مون کان پڇ
منهنجو نالو نه پڇ
منهنجي سڃاڻپ نه پڇ
منهنجو گهر نه پڇ
منهنجو پاڙو نه پڇ
منهنجو شهر نه پڇ
منهنجو ملڪ نه پڇ!.....
(ڪويتا 'ڀڳت' پريم پرڪاش)

اَڄ ڪلھ ڪويتا ۾ ڪھاڻيءَ جو تت، عناصر بہ ڪڏھن ڪڏھن اَچي ٿو ۽ نثر جي اَثر بنا ڪويتا جو اثر قائم رھي ٿو.

ڪڏھن ڪو قصاگو
ڪو قصو
هن ريت ڪٿي
'هڪ بادشاهه هو
ڏاڍو غريب هو'
تہ پڪ ڄاڻڄ
منهنجو ئي قصو
دهرائجي رهيو آهي.
(موھن گيھاڻي. 'پوپٽ پڪڙيندي' مان)

تجسم (مانويڪرڻ) جو نئون انداز موزون شاعر ڪرشن راهي نئين ڪويتا ۾ هيئن ٿو ڏئي!
جنهن ۾ ٻيا بہ النڪار سمايل آهن:

وقت کي گذرئي وقت ٿيو آهي
رات فوتيءَ جي ورهاست جيان
روشنين ۾ ورهائجي ويئي آهي.
ٻن روشنين جي هڪ اونداهي انترال ۾
مان بيهجي ويو آهيان
رستو هڪ هڪ تي هليا ويا آهن
منهنجو رستو
آخرين بس تي سوار ٿي
وجي چڪو آهي
عمارتون هلڻ لڳيون آهن
روشن ڪمرا
هيٺ مٿي
اَچي وجي رهيا آهن.
('آواز' ڪرشن راهي.)

۽ اهو ئي النڪار حاسد صاحب چند لفظن ۾ هيئن ٿو ڪم آڻي:

سڙڪون اجا بہ ننڊ ۾ هيون
فوٽ پاٿ ڊوڙي رهيا هئا.....

ٻيڙيءَ دروازو کوليو
هلڪڙو آواز ٿيو هو درتي
سامهون واري گهٽيءَ نهاريو پئي.....

ائين ضروري ڪانهي تہ قيمتي النڪارن زيورن کان سواءِ ڪويتا هرويرو ٻُسي ئي لڳندي. ڏسو هت سڌي سادي سهج اظهار ۾ لفظن جو جادو ڪئن ٿو چمتڪار پيدا ڪري سگهي!

هڪ ٻار ڦوڪڻو خريد ڪري خوش ٿيو
هڪ ٻار ڦوڪڻو وڪڻي ڪري خوش ٿيو!
(هريش ڪرمچنداڻي)

هت ننڍڙي ڪويتا بنا چندن جي چير جي ٻنڌن ۽ بنا زيورن جي ٻوجهہ سنويدنا جي سطح

تي سينو پار ڪري ٿي وڃي. ها، پانڪ وٽ ان لاءِ دل داري ۽ احساسداريءَ جي نظر ڪپي.

اِهو چوڻ جي خيرُ ڪا ضرورت آهي تہ نئين زماني جي نَوَن طريقن ۾ اِظهار ضرور پُرُ اَثرُ ٿيا آهن. پر اَلنڪار يا اهڙو ڪو بہ ساڌن، آخر تہ سجاوٽ جو ساڌن آهي، خود ۾ ڪويتا نہ آهي. برابر هڪ زمانو هئو جڏهن هنديءَ ۾ ٻن صدين تائين قائم رهيل ريتي ڪال ۾ لڪشيہ گرنٿن ساڻ لڪشڻ گرنٿ بہ اَهم هئا ، جن ۾ ڪويتا جي هنن لڪشڻن جي ’مثالن‘ لاءِ شاعر شاعري ڪندا هئا ۽ پنهنجي پنڊتائيءَ جو پردرشن ڪندا هئا.

سنڌي شاعريءَ ۾ ان طرح سُجاڳ رهي ، اَلڳ اَلڳ صنف ۾ رچنا ڪرڻ جي ورتي تہ وري بہ ملي ٿي وڃي، پر اَلڳ اَلڳ النڪارن جو چمتڪار ڏيکارڻ جي پرورتي نظر ڪانہ ٿي اَچي. پوءِ بہ ڳولهڻ سان مُبالغو (Hyperbole)، يٿارٿواد (Realism) جهڙا عنصر بہ ضرور ملي ٿا وڃن. جتي آدرشواد جي اُبتڙ ڪجهہ نظر اَچي!

منظرڪشي (Imagery) تہ عام جام پئي نظر اچي خاص ڪري ’تصويرون‘ ۽ ’روپ مايا‘ ۽ ٻين ڪيترين رچنائن ۾، تہ اِهائي ان جي خاصيت رهي آهي.

’نهر مان ٻاهر اَچي جئن لڳ سڪايائين پئي
پنهنجو جوبن پاڻ ڏسي، شڪجي شرمائڻ لڳي‘ (’روپ مايا‘ سانيٽ 6)

شنک ڏُنيءَ جي گونج /
نما شام مندر مٿان /
هيءَ اَڪيلي ڪوُنج!

(’تصويرون‘ خادم صاحب جي انتخاب تان 87. p)

ڪٿي ڪٿي، پوشيدهہ نموني، ڪويتائن جي تضاديہ اظهار ۾ يٿارٿوادي نظر لياڪا پائي وٺندي آهي جتي ’آدرشواد‘ جي اُبتڙ ڪجهہ آهي: چمڪندڙ/ سورج جهڙو/گول ڳاڙهو تِلڪُ/ مُنهن ڪوُماٽيل/ چهرو ڦڪو/اَڪيون اُٻاٽڪيون/هِڪَ سُهاڳڻ جو چَهرو/ ۽ ٻيو بنا تلڪ ۽ سنڌوُر جي/ چمڪندڙ چهرو/موهيندڙ مرڪ/ڪُليا ٽهڪ/ڪو آتم وشواس هوا/ چهرو/ هڪ وڌوا جو!/ ڇا/انهن ٻنهي روپن جو/ راز/ ڪٿي/سِنڌوُر ۽ تلڪ جو/’هُئڻ ۽ نہ هُئڻ‘ تہ ناهي؟ (’احساس‘ ڪتاب ۾ سِنڌوُر ۽ تِلڪ‘ مايا راهي)

Antithesis جي هن ڪويتا ڪي ساڌارڻ نموني پڙهي وڃڻ سان شايد جلد خيال نہ اَچي. پر هنن سٽن ۾ جديد خيال جي پيشڪش ۾ جدت بہ آهي تہ ڪنهن حد تائين علامتون ۽ ڪَنايو - اِشاريت بہ آهي. هتي ٻن خيالن جي تصور جو ٽڪراءُ بہ آهي تہ هڪ قسم جو يٿارٿوادي نظريو بہ جهلڪي ٿو! اَلبت ڀاوَ سنسار جي هنن سوڪيم تندن جو جوڙ ڏسڻ لاءِ اکيون ويڪريون ڪرڻ جي بہ شايد ضرورت پوي! (حالتون اِهي نہ آهن جي ڏسجن ٿيون، جي هئڻ گهرجن!)

تَجنيس خطيءَ جهڙا عام ۽ پُراڻا اَلنڪار اَڄ ڪلهہ گهٽي ڪشش تہ ڪانہ ٿا ڪن.پوءِ بہ

اڳ جيان لنبي فهرست نہ سَهي، پاڻ مُرادو ڪٽي ڪا اهڙي آوازي ڏُهراوَ جي جهلڪ اَوس ملي ٿي وڃي.

خاڪ سندي جيئن ڍير ۾ چنگاريءَ جو رازُ

مون ۾ مان ناراض، واٽن تي وينو رهيس!

(’بيت‘ لڪشمڻ دبي. موهي صاحب جو انتخاب P.101)

مُبالغو Hyperbole اَتيشيوڪتي هڪ فئنٽسي نما ڪويتا ۾ ڏسجي:

هڪ رات اَچانڪ/ مون ملهارُ ڳائڻُ شروع ڪيو/اول برف وسڻ لڳي/تَڏِ کان ڏکي مون اگربتي جلائي هٿ سيڪيا/ ٿوريديرَ ۾ اِندر لهي آيو/ مون برف اگربتيءَ تي جلائي هن جا پير ڌوتا/ هو هڪ اَپسرا ڇڏي ويو /هن مون کي ريجهائڻ لاءِ سڀ ڪلائون پوريون ڪيون/ مان خوش ٿي جاڳي پيس. (ڪويتا ’اڪيلائپ‘ نامديو تاراچنداڻي- موهي صاحب جو اِنتخاب P.114 )

هت هڪ ڳُنڌ ڪان اَتي يٿارٿوادي مانسڪتا پڻ ليئا پائيندي نظر ايندي جنهن ۾ ’سپنن جي سنسار‘ جي وڪرتي مڪيہ مڃي وڃي آهي تہ وري مبالغو بہ پنهنجو وجود ڏيکاري ٿو.

ٻين ڪيترين شعري خاصيتن جيان، سنڌيءَ ۾ بہ ڪيتريون تمام گهٽ يا ورلي نظر آيون آهن مثال ’هاسيہ ڪويتا‘ جي سنجيدهہ ڪوشش تمام گهٽ ٿي نظر اَچي. پر جيئن مٿي چيو ويو آهي، ڳولهڻ سان، ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ اوس ملي ٿو وڃي. مزاح جو اڻ لکو ڇُهاءُ هن لوڪ ڪويتا ۾ نظر اَچي ويندو. (مُرلي گووندداڻي. ’سُڏڪن جي سوغات.‘ ص42)

ندين جو نيرُ پلو

ڳاين جو کيرُ پلو

نيڻن جو تير پلو

زالن جو ڍِيرُ پلو

اُهي چارئي ٿوڪَ پلا

ٽَڪا چارئي روڪَ پلا!

سنڌيءَ ۾ مزاح پل گهٽ آهي پر ڪويتا جي سنجيدهہ سُمتن جي بلڪل کوٽ نہ آهي. ڪٿي حواسن جي ڦيربدل جا پريوگ آهن تہ ڪٿي شليش النڪار جو چمتڪار آهي: اهڙيون واڌو سُمتون يا ارٿ ليہ ۽ اَرٿ وينجنا جا شعر تہ پرپور ٿا ملن ۽ اڪثر غزل ۾ هر مڪيہ ڪويءَ وٽان ملندا رهيا آهن اجوڪي اَنداز ۾ چوٽو هجي تہ هاڻ غزل فقط ’نئون غزل‘ نہ رهيو آهي پر اِهو ’سِمارٽ غزل‘ ٿي ويو آهي ساڳي ڳالهہ غزل ڪان سواءِ جي شعر ۽ آزاد ڪويتا سان بہ اوتري ئي لاڳو آهي.

ائين تہ اڄ ڪلهہ شاعريءَ جي وسيلن جا ڪل پُرزا بہ نوان نوان رنگ روپ ۽ اَستر ڌاري ٿا اَچن، جو پُراڻن حوالن سان سڃاڻڻ بہ مشڪل ٿي پَوَن.

جئن ارٿ شليش اَلنڪار جي هڪ ڇُهنب ڏِسون:

عمر پر پاڻي هن وِلوڙيو آ

حاصلاتن تي پو بہ مُرڪيو آ

(سچ اَڳيان ٻُڪ ص، 27 گوپ ڪمل)

وري شبد شليش جي هڪ ڪنڊ هن طرح بہ نظر اَچي ٿي وڃي:

ماتا مايا ديويءَ تہ ديھہ بہ ڇڏي، دنيا بہ ڇڏي

پر دنيا لاءِ ڇڏي ويئي مايا جو مُڪتي دوُت! (نامديو تاراچنداڻي)

(’منش نگري‘ ص. 51)

(ڪن خاص حالتن هيٺ ڪي ويجها مثال ڏيڻ بہ هڪ مجبوري ٿئي ٿي ڪڏهن)

حواسن جي غير رواجي ڇُر پُر حاسد جي شعر ۾ ڏسڻ جهڙي ٿئي ٿي.

نصيب ڪي ڏِيون ڇو ڏوراپو

اڪين سان سونهن کي ڇُهِنداسين! ارجن حاسد

(جديد سنڌي شاعريءَ جو انتخاب ص. 47)

نئين زماني جي نئين احساسداريءَ جي نظريي مطابق اوس ٿي ڪيترا مثال روايتي رچنا ريتيءَ کان الڳ لڳندا. ايترو ٿي نہ، ڪويتا جا ڪي تجربا تہ اڪرن جي سجاوٽ ڪي بہ، ڪم آڻي ڪيا ويا آهن.

اِها ٻي ڳالھہ آهي تہ ان جي اَهميت گهٽجي ثابت ڪانہ ٿي سگهي آهي.

منهنجي شاهدي ڪوڙي آهي

جو منهنجي مٿان

ڪتنب سماج ملڪ

هٿڙي [illegible]

پرمپرائن جا

بوجھہ پيل آهن. (آنند کيماڻي)

(ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي شعر جي چونڊ ص . 173)

سنڌيءَ ۾ اَهڙا ٻيا اَکري سجاوٽ جا پريوگ تہ خير گهڻا نظر ڪونہ آيا آهن پر ٻين ڀاشائن ۾ بہ ٿيا اَوس آهن.

ان کان سواءِ جو بہ اهڙو هڪ پريوگ ڏيان چڪائي ٿو جنهن ۾ هريش واسواڻيءَ آواز ۽ مئٿيميٽڪس جا پريوگ ڪيا هئا فولو اَپ تہ خير ان جي بہ ڪانہ ٿي هئي ( پر پوءِ 25 سالن کان پوءِ هن خود نشانيون ۽ چترن سان ذري گهٽ وچتر لڳندڙ گرافڪس جو اُپيوگ ڪري ’ٻڙيون ۽ ٿي ٻڙيون‘ ڪتاب ۾ ’اسمتا لاءِ هڪ ڪاويہ ڪٿا لکي جا اِجا تہ ڪنهن De-Codeڪانہ ڪئي آهي....‘)

ٻم ٻم ٻم .... ٻڙ ٻڙ ٻڙ.....ٻ ٻ ٻ.... ٻڙ ٻڙ.....

(x٠ x١ x٢x٣ x٤ x٥x٦x وغيره = ٻيڙ)

هريش واسواڻي (چاليهہ چاهتر ص.35 )

موهن ڪلپنا بہ ’سوچڻي‘ جهڙي ڪا ڪوشش ڪئي هئي پر اَڳتي ڪانہ وڌي هئي. انهن پريوگن تجربن جي سارٿڪتا ۾ تہ شڪ نہ آهي، پر سنڌيءَ ۾ ٿيل گهڻا تجربا اڌورا ۽ اَڻ پورا رهجي ويا ان ڪري بہ اُنهن جي سارٿڪتا اسٿاپت ڪانہ ٿي سگهي.

هڪ تجربو ’شايد ڪويتا‘ نالي بہ ٿيو جيڪو بہ اڻ پورو ۽ ان ڪري خاص ڌيان ڇڪائي ڪونہ سگهيو هو: جنهن ۾ وري ڪويتا جي سهجتا ڪي فوڪس ۾ رکيل هو: جيئن ’ڇِت ڇوري اها ’شايد ڪويتا‘ آهي.

منهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو
مون پنهنجي وهاڻي سان گهاريو آهي،
اِهو ئي
منهنجي سُپنن جو آڌار آهي! (نامديو تاراچنداڻي)

ان طرح چندن ڪان سواءِ جي ڪويتا ۾ ڪي تجربا ٿيا آهن تن ۾ ’چوَاڪرا‘ جو تفصيلي ذڪر مٿي ٿيو آهي. ان ڪان سواءِ لنبي ڪويتا جو سلسلو ۽ هڪ ڪردار واريون ڪويتائون خاص اهميت رکن ٿيون، جن تي اُپٽار ڪرڻ جي ضرورت آهي. بنا ڇند جي ڪويتا ۾ لکمي ڪلاڻيءَ بہ ’هائڪو‘ لکڻ جو پريوگ چڱو وقت ڪيو هو . زندگيءَ جي شام جو ’برهم گيان‘ بہ هن چڱو اوتيو (جيون سچو ئي رُچ/ سهڪي سهڪي ساڻو ٿيو/چوڌر سُچ ئي سُچ ) پر اهو پريوگ بہ ڪتابي مجموعي جي واٽ تي وينو آهي!اَجا!

اظهار جي نَوَن طريقن جي هن سلسلي ۾ ائين تہ اَجا بہ ڪيترا پئمانا ذڪر هيٺ آڻي سگهجن ٿا ۽ اُنهن جا ڪيترائي مثالي شعر بہ حوالن طور ڏيڻ جي پرپور گنجائش رهي ٿي. پر هت گهڻو تڻو شاعريءَ جي صنفن جي ۽ پڻ شعر جي خاص خاص خاصيتن ۽ ساهتيڪ صِفتن ۽ وسيلن جي (Poetic Terms & Tools /) اُليک ۽ ضروري تفصيلن جي نسبتي پڇاڻ تائين محدود رهڻو آهي. جو جو هن قسم جي تمام کُشادي وشيہ جي، هونءَ نہ تہ ڪا سيما اَچڻ سوَلي نہ آهي.

ان ڪان سواءِ، هت پيش ڪيل هر بابت ۽ مثال، ڪنهن نہ ڪنهن ڪنڊ ڪان، ڪيترائي ٻيا ٻيا مثال ۽ تفصيل ڏيڻ جي پرپور گنجائش رکندڙ آهن.

هونءَ بہ، سموري ساهتيہ ۾، لڳاتار نوان پيچرا نهندا رهندا آهن. ڪابہ راءِ يا ڪا بہ ڳالهہ آخرين ٿي ڪانہ ٿي سگهي. هر ڳالهہ، هن پنڌ جو ڪو نہ ڪو ننڍو وڏو مُقام ماتر آهي. منزل نہ آهي.

## 6.4 سنڌي شاعريءَ ۾ لنبيون ڪويتائون. ڪنڊ ڪاويہ-مها ڪاويہ

سنڌي شاعريءَ جي اَيپاس جي هن سلسلي ۾، اظهار جي نَوَن طريقن جي ۽ پڻ ڪجهہ مثالن جي هن پيشڪش جي حمايت Support ۾ 1950 ڪان پوءِ جي پنجاهہ سالن جي آس پاس؛ سنڌي شاعريءَ جي عام صنفن ۽ خاص صنفن جي واهپي ۾، تبديلين جي ۽ پڻ نَوَن وهڪرن جي لحاظ کان، ڪجهہ اَهم تبديليون هيٺ ذڪر هيٺ آڻيون آهن. انهن ۾ سڀ ڪان اول لنبيون ڪويتائون ۽ پوءِ هڪ ڪردار جي ڪويتائن جا سلسلا ڏسڻا آهن. جنهن بعد نئين ڪويتا يا آزاد ڪويتا ۽ غزل بابت ڪجهہ تفصيل بہ ضروري آهن. جئن اظهار جي نَوَن طريقن جي اَيپاس جي خلاصي وضاحت ڪري سگهجي ۽ ڪجهہ تارڻ ملي سگهن تہ شاعريءَ جي دَشا ۽ دِشا جي رُخَ ۽ رَفتار جو رحجان ڪئن ٿو نظر اَچي.

سنڌي شاعريءَ ۾ لنبيون ڪويتائون

جيستائين، شاعريءَ يا ڪويتا جي قدبت جو سوال آهي ڪو بہ رايو يا سُجهاو يا ڪابہ وصف هر حالت کي ڪانہ ٿي ڇهي سگهي.

ڪنهن تہ ائين بہ چيو آهي تہ ڪويتا جو قد هڪ لفظ جو بہ ٿي سگهي ٿو. مثال

بار
اِنسان
پيار
عورت
قدرت
گُلُ

ڇا اِهي لفظ ئي پنهنجو پاڻ ۾ ڪوتا نہ آهن؟

وري جڳت جي سڀ ڪان وڏي ڪاويہ گرنٿ 'مهاڀارت' ۾ هڪ لک سلوڪ چيا ٿا وڃن جيڪو رامائڻ ڪان چوڻو، اِليڊ ۽ اوڊيسيءَ کي ملائي ڪري ڏهوڻو ۽ پڻ هڪ ڪروڙ اَسي لک لفظن جو آهي.

سنڌيءَ ۾ ڪو بہ پڪتو ۽ برجستو مهاڪاويہ جو مها گرنٿ تہ نہ آهي پر 'شاهہ جو رسالو' اوس مهاگرنٿ آهي جيتوڻيڪ 'مهاڪاويہ' ڪٿا ڪاويہ جي هڪ وڏي وصف آهي. اهو 'مَهان' هجي، ضروري ناهي./ائين تہ ڪويتا جي لنبائي خود ۾ ڪا حاصلات تہ ڪانہ چئجي، پر پوءِ بہ هڪ پوري ڪاويہ گرنٿ طور هڪ ئي وشيہ يا ڪردار جي شاعري پنهنجو پاڻ ۾ هڪ درلڀ گهٽنا تہ اوس آهي.

هت آزاديءَ ڪان پوءِ جي پنجاهہ سالن ۾ ڪجهہ ' لنبيون ڪويتائون'، 'مخصوص' رچنائن طور نظرثانيءَ لاءِ ڏسڻيون آهن جن ۾ شاعري چاهي ڇند ۾ هجي يا بنا ڇند ۾، پر طويل ڪويتا جو وشيہ ساڳيو هجي.

هنن ۾ ٽوراڻي ڪتاب تري اَچن ٿا جن ۾، مشابهتي طور لنبيون ڪويتائون آهن جيڪي عام طور لکجندڙ ڪوتائن جي ڀيٽ ۾ لنبيون چئي سگهجن ٿيون. البت هت شارٽ اِسٽوري يا لانگ اِسٽوري طور، وصفي نموني 'لانگ پوئيم' جي رچنا ڏيان ۾ رَکيل نہ آهي. البت هڪ وصف هت ڪم آڻڻ جهڙي آهي.

Long poem is being a poem that is simply "book length." By Lynn Keller. (Wikipedea)

جينوٽيڪ هت سنڌيءَ جي حوالي ۾ ' book length ' جي سيما 'سپ کان وڏي' ڳڻڻ نيڪ ٿيندو. باقي لنبيون ڪويتائون، عام طور لکجندڙ ڪويتائن جي ڀيٽ ۾ لنبيون نظر ۾ رکڻ ئي نيڪ ٿيندو.

هنن ڪويتائن جي الڳ اهميت ان ڪري آهي جو ڪنهن وشيہ جي آس پاس رهي اَٽڪل 100 کان250سٽن ۾ ڪويتا جو لکجڻ، ساڌارڻ ڳالهہ تہ نہ آهي. ضرور اهو وشيہ بہ، ڪنهن نہ ڪنهن ڪنڊ کان اَهم هئڻ گهرجي تہ وري ايتري لنبي ڪويتا لکڻ وارو شاعر بہ اوس سگهارو مڃڻ جو سبب آهي. سنڌيءَ ۾ اَهڙين لنبين ڪويتائن جو عدد، ائين تہ وڏو نہ آهي. 'ڀڳت' (پريم پرڪاش) ڪويتا سنگرهہ جي هڪ پومڪا ۾ اِها ڳالهہ هنن لفظن ۾ ذڪريل ملي ٿي 'ايتريون لنبيون ڪويتائون لکندڙ ڪوين جي قطار اسان وٽ بنهہ لنبي نہ آهي.' (نامديو ص.3) پر پوءِ وقت ويندي، هاڻ اها قطار ڪجهہ لنبي اَوس ٿي آهي ۽ پڻ اُنهن رچنائن ۾ ڪجهہ تہ 'اَساڌارڻ' مڃيون ويون آهن جيڪا، سنڌي شاعريءَ جي نئيي حاصلات نہ آهي.

ائين تہ ڪل ملائي اٽڪل پنجويهہ رچنائون لنبيون ڪويتائون چئيسگهجڻ جهڙيون تہ اوس آهن جن ۾ بہ اهم ڪتاب 'مٽڪو' ۽ 'واپسي' هڪ ڪردار واري الڳ صنف ۾ ڪڻڻ نيڪ ٿيندو.

شروعات مهاڪاويہ سان ڪريون جو لنبي ڪويتا ۾ اها اهم ترين صنف آهي. 'جڳمڳ جوت' نالي نوي صُفحن جي نئيي ڪتاب تي ان جي شاعر روپڪمار گهايل ڪوَر تي لکيو آهي، سڄي هند ۽ سنڌ ۾ سنڌي ڀاشا جو پهريون مهاڪاويہ.(1991) اَهڙن ٻن ٻين ڪتابن تي بہ هن شاعر ٻيون ۽ ٽيون مهاڪاويہ (1992۽ 1994) لکيو آهي.

سنسڪرت مهاڪاويہ جي روپ رچنا جي شاستريہ ريت رسم جي آڌار تي لکيل هنن مهاڪاوين جي، مهاڪاويہ طور تہ آجيان ٿي، پر شاعريءَ جي وشالتا ۽ سنجيدگيءَ جيعدم موجودگيءَ ۾ انهن رچنائن جي سنڌي اَدب ۾ ساڌارڻ رچنا جيتري بہ آجيان ڪانہ ٿي آهي. ان کان اَڳ 1953 ۾ آيل 'رام ڪٿا ' کي، 'سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ ڪوش' ۾ پهريون مهاڪاويہ چيو ويو آهي جيڪا رچنا سترامداس سائل جي آهي. قيمت خوشحالاڻيءَ جي'رچنا 'بانڪو بينظير (1962) کي بہ هت ٻيون مهاڪاويہ چيو ويو آهي البت اهو بيتن ۾ لکيل آهي.

'شري گرو نانڪ جيون ڪويتا' (بيوس)، هريشچندر جيون ڪويتا (دلگير)، 'مصر جي راڻي' عزيز جي مثنوي هڪ طرح جا ڪنڊ ڪاويہ يا لنبيون ڪويتائون چئي سگهون ٿا.

هاڻ ڪنڊ ڪاويه جي ڳالهه ڪجي. اسان وٽ عام طور ٻن ڪنڊ ڪاوين جو ذڪر ڏسجي ٿو. تن ۾ ارجن سڪايل جي رچنا 'اَنارڪلي' به ڪنڊ ڪاويه طور فقط ذڪر قابل رچنا ڳڻڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو.

نارائڻ شيام جي ڪنڊ ڪاويه 'روپ مايا' ۾ سورهان سانيٽ (14سٽون) آهن ۽ وشوامتر ۽ مينڪا جي 'سنيوگ شرنگار' جي اهڙي رچنا آهي جنهن ۾ جمالياتي شاعريءَ جي بهترين ماڊل جا سڀ گڻ ٽمٽار آهن.

نارائڻ شيام سنڌيءَ ۾ مهاڪاويه توڙي ڪنڊڪاويه جي سموري کوٽ هن هڪ طويل شاعريءَ سان پوري ڇڏي آهي. ڀاشا، ڀاوُ، پرڪرتي ۽ انساني سندرتا جو سنگم هڪ ئي رچنا ۾ ڀرپور نموني ملي ٿو. سنڌي شاعريءَ جي 'مهاڪاويه' جهڙي مهانتا جي قريب رهيل ڪنڊ ڪاويه جي رچنا کي هنديءَ جي 'ڪاماينيءَ' ڪاويه رچنا جي ڀر ۾ رکي ڏسڻ ۾ ڪا به هڇڪ نه ٿيڻ کپي. هنديءَ ۾ شاستريه درشٽيءَ سان ته 'ڪاماينيءَ' به مها ڪاويه مڃڻ مشڪل آهي، پر رچنا جي 'اَساڌارڻتا' ان کي مها ڪاويه جي صنف ۾ وڏي عزت سان وهاريو آهي. سنڌيءَ جي حوالي سان، ساڳيو رتبو اسان 'روپ مايا' کي ڏيئي سگهون ٿا ۽ هڪ' بهترين ڪنڊڪاويه' چئي سگهون ٿا .اسان کي مهاڪاويه نه پر مهان ڪاويه تي سنتوش آهي.

مهاڪاويه ۽ ڪنڊڪاويه کان پوءِ لنبين ڪويتائن ۾ ٽن اَلڳ اَلڳ ڪتابن جي ڳالهه ڪجي 'ممتا جون لهرون' ڪلا پرڪاش جو ڪتاب نظماڻي نثر جو آهي انڪري ان کي لنبي ڪويتا جي رچنا مڃڻ برابر مشڪل آهي. پر ان کي ياد ڪرڻ ڄڻائي.

'اِستري تنهنجا روپ' ڍولڻ راهيءَ جي پنجڪڙن جو مجموعو آهي پر ڪل105پنجڪڙا هڪ وشيه جي مالا ۾ پويل هئڻ ڪري ان کي 'لنبي ڪويتا' جي سلسلي ۾ پنهنجي اهميت آهي. 'ڪنڊ ڪاويه' اَصل ۾ 'کنڊ ڪاويه' آهي، ان ڪري ان کي ڪنڊ ڪاويه چوڻ صحيح نه آهي. 'اِستري ومرشَ' جي لاءِ پُرش جي لکيل هن لنبي ڪويتا کي هڪ خاص اهميت حاصل آهي.

ٽيون ڪتاب 'دلبر پٽ منهنجو' به هڪ لنبي ڪويتا جي رچنا آهي ان کي 'شوڪ ڪاويه' (دک جي اظهار جو ڪاويه ) چوڻ ٺيڪ ٿيندو ڇو جو جوان ٿيندڙ سڪيلڌي پٽ جي اوچتي هتيا جي آگهات سان ان جو وشيه وابسطه آهي. چترو ناگپال جي هن ڪتاب مٿان ئي لکيل آهي 'پُٽ جي ويوگ ۾ لکيل چترو ناگپال جي لاثاني ڪويتا'. هن درد ڀريل جديد آزاد ڪويتا جون پهريون سٽون:

اڄ يار پٽ کي ڪنيو اَٿم ڪُلهي تي/ پوري جو پورو سورهن سالن جو/ مون کان به ٻه انچ ڊگهو/ ڏسو مان هن جوان کي/ ڪٽي ٿو سگهان سولائيءَ سان/ ڇو ته هن پنهنجو روپ بدلائي/ پاڻ کي ورهائي ڇڏيو آهي ٻن حصن ۾

هڪ رَک

ٻيو سَنک....

هيءُ 'ڪتاب Book Length' واري وصف ۾ هِڪُ 'لنبي ڪويتا' جو پورو ڪتاب ڇئي سگهجي ٿو ۽ پوريءَ طرح داخلي ۽ جذباتي رچنا طور ان جي الڳ اهميت آهي.

انهن ٽن ڪتابن جي هڪ ئي وشيه واري لنبي ڪويتا کان پوءِ اهڙين ڪويتائن جو ذڪر ڪرڻ گهرجي جيڪي عام طور لکجنڌڙ 25 کان 50 سٽن کان وڌيڪ ظاهري طور لنبيون هجن. البت هندي ساهتيہ ۾ جنهن لاءِ दीर्घ काव्य چيو ويندو آهي ۽ اُتي ان جي بہ هڪ ڌارا مقبول ٿي آهي، ان لحاظ کان هي ڪويتائون بيشڪ ننڍيون يا عام ڪويتائون ڇئي سگهجن ٿيون. پر سنڌيءَ جي حوالي ۾ سوَ کان وڌيڪ سٽون هڪ لنبي ڪويتا چوڻ ۾ گهٽو وڌاءُ ڪونهي. مثال ليکراج عزيز جي رچنا 'عاشق جي خود داري' ۾ ڇهن سٽن وارا ارڙهان شعر آهن. عشق مزاجيءَ جي ان زماني موجب هت عاشق جي حُسن کي للڪار جو ۽ اقرار جو سڏ ٻُڌجي ٿو.

هرڪو چوندو تہ عزيز آهي سو همت وارو

عشق جي وات ۾ جو نيٺ ٿيو سوپارو.

(ورهاڱي کان پوءِ جي سنڌي شعر جي چونڊ- ص. 5)

هن ڪتاب ۾ پرسرام ضيا 'شاهہ سان سپني ۾ ڳالهيون' سري سان 138سٽن جو جڻ هڪ لنبي ڳالهہ ٻولهہ جو قصو ٻڌايو آهي

خواب ۾ جيڪي ٻڌايو شاهہ آهہ

ٿيندو سچ، اهڙو ضيا ويساهہ آهہ (ص 34)

گوورڌن ڀارتيءَ جي ڪتاب 'تنهائي ۽ ڪوڙو دونهون' ۾ پنج ڪويتائون هرڪا150سٽن جي وڏي آهي. تن ۾ 'سئنيٽوريم ۾ پهرين رات' ۽ 'تنهائي ۽ ڪوڙو دونهون' خاص طور سنڌيءَ ۾ نئين ڪويتا جي آمد جي حوالي سان ذڪربيون رهيون آهن. 1960ع 1964جي رچنائن ۾ هڪ گيتڪار طرفان ڇندن کان آزاد، ڪويتا جو لکڻ هڪ ايجاد ئي سمجهڻ گهرجي! هن ئي ڪتاب ۾ 'ڳاڊولي لوهار'، 'چوماسو ۽ چنڊ' ۽ 'موتيو جڏهن ميندرو' ( 280سٽون) بہ ان ئي وقت جون ڪويتائون آهن.

ڪرشن کٽواڻيءَ بہ تعارف ۾ لکيو آهي تہ 'سئنيٽوريم ۾ پهرين رات سنڌيءَ جي بهترين ڪويتائن مان هڪ آهي.' سلهہ (T.B.) جي علاج لاءِ پرتي ٿيل شاعر جو قلم قدرت سان نظر ملائي لکي ٿو:

رات جو پهريون پهر/ اوچتو / گل ٿي ويون برقي بتيون!..../.چنڊ / پيلو چنڊ / ڏٻرو چنڊ/ جڻ سلهہ جو مريض/ دور/ اولهہ جي افق ۾ ويو ٻڏي!.... /۽ ستارا جڻ آهن سرد لاش/ هيءُ ڪکر ڪارا اُنهن جا ئي ڪفن! (ص 44)

'اَجنتا ' (موهن ڪلپنا) 175 سٽن جي لنبي آزاد ڪويتا ۾ بہ ڪٿا تت (story -element) جو سهارو ورتل آهي (ورهاڱي بعد جي سنڌي شعر جي چونڊ- ص.147) ۽ ٻڌ جي زماني جي ڪلا

جي ڪرشمي جي ڳالهه ڪئي وئي آهي.

’اَنڌو دونهون‘ (اَرجن شاد) 250 سٽن جي لنبي ڪويتا، هن سلسلي جي اهم ڪڙي آهي جنهن کي ’ڪنڊ ڪاويه‘ به چيو ويو آهي. هونءَ اتي ’ کٿا ڪاويه‘ جي طرز تي ’سنڌ جي ياد‘ وشيه بڻيو آهي. ان کي به آزاد ڪويتا چوڻ ٺيڪ ٿيندو ۽ اها، ان عنوان واري ڪتاب جي مکيه رچنا آهي ۽ هن ڪتاب کي ساهت اڪادمي اوارڊ به مليو هو.

اهڙي ئي اَهميت واري ڪويتا ’ پڳڙ‘ پڻ ان عنوان واري ڪتاب جي مکيه رچنا آهي ۽ ان کي به ساهت اڪادمي اوارڊ مليو هو. پريم پرڪاش جي هن ڪتاب ۾ اها ۽ ٻي ٻيون لنبيون ڪويتائون به ڌيان ڇڪائن ٿيون. ’پريمڪا‘ ۽ ’من ميلاپ‘ خاص طور 200 کان وڌيڪ سٽن ۾ ڇيل آهي. انهن ڪويتائن مان ’ پڳڙ‘ ۾ سنڌي جاتيءَ جي ’لوڪ ناچ‘ جي حوالي سان ’لوڪ ڪهاڻي‘ ۽ جي روپ ۾، سنڌي ڪلچر جي سنڪٽ کي جديد نظر سان مونولاگ جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

تون منهنجي لاش جي سيرانديءَ کان شعر ڇڄ
مان تنهنجي لاش جي پيرانديءَ کان ڪويتا چوندس
تون عوام کي منهنجي آخري دک دک جو حوالو ڏج
مان تنهنجي قاتل اکين جي تشبيه ٻڌائيندس
تنهنجو ڪفن ويدنا هوندو.....
منهنجو ڪفن ريت........

ڪنهن هڪ شام ضرور وهنداسين
دير رات تائين پيئنداسين
پوئين پهر ملي
هڪ پڳڙ وجهنداسين... (ص 96)

اڻين ته هت ’خود کي سنڀاليندي‘، ’لفظن ۾ واپار‘ ۽ ’گيت‘ پڻ لنبيون ڪويتائون آهن ۽ اڻين گووڙن پارتي ۽ پريم پرڪاش هن قسم جي رچنائن ۾ خاص جڳهه ۽ اهميت رکندڙ شاعر آهن.

’هڪ ٻڳهي سانت‘ ڪتاب ۾ ’رات کي گذرڻ نه ڏي‘ ڪرشن کٽواڻيءَ جي جاذب رچنا به اتهاسڪ اهميت رکي ٿي. 380 سٽن ۾ هن ڪويتا ۾ هڪ رومانوي ياد جا بکريل پَلَ سميٽيل آهن. ڊائريءَ جي ورقن جي روپ ۾ هڪ ئي رات جي ٻئي پهر ۾ لکيل هيءَ طويل ڪويتا هڪ درد جي اُڇل آهي:

رات کي گُذرڻ نه ڏي
رات اِنسانن لاءِ آهي

ڏينهن جانورن لاءِ.
رات کي گُذرڻ نہ ڏي
تنهنجي هر انگ مان اُيري هئي هيءَ رات.
مون ڏٺي هئي تنهنجين اَکين ۾
تنهنجي ميرانجهڙي چپن جي سانت ۾
تنهنجي سيني جي پناه گود ۾
رات جي سانت .
رات کي گذرڻ نہ ڏي.

’او شڪارپور‘ نند جويريءَ جي لنبي ڪويتا 660 سٽن جي طويل رچنا آهي، جيڪا هن جي ڪتاب ’چوواٽي تي‘ جي مکيہ رچنا آهي.

هيءَ هڪ ’Native Poem‘ جيان ’وطن جي قرب‘ جي ڪويتا آهي. اسان وٽ گجرات ۾ ’وطن‘ پنهنجي ڳوٺ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ آهي. هن ڪويتا جي مُهاڳ ۾ شيخ اَياز بہ لکيو آهي ’شڪارپور‘ ’ سنڌ ۾ نند لاءِ ماتا جي ٿڻ وانگر هئي. هو منهنجو ۽ ساميءَ جو ڳوٺائي آهي ۽ ٻنهي جو ساءُ هن جي ڪويتا ۾ ملي ٿو.‘ پنهنجي پنهنجي وطن لاءِ اڪثر لکجندڙ ڪويتائن جي سلسلي ۾ ’Oh Calcutta‘ جون ڪويتائون بہ هن ڏس ۾ ياد ڪري سگهجن ٿيون.

Oh Calcutta - Arthur Brendon
And yet.....
When day dawns
I walk with you.
I sleep with you.
And I realise
It is your first time
Oh, Calcutta, you're good for me.

جيئن شڪارپور ۾ / شڪارپور جو شاهي باغ / لکيدر جي گهنٽا گهر ۾ سج / مَٽ ۾ سلوڪ / گئوشالا ۾ ڳئو/ مَڙهيءَ ۾ سنتن جو ٿانءُ /ائين ئي - مان- پنهنجو پاڻ ۾! (ص 57)

هت ’ٻڙي ۽ ٽي ٻڙيون‘ ( 2000) ڪتاب ۾ هريش واسواڻيءَ جي گرافڪس ۽ نشانين واري 200 سٽن واري لنبي ڪويتا ’اَسمتا لاءِ هڪ ڪاويہ ڪٿا‘ کي بہ ياد ڪرڻ گهرجي، البت ڏُکين علامتن ۽ ’اُلٽ واٽي‘ پريوگ سبب. اَسمتا (سنسڪرتي)ءَ جي هن سنڪٽ ڪٿا ۾، پنهنجي وڻ جي ڏار تان پتڪيل پکيءَ جي هن ڪٿا جو مَرَمُ هٿ اَچڻ اجا تہ مُشڪل لڳي رهيو آهي.

## 6.5 سنڌي ڪويتا ۾ هڪ ڪردار تي لکيل ڪويتائي سلسلا

(1) ’مٽڪو‘ واسديو موهي (1992)

ساهتيہ سرجن شاستر تي آڌار رکندڙ نظر ايندو آهي، پر ائين آهي ڪونہ. اول ’رچنا‘ جو سرجن ٿيندو آهي. نيم پوءِ ٺهندا ويندا آهن. ڪنهن بہ رچنا روپ جو ڪوبہ نالو، آڪار پرڪار ۽ جوڙ جڪ پنهنجو پاڻ ۾ ڪو ’بنڌن‘ نہ پر هڪ سهوليت طور قطب ايندڙ ’رستو‘ آهي. البت ڪي ٿورا سرجڪ تيار رستا ڇڏي نوان جوڙي سگهندا آهن.

هڪ ڪردار تي ڪويتا جو سلسلو اهڙو ئي هڪ الڳ رستو آهي. سنڌيءَ ۾ اڳ ان جو ڪو ماڊل يا جوڙجڪ يا نمونو نہ آهي. هاڻ اوس آهي.

واسديو موهيءَ جون ڪويتائون ’مٽڪو‘ سري سان مخزن ۾ ايندڙيون هيون. 1992 ۾ ان جو مجموعو ’مٽڪو‘ نالي سان آيو. اهو گهٽ ۾ گهٽ ٽن نڪتن کان بلڪل نرالو هو.

1- هڪ ڪردار ان جو فوڪس رهيو. ٻيا اُن جي آس پاس رهيا.

2-غريبيءَ جي تَري کان شروع ٿيندڙ ڦُٽپاٿي طبقي سان هيءَ رچنا جُڙيل رهي.

3- ان جي ٻولي سنڌيءَ جي ڳوٺاڻي ٻوليءَ جو آياس پيدا ڪرڻ جيتري مضبوط، اَتي سهج، سادي ۽ نيٺ غريب-مِسڪين ماڻهن جي ٻولي هئي.

جنهن لاءِ شاعر گجراتي ڪردار ۽ اُنهن جي ’گامني‘ ٻوليءَ جا لفظ Adapt ڪيا.

هن رچنا جي اها بہ هڪ واڌو صفت آهي تہ ڪويءَ ان جو ’سرجن‘ ناليج مان ڪونہ ڪيو آهي پر ’آتمسات ڪيل اَنڀو‘ مان ڪيو آهي.

(هيءَ ڪتاب ارپيل آهي: ان ڳوٺ جي نالي جتي مٽڪو ئي مٽڪو ڏٺم. )

مٽڪو ڪردار، هڪ ڪردار نہ ، پر هڪ وڏي انساني برادريءَ جو نمائيندو آهي ۽ هت بيان ڪيل ’حالتن اِستٿين‘ کي بہ، هڪ ٿيم چوڻ غلط ٿيندو. اهي بہ هنن جي جيون جون ڪي جهلڪون آهن، جن کي Slice of Truth طور سُڃاڻڻ گهرجي.

’مٽڪو‘ ۽ بابت اڳ ڇپيل اَکر هت بہ دهرائڻ جي ضرورت آهي:

’مٽڪو موهيءَ جو هڪ ڪردار آهي، پرتيڪ آهي. هن کي مرڪز بڻائي هن الڳہ ڪويتائون لکي هڪ مجموعو ڏنو آهي. جنهن ۾ مٽڪو ۽ هن جو سنسار خلقيل آهي... ائين تہ مٽڪو ڄڻ هڪ روپڪ بہ آهي. روزي ڪمائڻ لاءِ ڪو گهر ۽ ڳوٺ ڇڏي يا ديش ڇڏي ۽ پوءِ اتي اڪيلو ۽ پرائو رهي چار پئسا ڪمائي بہ آخر ڪيترو ۽ ڪهڙو سُکي ٿي سگهي ٿو؟ روپڪ ساڻ هت ڪويءَ هڪ اَهڙي سنسار جي سار لڌي آهي، جيڪو ’اِگنورڊ-ورلڊ‘ چئي سگهجي ٿو. جيڪو پاڻ کي جيل ۾سُکي سمجهي ٿو: جنهن طبقي طرف نام نهاد سُکي شخص نهاريندو بہ ڪونهي، ان تي هت پرپور همدردانہ ڪويتا ملي ٿي!

سُک آهن هتي / هڪ گهڻ وڳو چانهہ/ گهڻ وڳو روٽي/ ..... ‘ (نامديو تاراچنداڻي ڪتاب ’باقي‘ ص 126)

ڪوبہ حساس دل پاٺڪ، هيءَ رچنا اڪيلائيءَ ۾ ڌيرج سان پڙهي، ڪجهہ گهڙين لاءِ پاڻ کي ڀُلجي سگهي ٿو.... اِهو ڪويتا جو جادو آهي جيڪو ڪافي درلڀ رهيو آهي.

(2) ’واپسي‘ گوپ ڪمل (1999)

اِهو اتفاق يا سنجوڳ آهي، جو هڪ نئين قسم جي هڪ ڪردار واري ڪويتائي سلسلي جو هڪ وڏيڪ تجربو، وري بہ، پنهنجي مُلڪ کان ٻاهر رهندڙ ۽ سو بہ ساڳئي دبئي ديش ۾ رهندڙ شاعر گوپ ڪمل وٽان ئي مليو.

هت ان نوٽ لکڻ لاءِ هڪ ٻيو بہ سبب آهي.

’واپسي‘جو مکيہ ڪٿيہ آهي- پنهنجي ديش کان ٻاهر وڃي ڪمائڻ (هڪ طرح مَٽڪوءَ جو Concept بہ ساڳيو آهي،ڳوٺ مان شهر ۾ وڃي ڪمائڻ.)

ٻنهي ۾ هڪ ٻي بہ تند ملي ٿي. اول ان تي ٿورو فوڪس ڪجي. پرائي ديش ۽ ڪلچر ۾ رهي، پنهنجي پاشا ۽ ماحول جي ساهتيہ رچنا ڪرڻ. هت ڪنهن نہ ڪنهن ڪنڌ کانDiaspora Literature ضرور ياد اَچڻ جهڙي ماجرا آهي. ان نسبت ۾ هڪ ڪوٽ ڏسون:

Diaspora Literature involves an idea of a homeland, a place from where the displacement occurs and narratives of hursh journeys under taken on account of economic compulsions. (Diaspora Literature- A Testimony of Realism: By Shaleen Singh. (**ezinearticle.com**)

’واپسي‘ گوپ ڪمل جي ڪويتائن جو مجموعو آهي جنهن ۾ بہ هڪ ڪردار تي فوڪس ٿيل ڪويتائن جو سلسلو آهي. جيڪو ڪمائڻ لاءِ ٻاهر رهيو آهي، پر هاڻ.....هو وري ’واپس‘ نہ ويندو!

پنهنجي ديش جي پنهنجي زمين جي پنهنجي ڪلچر جي اُڪير هن ڪويتا جي اَصليت آهي جيڪا پڇاڙيءَ ۾ هن طرح پاٺڪ کي پنهنجائپ جي ڀاڪر ۾ ڀرڻ جو احساس ڪرائي ٿي...

هي شهر/ منهنجو آهي/ گوڙ گند وارو/ هي شهر منهنجو آهي! /گُهٽ ٻوُسات وارو/ هي شهر منهنجو آهي!/ نديءَ واري باغ/ ۽ ٽُٽل بينچ وارو/ هي شهر منهنجو آهي!......

هڪ ڪردار واري ڪويتائي سلسلي وارا هي ٻہ ’ڪاويہ سنگرهہ‘ سنڌي شاعريءَ جو شان آهن. ٻنهي جو نظريو ملندڙ آهي پر ماحول ’اُبتڙ‘ کان بہ وڌيڪ مُختلف آهي!

جيستائين شاعريءَ جي تجربي جو سوال آهي، هيءُ ٻئي رچنائون ، نئين ڪويتا جي سلسلي جون ڪڙيون آهن. عجب اهو بہ آهي تہ ٻنهي رچنائن جا ڪوي، ’غزل‘ جا خاص ڪوي آهن. شايد اِها ’غزل‘ صنف جي پنهنجي مريادا هوندي، تہ نہ اُن ۾، بيشڪ بهتر رچنائون لکڻ باوجود، هن طرح جون ’يادگار‘ مجموعي تاثر ڏيڻ واريون چيزون خلقڻ جيتري موڪرائي ميسر ڪرڻ مشڪل آهي.... پر پوءِ غزل جي بہ پنهنجي اهميت گهٽ نہ آهي پاڻ وڌيڪ آهي....

## 6.6 سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جي اهميت

سنڌي شاعريءَ جيڪي ايياس ۾ سنه 1950 کان 2000 وارا پنجاهه سال فوڪس ۾ آهن. البت رچنائن جا مجموعا ته ڇپجي پوءِ ئا اَچن ان ڪري اهو وقت 'آس-پاس' ساڻ سمجهڻ گهرجي.

سنڌي شاعريءَ جي عام طور لکجندڙ ۽ وري خاص طور لکيل صنفن تي سرسري نظرثاني ڪندي ٿي چئو ڏسڻ ۾ آيو ته اظهار جي نَوَن طريقن جي حوالي ۾، رچنا جي صِنفُن جي سلسلي ۾ آزاد ڪويتا يا مُڪت ڪويتا هڪ وڏي يا اجا به يگاني تبديل رهي آهي. باقي صنفن ۾ ٻاهرين بناوت يا گهاڙيٽي کان اَندرين سوکيم تبديلن جي ٿي خاص اَهميت رهي آهي. جنهن مطابق اَڄ غزل، خود ۾ نئين 'غزل' جي روپ ۾ نظر اَچڻ لڳو آهي، جنهن ۾ به ٻاهريون روپ گهٽ، يا تمام گهٽ بدليو آهي، پر اَندر، اظهار جي نوُع ۾، ٻوليءَ جي تازگي ۽ سادگيءَ جي حوالي ۾، ڀاوَ ۽ خيال جي پيش ڪش، اَنداز- بيان توڙي ويچار- سوچ جي سلسلي ۾، تمام گهڻي تبديلي آئي آهي. ان ڪري ان کي 'نئون غزل' چوڻ جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي.

ائين برابر آهي ته 'نئين ڪويتا' واري هڪ لنبي يگاني آندولن جي حوالي سان، ڪويتا سان 'نئين ' صنف لڳي وئي جيڪا اٽڪل پنجاهه سال هلندي رهي. اها ئي 'نئين' صفت غَزَلَ سان لڳل نظر اَچڻ سڀاويڪ آهي. پر ٻنهي ۾ ڪجهه فرق اوس آهي.

ڪويتا سان 'نئين' لڳڻ ٻِني ودروهه جو چِٽو اُهڃاڻُ ڏئي ٿو. هڪ ڇندن سان ودروهه.(مُڪتي لفظ هت هلڪو ٿو ثابت ٿئي.) ٻيو خيال ۽ ويچار جي سطح تي به ودروهه رهيو. (هت تبديل لفظ هلڪو ٿو ثابت ٿئي.)

غزل سان ' نئون' صفت اِنهن ٻن مان هڪ ودروهه سان ۽ اُهو به ڪي قدر، لاڳو آهي. ڇندن وارو ودروهه ته لاڳو نه آهي. ڇو جو غزل، 'ڇند' سان جُڙيل چيز ٿي رهي آهي. اَلبت ان جي اندرين اظهار ۾ وڏو فرق اوس آيو آهي. ان اَندرين اظهار ۾ ڪٿيه سان به ۽ پڻ انداز بيان يا شيليءَ سان به اها تبديل جُڙيل آهي. پر ان جي گهاڙيٽي هئيت يا شِلپ آڪار ۾ ڪو خاص فرق نه ٿيو آهي. ها، ڪجهه ٿيو ضرور آهي، پر اهو اجا ٿيڻ جي پرڪريا ۾ آهي. جئن 'هائڪو-غزل' جو مليل روپ هڪ تجربو بڻجي سامهون آيو آهي. جنهن جي ڏس ۾ اجا ڪو انجام ڏسڻ جيتري رچنا ڪرم جي راهه ڏسڻي آهي. گجراتيءَ ۾ ان کي نئين ڪويتا جيان، سِٽون ٽوڙي لکڻ جو تجربو پڻ تجربو ٿي رهيو ۽ اڳتي ڪونه وڌيو.

مٿي جيڪا نئين غزل جي 'نئون' صفت جي ڳالهه ٿي آهي ان جي حمايت (Support) ۾ هت ايم.ڪمل صاحب جو رايو ڏسڻ جهڙو آهي. ايم.ڪمل 'غزل جو بادشاهه' پڻ سڏيو ويو هو. ان ڪري هن جي راءِ جو وڏو قدر آهي.

غزل جي اَڳيان 'نئون' صفت، ڪويتا جي صفت 'نئين' جي حوالي ۾ مختلف نه، پر

محدود ضرور آهي....

هاڻي سُياويڪ سوال اُٿي ٿو تہ نئون غزل، ’نئون‘ ڇا ۾ آهي؟ نئين ڪويتا وانگر اڄ جي دوَر جو اَحساس، يعني مادي خوشحالي، ذهني ڪنگالپڻو، مشيني ۽ مِڪينِڪل زندگي، خَوف، بي يقيني، تنهائي، اَجنبيت، بي چارگيءَ جو احساس وغيره جا اِشارا، نئين غزل جو روح آهن.‘

(نئين غزل تي مختصر نوٽ- ايم. ڪمل (ڪونج))

هت اِهو چوڻ جو بہ بلڪل صحيح وقت آهي تہ ’نئون غزل‘ واري صفت، تمام ورلي ئي ڪم آندي ويئي آهي. ڪو بہ خاص مجموعو ’نئون غزل‘ صفت ساڻ نظر ڪونہ ٿو اَچي.

پر پوءِ بہ، اهو ان ڪري عام رايو بڻجي سگهيو آهي تہ غزل هاڻ نئون بڻجي ويو آهي، ڇو جو، 1960يا 1970ڪان پوءِ نہ فقط ’نئين ڪويتا‘، پر شاعريءَ جون سموريون صِنفون، ايترو ئي نہ، نثر جون بہ سموريون صِنفون، ان ’نئين احساسداري‘ءَ سان جُڙيل رهيون، جن ۾ ’نئين ڪويتا‘ جيان ، ’ نئين ڪهاڻي‘ ءَ جو بہ عام طور هڪ هلچل جو روپ يا اڃا بہ هڪ آندولن بڻجي ويو. اردوءَ ۾ غزل جي ڇانيل رهڻ جي ڳالهہ تہ خير سياويڪ آهي پر هنديءَ ۾ اِهو ايترو لوڪ پريہ نہ ٿيو اِهو اتفاق آهي. سنڌيءَ جيان، گجراتي ڀاشا ۾ بہ ، ’غزل‘ سڀ ڪان وڌيڪ لکجندڙ ۽ سڀ ڪان وڌيڪ لوڪ پريہ ۽ ڪامياب رچنا روپ رهيو آهي. اِهو بہ هڪ اتفاق چئبو! ان ڏس ۾ گجراتيءَ جي مقبول ڪوي ۽ نقاد ڊاڪٽر ونود جوشيءَ جو رايو هت پنيرائي ڪندڙ لڳندو، جيڪو سنڌيءَ سان بہ لاڳو آهي:

’گجراتي غزل جي ٽئين دوَر جي ڪوين غزل جي پرواهہ کي اڳتي وڌايو. پر هنن جي غزل لکڻ جي پرورتي اڳلن غزلگو شاعرن کان الڳ دِشا ۾ هلندي رهي. ائين ٿيڻ پنيان، گجراتي ساهتيہ ۾ داخل ٿي رهيل جديد سنويدنشيلتا (Modern Sensibility) گهڻي قدر جوابدار هئي، ائين چئي سگهجي ٿو. ڪٿا، ڪاويہ ۽ ناٽڪ انهن ٽنهي ساهتيہ شاخائن تي، جديديت جو آڪرمڻ، ان دوَر ۾ ٿيل ڏسجي ٿو. رُڪجي ويل ساهتيڪ رُجهانن جو، نئين سري سان روايتن جي ٽٽڻ جي نطريي کي قبولڻ وارن ساهتيڪارن، ساهتيہ جي روپن سامهون، مورچابندي ڪئي. غزل پڻ ان جي جهپٽ ۾ قابو ٿي ويو.‘ (’غزل جو اندريون سروپ ۽ جديد گجراتي غزل مضمون ڪتاب( अभिप्रेत ‘ ص141)

اظهار جي نوَن طريقن ۾، غزل جي هيءَ نواڻ بلڪل اهم تبديل رهي آهي. ڇو جو، آزاد ڪويتا تہ خود ۾ هڪ بنه نئين چيز ئي آهي ۽ ڇانئجي ويئي، پر غزل تہ تمام پُراڻي صنف رهي آهي جيڪا ’نئين زماني ۾ نواڻ کي قبول ڪري نوان پيچرا اختيار ڪري هلڻ لڳي.

سنڌيءَ ۾ غزل جي حاوي پوڻ سبب ٻيا شاعريءَ جا روپ جهڪا پئجي ويا ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونهي. ان چوڻ ۾ غزل جي اظهار جي شڪتي ۽ اهميت ٻنهي جو قدر ٿئي ٿو. ادب اِنساني احساسن جي اظهارڻ جو ذريعو آهي ۽ ان ۾ ڪا بہ چيز (۽ ڪنهن حد تائين ڀاشا بہ) هرويرو پرائي يا پنهنجي ڪانہ ٿيندي آهي. ’دما دم مست قلندر‘ گيت دنيا جي ڪيترين سارين ڀاشائن ۾

ڀائجندو ڏسي، ان ڳالھ جو احساس اوس ٿئي ٿو.

غزل جي اهميت جا تہ بيا بہ ڪيترائي پئمانا موجود آهن. 'رچنا' مخزن جي خاص 100 نمبر ۾ 99 پرچن جي شاعريءَ مان خاص رچنائون چونڊي وري شايع ڪيل آهن. تن ۾ موزون شاعريءَ ۾ (2003-1979) جي پنجويهن سالن جي چونڊ ۾ هري دلگير صاحب غزل جون رچنائون،غزل کان سواءِ جي رباعين، نظم، پنجڪڙن، گيتن، ترائيل، تنها، وائي، دوها ۽ سورٺا جي ڪل رچنائن کان بہ وڌيڪ آهن. اِهو بہ چئو آهي تہ سڀ کان وڌيڪ شاعر غزل لکن ٿا. اهي بہ سڀ کان وڌيڪ غزل لکن ٿا. نئين ڪويتا جي ڪجھ وقت لاءِ ڇانئجي وڃڻ باوجود، وري غزل ٿي، هاڻ سڀ کان وڌيڪ لکجي ٿو.

غزل جي ان اهميت ۽ لوڪ پريتا جون شاهديون سِنڌ جي سنڌي ساهتيہ جي ڏس ۾ بہ هڪيون حاضر آهن. سنڌ جي وڏي مانواري اديب ۽ اِسڪالر محمد ابراهيم جويو جو هڪ رايو' ڪونج' ۾ بہ آيل آهي:

''خليفي گل' کان وٺي اياز 'گل' تائين، ۽ وچ ۾ سانگي، قليچ، ڪاظم، عبد، دلگير، اياز، شيام، گرامي، تنوير، شمشير، اِمداد، نياز، ذوالفقار، راشدي،فتاح، اُسا، خاڪي، تاج ۽ بيا، اسان جي نئين دوَر جا بيا ڪيئي سُڄاڻ ذهن ۽ زندهہ دم شاعر، غزل کي پنهنجي تخليقي فن جي وسيلي طور قبولي ۽ پنهنجو ڪري سگهيا آهن. اَڄ سنڌي غزل، پنهنجي سنڌي ادا سان، اسان جو پنهنجو غزل بڻجي چڪو آهي.''

اتڪل ٻن صدين کان هلندڙ 'غزل' ليہ جي ڀرپور گنجائش ساڻ، هر هڪ شعر بيت پنهنجو پاڻ ۾ مُڪملُ. پهرين بيت مطلع کان آخرين بيت مقطع تائين، مختلف موضوعن سان نڀائيندڙ ۽ اَلڳ اَلڳ بحر (وزن) ۾ لکجندڙ، اهڙي صنف آهي، جيڪا هنن پنجاهہ سالن ۾، عزيز کان وٺي گوپ ڪمل تائين، سڀ کان وڌيڪ دلپسند صنف بڻجي سگهي آهي. ايترو ٿي نہ، 'صراحي' (عزيز) کان وٺي، اڄ جي ڪوي واسديو نرمل تائين، 'ديوان نرمل' (2014) ان جي ديوان واري روايت بہ ملي ٿي وڃي!

ويجھڙائيءَ ۾ ''ورهاڱي کان پوءِ سنڌي غزل جو هئنڊبوڪ'' (واسديو موهي) ''آزاديءَ کان پوءِ سنڌي غزل جي ائنٿالاجي'' (سمپادڪ ارجن حاسد) تمام اهم ڪتاب غزل جي ايپاس نسبت آيا آهن.

ويجھڙائيءَ ۾ تمام سٺا ۽ تمام معياري ۽ پڻ ڪافي وڏا غزل جا مجموعا بہ جام آيا آهن اهي سڀ ڳالهيون 'غزل' جي اَهميت بڌائن ٿيون.

ايتري ساري غزل جي هلندڙ هڪ هٽيءَ جا وجود غزل جي ڪجھ مريادا بہ رهي آهي. اردو يا هنديءَ ۾ توڙي سنڌيءَ ۾ بہ، تمام سريلي نموني ڳايل غزلن کان سواءِ، يادگار غزل رچنائن کي ڳڻائڻ يا مثالي غزل تاري ڏيڻ تمام مشڪل ۽ اڻلڀ رهيو آهي. جيتوڻيڪ غزل جي ٻن سٽن وارا

ڪيترا شعر وڏي حوالائي سگهہ رکندڙ هوندا آهن ۽ اڪثر چوٽين يا سُوڪتين( सूक्तियां ) وانگر ڪم ڪم ايندا آهن. شايد ان جو هڪ سبب اهو آهي تہ غزل جي هر شعر ۾ ڪو ٻيو موضوع ٿو اَچي، ان ڪري ڪنهن هڪ غزل جو ڪو يڪو اثر جمع ڪونہ ٿو ٿئي.

هڪ غزل جو ڪو شعر ساڳيي وزن واري ٻي غزل ۾ شامل ٿيڻ وڏي ڳالهہ ناهي، ان جو مطلب اهو ٿيو تہ ڪو بہ هڪ غزل هڪ جدا نج رچنا ڪونہ ٿي بڻجي. ان ڪري اڪثر انهن تي ڪو سِرو نہ هوندو آهي.

ها هڪ مُسلسل غزل ۾ اهي مريادائون نہ آهن .اتي ساڳيو موضوع برقرار رهي ٿو ان ڪري سرو ڏيئي سگهجي ٿو. پر مسلسل غزل لکڻ جو رواج ايترو تہ گهٽ آهي جو ان جو لکجڻ اَپواد ئي آهي.

هري دلگير جو هڪ مُسلسل غزل 'اَڪيون' موضوع تي تمام سهڻي رچنا آهي. پر اُتي بہ هن صاحب 'مُسلسل غزل' لکيو آهي سرو ڪونہ ڏنل آهي. ان ۾ ڪل نَوَ شعر آهن:

مطلع — ڏسي سوُنهن اَتڪي پَوَن ٿيون اکيون
وري واپسيءَ جي نہ ڪن ٿيون اکيون!

مقطع — رفاقت نہ رشتو، هي پاڳل تہ پيي،
ڏِسي ڏُک پرائو، رُئن ٿيون اَکيون! (سپون 41)

غزل جي اينٿالاجي (2008) ۾ ليکراج عزيز کان ونود آسوداڻيءَ تائين ڪل 54 شاعر شامل آهن تن ۾ سُڳن آهوجا، نارائڻ شيام، ايم. ڪمل، ارجن حاسد، واسديو نرمل، لڪشمڻ ڏُبي، واسديو موهي، گوپ ڪمل، ڪيمن موُلاڻي، ڍولڻ راهي ۽ ونود آسوداڻي خاص طور غزل سان جند جوڙيندڙ شاعر چئي سگهجن ٿا. هنن جا خاص غزل جا مجموعا، ڏسڻ ۾ ماڻڻ جهڙا آهن. البت ٻيا شاعر بہ ڪنهن نہ ڪنهن لحاظ کان ساڳي اهميت رکندڙ آهن ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي.

اڪثر هر شاعر، غزل ۾، جديد فڪر ۽ انداز کي جڳهہ ڏيئي، بنا صفت جي بہ، نئون غزل ئي وڏيڪ لکيو آهي، تن ۾ ارجن حاسد ۽ واسديو موهيءَ تہ جڻ نئين ڪويتا ئي غزل ۾ لکڻ جو تجربو ڪيو آهي .ائين اڪثر ذڪر ٿيندا رهيا آهن. پر مون کي تہ لڳندو آهي، هي بہ شاعر ئي چو، اڪثر هر شاعر وٽ جديديت نظر اچي رهي آهي. ڇو جو هرڪو ساهتڪار پنهنجي وقت جي سنتان آهي.

## 6.7 سنڌي نئين ڪويتا جو يُگ، پريوگ ۽ حاصلاتون

آزاديءَ کان پوءِ جي هن قسم جي سنڌي ڪويتا جي اِيهاس ۾، اظهار جي نَوَن طريقن جي حوالي ۾ 'نئين ڪويتا' جو هيءُ مُدو، سَچُ تہ تمام اهم (Key Factor) آهي. چو جو سچي جي سچي نئين ڪويتا ۽ ان سان وابسطہ پرورتي، هڪ طرح 'اظهار جي نَوَن طريقن' ۾ شمار ڪري سگهجي ٿي جيڪا 1960 جي آس پاس آئي. ان کان اڳ ڪانہ هئي.

چئي سگهجي ٿو تہ غزل يا ٻين صِنفن ۾ تہ اندرين پيش ڪش ۽ ڏانءُ يا تمام ٿوري ٻاهرين بناوت ۾ ئي نواڻ ڏسي سگهجي ٿي.ڪن ٻين صِنفن جي شروعات، يا وري انهن جي اوسر يا انهن جي اندرين يا ٻاهرين تبديل، ان جو اهميت ڀريو رول ضرور آهي، جئَن هائڪوءَ کي تصوير جو روپ ڏيئي، ان کي' قدرت' کان سواءِ جي وشين سان جوڙڻ ۽ پڻ چند سان جوڙڻ، يا وري سانيٽ کي چوڏسي چوڻ ۽ ان ۾ ڪٿا تت واري ڪنڌ ڪاويہ جو سرجن ڪرڻ، برابر اظهار جا نوان طريقا رهيا. پر پوءِ بہ، نئين ڪويتا نالي سان جُڙيل ڪويتا جو آندولن سڀ کان اهم ٿي آهي. هنديءَ ۾ 'پريوگ واد' نالي هڪ ڪاويہ پرورتي، 'تار سپتڪ' جي سنن ڪوين جي 1943 ۾ شايع ٿيل مجموعي سان شروع ٿئي ٿي،جيڪا هندي ساهتيہ جي وڏي موڙ جو باعث بڻجي ويئي. فقط ست اٺ سال پوءِ، آيل ٻيو مجموعو 'دوسرا سپتڪ' (1951) کان، اتي، نئين ڪويتا جي شروعات مڃيل آهي.

سنڌيءَ ۾ ان قسم جي ڪويتا جو سڌو پرڀاءُ پيو. البت اسان وٽ اظهار جي نَوَن پئمانن جي پڇاڻ ۾، سنڌي شاعريءَ جي پنهنجي نجي سوچ جا سلسلا بہ خاص اهميت رکن ٿا.

'سنڌي ٽائيمس' جو نئين ڪويتا خاص انڪ ( 1969) جئَن سنڌي ڪوين جون نئين ڪويتا جون رچنائون، هنن جا وَڪتويہ ۽ اِتهاسڪ سمپادڪي ليک اِن ڳالهہ جا شاهد آهن تہ باوجود هنديءَ جي پرڀاوَ جي، سنڌي ڪويتا ۾ 'نجي سوچ' ڀرپور نموني ظاهر ٿي آهي.

هن انڪ جي اندر گهٽ ۾ گهٽ بہ ڳالهيون نيون ۽ جٽادار ثابت ٿيون. هريش واسواڻيءَ چندن جي قبرن تي ويهي لکڻ جي ڳالهہ ڪئي. آنند کيماڻيءَ اُلٽ ڪويتا- اَگيت- Anty Poetry ءَ جي راهہ ورتي. ٻئي ڳالهيون جٽادار ثابت ٿيون. ان کان سواءِ هڪ اَهم ڳالهہ اها بہ قبول ڪئي ويئي تہ نئين ڪويتا سنڌي شاعريءَ جي پنهنجين روايتن مان ڪا نہ اُپري آهي.

'سنڌي شاعريءَ ۾ غير مڃتا جو اهو احساس ٻين ڀارتي ٻولين جي ڀيٽ ۾ ڇتو ۽ تکو ان ڪري آهي جو، ٻين ٻولين جيان ان ۾ نئين ڪويتا ترقي پذير شاعري روايت جو سڀاويڪ نتيجو نہ آهي.' (هيرو شيوڪاڻي. سنڌي ٽائيمس جو سمپادڪي ليک.)

سنڌي نئين ڪويتا، تمام ارٿن ۾، سنڌي شاعريءَ جي ڏس ۾، اظهار جي نَوَن طريقن جي تلاش جو نتيجو آهي. ان ۾ روايتي شاعريءَ کان بنھ الڳ طريقن جا ٿي وڏا پئمانا برابر اچ ٿائين قائم آهن:

1 - اها چندن جي ودروهہ سان اچ سوڌو دوبدو آهي.

2 - اها ’نئين احساسداري‘ (Modern Sensibility)ءَ سان، ٻين ٻولين جيان، برابر ٻڌل رهي آهي.

3 - اها روايتي ڪويتا جي ڀاوَ سنسار جي جذباديت ۽ موسيقيت بجاءِ، ويچار جي اَصلي روپ سان، بغاوت جي حد تائين، جُڙيل رهي آهي.

ان طرح اها شاعريءَ جي ٻاهرين توڙي اَندرين ٻنهي روپن سان ودروهہ ڪري اِسٿاپت ٿي آهي ۽ ان جو اِهو مزاج اڃا بہ قائم آهي. جيتوڻيڪ ’اُلٽ ڪويتا‘ وارو ان جو رُجحان (Trend) اُسري ڪونہ سگهيو. پر چندن جي مُکتي (اصل ۾ ودروهہ) هڪ سهوليت طور بہ اَپنايل ڏسڻ ۾ ايندي رهي ، جنهن ڪويتا جي اصليت کي وڏي هاڃي پهچائي. شايد ان جو وڏو سبب اهو رهيو تہ، ڪويتا جي اَصلي ضرورتن کي ڪنهن شاستر جي حمايت (Support) کان سواءِ، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ تمام مشڪل رهيو آهي.

در اصل سنڌيءَ جي حوالي ۾ ان جي شروعات ’آزاد نظم‘ جهڙين رچنائن سان ٿي. خاص ڪري گوورڌن ڀارتيءَ جي رچنا ’سئنيٽوريم ۾ پهرين رات‘ آزاد نظم ( 1959) جو اڪثر ذڪر ٿيندو رهيو آهي، البت نئين ڪويتا جو ودروهہ فڪر ۽ انداز ان ۾ ڪونہ ٿو ملي.

اظهار جي هن نئين طريقي ۾ تشبيهون النڪار، استعارا تہ برابر آهن، آزاد نظم پوريءَ طرح چند کان آجو تہ نہ هو پوءِ بہ، شاعر جي پيشڪش ’نئين زماني جي طرز بيان‘ سان هم قدم رهي ۽ ائين ان کي نئين ڪويتا جو پيڙهہ جو پهريون پٿر بہ چيو ويو. البت ان معاملي بابت بہ رايا هئڻ وڏي ڳالهہ نہ آهي.

موهن ڪلپنا ’خاڪ لپ‘ (ايشور آنچل) ڪتاب ۾ لکيو آهي:

’مون آنند کيماڻيءَ جي ڪتاب ۾ اِهو بحث ڇيڙيو آهي ۽ ان تي پنهنجو رايو ڏنو آهي تہ سنڌي زبان ۾ نئين ڪويتا جي اِبتدا آنچل وٽان ٿي آهي. ساڳئي سلسلي ۾ گوورڌن ڀارتي ۽ ڪرشن راهيءَ جو ذڪر پڻ ڪيو اَٿم. مگر هنن جي ڪويتائن کي مان هن وقت بحث هيٺ نٿو آڻيان. (ص. 55)

پر پوءِ نئين ڪويتا کي. اَوچ ڀري صورت بخشڻ ۾ هريش واسواڻيءَ کي جيڪا اديوت سڦلتا ملندي رهي ان سان، اِهو ڀاوَ ذري گهٽ پاڻ مُرادو، اسٿاپت ٿيندو ويو تہ نئين ڪويتا جو باني ( प्रवतर्क ) هريش واسواڻي آهي.

موزون شاعزي چاهي نئين ڪويتا، اَصل ۾ تہ احساسات جو ڪلاتمڪ اظهار ٿي آهي. زماني جي نئين هوا جي جي اثر ۾ بدلجندڙ جيون شيلي ۽ نين حالتن جي ڪري اَحساسداريءَ جا رنگ بدلجندا رهن ٿا ، ان ڪري اُنهن جي اظهار لاءِ بہ معقول طريقا ڪم آڻڻ جي يا چئون تہ نَوَن طِريقن ۽ وسيلن جي گهرج پوي ٿي. ائين اظهار ۾ بہ نَوان ڪنيپ ۽ نَوان ڇنَد ضروري بڻجن ٿا

چاهي موزون شاعريءَ جي ڪا صنف هجي، يا وري نئين ڪويتا هجي. البت جتي احساس بنه نوان موڙ ۽ روپ ڌاريندا هجن، اُتي شايد، موزون ڪويتا ۾ اظهار جي ڪُشادگيءَ جي گنجائش گهٽ نظر ايندي. نئين ڪويتا جي علامتي اِشاريت ڪي وڏيڪ ڪارگر محسوس ڪندي، شاعر کي نوان هٿيار ڪم آڻڻ بهتر لڳندو يا تہ ڪو نئون عمل هن جي هٿان ٿيندو.

مثال طور

هريش واسواڻيءَ جي هن اظهار ۾ ڏسجي ٿو تہ عام رواجي يا بياني سِٽن ۾ اِهو چوڻ مشڪل آهي، جيڪو هن طرح چيو ويو آهي:

ز ن د گ ي

يا

جي سگهجي ٿي

يا

ماٽي سگهجي ٿي.

ماٽڻ وارن جو حشر اِهو ٿو ٿئي

هو ان کي جاٽي ڪونہ ٿا سگهن

جاٽڻ وارن جو حشر اِهو ٿو ٿئي

هو ان کي ماٽي ڪونہ ٿا سگهن

(’اسمتا جي نالي هڪ ڪاويہ-ڪتا ’ڪتاب ٻڙي ۽ ٽي ٻڙيون. ص 13)

هن طرح جي لفظن جي بيهڪ ۾ ضرور ڪجهہ سارٿڪتا جهلڪي ٿي.

’اول تہ ز ن د گ ي‘ هن طرح لکڻ سان، اهو لفظ، هڪ مرڪزي فوڪس بڻجي ٿو وڃي. وري ’يا‘ جنهن طرح جي جڳهہ تي آهي،اَڳيان ’آپشن‘ لاءِ خالي جڳهہ پرتيڪ علامت جو احساس ڪرائي ٿي. لفظن جي جڳهہ جي مٿا ستا ۾ هڪ ’هارمني‘ لڪل آهي جنهن مان انتظام جو هلڪو احساس ٿئي ٿو. ابٽو سبٽو ارٿ سوتر هڪ طرح جي تضاد کي هاءِ لائيٽ ڪري ٿو. ساڻ ساڻ هٽ لفظن جي اُچارڻ ۾ ڏوني آوازي سنڪيت بہ هڪ اثر پيدا ڪن ٿا، جنهن ۾ موسيقيت بجاءِ هڪ لرزش جو هلڪو چهاءُ ملي ٿو. سڄي ڪوت ڪيل ٽُڪري ۾ هڪ گڏيل تاثر جي روپ ۾ اِنساني مجبورين جو پڻ احساس ملي ٿو. سهجتا ۽ ٻوڏڪتا ماٽڻ ۽ جاٽڻ جا سوتر آهن.

شايد اَهڙو اظهار جئن هت ’اساڌارڻ‘ نظر اَچي سگهيو آهي، اهو سادين بياني سٽن ۾ ممڪن ٿي نہ آهي. اِظهار جا اهڙا نوان طريقا ڪن ٻين ڪوين جا بہ ملندا تہ آهن پر تمام ڇڊا ٿي هٿ ايندا آهن. ان ڪري اُنهن جي پاڻ خاص اهميت آهي. اُنهن جو جوڳو قدر نہ ٿيڻ ڪري اُها دِشا اُسري نہ آهي.

’تنهائي ۽ ڪوَڙو دونهون‘ ۾ گوورڌن ڀارتيءَ جي ڪويتا ’سنجهہ کان ڪَلجهہ تائين‘ ۾ هڪ

نئون اظهار هئن ٿيو آهي:

سياست ڏڌم ۽ انصاف جي

متڀيد

جهڳڙي

دشمنيءَ سان

رواجي آدميءَ جي زندگي

بڻجي پئي آهي-

بنهه اَنڌي

بنهه ٻوڙي

بنهه لنگڙي!

هن طرح جي اظهار ۾ پڻ شاعر جي سوچ سمايل آهي. پهريان ٽي لفظ متڀيد، جهڳڙي ۽ دشمنيءَ سان ۾ هڪ طرح جي مقدار جو آرڊر پسجي ٿو. پوءِ وارن لفظن ۾ ٽن بدتر حالتن جي مشابهت ۾ به هڪ آرڊر آهي جنهن ۾ ’بي وسي‘ اُجاگر ٿي سگهي آهي.

تنهن کان سواءِ، سڀ کان اهم ته پانڪ هنن ٽورن لفظن ۾ هڪ وڏو ڊوز احساس جو پراپت ڪري ٿو ۽ اهو هن طرح جي هڪ قسم جي هاءِ لائيٽ جي تجربي سان ممڪن ٿيو آهي. جتي لفظ خود ۾ ’اَساڌارڻ‘ ڪونه ٿا ٿين، اِتي، انهن کان هن طرح ’اَساڌرڻ‘ ڪم ورتل آهي. ڳالهائڻ ۾ اسان جو لهجو Tone وڏو ڪم ڪندو آهي، جنهن ۾ هڪ طرح جي واڇڪ اپينيه جو جُزو سمايل رهي ٿو، پر لکيت ۾ هي طريقا جدا جدا Tone پيدا ڪن ٿا.جيئن لعل پشپ جي ناول، ’هنجي آتم جو موت‘ ۾ ’ڪِول ڪِول‘ لفظ ڪل چوونجاهه دفعا رپيٽ ڪري، اهڙو احساس ڪرايو ويو آهي ته جڻ ڪتاب ۾ ڪا ڪِول پنن تي اَچي ۽ هلندي رهي هجي.

اوس ئي اهڙا نندا وڏا تجربا ٿيندا رهيا آهن- پر اُنهن جي طاقت جي پرک ورلي ڪئي وئي آهي. ڪڏهن اَسان ان کي De -code نه ڪري سگهڻ ڪري پاڻ کي معاف ڪري ڇڏيندا آهيون ، ۽ وري ڪڏهن تجربن ۾ خاص معنيٰ پريل نظر نه اَچڻ ڪري، محض ڪنهن فئشن پرستيءَ جي شڪ ۾، شاعر کي معاف ڪري ڇڏيندا آهيون. پر اِهو ته مڃڻو پوندو ته پانڪ اهڙن اظهارن کي پنهنجي سوچ سان ڪجهه نه ڪجهه خاص اثر ڪٽي، ان کان اثر انداز ٿئي ٿو ان کي نظر انداز ڪونه ٿو ڪري.

صاف ڏسڻ ۾ اَچي ٿو ته 1960 بعد آيل هن قسم جي ’نوس‘ Tough ڪويتا، مَڌُرتا بجاءِ زندگيءَ جي اَٽاون پنڌن جو مقابلو ڪرڻ جو حوصلو بلند ڪرڻ جو ڪم ڪري رهي آهي ۽ اُن جي لهر هڪ ڌارا بڻجي چانئجي ويئي. 1970 کان اٽڪل ٻه ٽي ڏهاڪا ان جو ايترو زور رهيو جو جن ڪڏهن ڪويتا لاءِ قلم ڪونه هلايو، اَهڙن نثر نويسن به نئين ڪويتا تي قلم هلايو. شايد ئي ڪو شاعر،

شاعر چا، شايد ئي ڪو ليڪڪ، هڪ اَڌ نئين ڪويتا لکڻ جي ڪوشش کان بچي سگهيو هجي. پوءِ چاهي هن ان کي، آزاد ڪويتا، مڪت ڪويتا، جديد ڪويتا چئي، پنهنجو پاڻ کي آڌت ڏيڻ جي به ڪوشش ڪئي هجي. اِهو سڀ ثابت ٿو ڪري ته 1970 کان 2000 تائين، نئين ڪويتا جو ئي يُڳ نظر اَچي ٿو.

ڪوبه نئون يڳ پريوڳ سان جڙجي ايندو آهي. ان جا پهريان ڪجهه سال، ڪوين جا پهريان ڪجهه پرياس، پريوڳ حوالي هوندا آهن. اسان وٽ به پهريان ڪجهه سال ائين ئي رهيا. جيئن جيئن نئين ڪويتا تي الزام ۽ شڪايتون آيون ته اِها نه ڪويتا آهي ۽ نه ئي نئين آهي وغيره، تيئن تيئن ان بابت شاعر، خاص ڪري واسطيدار شاعر سنجيدهه ٿيندا ويا. جيتوڻيڪ 1969واري ’سنڌي ٽائيمس‘ واري خاص انڪ ۾ ڪويتائن ساڻ سمپادڪي ليک ۽ وَڪتويه به شامل رهيا، ان سان ئي، باهه ته ٻري چڪي هئي. ممڻ مچيل رهيو. وري ’ڪويتا‘ مخزن پڻ ’نئين ڪويتا‘ بابت خاص انڪ ۽ وڏو خاص پرچو 1972 ۾ شايع ڪيو. ڪجهه سيميناري ويچار منچ به ٿيندا رهيا. ڪيترا مجموعا به ايندا رهيا. ڪيترا نوان پريوڳ ڪويتا جي اندرئين پاوَ پکش جا به ٿيا، بحث به ٿيا. ۽ سڄو ماحول نئين ڪويتا جو ڇانئجي ويو.

ان کي اسان ان وقت ’نئين ڪويتا جو يڳ‘ ئي چئي رهيا هئاسين. البت ان جو ودروهه گهٽيو ته سهين پر بند ڪونه ٿيو. آديپور جي سيمينار ۾ اُتم صاحب زور شور سان نئين ڪويتا کي فقط فئشن ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. حاضرينن ۾ اَهڙن ڪوين جي گهڻائي سپاويڪ هئي جيڪي ڇند ۾ لکندڙ هيا. آديپور هونءَ به ’دڪايل دلگير‘ سان مشهور هو. ’ ان وقت ٿوري وقت لاءِ اهڙو تاثر پيدا ٿيو ته ’اڄ نئين ڪويتا هارائي ويئي.‘ اَڃا تيستائين اها پوري اِستاپت ڪانه ٿي هئي.

پر پوءِ هرڪو ننڍو وڏو ڪوي بنا ڇندن جي ڪويتا لکڻ لڳو. تن ۾ ڪيترن موزون ڪوين کي ڪافي سڦلتا نظر آئي. ڪرشن راهي، ايم. ڪمل، ارجن حاسد نئين ڪويتا جي الڳ پهچان قبول ڪئي ۽ پڻ بهتر رچنائون ڏنيون. ان کان پوءِ ان جي وروڌ جا سُر جهڪا ٿيندا ويا. هر مشاعري ۾ به نوان ڪوي (نئين ڪويتا وارا ڪوي) پنهنجي قسم جي ڪويتا پيش ڪرڻ لڳا. اَلبت مشاعري ۾ ان جو مظاهرو ايترو اثردار ڪونه ثابت ٿيو. ليه ، آروهه آوروهه، قافيه ۽ رديفن سان جيڪو لفظن ۾ آوازي ڦهڪو ٿئي پيو،اهو نئين ڪويتا ۾ ممڪن ڪونه هو. اَپواد صرف اهو هو ته، هريش واسواڻي، اثردار پيشڪش ڪري سگهندو هو. هن کي پنهنجون ته ڇا، ٻين جون ڪويتائون به ياد هونديون هيون! ڪل ملائي ڪويتا جي ڪسوٽيءَ جا پئمانا بدلجڻ لڳا. اول اها پاوَن جذبات جي وهڪري ۾ سچاٽجندي هئي، هاڻ اها ويچار جي تازگي، ٻوليءَ جي سادگي، نَوَن تمثيلي علامتن جي زور تي سچاٽجڻ لڳي. ائين به الڳ طبقا ٿيندا ويا. هڪ طبقو جيڪو گهڻو پڙهيل، نئين زماني جي سوٽ بوٽ سان، وائيٽ ڪالر طبقو گهڻو تڻو ساهتيه ۾ سنجيدهه اپياس سان تيار هو، اهو نئين ڪويتا

ڪي وزندار ثابت ڪري رهيو هو. ٻيو طبقو، جهوني زماني جي روايتي لباس ۾، وزن ۾ لڪندڙ، هلڪو ثابت ٿي رهيو هو. ائين ڪو وقت 'نئين ڪويتا' کي ترجيح ملندي رهي.

موزون شاعريءَ جو آواز جهڪو ڪونہ ٿيو، پر هنن جي پڪش ڪي، ٻوڏڪ حمايت گهٽ ملي رهي هئي.

نئين ڪويتا جي پريوڳن ۾ سڀ کان وڏو ڪرانتيڪاري پريوگ تہ مُنڍ کان ئي شامل هو چندن بجاءِ، سڌو پانڪ کي ائڊريس ڪرڻ واري ڪويتا شئلي!

اڳتي هلي ڪن ڪوين اَڌورين سِٽن، ٽُٽل لفظن جيٽُڪرن ساڻ آڏين اُبتين ليڪن سِٽن جو سَٽاءُ بہ ڪم آندو تہ مئٿس جا حسابي ڪتابي نشان بہ ڪم آندا، اڃا بہ اڳتي گرافڪسGraphics جي ڊزائن جو بہ اپيوگ ڪيو. البت اهڙن ٻاهرين پريوڳن ۾ تمام گهٽ ڪوششون ٿيون. پر اندرين لفظن جي ءِ ارٿن جي ڪوشش ئي وڌيڪ رهي:

هيءَ ڪويتا شئلي ان طرح عام پانڪ کان دور ٿيڻ لڳي ءِ پڙهيل عام پانڪ جي 'ٻوڌڪ' پانڪ جي ، قريب ايندي ويئي.

پر پوءِ سنہ 2000 جي آس پاس پهچندي ان ۾ اهو اوج نہ رهيو . ان جا ڪيترا سبب ٿيا ويا. اول تہ چندن جي ٻنڌن کان جند ڇٽل هئڻ جو اَجوڳ فائدو وٺي، تمام ڪچيون ڦڪيون رچنائون ايندڙيون رهيون. سرڪاري مدد سبب اُنهن جا مجموعا بہ سولائيءَ سان ڇپجڻ لڳا. جينيس ڪويتا ءِ ڦيڪ ڪويتا جي پڇاڻ ڏکي ٿيندي ويئي. ان کي چئلينج ڪرڻ جا شاسترن جي حمايتي آڌارن جي عدم موجودگيءَ سبب وسيلا گهٽجندا ويا. وڏي تڪليف تڏهن ٿيڻ لڳي تہ ' معتبر ليکڪ ' پڻ پنهنجين ڪمزور رچنائن کي ڪمزور چوَڻ، قبولڻ ءِ سڃاڻڻ ۾ ڪامياب ڪونہ پئي ڏٺا. ائين نئين ڪويتا جي هر مجموعي ۾ اڌ کان وڌيڪ ڪمزور رچنائون اَچڻ تہ عام ڳالهہ ٿي وئي. بلڪل ئي سموريون رچنائون بلڪل ڦيڪ يا نقلي ڪويتائن جا مجموعا بہ اَچڻ لڳا ءِ شخصي آپسي رشتن ناتن جي لحاظ ڪري، ڪڏهن تہ اُنهن ۾ 'مهاڳ' لکڻ وارن رعايتي رُخُ بہ اپنايو.

هونءَ بہ عام طور ساهتيہ ۾، سُني کي سُنو چوڻ جيترو سولو ٿيندو آهي، اوترو خراب کي خراب چوڻ ڪڏهن بہ سولو ڪونہ ٿيندو آهي. وري ڪويتا جي براند ٽيسٽ يا تہ ڪا نہ آهي يا تہ وري اِسٽاپٽ نالي جي براند غلط کي غلط چوڻ جي وڏي قيمت گهُرندي آهي.

اَهڙن ءِ ڪيترن ٻين ڪارڻن جو انجام اڃا تائين اهو ئي رهيو آهي تہ ڪتابن کي انعام جو، ڪتاب جي ڪوالٽيءَ سان، خير ڪو رشتو رهندو آهي. اَپوادن جي اهميت ان ڪري وڌي ويندي آهي. ورنہ انعام ناقبول ڪرڻ جون گهٽنائون درلڀ نہ هجن ها!

ليڪن نئين ڪويتا جو يُگ اڃا بہ ڪنهن نہ ڪنهن معنيٰ ۾ موجود آهي. اَلبت رواجي معنيٰ ۾ ان جو اثر اڳ جهڙو نہ رهيو آهي.

پر جيترو وقت اهو رهيو هو ان ۾ نئين ڪويتا جون حاصلاتون اتهاسڪ اهميت رکندڙ رهيون

آهن.

نئين ڪويتا جون حاصلاتون اوس عجب ۾ وجهندڙ آهن.

ان جي پهرين حاصلات اِها آهي تہ صدين کان هلندڙ ڇندن جي جوڙ جڪي هڪ هٽي، هن يگ ختم ڪئي. چاهي اڄ بہ ڇندن جو رتبو گهٽيو نہ آهي، پر ڇندن کان سواءِ ڪويتا جو وجود باقاعدي مڃيو ويو.

ان جي ٻي حاصلات تہ اِها موزون ڪويتا جي ناهہ جوڙ بجاءِ، خيال کي اَصلي روپ (Intact) ۾ رکي ٿي سگهي.

نئين ڪويتا عام رواجي پاٺڪن کان وڌيڪ ٻُڌيوان (Intellectual) طبقي سان ڪويتا جو رشتو قائم ڪرڻ ۾ اتهاسڪ ڪم ڪيو آهي. مشاعري مان تاڙيون وڄائي ٻاهر نڪري 'سڀ ڪجهہ' پلجي وڃڻ بجاءِ، هيءُ ياوَڪُ ورگ،ان جي تاثير کي جهٽي ان کان پرڀاوت ٿئي ٿو. ڪويتا هن طرح فرد کي ڪلا معرفت سجاڳ ڪري ٿي.

جيستائين، سنڌي نئين ڪويتا جي رچنائن جي حاصلاتن جو سوال آهي، ان ڏس ۾ پڻ اسان کي ڪنڌ مٿي ڪري نهارڻ جو حق حاصل آهي پر جي ان جي تفصيلن جي گنجائش الڳ رکيل آهي.

اَڄ نئين ڪويتا جو اهو سفر ٿوري وقت ۾ وڏا فاصلا طيءِ ڪرڻ وارو سفر نظر اَچي رهيو آهي.

## 6.8 سنڌي نئين ڪويتا جو سفر: نئين ڪويتا کان ڪويتا تائين!

سنڌيءَ ۾، آزاد نظم، برابر اڳ ۾ هئي، جنهن Blank Verse ( Unrhymed Verse ) به اڳ ۾ ئي هئي. پر جڏهن هنديءَ ۾ اَهڙي ڪويتا کي ’نئين ڪويتا‘ چيو ويو، جيڪا ذهني سوچ ۾ روايتن جو ودروهه ڪندي هجي ۽ پڻ چندن ساڻ لفظن جي ’Arrangment‘- بندوبست کي به ضروري نه مڃي، تڏهن ان قسم جي رچنا کي، عام طور ’ڪويتا‘ (’شاعري‘)ءَ جي صدين کان ڏسجندڙ ’سانچي‘ (فريم ورڪ) ۽ موسيقيت يا ڪومل مخملي ريشمي اِظهار کان اَلڳ پهچان ڏيڻ لاءِ، ڪا بي بهتر صفت هٿ نه اَچڻ تي (شايد) سنڌيءَ ۾ پڻ نئين ڪويتا ئي چيو ويو.

جيتوڻيڪ ان لفظ ۾ ’نئين‘ جو مطلب پُراڻيءَ جو ضِد يا وقت جي حوالي ۾ تازي، اَهڙو پرم به سمايل آهي. پر پوءِ، ڀاشا وگيان جي نيم انوسار، اهو لفظ عام واهپي سان هڪ قسم جو ’Idiom‘ محاورو بڻجي ويو جڻ اسم عام مان اسم خاص بڻجي ويو هجي.

پر ان لفظ جي اِها دِقَت دوُر ڪانه ٿي. نيٺ، اها عارضي ثابت ٿيو ۽ پوءِ اِهو لفظ غير ضروري ٿيندو ويو. ان وچ ۾ ڪجهه غلطفهميون سميٽجنديون ويون.

’سنڌي نئين ڪويتا کي ادب لطيف، آزاد نظم، جديد شاعري، اُلٽ ڪويتا، نظماڻو نثر به چيو پئي ويو آهي. اهي ان جا صرف نالا ئي نه، پرڪار به هئا. جن جي پٺيان Prose Poem، Free Verse، Blank Verse يا گديه ڪاويه، اَڪويتا، مُڪت ڇنَدُ، ڇنَدُ مُڪتُ جَهڙا نالا جهلڪن ٿا.‘

(نامديو تاراچنداڻي. ’سنڌي نئين ڪويتا‘ گُذريل ويهه سال. ڪتاب ’سنڌي نئين ڪويتا جي چونڊ تنقيد‘ ص. 137)

’نئين ڪويتا‘ جو اِهو سفر ’ڪويتا‘ تيڻ تائين ڪيترا مقام سَرِ ڪندو هليو آهي. موزون شاعر سدارنگاڻي خادم جو سچو مجموعو’ پرهه جي باک‘ (1972)هڪ عجيب اِسرار پيو لڳي، جنهن ۾ هن نئين ڪويتا جو يا ڪو بيو ذڪر ڪرڻ کان سواءِ اَهڙين ڪويتائن کي پيش ڪيو آهي، جن جو آڪار نئين ڪويتا سان ملي ٿو، پر سنسڪار ڪونه ٿا ملن. البت 1972 ۾ اچا ان جي شروعات هئي.

پوءِ ته اها 1975 ۾ آس پاس ڇانئجي ويئي .1974۾ ايشور آنچل جي ’خاڪ لپ‘ ۾ ’فَنَ ۽ مَنَ جي لڙائي‘ هڪ نئين دِشا ڏيکاري:

فَنَ ۽ مَنَ جي
هن لڙائيءَ جو نتيجو
هر دفعي
اتهاس ۾
جدَت پريو پاتو ويو آ! (’خاڪ لپ‘. ص. 16)

نئين ڪويتا جو اِهو سُر اِنساني من جي ’اَناسڪتي‘ (Detachment) هئڻ جو اِظهاري.

ري گهريو آندو ويس سنسار ۾!
هر قدم تي مون وچڙ جي آ ڪئي
ڪجهه تہ آهي جنهن مون کي روڪي رکيو آ.

(’خاڪ لپ‘ ص. 42)

واسديو موهيءَ باقاعدي ’نئين ڪويتا جو مجموعو‘ (تضاد 1975) پيش ڪيو ۽ پڻ ان ۾ ’حصن ۾ جيون‘ جهڙي وهنواريت جو تکو ڇُيندڙ نظريو بہ ڏنو.

تنهنجي جدائيءَ ۾
هڪ پيرو بہ خيال نہ آيو تنهنجو
مان خوش هوس
پين سان
جئن توسان هوندو آهيان....

( تضاد 975)

هنديءَ ۾ مڌيہ ڪال ۾ روايتي ڪويتا ۾ ورهہ ۾ وياڪل نائڪائون ايترا آنسو وهائينديون هيون جو ان جي پاڻيءَ ۾ ٻيڙيون ترنديون هيون ۽ هت جيون جي نوس وهنوارڪتا جي ٻي چرم سيما هئي!

واسديو موهيءَ تہ هن ٽي سنگرهہ ۾ ’پريم‘ لاءِ بہ اَهڙو اِظهار ڪيو آهي جيڪو نئين ڪويتا جي تضاديہ ۾ طنز توڙي النڪارن لاءِ مثالي آهي.

**پريم:** نديءَ جي ڪناري
هڪ ٻئي تي جان ڏيڻ جي واعدن بعد
وقت ڊوڙي آيو
۽ شاديءَ جي زنجير ۾ ٻڌي اسان کي
ٻنهي جي زندگي چورائي ويو.

(تضاد.ص. 77)

هنن پنجن سٺن ۾ پريم جي پاونا جي اندر جڻ ڪو ڏرتي ڪَمپُ ٿي گذريو آهي!

ترت ٿي 1976 ۾، ’چاليهہ چاهتر‘ مجموعي ۾، هريش واسواڻيءَ، سنڌي نئين ڪويتا جو BEST ڏيئي ڇڏيو جنهن ۾ هڪ هڪ ڪويتا، نئين ڪويتا جي سموري ڪلاتمڪ سگهہ جو بهترين مثال ٿي پيئي. ان ڪري هريش واسواڻي، جيڪو ڪنهن بہ ڪتاب ڪان اڳ ٿي، مخزنن، هن جي ليکن، هن بابت ذڪرن ۽ هن جي فصيح زبان ۾ اڪثر پيش ٿيندڙ وياڪيانن سبب سنڌي نئين ڪويتا جو باني ڇپيو پئي ويو، هاڻ اهو رايو ذري گهٽ اِستاپت ٿي ويو.

’تضاد‘ ۽ ’چاليهہ چاهتر‘ ٻئي ڪتاب، عام طور، ايترا مقبول رهيا جو هڪ رايو هن طرح بہ

ٺهڻ لڳو: ’هڪ سٽ ۾ ڪو مون کان پڇي، تہ مان جيڪر چوڻ چاهيان، سنڌيءَ ۾، نئين ڪويتا، هريش واسواڻيءَ ۽ واسديو موهيءَ ۽ ٻين بہ لکي آهي.‘

(سنڌي نئين ڪويتا. هيرن جي مُٺ، نامديو تاراچنداڻي. 1972)

پر پوءِ ٻيا شاعر شامل ٿيندا ويا ۽ نئين ڪويتا جو ڪاروان وڌندو ويو. مقبول مشهور موزون شاعر بہ، چندن واري ڪويتا ۾ ڪماليت ڪرڻ بعد بہ، نئين ڪويتا لکڻ لڳا ۽ ڪن تہ بهترين رچنائون ڏنيون. تن ۾ ارجن حاسد، ايم.ڪمل، ارجن شاد، ڪرشن راهي خاص آهن.

ڪرشن راهيءَ جي سياسي طنز ڏسو:

جاڻان ٿو
تہ اِنسان هڪ ئي وقت
عقلمند ۽ بيوقوف ٿي نہ ٿو سگهي
پر ڏسان ٿو
تہ چونڊن ۾
اِنسان
هڪ ئي وقت
عقلمند ۽ بيوقوف ٿئي ٿو.

(ڪويتا ’ووٽ‘)

سياسي طنز جي بجاءِ سياست کان مليل درد جي دانهن اَرجن شاد هڻن ڪئي آهي:

زمين کي ياڱا ڪرڻ آسان آهي،
دل کي ياڱا ڪرڻ سان
بجليءَ جو قهر پيدا ٿي سگهي ٿو
زلزلو برپا ٿي سگهي ٿو
هيءَ جا جلاوطني آهي
تنهن ۾ وطن تہ پري رهيو
تاريخ ۽ تهذيب جي هزارن سالن جي
تصور کي ئي مون کان کسيو ويو آهي

(’انڌو دونهون‘ ص 16ارجن شاد)

سنڌي نئين ڪويتا ۾ شروعات کان ئي مليل ڪيترا اهم مجموعا اڄ بہ اتهاسڪ اهميت رکندڙ آهن جن ۾ ’تضاد‘ (واسديو موهي 1975)، چاليهہ چاهنر (هريش واسواڻي 1976) تہ خاص طور نيئن ڪويتا جا ماڊل پيش ڪندڙ مجموعا ثابت ٿيا آهن. ٻيا بہ ڪيترا اهڙا ڪتاب ذڪر قابل آهن جن نئين ڪويتا جي هن اتهاسڪ تبديل ۾ وڏو رول ادا ڪيو آهي. خاڪ لپ (ايشور آنچل 1974)،

تنهائي ۽ ڪوڙو دونهون (گوورڌن ڀارتي1980)، ’اَنڌو دونهون‘ (ارجن شاد 1982)، سمبنڌن جي سڙڪن تي (1982)، صبح ڪٿي آهي؟ (واسديو موهي 1983) ۽ ايم ڪمل جا ڪجهه مجموعا خاص ڪري 1966جي ’ ننڊ ۽ جاڳ‘ جي نئين ڪويتا جي اپنايل ’رُخ‘ ڪان وٺي ’ٻرندڙ برف جا نقش‘ (1981) ۽ ’سوچ جا پاڇا‘ (1989)، اُنهن ۾ شامل آهن. هت واسديو موهيءَ جو سمپادن ’وجود جو ڪنڌهر‘ (1976) به ياد ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ 21 ڪوي شامل آهن.

هيءُ نئين ڪويتا جي اتهاس جو ڪو هڪ حصو نه آهي، پر ان اتهاس جي سفر ۾ آيل ڪي مِيل جا پٿر آهن.

هونءَ نئين ڪويتا جي هن سفر جي اتهاسڪ اهميت جا ڪي ٻيا به حد نشان آهن جن ۾ ڪي سمپادت ڪتاب آهن جن ۾ نئين ڪويتا زور شور سان شامل ڪيل آهي. تن ۾ سدارنگاڻي خادم جو ڪتاب ’ورهاڱي ڪان پوءِ جي سنڌي شعر جي چونڊ‘ (1987)، ’پرهه ڪان پوءِ‘ آزاديءَ بعد ڀارت ۾ سنڌي شاعريءَ جو انتخاب (سمپادڪ موتي پرڪاش 2007) ۽ جديد سنڌي شاعريءَ جو انتخاب (2010 -1950- سمپادڪ واسديو موهي- 2011 ) خاص آهن.

پر اُنهن سڀني ڪان اهم ڪتاب آهي خاص طور نئين ڪويتا جو ڪتاب ’آزاديءَ ڪان پوءِ سنڌي نئين ڪويتا جي ائنٿالاجي‘ (سمپادڪ پريم پرڪاش. 2009) جنهن ۾ هرومل سدارنگاڻي ڪان ومي سدارنگاڻيءَ تائين جا 58 ڪوي شامل آهن ، جن جو جنم جو سال1913ڪان 1971 آهي. ان طرح نئين ڪويتا جي سرجن ۾ لڳ ڀڳ ٽي پيڙهيون شامل نظر اچن ٿيون. هنن58 ۾ 11 استري ڪويتريون آهن. پوپٽي هيراننداڻي، سندري اُتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش، ريٽا شهاڻي، اندرا واسواڻي ، مايا راهي، وينا شرنگي، اِندرا شبنم، رشمي راماڻي، وينا ڪرمچنداڻي، ۽ ومي سدارنگاڻي.

هنن اِستري ڪويترين ۾ مايا راهي ۽ ومي سدارنگاڻيءَ جو آواز وڌيڪ ڪلاتمڪ ۽ وڌيڪ بلند چئي سگهجي ٿو.

سنڌي نئين ڪويتا جي مجموعن ۽ خاص ڪري، فقط نئين ڪويتا جي الڳ آيل هڪ’ مڪمل‘ لڳندڙ اينٿالاجيءَ ڪان سواءِ به، سنڌي نئين ڪويتا جي اِيپاس متعلق ڪيترا ڪتاب ان جي اهميت سِڌ ڪري رهيا آهن. سنڌي ٽائيمس جي 1969 ۾ آيل خاص نئين ڪويتا انڪ ڪان پوءِ ’ڪويتا‘ نالي مخزن جي خاص انڪ ۽ پڻ خاص اَيپاس انڪ ڪان پوءِ ’ڪويتا‘ نالي ڪتاب ۾ نئين ڪويتا نسبت شامل پنج اِيپاس ليک (پريم پرڪاش - 1988)، نئين ڪويتا: سنويدن شيلتا (پريم پرڪاش 2009) اهم تاريخي اهميت رکن ٿا.

ساهت اڪادميءَ به خاص طور ’سنڌي نئين ڪويتا جي چونڊ تنقيد‘ (سمپادڪ نامديو تاراچنداڻي - 2011) ڪتاب مرتب ڪرائي شايع ڪيو آهي. ڊاڪٽر جگديش لڇاڻيءَ به’ نئين ڪويتا ارتقائي سفر‘ (2012) ۾ شايع ڪيو آهي.

هن طرح سنڌي شاعريءَ ۾ ’نئين ڪويتا‘جو هيءُ سفر، اِظهار جي نَوَن طريقن جي تلاش ۾، هڪ ڪرانتيڪاري تجربو ٿي آيو جنهن صدين کان هلندڙ شاعريءَ جي شاهي مارگ بجاءِ نوان پيچرا ڦاهيا ۽ ڪيتريون ڪاميابيون درج ڪيون.‘

هت اهو نوٽ وٺڻ گهرجي تہ، جنهن طرح، ’نئين ڪويتا‘ نالي سان، سنڌيءَ ۾، مٿي ذڪريل مجموعا يا اهڙي قسم جا ڪتاب شايع ٿيا آهن ۽ نئين ڪويتا، موزون شاعري جي سمانتر هڪ الڳ صِنف ٿي اُڀري آهي، ائين ٻي ڪنهن ڀارتي ٻوليءَ ۾ ڏسڻ ۾ نہ آيو آهي.

خود هنديءَ ۾، جتان ئي، سڀ کان وڌيڪ پريرڻا سنڌي ڪوين کي مليل مڃي سگهجي ٿي، ان طرح، ڪا ’سمانتر‘ يا ’الڳ‘ صنف ٿي اها ڪانہ اُڀري آهي. اتي بہ، تمام جلد، نئين ڪويتا، (نئين ڪهاڻيءَ جيان) ’نئين‘ لفظ کي ڇڏي ڪري، مکيہ پرواهہ ۾ شامل ٿي چڪي هئي. جئن 1957ع ۾، ڀارت ۾، رزرو بئنڪ، ’نوان پئسا‘ لڳي ڪري، هڪ ڊجيٽل سسٽم جي (ڏهاڪن جي ڳڻپ جو سرشتو) سڪن ۽ نوٽن ۾ تبديل آندي ۽ پوءِ ڪجهہ سالن کان پوءِ، ’نوان پئسا‘ لفظن مان نوان لفظ نڪري ويو ۽ اُهي ’پئسا‘ ئي وڃي رهيا. تيئن هنديءَ کان پوءِ سنڌيءَ ۾ پڻ ’نئين ڪويتا‘ کي ڏيري ڏيري ’ڪويتا‘ طور ئي سڃاڻڻ بهتر سمجهيو ويو.

هت اِهو ڄاڻائڻ بہ دلچسپ ٿي سگهي ٿو تہ، هنديءَ کان پوءِ، سڀ کان وڌيڪ ويجهائي رکندڙ ڀارتي ٻولي گجراتيءَ ۾، اهو، ’نئين ڪويتا‘ وارو نالو شروع ئي ڪونہ ٿيو. اتي اول کان ئي جديد شاعرن هڪ ٻيو نالو ’اَڇاندس‘ (’अछान्दस‘) هلائي رکيو هو. هنن کي ڪنهن ٻئي نالي جي ضرورت ئي محسوس ڪانہ ٿي هوندي ۽ اتي ڪوي نهانا لعل (1877-1946) جي هلايل ڇند مُڪت اَڇاندس ڪويتا جي سلسلي کي ئي قبول ڪيو ويو ٿو ڏسجي. البت نئين ڪويتا جي نئين احساسداري (Modern Sensebility) اوس تکي انداز ۾ ايندي رهي. پوءِ بہ اتي (شايد ان الڳ نالي يا صفت جي نہ هئڻ ڪري بہ) ودروهہ واري تکاس يا ڇهنبدڙ تيز ڌاردار ڪويتا جو وهڪرو نظر ڪونہ آيو. ان جو هڪ سنو يا خراب اثر اِهو بہ ٿيو هئڻ جو اَنومان آهي، تہ هن نئين زماني تائين، اتي جي شاعري ’راڌا ڪرشن‘ واري جذباتيت جي آس پاس ڦيرا پائيندي رهي آهي. نئين جيون جي اَتي ٻوڌڪ جَٽِل ڪامپليڪسز کي گهربل اهميت ڪانہ ملي سگهي آهي. جيتوڻيڪ اَپواد ڪافي ملندا رهيا آهن.

سنڌيءَ ۾ ’نئين‘ لفظ تہ ڀل جلد ئي غير ضروري ٿيندو ويو پر ان جي خاص سڃاڻپ، اڃا تائين، گهڻي قدر، ’نئين ڪويتا‘ طور برقرار آهي. اها اڃا بہ، غير موزون شاعريءَ جي هڪ الڳ پهچان ساڻ ڏسبي آهي، آڪار ۽ سنسڪار ٻنهي ۾. البت ان جو الڳ ڪو پڪو پختو شاستر ٺهي ڪونہ سگهيو آهي. ڪوشش بہ خاص ڪانہ ٿي آهي.

اول نئين ڪويتا جي ليبل سان ٿورا مجموعا آيا، پوءِ ڪويتا جي نالي سان، يا ڪنهن بہ اهڙي ذڪر بنا. ڪيترا مجموعا ’غزل ۽ ڪويتائون‘ يا وري گهڻين صنفن جا گڏيل آهن.

ان طرح ڏيري ڏيري نئين ڪويتا جو سفر نئين ڪويتا کان هلندو ڪويتا تائين طيءِ ٿيندو رهيو ۽ اڄا برابر جاري آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾ اظهار جي نئين طريقي طور اهو هڪ وڏو ۽ ڪامياب موڙ Turning Point بڻيو آهي. اِهو ان طرح، يا ڪنهن حد تائين ان طرح فقط هنديءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿو، باقي ڀارتي ٻولين ۾، ساڳئي وقت ۽ نموني جي نئين احساسداري تہ اوس آئي، پر هن طرح، 'نئين ڪويتا' جو هڪ سمانتر ڪويتا سرشتو ڪٿي بحث هيٺ آيل ڪونہ ٿو لڳي. جو ساهت اڪادميءَ جهڙي راشٽريہ ادبي اداري ان جي الڳ 'اينٿالاجي' بہ ڪئي هجي، ان جي خاص چونڊ تنقيد بہ شايع ڪئي هجي. ها، هنديءَ جي ڳالهہ برابر ٻي آهي. اتي تہ اهو سڀ ڪجهہ، وڏي پئماني تي، ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾، بحث هيٺ ايندو رهيو آهي.

ها، سنڌي نئين ڪويتا، هاڻ ڀل ڪويتا ئي سڏجي ٿي، سنڌيءَ جي خاص حوالي سان، هڪ وڏي ادبي تجربي طور سُڃاڻڻ ئي صحيح آهي. ان جي آڪار ۽ سنسڪارن ۾ اها اڄا 2015 ۾ بہ، پنهنجي نجي پڇاڻ ۾، نظر اَچي ٿي. ان جو اهو الڳ مزاج Temperament بہ ڪافي حد تائين سلامت آهي.

## 6.9 سنڌي ڪويتا ۾، ڪويتا جي نالي ۾، رواجي رچنائن جي پرمارا!

شاعري يا ڪويتا اُمنگن جي اُڇل جو اظهار آهي. جڏهن چاهيون، يا جهڙي ڪويتا لکڻ چاهيون، اهو شاعر جي وس ۾ به نه هوندو آهي. سچ ته ڪويتا جو سرجن بي ساختا بنا ڪوشش ٿئي بهتر ٿئي ٿو. ان ۾ سوچ ۽ اڀياس صرف ٿوري مدد ڪري سگهن ٿا.

پر جي اسان جڏهن چاهيون، جهڙي چاهيون، ڪويتا لکڻ وهون ته پوءِ اها ڪويتا ’آتم اظهار‘ نه ٿيندي ۽ گهڻو ڪري تمام رواجي ڪويتا ئي ٿي ويندي.

ڪيترا ڪوي شاعر ان قسم جي ڪويتا لکندا رهن ٿا، جنهنجي اَهميت سچ ته فقط ’رياض‘ جيتري آهي.

وري گهڻو ڪري عام طور اهڙيون رچنائون ڪنهن ٻئي ڪويءَ کي، ممڪن هجي ته ڪنهن سينيئر ڪويءَ کي، ڏيکاري صلاح وٺڻ جو به ضرور هوندو آهي. اڄ ڪلهه جي حالتن ۾ اهو به تمام ڏکيو ٿي ويو آهي. هڪ ته اهڙي سهوليت ئي درلڀ آهي. ٻيو ته ڪو به ڪوي سچي صلاح ڏيڻ کان هٻڪي ٿو ۽ ٻاهرين ياري دوستي نڀائڻ وڌيڪ پسند ڪري ٿو. اهڙن ڪيترن سببن ڪري ’رواجي‘ ڪويتا جو لکجڻ عام ڳالهه آهي. جلد جلد ڪتاب شايع ڪرڻ جي هٻڇ ۾ گهربل ’ڇونڊ‘ (Filteration) جو رواج به گهٽجي ويو آهي. وري پاڻ پنهنجي ڪويتا جي پرک ڪرڻ به سَولو ڪم نه آهي. ان جو نتيجو اهو ٿو نڪري ته ’تمام رواجي‘ ڪويتائن جي پرمار نظر اَچي ٿي.

هڪ ته تجرباتي ڪويتا ۾ ته هونءَ به ان جي گنجائش وڌيڪ رهي ٿي.

ٻيو اسان سُني چيز کي سني چوڻ ۾ ڍُڪ پائيندا آهيون ۽ خراب چيز کي خراب چوڻ ۾ ٻيهجي ويندا آهيون.

نئين ڪويتا جي حوالي ۾ ته اها ڳالهه ايتري قدر وڌي وئي آهي جو شايد هر ننڍو وڏو ڪوي، پنهنجي مجموعي ۾ اَهڙيون ڪچيون ڦِڪيوُن رچنائون شامل ڪري ٿو وهي. اَپواد اسان جو سهارو هوندا آهن.

هونءَ نئين ڪويتا جو اڃا ته ڪنهن به قسم جو شاستر به ته ڪونه آهي. نه ئي ڪي نيم يا پابنديون آهن. ان ڪري نقلي ڪويتائون (Fake Poetry) ڇڪاسڻ جو نه ڪو ذريعو آهي ۽ نه ئي اَسان اُن جو ڪو خاص اونو ڪيون ٿا.

برابر. هر شڪايت ڪا ثابتي يا مثال گُهرندي آهي. پر هن خاص قصي ۾، اها ڳالهه ذري گهٽ اَٽڪساهائيندڙ (Un fair) مڃي ويندي. البت ان جي هڪ وڏي ثابتي اها ضرور ڏيئي سگهجي ٿي ته اِها شڪايت ٻين به ڪئي آهي. خاص ڪري ڪن عالمن جي شڪايت کي ته اوس وڏي اهميت آهي.

” هر رچنا جيان، نئين ڪويتا جي ڇوٽ جو فائدو وٺي ’فيڪ‘ چيزون سنڌيءَ ۾ به ڪافي

اَچي رهيون آهن، جن ۾ ڪويتا گهٽ، چٽڪليبازي گهڻي هوندي آهي.‘‘

(هيرو شيوڪاڻي. ڪتاب. نقط نظر، ص 89)

رواجي شعر تہ هڪ پاسي، ڪٿي تہ اسان جي شاعر نقاد واسديو موهيءَ پنهنجي باريڪ نظر سان تمام سوکيم ’قافيہ‘ جا ’ناقص‘ نمونا ڏيئي، غزل جهڙي سخت پابند شاعريءَ جي فني پَهلن تي بہ نظر رکي آهي. البت هن صاحب شعرن جا نمونا پيش ڪيا آهن پر شاعرن جا نالا نہ لکيا آهن. اها هنجي صداقت آهي. ’هتي ڏنل مثالن ذريعي مقصد صرف شاعرن جو ڌيان ڇڪائڻ آهي، هنن جي فن تي آڱر کڻڻ بلڪل ڪونهي. ڪوٽ ڪيل شعرن ۾ شاعر جو نالو بہ ان ڪري نہ ڏنو ويو آهي.‘

(’هند سنڌ جي غزل جو فني پهلو‘ ڪتاب غزل جو هئنڊ بڪ - ص 301)

جڏهن هيتري باريڪ نظر سان ڏسنداسين تہ اسان کي نئين ڪويتا جي رچنائن مان تمام گهڻيون رچنائون ’ناقص‘ (گهٽتائيءَ واريون) نظر اينديون. ڇو جو، نئين ڪويتا خود ۾ هڪ تجرباتي ڪويتا جي ڌارا آهي ۽ ان ۾ غزل جهڙي چُست پابندي تہ ڇا، ان جو تہ ڪو پڪو رستو (Track) بہ ڪونہ آهي.

سنسڪرت ڪاويہ شاستر ۾ ’ڪاويہ دوش‘ بابت انيڪ آچارين سِڌانتڪ چرچا ڪئي آهي. ان روايت موجب ڪويتا جي ’دوش درشن‘ کي پنهنجي ئي پرمپرا آهي . مَمٽ मम्मट ’ڪاويہ پرڪاش‘ ۾ ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ چِٽي سمجهاڻي ڏني آهي. هن ٽن پرڪارن جا دوش ٻڌايا آهن:

1. شبد دوش 2. ارٿ دوش 3. رس دوش.

هت تمام ٿوري ۾، ۽ بلڪل با فضيلت، سهائيندڙ نموني، ڪجهہ مثال رکڻ نامناسب نہ مڃڻ جي اُميد سان، ڪي نوٽس وٺڻ جي هڪ ڪوشش ڪجي ٿي.

دوش درشن ۾ شروعات پاڻ سان ڪرڻ گهرجي.

’موت غير قدرتي (؟) ۽ هميشهہ بي وقتائتو آهي / آپگهات ڪمزوري آهي/هتيا اَڊمبر (؟) آهي/ بيماري تماشو(؟)آهي/ ۽ جنم هڪ واهيات مجبوري !‘ (سوال جون نشانيون منهنجيون آهن) /Well Said پر ڪويتا؟

(هريش واسواڻي. ’اَنون سُر‘ نامديو جي ڪويتائن جي تنقيد تان ،’رچنا‘ نمبر34- ص 51 )

هت هڪ ئي سوالي لفظ ’پر ڪويتا؟‘ سان، ذڪريل ڪويتا، ’اَتي ساڌارڻ‘ (Below Average) چئي وئي آهي. ظاهر آهي، ڪويتا جو پهريون شرط ئي آهي ان جو ڪويتا هجڻ. جيئن عام طور چيو ويندو آهي ’A Poem is a Poem‘

سنڌي شاعري، ڪويتا جي هن ايياس ۾، اظهار جي نَوَن طريقن ۾ نئين ڪويتا جي حوالي ۾ هت ڪجهہ ٻيا مثال ڏسڻ جي ڪوشش ڪجي، جتي ڪويتا ۾ ڪويتا ڳولهڻ جو ڪم سوَلو نظر نہ آيو آهي. (ضروري ڪونهي تہ مان بلڪل صحيح ئي هجان. پر ان لاءِ اَهڙي ڪوشش جو حق رد تہ نہ ٿيڻ گهرجي.)

## او.اي.ڊي جا ڇنا اُٿلائيندي

هر ڪنهن زندهہ ٻوليءَ ۾ لڳاتار ڦيرو اَچي ٿو
وقت گذرندي
لفظن جي خراب معنيٰ سٺي ٿيو پوي
۽ سٺي معنيٰ وارا لفظ اُگرا لڳن ٿا.
سوفسٽيڪيٽيڊ-

ڪالهہ تائين ناپاڪ، بي ايمان، ملاوت پريو،
۽ اڄ اُن صفت لفظ جي ڪيڏي نہ عَظمت آهي!
نہ صرف ايترو
اڄ ڪانوَ جي ’ڪان ڪان‘ نہ،
ڪانوَ جي ’ٽان ٽان‘ آهي
۽ ان پريوگ ۾
هڪ سوفسيڪيٽيڊ آلوچڪ
ٻِن ورُڊن (Opposites) جو ميل ڏٺو آهي!
آڪسفورڊ اِنگلش ڊڪشنري

## دهيج گُهرڻ مهانگو آهي

تو جيڪو دهيج گهريو اَٿئي
اهو تہ توکي ملي ويندو
اڙي مورک! ڪڏهن اهو سوچيو اَٿيئي
ڏيڻ وارو ڪيترو پيسجي ويندو؟

## چواڪرا

نہ ڪرشن
نہ گيتا

## سياستدان جي بيباڪي

آءٌ آهيان سياستدان،
اَمن شانتيءَ جو علمبردار

مگر سوچيان ٿو:
جي پنهنجي ملڪ ۾
يا سموري عالم ۾
اَمن ۽ شانتيءَ جو
دَور ٿي ويندو شروع
تہ پوءِ اسان سياستدانن جي
باقي ڪهڙي رهندي ڀومڪا؟
ڇا آءٌ اَمن شانتيءَ کي
بحال ڪري
آتم هتيا ڪرڻ لاءِ
آماده ٿيندس؟

**مددگار**

مهانتا جو راز؟
سچائي
لگن
ڪم ڏانهن وفاداري
قرباني
سُپرپاور دماغ
بس!
هو اڪيلو
اوچائيءَ جو حقدار آ؟
نہ،
بلڪل نہ،
ٻيو ڪير آ
لڪل
مهانتا جو مددگار.

هي چند ڪويتائون ڪنهن اَخبار مخزن مان نہ پر هنن جي مجموعن مان ڪنيل آهن.
هت اَهڙين رچنائن جا هي مثال فقط ان خيال سان ڏنل آهن تہ هنن يا اهڙين رچنائن ۾ 'ڪويتا ' ڳولهڻ جو ڪم سوَلو نظر نہ آيو آهي. افسوس اهو بہ آهي تہ اهڙين ڪويتائن جو انداز

ايترو سارو آهي، جو ’پرمار‘ لفظ بہ نندو ٿو ڀاسي. هت پنجن ڪوين جوُن پنج ڪويتائون فقط ان لاءِ ڏنل آهن تہ نئين ڪويتا ۾ (چاهي ڪنهن بہ ڪويتا ۾) ڪويتا جو هجڻ ڪٿن ٿو رهجي وڃي؟ ان بابت ’اک ٻوٽ ‘ ڪرڻ بجاءِ ’چونڊ‘ ڪان، يا اجا بہ، پنهنجي خود جي چونڊ بجاءِ، ڪنهن ٻئي جي چونڊ ڪان ڪم وٺجي.

هاڻ رواجي ڪويتائن جي پرمار هڪ طرف رکي، بهتر ڪويتائن جي جهول پرڻ طرف نظر ڪجي.

## 6.10 غير رواجي ڪويتائون: ڪجھ خاص حاصلاتون

سنڌي ڪويتا شاعريءَ جي اوسَر تي نظر ثاني ڪندي، اظهار جي نوَن طريقن جي سلسلي ۾، نئين ڪويتا ۽ پوءِ جنهن کي ڪويتا چوڻ ئي ٺيڪ سمجھيو ويو، ان ۾، ڇندن جي بندن توڙي ٻين ضرورتن کان مُڪتيءَ جو فائدو وٺي، رواجي ڪويتائن جي پرمار جي ڀيٽ ۾ پنهنجي جاءِ تي برابر آهي. پر نئين ڪويتا جي هليل ڌارا ۾، اظهار جي شِلپ (هئيت) توڙي ڪٿيہ ٻنهي جي نواڻ ساڻ، ڪيترين ئي بهترين ڪويتائون برابر ملنديون رهيون آهن.اها ئي اظهار جي نوَن طريقن جي ڪماليت پري حاصلات آهي.

اڳ برابر اُنهن لاءِ ’هيرن جي مُٺ‘ چوڻ ئي ٺيڪ هو، پر هاڻ، بقول ڊاڪٽر پريم پرڪاش، اِها ايتري اوس آهي، جو، اُنهن جي جهول پرجي ويندي. هن لکيو آهي:

’1972 ۾ نامديو جي نظر ۾، نئين ڪويتا ’هيرن جي مُٺ‘ هئي. (ڪويتا انڪ 19-21). اها 1990ع ۾، آسمان جي تارن جي روشني ٿي. (رچنا - 48). واسديو موهيءَ 2000 ۾ لکيو:’....ها، سنڌي نئين ڪويتا ۾ ڪويتا آهي، پرپور آهي. تارن جي روشنيءَ جيان ظاهر آهي. باقي جن کي چنڊ کپي، (سچ نہ - چو تہ سچ بہ تارو آهي) انهن کي نراشا ٿئي. چاڪاڻ تہ چانڊنيءَ جهڙي ٿڌي روشني ڪويتا وٽ ناهي. پر اُڌاري ورتل روشنيءَ کان تہ بهتر آهي فقط ٽم ٽم هجي، پر پنهنجي هجي.‘ (رچنا 85) .گذريل ڏهاڪي ۾ نئين ڪويتا جي ٽم ٽم ۾ چند نوجوان تارن جي ٽم ٽم جو بہ اضافو ٿيو آهي. اڃا ٿيندو رهندو، يا نہ، اهو وقت لڪائيندو ڪونہ. نئين ڪويتا جي ڇڄ ۾ چنڊي ڦوڪي،پَرَنڊ ۾ ڇاڻي، نقلي ڪڍي وڌبو، باقي بچيل کري ڪويتا سان. هاڻ جهول تہ اوس پربي!‘ (پريم پرڪاش)

(آزاديءَ کان پوءِ سنڌي نئين ڪويتا جي ائنٿالاجي مهاڳ ص XXXII)

هاڻ اُن جهول ۾ پريل ڪويتائن جي ڳالھ ڪجي، ڇو جو، اها جهول ئي اسان جي نئين ڪويتا جي حاصلات آهي:

ادبي اتفاق بہ ڪڏهن ڪڏهن ٿيندا آهن. هنديءَ ۾ ’اُسني ڪها ٿا‘ هڪ ڪهاڻي ليکڪ کي اَمر ڪري وئي. اَناتولي فرانس (1924-1844) جي ناول تان متاثر ڀگوتي چرڻ ورما (1981-1903) جي ناول ’چترليکا‘ راتورات ليکڪ کي مشهور ڪري ڇڏيو. ’حُر مکيءَ جا‘ ڪهاڻي بہ اَهڙو ڪرشمو هئي هڪ ادبي اتفاق هئي.

1969 واري سنڌي ٽائيمس جي نئين ڪويتا اَنڪ ۾ هريش واسواڻيءَ جي ڪويتا ’پرش وڻشيا‘ بہ نئين ڪويتا جي شروعات ۾ ئي آئي ۽ اڄ بہ ذري گهٽ اَڌ صديءَ تائين ’ماڊل‘ رهي آهي. اڃا بہ ان جو ذڪر لڳاتار ٿيندو رهيو آهي. اِهو بہ هڪ ادبي اتفاق ئي آهي.

نئين سنڌي ڪويتائن جي حاصلاتن لاءِ هت ڪيترين رچنائون، يا ڪيترا ڪتاب تہ ذڪر هيٺ

ايندا ئي. پر ’پرش وڏشيا‘ ۾ هنجوُن بيون ڪويتائون خود هريش واسواڻيءَ کي ئي، سنڌي نئين ڪويتا جي حاصلات ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن.

بعد ۾ ’پرش وڏشيا‘ هن جي مجموعي ’چاليهہ چاهتر‘ (جيڪو پريم پرڪاش ايڊٽ ڪيو هو) ڪتاب جي پيج 27 تي شايع ٿي. هن جون بيون خاص ذڪريل ڪويتائون آهن ’اِنسان هڪ پيغمبر، هڪ نئين سنسڪرتيءَ جو جنم، ويهين صديءَ جي هڪ پڌرائي، ايشور جو پُنر جنم، ٢٦ جنوري کان پوءِ ڪو هڪ ڏينهن، هڪ يگ پرش جو اَنت، واقفيت ڏک ۾ سک جي، ايشور جو موت، ڪنهن بہ ڪُنواري ڇوڪريءَ نالي ، سرير جو جاتي پيد، سرڪس عرف لوڪ تنتر جي وجيہ.....وغيره وغيره.‘

هن جي ڪويتائن تي، سنڌيءَ ۾، هن جي پنهنجي پيڙهيءَ خاص طور، تمام گهٽي دلچسپيءَ سان ڳالهايو آهي، پوءِ بہ اجا گهڻو ڪجهہ ڳالهائڻ جي پرپور گنجائش آهي.

’چاليهہ چاهتر‘ کان پوءِ بہ هن جون ٿوريون چڱيون ڪويتائون نظر آيون آهن. خاص ڪري سنہ 2000 ۾ آيل هن جي پوئين ڪتاب ’ٻڙي ۽ ٻي ٻڙيون‘ ۾ هن هڪ لنبي ۽ پوريءَ طرح علامتي ڪويتا جي پريوگ جهڙي ڪويتا، ’اسمتا لاءِ هڪ ڪاويہ ڪٿا‘ ڏيان ڇڪائي ٿي. البت ان ۾ Ambiguityءَ جا تهہ Transparent نہ رهي، Opaque وڌيڪ ٿي ويا آهن.

شهر يا تہ ڪي سڙڪون آهي
يا صرف ڪي چارديوارون.
سڙڪون چڏجي وڃڻ جو ماڌيم آهن
چارديوارون لڪي وڃڻ جو
جتي هر قسم جي ننگائپ کي پناهہ ملي ٿي
۽ جي هر ننڍي وڏي قد کان اوچيون اَڏيل آهن
هر رات
سچاتل سڙڪن کي مرده پيرن سان پار ڪري
جڏهن چارديوارين ۾ سمائجي ٿو وڃان
تہ ڪنهن غلط ۽ اَڻ جاتل هنڌ تي پهچي وڃڻ جو
گُناهہ پريو ٻپ وڪوڙي ٿو وڃي
هر صبح
رستو پلجڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان
پر سنجها جو
سڙڪون دوکو ڏيئي
سائِي هنڌ تي پهچائي ٿيون ڇڏين

(سڙڪن ۽ چارديوارين جي وچ ۾ ڪو
ڪميٽو سمجهوتو ٿيل آهي)
غلط هنڌن کان بچڻ جي ان ناٽڪ ۾
سڙڪن تي مونکي روزي ڏيئي
چارديوارين ۾، منهنجي تن ۽ من سان ويچار ڪري
هي شهر
مونکي ڏيري ڏيري
پرش وڻشيا جو روپ ڏيندو ٿو وڃي.

## (پرش وڻشيا)

هريش واسواڻي سنڌي نئين ڪويتا ۾ هڪ طرح جي حاصلات آهي ته واسديو موهي سچي سنڌي ڪويتا (نئين ڪويتا ۽ موزون شاعري) جي ٻيءَ طرح وڏي حاصلات آهي. پر هت نئين ڪويتا اظهار جي نئين طريقي طور فوڪس ۾ آهي. ڇئن اهڙن ڪوين سان آيل مذڪور 'نئين ڪويتا'آنڪ ۾، هريش ساڻ واسديو موهي به آهي. سچ ته پوءِ جي ٻن ڪوين جي راهه ئي پنهنجي پنهنجي ٿي وئي. آنند کيماڻيءَ اُلٽ ڪويتا طرف ۽ موهن ڪلپنا آزاد نظم جي آپاس واري نئين ڪويتا طرف ڏسڻ ۾ آيا.

واسديو موهيءَ جي نئين ڪويتا لاءِ اهو رايو بلڪل تز آهي ته هن جي ڪويتا وڌيڪ سهج، وڌيڪ طنزيه ۽ وڌيڪ ساماجڪ سَهه اَنو ڀوتيءَ واري آهي. هن جو Social Concern ڪويتا کي هر پاسڪ لاءِ 'دلچسپ' بڻائي ٿو. هريش جي فلاسافيڪل گهرائي، وڌيڪ سنڪيت شئلي ۽ ساماجڪ ساچاهه کان سوَ ڪوهه دور رهڻ سان اها، 'هر پاسڪ لاءِ' دروازا بند ڪري، فقط ڳڙڪين تائين پاڻ کي محدود ڪري ٿي وڃي. ٻين لفظن ۾ چوڻ گهرجي ته واسديو موهي ان 'دُربوڌتا' يا اچا به ٿوري چوٽ وني ڪري چئجي ته Ambiguity अनेकार्थता - अस्पष्टता کان ڪافي حد تائين بچيل آهي يا اتي هو بئلينسڊ آهي.

'تضاد' واسديو موهيءَ جو به ۽ (شايد) 'نئين ڪويتا' جي سِري سان آيل پهرين مجموعو آهي. پر اها نه، يا ان کان وڌيڪ ڳالهه، ٻي آهي. هن مجموعي ۾، جيڪو 1975 ۾ يعني سنڌي نئين ڪويتا جي شروعاتي وقت جو هئڻ جي باوجود، ان ۾ آيل ڪيترين ڪويتائون، اڄ به،' ماڊل' لڳي رهيون آهن. لڙائي هلندي هڪ سامتي پَلَ ۾، ٻي وقت وقت، ڪارڪوُن، سراپ، مان اُنهن مان هوس، حصن ۾ جيون، جيل ۾ هڪ ڏينهن، سيتا جي تلاش، دروپدي، پريم ۽ ٻيون به.

ٻي به وڏي ڳالهه اِها آهي ته 'تضاد' هن جو اڪيلو نين ڪويتائن جو مجموعو نه آهي.' صبح ڪٿي آهي' (1983) ڇهنب ۾ ڪڪ (2001) ۾ به (ائين پوءِ آيل ريل جي پٽري ميري(2009) ۾ به ڪويتائون آهن.) 'مٽڪو' (1992) ته خود ۾ هڪ طرح نئين ڪويتا جي اِسراري حاصلات آهي

جنهن جي اپٽار خاص طور الڳ هڪ ڪردار وارين ڪويتائن جي خاص مجموعي طور ڪيل آهي. ائين اها هڪ ٽين وڏي ڳالهہ تي گذري آهي.

وري اچا بہ هڪ چوٿين وڏي ڳالهہ چوٽي پوندي واسديو موهي، نئين ڪويتا جي سمانتر غزل (۽ بي موزون ڪويتا) جو بہ وڏو نالو آهي. ’برف جو نهيل‘ غزل سنگرهہ ۽ ٻين مجموعن ۾ هن جا شامل غزل ، غزل طرف هن جون طيءِ ڪيل منزلون ٻڌائن ٿا.

اَصل ۾ نئين ياوَ ٻوڌ جو ڪوي جڏهن غزل لکي ٿو تہ هو مني جذبات واري شربت جي بوتل ۾ نئين زماني جي ويوهارڪتا جو ڪوَڙو شراب ٺي پري ٿو! جنهنجو سواد جديد زماني جي گلي ۾ اُتري خاموشي ۽ خماريءَ جو خيالي سَماءُ پيدا ڪري ٿو. عجب اِهو بہ آهي تہ هن جا اهي اهڙا غزل ڳايا ويا آهن ۽ ٻن ڪلاسيڪل لهجي وارن سُرَن ۾ بہ ڪامپيڪٽ ڊسڪون بہ آيون آهن پر هت ڳالهہ نئين ڪويتا جي آهي.’بي وقت وقت‘ Timelessness جو يا وري Time Travelling جو نئونConceptڏئي ٿو.

### بي وقت وقت

ڪئلينڊر جو ڦاڙي هي پويون مهنو
چو نہ وقت کان اڳ
وقت کي پورو ڪجي.
لڳائي ۽ ڦاڙي ڇڏجن
ڪيترا اَڻ چاول سال
پهچي وڃجي
ڪنهن پهاڙي ديش-
چنڊ تي،، هوا ۾ هلجي
ڪيميڪل کاڌو کائجي
ياڙي تي ڪجي- ونجي پيار
يا ڳولهي اچجن مئل سالن جون تاريخون
آدم تي پئجي
کائجي جيڪي ملي
ڪجي پيار
جتي ملي جهڙو پيار
واپس هلجي غفائن ۾.
ڪجهہ ڪجي
جو هر نئون صبح ۽ شام

ٻڏي وڃي ٿو ڪافي ۽ چانهه جي پيالن ۾
ڪوڙي ڪوڙي مني مني سواد ۾
ڪميءَ جئان چرندي چرندي.
ڪجهه ڪجي
ڏينهن تي پوي سهو جئن
سڀ ڪجهه ختم ٿي وڃي
اَڪ چنيءَ ۾.!

ائين مڃڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه آهي ته جتي هريش واسواڻي هڪ طرح سنڌي نئين ڪويتا جو ڪرشمو آهي ته واسديو موهي ٻيءَ طرح سنڌي شاعري ۾ نئين ڪويتا جو اِسرار آهي.

پر پوءِ اهڙا ڪرشما ۽ اِسرار ذري گهٽ درلڀ ٿيندا ويا آهن. جيتوڻيڪ ان کان ڪجهه وقت اڳ بزرگ ڪوي سدارنگاڻي 'خادم' جو سڄو مجموعو 'پرهه جي باک'(1972) اوس آيو ۽ هڪ قسم جو، نئين ڪويتا جو 'آڪار' نظر اچڻ لڳو. هو وري ايشور آنچل جو 'خاڪ لپ'(1974) آيو ته نئين ڪويتا جو 'ڪتبه' نظر اَچڻ لڳو هو، البت، 1969۾، ان کان اڳ ئي، نئين ڪويتا جي چني لکجي چڪي هئي. پر هنن جو يوگدان پنهنجي قسم جي اهميت اوس رکي ٿو. ساڳي قسم جي اهميت گووردن ڀارتيءَ جي ڪويتا 'سئنيٽوريم ۾ پهرين رات' (1959) جي به آهي. دراصل 1959 جو انگ خود ۾ هڪ تاريخي حاصلات آهي.

نئين ڪويتا جي هن آمد ۽ اوسر ۾ ٽيون اهم نالو آهي ڊاڪٽر پريم پرڪاش. 'تضاد'(1975)، 'چاليهه چاهتر' (1976) ،'وجود جو ڪنڌهر'(1976) سان ڪنهن نه ڪنهن طرح جُڙيل رهي، هن ئي 'نئين ڪويتا' نسبت وڌيڪ لکيو به آهي. 'ڪويتا ' (مقالا سنگرهه 1988)، نئين ڪويتا سنويدنشيلتا (مقالا ۽ مُهاڳ2009) ،ان کان سواءِ 'آزاديءَ کان پوءِ سنڌي نئين ڪويتا جي ائنٿالاجي (2009) 'جو سمپادن به هن جو آهي. 'رچنا' 100۾25سالن جي نئين ڪويتا جي چونڊ به هن ئي ڪئي آهي، پر ايستائين هن جو سروڪار هڪ طرح علمبدار جو رهيو. 'ڀڳت' (نئين ڪويتا سنگرهه - 1997) سان هن جو ڪوي وڏي پردي تي سامهون آيو ۽ هن جي اصلي حاصلات سنڌي اَدب ۾ اُجاگر ٿي ۽ چئجي ڪٽي ته هن نئين ڪويتا ۾ سانسڪرتڪ مُلهن جي نئين دِشا ڏيکاري. اهو ڪتاب 'تضاد' ، 'چاليهه چاهتر، 'مٽڪو' جي اڳلي اهم ڪڙي ثابت ٿيو.

**گهر**

بابا!
مان برابر هڪ ٽنيي جيان
تنهنجي لٽڪيل گهر هيٺان ٽيڪ ڏيئي بيٺو آهيان
تنهنجي ڪمزور اکين کي نظر نه ايندو

هي گهر تنهنجي آس ۽ منهنجي هڏائين جسم تي
خبر ناهي ڪيترا ڏينهن ٽڪي سگهندو

پنهنجي گهر غربت جي لعنت جو انڌيرو ڇپي رکيو آهي
ماءُ مٽائڻ لاءِ سڄي عمر زيرو بلب جيان جلندي رهي
آخر هنجي ڪمزور تار ٽٽي پئي.

تنهنجي هوندي اسانجي ڪتابن جا وڏا حصا
اڪثر اونداها رهيا
اِهي سايعا ٻين جا هئا، تو ڪڏهن ڪونه ڄاتو
ڪٺريٺر جي سليٽ تي لکندي
ماسترن ڪيترا لفظ لکڻ کان اِنڪار ڪيو
توهانجون ناموسيون اسانجي قسمت تي نير ٿي رهيون

هر رات گهر ڏگ پيل سائيڪل جيان لڙکڙائي تو اُٿي
ڏارمڪ ڪٿائن تي جهڪيل ماءُ جو چهرو
اوچتو وٽ تي روشنيءَ جيان ڪنبندو ٿو رهي
اِنهن ڪتابن مان
اسان لاءِ لفظ گونجندا گهٽ
بي جان ڪڙڪندا وڌيڪ آهن
بستري ۾ ڪروندڙا ٿي گهسيل ٻار سوچيندا رهيا
گهر جون ديواريون ڏهي رهيون آهن
سوڪ جو ڪاريهر
ابهمن پيرن کان مٿي چڙهي رهيو آهي

مون اهڙي ئي هڪ ڏينهن ننڍي عمر ۾
هڪ ئي مهل
وهنوار جي پهرين پرارٿنا ۾ پيڙا
گار لاءِ شرڌا محسوس ڪئي هئي
هڪ دفعي گهر اندر نيون روشني ڪرڻ ۾ سڦل ويس

ننڊپڻ ۾ چڙايل اکرن کي
نيڪ ڍنگ سان پڙهڻ جي ڪوشش ڪيم
تنهنجي گهر جو جاتل انڌيرو
منهنجين اکين ۾ فونسيل رهيو
اکر تہ مونکان
گهڻا وري چڙائجندا ويا
تن جا روپ بہ ٽٽندا رهيا

ٽٽل روپ ۾
هن گهر جو آئينده لکڻ
توکي محسوس ٿيندڙ
گهر جو بار پاڻ ڍوئڻ
برابر آهي.
تڏهن اچ تہ بابا
هن گهر کي گڏجي ڪيرايون!

سنڌي نئين ڪويتا جي سلسلي ۾ لنبيون ڪويتائون لکڻ جو بہ هن جو پنهنجو ڏانو آهي. جنهن ۾، پيگت، ساڻ 50 ڪويتائون بيون بہ آهن! خود کي سنڀاليندي نڌلو، گهر، من ميلاپ، خط بہ هن جون اهم ڪويتائون آهن.

هن ڪڙيءَ ۾ بيا بہ ڪيترا ڪتاب جوڙي سگهجن ٿا، پر سڀ کان اول ۽ اهم حاصلات طور، ’واپسي‘ (1999) کي جوڙڻ صحيح ٿيندو، جيڪو هڪ ڪردار جي ڪويتائن جي مجموعي طور اُپٽار هيٺ آيل آهي. ’رچنا‘ (100) ۾ 25 سالن جي بهترين ڪويتائن جي چونڊ ۾ پريم پرڪاش هن جي هيءَ ڪويتا ڏني آهي: ’پهريون ڏينهن:‘

**پهريون ڏينهن**

گهنڊ وڄي رهيو آهي،
شام جي پرارٿنا جو سڏ.
سڄو ڏينهن
اَڪيلو اَڪيلو
روم واري
ٻئي خالي پلنگ کي
تڪيندو رهيو آهيان.

اُن جو ماڻيندڙ
شايد ڏيءُ/ پٽ وٽ
موڪل گذارڻ ويل.
ڦهريون ڏينهن ٿي
ريڙهيون پائي پائي
ساڻو ٿي پيو آهي.
اَڄ صبح جو ٿي تو
ٻُڍا آشرم جو فارم ڀريو هو.
نالو،
عمر
ائڊريس
رشتو
تاريخ ۽ صحي.
ڏنم
رشتي وارو خانو
خالي ڇڏيل هو.
توکي آفيس لاءِ
دير ٿي رهي هئي.

ياد ٿو اَچيم
تنهنجي اِسڪول جو
ڦهريون ڏينهن.
داخلا فارم ڀرڻ وقت
تون منهنجو هٿ
سوگهو جهلي بيٺو هئين.
نالو
جنم جي تاريخ
ائڊريس
رشتو
مون فخر سان لکيو هو

’پيءُ‘

تنهنجو روئڻ
بند نہ ٿئي.
ڪلاس ۾ وڃڻ جي نہ ڪرين.
ماں دريءَ وٽ بيٺل
تون گهڙيءَ گهڙيءَ
نماڻين اکين سان
مون طرف نهارين.
رسيس جو گهنڊ
ٻوڙندو اَچي
مونسان چنبڙيو هئين
توکي ڳنڍيون ڪري
نيرن ڪارائي هئم.
چاڪليٽن سان کيسا ڀرائي
پوءِ ئي تون
ڪلاس ۾ ويو هئين
ننڍڙو ٿيلهو لوڏائيندو.
ٿيلهي ۾ نئين سليٽ نئون ڪتاب.

پراڻو ٿيلهو ميز تي رکيل
ٻہ اَڌوراڻا وڳا
ڦاٽل ٽوال
۽ ٻيون ڪي ضروري شيون.
پني ۾ ويڙهيل
ڪالهوڪي نيرن واري
اَڌ ٻچيل ڪوڪي.
ٻُڪ ئي نٿي لڳي!
دريءَ ڏانهن
نهاريان ٿو
شيشن تي

وٽن جا پاڇا
ڏکيا پيا ڏيندا وڃن
منهنجي دل
سسندي پيئي وَڃي
گهٽبي وڃي رهيو هو.

هت سنڌي نئين ڪويتا (يا ڪويتا به چئون) جي حاصلاتن ۾ ڪوين ۽ ڪتابن سان ڪيترين اهم ڪويتائن جو ذڪر تمام مختصر ۾ ڏيو آهي. اتي اڃا تمام اهم ڪويتائن، ڪتابن، ڪوين جو ذڪر ڪرڻ جي وڏي گنجائش آهي، پر فوڪس ۾ اتهاس نه، حاصلاتن جو جائزو رکڻ بهتر ڏيندو. جيتوڻيڪ الڳ الڳ نظرين ساڻ، لنبيون ڪويتائون، هڪ ڪردار جي ڪويتائن طور يا ٻئي نمونيءَ، انهن مان ڪيتريون رچنائون اوس بحث هيٺ آيل آهن. پوءِ به ڪن حاصلاتن کي هت وري به ياد ڪرڻ گهرجي.

'هڪ ڏکي سانت' (ڪرشن کٽواڻي) اهڙي رچنا آهي جنهن ۾ پوري زندگيءَ جو داستان ڪل ملائي سترهن لفظن ۾ سمائجي ويو آهي. ٻيو پلا آهي به ڇا؟

منهنجي زندگي
ننڍڙي ڪهاڻي.
نه ڪردار،
نه واقعو،
نه پلاٽ.
هڪ ٿڪ
هڪ سڏڪو
هڪ ڏکي سانت.
(هڪ ڏکي سانت. پيج . 100)

ارجن شاد اڄ جي سپيتا جو ڪَوڙو سچ ڪَوڙن اکرن ۾ ئي لکيو آهي. ان کي مٺي چاشنيءَ ۾ ٻوڙيSugar Coatedڪري ڪونه لکيو آهي. اظهار جو اهو ئي نئون طريقو آهي:

**بيمار سڀيتا**

سڄي اِنسان ذات
هڪ بيمار سڀيتا جي
اولاد آهي،
جنهن يا ته
نانگن ۽ بلائن جي پوڄا ڪئي آهي

يا پٿر جي مورتن جي
يا
تربتن جي
باهين ۽ درياهن جي
يا 'وزرڊس ۽ وچز' جي
جادوءَ جي،
فلاسافرن
پنهنجي اعليٰ ڄاڻ جي
مظاهري ڪرڻ لاءِ
ڪئين نمونن جا ايشور ٺاهيا
آتمائون ٺاهيون
اهڙيءَ طرح
اِنسان هميشه
جهڪندو ئي رهيو
ڪنهن ٻئي جي اڳيان،
سندس مَنُ
هراس ۾ رهيو
هو وهمن ۽ سنسن جو
شڪار ٿي ويو؛
اِهو آهي 'اُتم ورثو'
جيڪو
اسان کي سيپتا ڏنو آهي!......
(ڪتاب 'ڌرتيءَ جو درد'. ص 67)

هريڪانت 'لپ پر روشني'ءَ سان پنهنجو ڪروڌ هن طرح کُلمکُلو طنز جي چهنبدار ٻوليءَ ۾ بارود جيان برسايو آهي:

....مهربان ٿيو جيڪڏهن وقت
ايندڙ نسل تي
قبرن مان ڳولهي ڪڍندو
۽ اُگهاڙو ڪندو اُنهن کي

پوڄا ڪرائي ويا جيڪي پنهنجي
ڇو واٽن تي پُتلا پوڪارائي
سازشي حالتن هيٺ
هڪ مڪمل حالتن هيٺ
هڪ مڪمل جاتيءَ جي
(اَهنسڪ)
هتيا ڪرڻ ڪان پوءِ بہ.
( اتهاسڪ ويساه گهاتي هريڪانت. ’لپ پر روشني‘. ص 6)

سياسي طنز جو اِهو اگرو روپ آهي پر ان جو ٻيو علامتي، روپ بہ مليو آهي؛ هن طرح جي اظهار جي نئين حوالي سان ڪرشن راهيءَ جي ڪويتا ’دال روٽي‘ ءَ جو سياسي طنز کي سماجڪ نظريي ساڻ ڏسون؛

**ڪويتا دال روٽي ڪرشن راهي.**

گهڻا سُپنا اڳ
جڏهن مون توکي ڏٺو هو؛
اڻين لڳو هو
فقط مون ئي توکي ڏٺو هو
ٻئي ڪنهن جي توتي نظر ئي نہ پئي هئي!
هڪ سپنو هو!
تنهنجو منهنجو سپنو
ڏينهن جو سپنو، رات جو سپنو!
ننڊ جو سپنو، جاڳ جو سپنو!
سيني جو سپنو، حقيقت جو سپنو!
زندگيءَ جي ڇوليمار درياهہ ۾
اسان جو سپنو هڪ ننيڙو ٻيڙ هو
پنهنجا ڪنارا، پنهنجا سج چنڊ تارا
پنهنجي زمين، پنهنجو آسمان!
گهڻا اَرمان پوءِ
تنهنجي سرير جا گل مرجهائجي ويا
منهنجي بدن جو ڪاٺ يري پيو؛
سپنا تہ سپنا ئي ويا

حقيقتون بہ خواب ٿي ويون!
ڇا جي زمين؟ ڇا جو آسمان؟
ڪنهنجا ڪنارا؟ ڪهڙا سِج چنڊ تارا؟
تون ۽ مان!
جيئڻ جي جنگ لڙندي
پنهنجي ئي گهر ۾ قيدي ٿي وياسين؟
ڏينهن جو حسرت ۽ رات جو ارمان ٿي جيئندا رهياسين!
۽ زندگيءَ جي ضرورتن جي قيمت چڪائيندي
دال روٽي ٿي رهجي وياسين!
(همعصر سنڌي شعر- ص 56)

ايم. ڪمل بہ علامتي نوع ۾ سماجڪ ۽ يٿارٿ حوالي سان نئين ڪويتا کي خوب اپنايو آهي:

**ڪويتا جيل خانو ايم. ڪمل**

منهنجو جسم
هڪ وڏو جيل خانو آهي
۽ مان ان جو جيلر آهيان
ان ڪشادي جيل ۾
سِرَ کان پيرن تائين ڪئين ڪوٺيون آهن
جن ۾ طرح طرح جا قيدي آهن
ڪنهن ڪوٺيءَ ۾ حقارت، بدنيتون
بدلي جا وحشي پاوَ بند آهن
ڪنهن ڪوٺيءَ ۾ خوف اَنديشا
وحشت انگيز خواب، خواهشون قيد آهن
ڪنهن ڪوٺيءَ ۾، ڪيل گناهہ، نہ عمل ۾ آندل ڏوهہ
نہ ٻڌائڻ جهڙيون نادانيون، سزا پوگي رهيون آهن.
(جديد سنڌي شاعريءَ جو انتخاب . ص 36 )

ارجن حاسد اظهار جي هن نئين ڏانوَ کي، تمام سوکيم نموني پيش ڪيو آهي:

**ڪويتا ماڻس ارجن حاسد**

سڙڪون اجا ننڊ ۾ هيون
ڦٽ پاٿ ٻوڙي رهيا هئا

جهينگن واريون، ڪُرڙِين واريون
وڏيون وڏيون ڪاريون مٽي تي ڪٽي
ٽڪڙيون ٽڪڙيون وکون ڪٽنديون ٿي ويون

ٻار سڄي رات ڪنجهيو هئو
ننڊ ئي ڪرڻ نہ ڏنائين
ماڻس رات ڪٽي موٽي هئي.
(جديد سنڌي شاعريءَ جو انتخاب- ص 48)

هت نئين ڪويتا جي اظهار جي پرک نہ پر پريوگ جي ڳالهہ ڪنيل آهي، جتي وڏا وڏا ارجن شاد ۽ ايم. ڪمل جهڙا موزون شاعر ان کي معصوميت سان قبول ڪري هلڻ پسند ڪندا نظر اچن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن ئي سهين!

پر ڪي نوجوان ڪوي مهيش نيڻواڻيءَ جهڙا بہ آهن جن ان کي ئي پنهنجي قلم جو تجربو سونپيو آهي. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪي موزون شاعر ڪڏهن ٿورين نين ڪويتائن ۾ گهٽو ڏين ٿا ۽ ڪي نئين ڪويتا جا ڪوي، گهٽين ڪويتائن ۾ گهٽو ڪونہ ٿا ڏين. پر ڪونہ ٿا ڏين ائين بہ ڪونهي:

چِتر بيانيءَ جو تضادي چمتڪار ڪڏهن ڪويتا بڻجي ٿو اَچي:

**ڪويتا لٺ مهيش نيڻواڻي**

جيڪو پيُوان کي مڃي ٿو
اِهو لنگڙو آهي
۽ ان کي بيساکيءَ جي ضرورت آهي
جيڪو پيُوان کي نٿو مڃي
اهو انڌو آهي ۽ ان کي
لٺ جي ضرورت آهي
توهان کي
فيصلو صرف اهو ڪرڻو آهي
تہ لٺ توهان
انڌا ٿي ڪري ڪٽندا
يا
لنگڙا ٿي ڪري !
('مڏو' ص 33 )

اڪين تہ نئين ڪويتا پرڪرتي، ڪائنات کي پنھنجي نظر سان ئي ڏسندي نظر اَچي ٿي. پر ھرويرو بہ اڪين ڪانھي تہ قدرت جي سونھن جي ڪلپنا اتي بلڪل ڪانھي. مايا راھيءَ جي ھن ڪويتا ۾ ان جو رنگ چٽو چٽيل آھي.

**ڪويتا رات ڏينھن مايا راھي**

سمھيل رات کي
ڪانوَن اَچي جاڳايو
پرھہ ڦٽيءَ
ھڪ سگھڙ
گھر واريءَ جيان
ڌرتيءَ جي ھنڌ تان
راتوڪي چادر ويڙھي
ڏينھوڪي وڇائي ڇڏي!

ڏينھن جي
لنبي عرصي کان پوءِ
سنجھا سَمي
وڇڙيل رات جو
سورج سان
پھريون ميلاپ
ءَ
آڪاشي چادر
رتورت ٿي ويئي!
(احساس - ص 56)

قدرت جي گود ۾ اھڙو ئي حسين درد رشمي راماڻيءَ جي ڪويتا ۾ ٻُڌ جي ٿو:

**ڪويتا سڏڪو رشمي راماڻي**

ھڪ تارو ٽٽو
آڪاس ڪجھہ دير اُداس ٿيو.
ھڪ گُل
ٽِڙڻ کان اڳ ڪومائجي ويو
بوٽي چرڪ پريو

جهورُ وڻ ٻهي پيو
ڪجهه لمحن لاءِ
خاموش ٿي ويا پکي!
هڪ ٽڪل عورت ڪنيو اُپو ساهه
پاسو ورايو ڏرتيءَ
ءَ
ڏري پئي جبلن جي ڇاتي.
هوا ۾ تريو هڪ معصوم ٻار جو سُڏڪو
ڇرڪ پريو
خوابن کي پري اُڇلي
جاڳي اُٿي دنيا! (مان هڪ سِنڌڻ- ص 51 )

هنن مثالن ۾ نئين ڪويتا جو نئون اظهار پنهنجو پاڻ ۾ پنهنجو گراف ٻڌائي سگهي ٿو.
اِهو ڪافي به آهي ته گهڻو به آهي.
جي گهڻو نه به آهي ته ڪافي ته اوس آهي. جهول ته پرجي ويندي.
قدرت جي رنگن جي خوشبوءِ کي اَکرن ۾ اوتڻ ۾، گهٽ ۾ گهٽ هت، استري ڪويترين اڳتي نظر اَچن ٿيون. سنجوڳ به هجي، ته به دلڪش ته آهي ئي:

**ڪويتا — جاڳي چنڊ، سمهي صبح — ومي سدارنگاڻي**

اُپي ڦهليل
سوڙهو مَنُ.
سانت ندي
ڦٽڪي سانجهي.
جاڳي چنڊ
سمهي صبح.
لڪ چپ رات
چپ چپ اَکيون.
سهميل چَپَ
سبيل زبان.
ڪرونڊڙي نظر
موڙي ڪَرَ
پٽر بڻي! (سچ الائي ڪٿي ڪري پيو .....ص 25)

نئين ڪويتا جي هن نئين اظهار جي چند مثالن سان ئي جهول ته اوس پرجي ويئي! پر دِلِ پرجڻ جي نه آهي.

## 6.11 1950 کان پوءِ، سنڌي ڪويتا ۾ اظهار جا نوان طريقا: ڪٿ، وڪاس ۽ مُناسبت

آزاديءَ بعد، خاص طور 1950 ڌاري، سنڌي ڪويتا ۾، جڻ ڪَروٽ بدلي، نئين سِر شاعرن ڪوين، موضوعن ۾، زماني جي ڌڙڪن اَنوسار، نوان نوان وشيہ وستو شاعريءَ ۾ شامل ڪري، پارتي ڪويتا جي يَڪي سُر سان سُر ملائڻ جي ڪوشش ڪئي. چاهي سنڌي شاعرن جي مانس پومي، اجا ان وقت، ڏهڪايل ورهاڱي جي اَثر هيٺ گُهٽيل هئي، پر ڏيري ڏيري شاعر کُليل هوا جو تاثر بہ جهٽيندا رهيا ۽ ڪجهہ وقت ۾ اِهي مڪيہ ڌارا سان بہ ملي سگهيا تہ پنهنجي نجي سُڃاڻپ بہ قائم رکي سگهيا. نيڪ ان طرح، شاعريءَ جي نَوَن طريقن جي اپنائڻ ۾ بہ، شاعر، خاص ڪري نوجوان شاعر، هر طرح جي نئين پهل ۾، شامل ٿيندا ويا ۽ وقت ۽ وهنوار جي اَنوسار، اظهار جي اَهڙن نَوَن پيچرن کي سڃاڻي، اپنائي، انهن کي مڪيہ ماڌيم بڻائڻ ۾ اَڳرا رهيا.

اِنساني احساسن جي اظهار ۾ شاعر سُڄاڳ ۽ هم قدم رهي ٿو. سنڌيءَ جي حوالي ۾ پاڻ وڏيڪ سڄاڳ نظر اَچي ٿو. ڇو جو، هن کي تازو ئي ورهاڱي اَهڙو جاڳايو آهي، جو هن جي ذهن ۾ اُن جي درد گهرو اثر ڪيو آهي. هن جي اِها سُڄاڳي، هن کي شاعريءَ جي وهندڙ نَوَن پرواهن طرف بہ مائل ڪري ٿي ۽ ڪنهن حد تائين سنڌيءَ جي حوالن سان روايتن جي موڙ کي نَوَن طريقن سان اپنائڻ جي دِشا بہ ڏئي ٿي. ان خاص حوالي ۾، سنڌي شاعري ڪويتا جي هن اپياس ۾ اُنهن موڙن جي ڪٿ، Assesment, وڪاس Development ۽ ان جي مناسبت Validity جي اُپٽار ڪرڻ جي ضرورت آهي. البت اهو چوڻ جي شايد ئي ضرورت آهي تہ هي ٽيئي مُدا، هڪ ٻئي سان ايترا تہ مليل آهن جو هنن کي جدا ڪرڻ جڻ هڪ طرح جي فارملٽي ئي آهي.

### ڪَٿ - Assesment

سنڌي شاعريءَ جي سرجن جي لنبي روايت ۾ ، آزاديءَ کان پوءِ، بدليل سماجڪ واتاورڻ ۽ انيڪ نين ٻولين جي صُحبت ۾، شاعر جو ٻِنِ دِشائن کان، ٻٽو، متاثر ٿيڻ سپاويڪ ٿي ويو. هڪ تہ هو پنهنجي روايتن جي هلندڙ پرواهہ کان ڪٽجي ويو ٻيو هو انيڪ ٻولين، پرانتن، سماجڪ سِرشتن سان جُڙڻ لڳو. ٻنهي طرفن جي دَٻاون هن کي، ٻين جي پيٽ ۾ وڌيڪ سُڄاڳ ڪيو هئڻ گهرجي. پُراڻي پيڙهي ڌيمي گتيءَ سان، محدود نموني، نئين پيڙهي تيز رفتار سان، وڏي پئماني تي، متاثر ٿيڻ سبب، اظهار جي نَوَن طريقن کي ڏٺو، پرکيو، سمجهيو ۽ اپنايو هئڻ گهرجي.

ان جو تمام سپاويڪ انجام اهو رهيو جو روايتي شاعري موزون- شاعري، جيڪا ڇندن جي پُراڻن رچنا روپن ۾ هلندي آئي هئي، انهن ڇندن جا نَوان جديد رچنا روپ اختيار ڪيا. عربي پارسي علم عروض واري ڇند وديا جي جڳهہ تي، هندي ڇندن جو پريوگ وڌڻ لڳو. اِهو ٿيو ٻاهرين

بناوت جو بدلاءُ. وري موضوع ۽ عبارت ۾ به بدلاءُ آيو ۽ غزل جهڙي چست شاعرانه صنف به ان بدلاءَ ۾ رنگجي ويئي؛ ڏِسون هڪ رايو:

’ترت ئي هن قسم جي غزل جو ورود ٿيو. ڪشنچند بيوس هن نئين هلچل جو باني هو. هن سنڌي غزل کي فارسي عبارت کان آزاد ڪيو ۽ پنهنجو غزل چٽي ۽ سرل عبارت ۾ چيو. هن جي شعر ۾ ڀارتي ويچار ۽ سنسڪرتي ظاهر ٿي بيني. ان کان سواءِ هن رومان جي عنوانن کي ڇڏي، غزل ۾ ڀن ڀن وشيه آندا، جن سندس رچنائن کي تازگي بخشي. دراصل هو پنهنجو پاڻ ۾ هڪ مڪتب بڻجي پيو.‘ (سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيه ڪوش - ص. 85)

سنڌي شاعريءَ ۾، هن طرح، ٻاهرين بناوت ۾ ته خير ڪجهه گهٽ، پر اندرين پيشڪش ۾ وڏيڪ بدلاءُ سبب، ’غزل‘ هڪ طرح ’نئون غزل‘ بڻجندو ويو.

البت جتي غزل جهڙي موزون شاعريءَ جي چست صنف ۾ ايڏو بدلاءُ آيو اتي ٻين ڪن صنفن جي ٻاهرين بناوت ۾ نه جهڙو بدلاءُ آيو ۽ اندرين موضوعاتي پيشڪش ۾ ئي وڌيڪ بدلاءُ آيو. پر اهي غزل جيان بلڪل نيون ڪانه بڻيون. اهي ڪلاسيڪي صنفون اڳين ته ڪافي حد تائين ساڳيون رهيون، پر اُنهن جي اوسر ايتري ڪانه ٿي ڏسجي. ترائيل، پنجڪڙا، بيت، رباعي جهڙا ڪجهه ڪاويه روپ ئي مجموعن جي روپ ۾ ڏسجن ٿا ۽ مجموعا به تمام ٿورا مليا آهي ۽ ٿورن ڪوين جا ئي آهن. دوهن سورٺن جي به ڪجهه وقت کان پوءِ اڻاٺ ٿيندي وئي. باقي چيزون ته درلڀ ٿينديون ويون آهن ڪجهه نيون صنفون اوس مليون پر اهي فقط سنڌي روپ وٺي آيون.

هت غزل ۽ ڪِن ٻين اهڙين صنفن جي اندر ’خيال‘ جي نَواڻ کي اوس اندر لاڻين ڪرڻو پوندو ۽ اُنهن جي ساهتيڪ اونچائيءَ جي قد بُت تي به اوس سرهائيءَ جو اظهار ڪرڻ گهرجي. خاص ڪري غزل جا ڪيترا سارا سُهڻا ۽ قداوَر مجموعا ان ڳالهه جي ساک ڀريندا نظر اچن ٿا، جن ۾ خيال جي گهرائي، گوناگونيت ۽ پڻ تخليقي قابليت به ڀرپور رهي آهي.

اَهڙيءَ طرح اظهار جي نَوَن طريقن ۾، سنڌي، نئين ڪويتا نالي آيل هڪ نئين ڌارا، جيڪا البت پوءِ ’ڪويتا جي‘ مکيه سمانتر ڌارا بڻجي هلي آهي، ان ۾ قابل ذڪر ۽ قابل داد، ڪيتريون ڳالهيون اهم آهن.

جيئن اها، هنديءَ جي سِڌي ۽ وڏي پرڀاوَ باوجود، سنڌيءَ جي پنهنجي سگهه ۽ شخصيت جو فخر لائق اسرار ثابت ٿي آهي. جنهن جو پنهنجو بلڪل نجو ۽ نئون ننڍڙو اتهاس بڻجي ويو آهي. جنهن ۾، ڪافي انداز ۾ رواجي ڪويتائن با وجود، هڪ سنو ۽ ڪجهه سنتوشڪارڪ انداز اهڙين ڪويتائن ۽ ڪوين جو آهي، جن کي ڀارتي ڪويتا ۾ جوڳو قدر به ملندو رهيو آهي.

چندن کان ،ڪافي حد تائين، ڇُتلُ رهي به، ليه ۽ النڪارن سان، ڪنهن حد تائين، ڪنهن نه ڪنهن نموني، ناتو نڀائيندي، نئين ڪويتا، پنهنجا ئي نوان پئمانا ٺاهيا ۽ نڀايا آهن يا گهٽ ۾ گهٽ اهڙو آڀاسي احساس ته اوس ڪرايو آهي.

سنڌي شاعريءَ جي نَوَن طريقن جي حوالي واري هن ايپاس ۾، نئين ڪويتا جو هيءُ باب، ان جو اڪيلو ئي سڀ کان وڏيڪ اَهم، مکيه، قابل- داد ۽ هر طرح جي نَواڻ سان پرپور باب چئي سگهجي ٿو. نئين ڪويتا جي ڌارا جو اَڇڻ ۽ اُسرڻ، چاهي عام طور ان جو قبول پوڻ ۽ سموري موزون شاعريءَ تي به ان جو تمام وڏو، البت اندروني پرڀاءُ پوڻ، ان ڳالهه جو شاهد آهي ته سنڌي رچناڪار، انتر راشٽري ادبي رُجحانن Trends سان به ، ڪنهن حد تائين، ٻين ڀارتي ٻولين کان پاڻ سرس، 'هم قدم' رهيو آهي.

### وڪاس Development

سنڌي شاعريءَ يا ڪويتا جو، سمورين صنفن ۾، هن عرصي ۾، عام طور جيڪو وڪاس ٿيو آهي، ان تي، اڻين ته، اسان کي ڪافي سنتوش ۽ ڪجهه حد تائين فخر، ڪرڻ جو هرڪو سبب ۽ حق ميسر ٿي سگهيو آهي، پر ان جون ڪجهه پنهنجي قسم جون مريادائون به اوس شامل آهن. اسان وٽ پنهنجو ادبي ورثو، جيترو ۽ جيڏو وشال آهي، ان جي ڀيٽ ۾ اسان ڪجهه جلدي، ڪجهه وڏيڪ جديد بڻجي وياسين، جيڪا اها هڪ سوڪيم مريادا نظر اَچي ٿي تيئن اِهو به ڪٿڪي ٿو ته اسان وٽ شاعرن جو انداز به گهٽ رهيو آهي ته هنن‌جي رچنائن جو انداز به گهٽ رهيو آهي. ان جو هڪ مثال ڏسڻ جهڙو آهي. ايم ڪمل اَپواد روپ شاعر جا ويهه ڪتاب برابر مليا آهن پر ڪرشن راهيءَ جا ڪتاب ته ان جو چوٿون حصو به نه آهن. جڏهن ته ٻئي شاعر قداور رهيا آهن. جيستائين ادبي حالتن ۽ وقت جو سوال آهي، ٻنهي ۾ وڏو فرق نه آهي ڪيترن شاعرن جو ته هڪ به ڪتاب ئي مليو آهي. هڪ ٻن شاعرن ۾ ايتري 'ڪاويه ڪلا' جي شڪتي نه آهي، پر هن جي ڪتابن جو انداز وڏو آهي يا ان ڪري وڏو لڳي رهيو آهي.

سڀ کان وڏيڪ سنتوش تڏهن ٿئي ٿو جڏهن ڪويتا جي ڪلا به جهجهي هجي ته انداز به ڪافي هجي. اَهڙو سُکد احساس ارجن حاسد ۽ نارائڻ شيام وٽان ٿيو آهي. ان بئلينس سبب ئي، هو، هن وقت تائين، آزاديءَ بعد جي سنڌي شاعريءَ ۾ سڀ کان وڏيڪ مقبول شاعر رهيا آهن. اهڙو سکد احساس واسديو موهي، لڇمڻ دبي ۽ ڪنهن حد تائين گوورڌن ڀارتيءَ وٽان به مليو آهي. هنن ۾، واسديو موهي نئين ڪويتا جي حوالي سان، گوورڌن ڀارتي گيت رچنا جي حوالي سان، لڇمڻ دبي نج سنڌي صنفن ساڻ هندي مجموعن جي حوالي سان به ، سنڌي شاعريءَ جي وڪاس ۾ خاص اهميت رکن ٿا.

هريش واسواڻي ۽ پرسرام ضيا به الڳ الڳ ڪُنڊن ۽ حوالن سان، اهڙي اهميت رکن ٿا

ڪنهن به سنڌي شاعرا جو ايترو وڏو يا اهم اتهاسڪ يوگدان نظر ڪونه ٿو اَچي، پر ان ۾ خاص افسوس ڪونه آهي. هنديءَ جهڙي وڏي ڀاشا ۾، مهاديوي ورما، ميرا جيان هڪ وڏيڪ اَپواد ئي رهندي آئي هئي، سُيدرا ڪماريءَ سميت ڪا بي مهاديوي نظر ڪانه آئي.

هت هڪ سوڪيم سنتوش جي ماجرا طور نوٽ ونڻ گهرجي، ته سنڌي شاعرن جي رچنائن ۾،

چڱي مقدار ۾، هڪ پنهنجي قسم جي اَصليت Originalityءَ جو سائونڊ برابر ٻڌجندو گونججندو رهي ٿو. ائين ڪونہ آهي تہ، سنڌي شاعريءَ ۾، ديش يا دنيا جي شاعريءَ جا پاڇا يا پڙاڏا بلڪل نہ آهن، پر اهي سپاويڪ حد ۾ ئي آهن ۽ اَصليت جي گونج اڪثر ٻڌڻ ۾ ايندي رهي آهي.

هيءَ هڪ وڏي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي پر ايتري سوکيم آهي جو اُن کي ماپڻ جو چاهي ثابت ڪرڻ جو وسيلو ڳولهڻ ڏکيو آهي. پوءِ بہ ڪجهہ رچنائن جا نالا ڳڻنداسين تہ انهن جي ڏانءَ ۽ ذات مان اِها اصليت جي سُڳنڌ ملي ويندي.

روپ مايا، مٽڪو، پڳت، واپسي، انڌو دونهون، دلبر پٽ منهنجو، استري تنهنجا روپ، حيف تنهين وطن وساريو ۽ پڻ ڪن خاص مجموعن ۾ جيئن چاليهہ چاهتر، ميرو سج، سوچ جون صورتون، اُنا مينهن ملير، ڪُماچ، اجا ياد آهي وغيرهہ وغيرهہ.

اهي ۽ اهڙيون ڪيتريون رچنائون ان اصليت جي ساک ڀرين ٿيون تہ اها سنڌي شاعريءَ جي نجي پنهنجي وڏي حاصلات آهي. ان مان اهو پنهنجو پاڻ ثابت ٿي سگهي ٿو تہ اسان فقط ڪتابن جا ڪيٽ نہ ڀريا آهن انهن ۾ ڪويتا جي ڪلا ۽ آتما بہ ڀري آهي. ساهت ۽ ڪلا جو وڪاس، صحي ارٿ ۾ تہ ڪن ٿورن ڪوين ۽ رچنائن سان ئي ٿيندو آهي جن ۾ اها اَصليت سمايل هوندي آهي.

## مناسبت Validity

هن قسم جو هيءُ يا ڪو بہ اَڀياس، اتهاس يا سروي نہ آهي فقط هڪ طرح جي نظرثاني آهي. سموريت ۾ شاعريءَ جي دِشا ۽ دَشا جو درشن ڪرڻ ڪرائڻ جي سنجيدي ڪوشش آهي. ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين، پنهنجين مريادائن سميت، ان جي ڪجهہ اهميت اوس ٿي سگهي ٿي تہ شاعريءَ ۾ آيل نوان موڙ ڪيئن آيا، انهن جا ڪهڙا ۽ ڪيترا شفي يا نفي اَثر نمايان ٿيا. اُنهن جي پَس منظر سميت اُنهن نَوَن رُجحانن Trends ۾ ڪيتري صداقت رهي.... ايتري مناسبت تہ اوس چئي سگهبي ۽ ان ۾ هڪ طرح جي جائزگي ۽ سارٿڪتا Validity بہ سمايل آهي.

هن اَڀياس جي مُراد بہ، سچ تہ، ايتري مڃڻ گهرجي تہ ان ۾، شاعريءَ جي ملهہ وارين رچنائن کي تاري اُنهن جي شناس کي هاءِ لائيٽ ڪري سگهجي. اُملهہ رچنائن ۽ رچناڪارن جي قدرشناسي بہ ٿئي تہ پيڙهہ جي پٿرن جو بہ جوڳو ذڪر ٿئي. البت، اهو بہ هت چٽو ڪرڻ ضروري آهي تہ اَڀياس لاءِ ڪارائتن سنڌي ڪتابن ۾، ويجهڙائيءَ ۾ ساهتيہ اڪادميءَ جي مرتب ڪرايل اهڙن ڪارائتن ڪتابن کان سواءِ، ٻيا ڪتاب يا تہ ڪافي نہ آهن، يا سولا مُهيا نہ آهن. ڪن ۾ تہ صداقت ۽ سنجيدگيءَ جي بہ ڪمي آهي. ان جو هڪ جوکم اهو ڪڙو ٿئي ٿو تہ ڪجهہ خاص نظر انداز ٿي وڃڻ جو انديشو رهي ٿو. وري بہ اڀياس ڪندڙ جي هٿ پير هلائڻ تي وڏو آڌار رهي ٿو. اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، آديپور جي لئبرري ۽ دستاويزي وياپ جي هيڊ، شري صاحب ٻجاڻيءَ جي هر طرح جي مدد هر ڪنهن کي ملڻ سان، هن يا اهڙن ڪيترن ڪمن ۾ وڏي عملي

ساجهيداريءَ جو، وڏي خوشي ۽ وڏي مهربانيءَ جي احساس سان، نوٽ وٺڻ بہ ضروري آهي.

هن ايپاس جي ان مناسبت جي ۽ ان جي مريادا جي هن گڏيل قبوليت ۾ اهو بہ جوڙڻ گهرجي تہ شاعري ۽ ڪويتا جي ڪا بہ ڪٿ، ڪٿ ڪندڙ جي پنهنجي ئي رهڻي آهي. ان ۾ ڪافي وڏا تضاد ۽ فرق بہ هميشھ ممڪن رهيا آهن. دنيا ۾ اهي واقعا بہ عام آهن تہ ڪيتريون رچنائون اول هڪ ڪان وڏيڪ جڳهين تان اَسويڪار Reject ٿيڻ باوجود، وڏن انعامن ۽ قدرن واريون ثابت ٿيون آهن. ان ڪري، هت بہ، ڪنهن بہ رچنا لاءِ ڪو بہ شفي يا نفي رايو، پنهنجين محدودگين ۽ مريادائن ڪان آجو نہ آهي. آئت صرف اهو آهو تہ لکڻ واري، لکڻ وقت، پهنهنجي پوري وويڪ سان، بنا ڪنهن هارڊ يا سافٽ ڪارنر جي، اِهو پوري پويتر ياونا سان درج ڪيل هئڻ کي، پنهنجي فرض جي ادائگي سمجهي آهي، جيڪو عام طور سهج سويڪار ڪرڻ جهڙو نظريو رهيو آهي.

ان ڪان وڏيڪ اهميت ڏيڻ يا مڃڻ، لکڻ واري جي وس ۾ نہ آهي. اهو پڙهڻ وارن جي وس ۾ ئي آهي.

## ضميمو - 1

# 6.12 سنڌي شاعريءَ جي صنفن تي سرسري نَظَر: هڪ فهرست.

شعر جي صِنِف يا ڪويتا جو ٻاهريون رَچنا روپ F ORM گهڙو ڪري ڇند ۾، يا وري بنا ڪنهن ڇند جي هڪ طرح شعر لکڻ جي روايت يا پرمپرا آهي. آزاديءَ کان پوءِ پارت جي سنڌي ساهتيہ ۾، ڪيتريون پُراڻيون صنفون ڪجهہ وقت تائين هلنديون رهيون پر پوءِ اُنهن جو واهپو ڪافي حد تائين گهٽجندو ويو. پوءِ بہ انهن ۾ ڪي صنفون چڱو وقت هليون ۽ ڪي اڃا بہ جاري آهن. ڪي نيون صنفون بہ عمل ۾ آيون. ڪي وديشي صنفون بہ آيون. ڪن جو روپ بدلائي اُنهن کي سنڌي نالو ۽ ڪڏهن نئون روپ بہ ڏنو ويو. اِظهار جي نَوَن طريقن ۾ اُنهن جي خاص ساهتيڪ اهميت آهي. ڪن صنفن ۾ وري ٻاهرين بناوت ۾ خاص فرق نہ ٿيو پر ان جي اندرين پيشڪش، خيال جي يا موضوع جي پيشڪش ۾ سوکيم بدلاءُ ايندو ويو. جيئن هاڻوڪو غزل هڪ طرح پُراڻي عشقي مزاج بجاءِ سماجڪ طنز يا سياسي طنز جي مزاج وارو 'نئون غزل' چيو ٿو وڃي. البت ان کي الڳ پهچان ڏيڻ جي خاص ضرورت ان ڪري ڪانہ ٿي پئي جو هاڻ اڳيون غزل ئي جڻ بدلجي چڪو آهي.

شاعريءَ ۾ غزل جي ان نئين روح سبب اهو ئي جديد زماني ۾ وڌيڪ دلچسپيءَ سان لکيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو ۽ روايتي غزل جي جاءِ تي اَچي ويو آهي. ان جي ٻولي بہ جديد لهجي واري نوع ۾ بدلجي چڪي آهي.1950 کان پوءِ، سڀ کان وڌيڪ ان جو ئي واهپو رهيو آهي. سنڌي شعر ۾ اظهار جي هڪ ٻي نئين ڪويتا شئلي بہ عام طور وڏي ڌماڪي سان قبول پيئي آهي. اها اڳ تہ 'نئين ڪويتا' طور سڃاتي وئي پر پوءِ هاڻ ان کي ڪويتا ئي چيو وڃي ٿو. غزل کان سواءِ هن سمي ۾ اهو ئي وڌ ۾ وڌ مقبول اظهار جو نئون طريقو تسليم ٿيو ۽ عمل ۾ آيو آهي. هت غزل ۽ ان نئين ڪويتا ساڻ هيلتائين گذريل50 سالن ۾، اٽڪل سوَ کان ڪجهہ وڌيڪ شاعرن ۽ ڪوين جي اپنايل صنفن جو ذڪر ڪجي ٿو. ساڻ ڏنل حوالن ۾ هڪ طرح اها ڄاڻ رکڻ جي بہ ڪوشش ڪيل آهي تہ اها صنف ڪٿي ڏسي سگهجي ٿي يا ان جو ذڪر يا ان جي سمجهاڻي ڪٿي ڏسي سگهجي ٿي. ڪٿي مثال آهي، ڪٿي فقط ذڪر يا وري سمجهاڻي. جتي ڏنگين ۾ صفحو نمبر ڏنل آهي اهو 'سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ ڪوش' (انڊين انسيٽيوٽ آف سنڌالاجي آديپور ڪڇ جو تيار ڪيل) جو آهي. البت اِهو وڏو ڪوش پرنٽ ڪرايل اتي موجود آهي پر اِهو پبلش ڪونہ ٿيو آهي. ان ڪري ان کان سواءِ جي سورسز جي بہ ڪوشش ڪيل آهي. موزون شاعريءَ جون گهڻيون ئي صنفون ڪرشن راهيءَ جي مجموعي 'ڪماچ' ۾ موجود آهن. گوورڌن ڀارتي ۽ ڊولڻ راهيءَ جي مجموعن ۾ بہ ڪافي صنفون شامل رهيون آهن. ڪجهہ سال اڳ مرڪزي ساهت اڪادمي ءَ سنڌي شعر جي صنفن تي هڪ اڀياس ڪرايو هو جيڪو UNESCO سان لاڳاپيل پراجيڪٽ

Encyclopedea of Indian Poetics جي سلسلي ۾ رڌيل هو. شري گوپال نڪر هڪ هنڌ ان بابت نوٽ لکيو آهي تہ سنڌي شعر جون32صنفون ان اپياس ۾ قبول ڪيون ويون هيون.

هت ذڪريل صنفن مان ڪيترين جي وستار سان سمجهاڻي مذڪور ڪوش ۾ ڏنل آهي جيڪا ڪارائتي آهي ان ڪري ڪوش جو صفحو نمبر ڏنل آهي. باقي حوالو بہ مدد ڪري سگهي ٿو.

’سنڌي شعر جي تواريخ‘ (ديال آشا) بہ هن ڏس ۾ اهم مددي ڪتاب آهي، جنهن ۾ ساڍا ست سوَ سنڌي شاعرن جا نالا موجود آهن ۽ اٽڪل پنج سوٌ شاعرن جي شعرن جا مثال بہ شامل آهن. البت اِتي صِنِفون فوڪس ۾ نہ آهن.

هت ڏنل فهرست ۾ ڪي صنفون وڏيڪ نالن سان ساڳيون آهن يا ڪن ۾ ڪنهن طرح جي تصديق جي گنجائش آهي. ڪيتريون رهجي بہ ويون هجن.

هن فهرست ۾ 50 سالن جي وقت جو دائرو رکيل نہ آهي. چندن جا سڀ پرڪار صنفون نہ آهن. ڪي صنفون هڪ کان وڌيڪ چندن ۾ بہ لکيون آهن. ’ڊائريءَ جا ورق‘ ايم ڪمل جي گهڻن مجموعن ۾ صنف طور آيل آهن. ڪنڊ ڪاويہ صنف بجاءِ ڪاويہ پرڪار آهي.

انهن محدودگين باوجود، هيءَ فهرست ڪنهن طرح جي تسڪين ڏيئي سگهي ٿي.

| نمبر | شاعريءَ جي صِنف يا فارم | سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ ڪوش ۾ سمجهاڻي يا ذڪر (ص) | ٻيو مددي حوالو |
|---|---|---|---|
| 1 | اَڪويتا | 7 | بيمار پيڙهي (آنند ڪيماڻي) |
| 2 | آزاد نظم | 16 | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 3 | آرتي | - | جي پائين جوڳي ٿيان (دليپ صوفي) |
| 4 | اُلٽ ڪويتا | 7 | بيمار پيڙهي (آنند ڪيماڻي) |
| 5 | اوراڻا | - | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 6 | قطعه | 34 | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 7 | قصيدو | 35 | |
| 8 | ڪَوِت ڇند | 166 | باد - صبا (پيرمحمد لکوي) |
| 9 | ڪافي | 38 | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 10 | ڪلام | - | چونڊ سنڌي ڪلام ۽ ڏوهيڙا (پارو چاولا) |
| 11 | قوالي | - | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 12 | شعر - بيت ۾ پرولي | 160 | |
| 13 | ڪنڊ ڪاويہ | - | روپ مايا (نارائڻ شيام) |
| 14 | گيت | 77 | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 15 | ڳاها (گاٿا گنان) | 83 | |
| 16 | غزل/ مسلسل غزل | 84 | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 17 | چوڏسي (سانيٽ) | 92 | روپ مايا (نارائڻ شيام) |
| 18 | چونڪ | - | سُڏڪن جي سوغات (مرلي گوونداڻي) |
| 19 | چوپائي | 93 | |
| 20 | چوُسٽا | | سوچ ۽ لوچ (آسن واسواڻي 'مجبور') |
| 21 | ڇَو اکرا | | حيف تنهين وطن وساريو (گوپال ٺڪر) |
| 22 | ڇيڄ | | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 23 | جُهمِر | | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 24 | ٽيڙو (هائڪو) | 107 | |
| 25 | ٽَپ-ٽَپا | - | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 26 | ڏهاسو | 109 | |
| 27 | ڊائريءَ جا ورق | - | لڪل اوجاڳا (ايم.ڪمل جي شعرن جو مجموعو) |
| 28 | ڏوهيڙو | - | چونڊ سنڌي ڪلام ۽ ڏوهيڙا (پارو چاولا) |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 29 | ڏيڏڪ | - | رچنا-١۴۴ (واسديو نرمل) |
| 30 | تنها | 116 | ٻجليون ٽيون برسن (اندر پوڃواڻي) |
| 31 | ترائيل | 117 | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 32 | ترانا | 284 | سڪ سوز ۽ ساز (ڪيئلداس فاني) |
| 33 | تصويرون | - | ماڪ ڀِنا رابيل (نارايڻ شيام) |
| 34 | ٽوڪ | - | اَدبيِ چمن ٢٠١٣ (مرلي گووندااڻي) |
| 35 | دوهو | 130 | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 36 | نَظم | 132 | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 37 | نظماڻو نثر | | رچنا-٨۵ (منگهارام ملڪاڻي) |
| 38 | نغما | | ڏات جون ڏياٽيون (ڍولڻ راهي) |
| 39 | نئين ڪويتا | | تضاد (واسديو موهي) |
| 40 | پنجڪڙو | 146 | سُرخ گلاب سَرها خواب (پريو وفا) |
| 41 | پنجڙا | | پنجڙا اَمرلعل جا (درياهہ تي پَلئہُ پائڻ وقت ڳائڻ جي روايتي پرارٿنا- پڃن) |
| 42 | پارَ (مرثيو) | 191 | ماتم جو گيت- شوڪ گيت (’دلبر پُٽ منهنجو‘ هڪ طرح جو، شوڪ گيت جي لنبي ڪويتا آهي) چترو ناگپال |
| 43 | پئرو ٻي | | ڏات تہ آهي ڏنگ (مينگهراج گرناڻي) |
| 44 | بيت | 170 | راز ۽ نياز (ڪلياڻ آڏواڻي) |
| 45 | پڃن | 178 | پهلاج واڻي (ڪوي پهلاج) |
| 46 | مڪت ڪويتائون | - | ڏاها ڏُک ڏسن (ايم. سُگن) |
| 47 | مَها ڪاويہ | 192 | |
| 48 | مداح | 187 | |
| 49 | مناجات | 187 | |
| 50 | مناقبو | 189 | |
| 51 | مسدس | | ڇهن مصرعن وارو شعر |
| 52 | معجزو | 200 | |
| 53 | منازرو | 202 | |
| 54 | مرثيو (پار) | 191 | |
| 55 | مثنوي | 192 | |
| 56 | مولود | 212 | |
| 57 | روپڪ ڪاويہ | 220 | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 58 | رباعي | 221 | خوشبوءَ جو سفر (سدارنگاڻي ’خادم‘) |
| 59 | لمرڪ | 226 | |
| 60 | لاڏو | 226 | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 61 | لولي | | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 62 | وائي | 235 | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 63 | سانيٽ (چوڏسي) | | روپ مايا (نارايڻ شيام) |
| 64 | سلوڪ | | جي پائين جوڳي ٿيان (دلپت صوفي) |
| 65 | سلام | 258 | جي پائين جوڳي ٿيان (دلپت صوفي) |
| 66 | سحرفي | 284 | سچل جو ڪلام (نماڻو فقير) |
| 67 | سورٺو | 290 | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 68 | سَهرو | | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 69 | هائڪو | | ڪُماچ (ڪرشن راهي) |
| 70 | هائڪو غزل | 226 | ورهاڱي کان پوءِ سنڌي غزل جو هئنبر بوڪ (واسديو موهي) |

## 6.13 موضوعن ۽ اِظهارن جي نَوَن طريقن جي حوالي سان گذريل اَڌ صديءَ جون ڪجهه بهتر ڪويتائون- هڪ فهرست

| نمبر | شروعاتي سٽون ۽ سرو | ڪوي | ڪتاب يا مخزن | ص |
|---|---|---|---|---|
| 1 | جي اَکڙيون ڪين اٿڪن ها ته غزل | پرسرام ضيا | رچنا- 100 | 15 |
| 2 | جنهن سِرَ کي تعصب جڪڙي غزل | پريو وفا | غزل اينٿالاجي | 20 |
| 3 | ماڪ ڦُڙو ٽي چَمڪيو چُپ چُپ غزل | هري دلگير | غزل اينٿالاجي | 21 |
| 4 | تنهنجيون پلڪون جهڪيون... غزل | اندر پوجواڻي | غزل اينٿالاجي | 28 |
| 5 | آهيان ته بوُند پوءِ به لهرون ڏسي غزل | نارايڻ شيام | بوند لهرون سمنڊ | 66 |
| 6 | سَچي اِنسان ذات (بيمار سپيتا) ڪويتا | ارجن شاد | ڌرتيءَ جو درد | 67 |
| 7 | نَظَر توسان ٻيهر ملائڻ تي دل ٿي غزل | ايم. ڪمل | غزل اينٿالاجي | 48 |
| 8 | ري گهريو آندو ويس سنسار ۾ ڪويتا | ايشور آنچل | خاڪ لپ | 42 |
| 9 | جڏهين بهار ٿيندو فرار.... گيت | گوورڌن ڀارتي | گوورڌن ڀارتي: چونڊ رچنائون | 11 |
| 10 | سِنڌ منهنجي اَما... غزل | ارجن حاسد | غزل اينٿالاجي | 68 |
| 11 | آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا گيت | موتي پرڪاش | چٽنگ وچ چولي | 114 |
| 12 | وقت کي گذري وقت ٿيو آهي...(آواز) ڪويتا | ڪرشن راهي | نئين ڪويتا اينٿالاجي | 48 |
| 13 | ويهين صديءَ جي آخرين (راڄ ليلا) ڪويتا | هريڪانت | لپ پر روشني | - |
| 14 | پارٽيءَ تي مليل عورتن جي... ڪويتا<br>(سندور ۽ تلڪ) | مايا راهي | احساس | 76 |
| 15 | شهر يا ته ڪي سڙڪون آهن... ڪويتا<br>(پرش وٺشيا) | هريش واسواڻي | چاليهه چاهتر | 27 |
| 16 | پيار جو دلڪش سهارو هو ڪڏهن.. غزل | لڇمڻ دبي | اٿ ٿي پهر اُباڻڪو | 1 |
| 17 | ڪئلينڊر جو ڦاڙي هي پويون مهنو ڪويتا<br>(بي وقت وقت) | واسديو موهي | تضاد | 23 |
| 18 | درد دنيا جا دوستن وانگر غزل | ڪيمن يوُ مولاڻي | لنو سنديون لاتيون | 5 |
| 19 | ڪنهن هڪ شام ضرور وهنداسين ڪويتا | پريم پرڪاش | ڀڳت | 91 |
| 20 | گهنڊ وڄي رهيو آهي (ڀريون ڏينهن) ڪويتا | گوپ ڪمل | رچنا-100 | 42 |
| 21 | ڇو ڇرڪان ٿو آئيني ڪان.... غزل | ڏولڻ راهي | رچنا- 100 | 30 |
| 22 | منهنجي زندگي اها چئي آهي... ڪويتا | شريڪانت صدف | ذهن جا قبيلا | 61 |
| 23 | هڪ تارو ٽٽو.... (سڏڪو) ڪويتا | رشمي راماڻي | مان هڪ سنڌڻ | 51 |
| 24 | يقين ٿي ويو تنهن ڏينهن(اگني سنسڪار) ڪويتا | موهن همٿاڻي | گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاش | 37 |
| 25 | قرب جو ڪڙو ڪڙڪائي ڏسجانءِ... غزل | ونيد آسوداڻي | باهه جون ڀاڙون | 8 |
| 26 | رات راڻي آهي ڇوڪري (سوال جي ڳولها ۾)ڪويتا | ومِي سدارنگاڻي | سونهري رنگ جي ڪارڻ | 11 |

# آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا جو اَڀياس
# موضوعن ۽ اظهار جي نَوَن طريقن جي حوالي ۾
# (1950-2000)

پروفيسر نامديو تاراچنداڻي

# STUDY OF POST PARTITION SINDHI POETRY WITH REFERENCE OF SUBJECT MATTERS AND NEW TOOLS OF EXPRESSION (1950-2000)

BY PROF. NAMDEV TARACHANDANI

## باب سَتون

## 1950 کان پوءِ سنڌي شاعري، سنگيت ۽ روحانيت جي روايت تي نظر

7.1 ويدانت جي حوالي ۾
7.2 صوفي نظريي جي حوالي ۾

## باب اَٺون

## سنڌي شاعري: اظهار جا نوان ماڌيم

8.1 سنڌي ڪويتا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا
8.2 سنڌي ڪويتا ۽ سوشل ميڊيا
8.3 ڪوي سميلن ۽ مشاعرا: روايت ۽ نواڻ
8.4 ريڊيو ۽ ٽي.وي.

## باب نائون

## سنڌي ڪويتا سنہ 2000ع کان آڳاٽي

9.1 موضوع: هڪ سرسري نظر
9.2 اظهار جا نوان طريقا: هڪ سرسري نظر
9.3 ڪي اهم رچنائون ۽ رچناڪار

## باب ڏهون

## اختصار ۽ نچوڙ

# باب - سَتون:

## 1950 کان پوءِ سنڌي شاعري، سنگيت ۽ روحانيت جي روايت تي نظر:

7.1 ويدانت جي حوالي ۾

7.2 صوفي نظريي جي حوالي ۾

# پس - منظر

اَسُر ڏئي اُتَن، لاکيڻا سي لوڪ،
سُرن سان پوءِ ساڏِن، ساميءَ جا سلوڪ
اَصل کان اَشوڪ، ماڻهو منهنجي ملڪ جا! (ڪرشن راهي)

سنڌي شاعريءَ جو آڳاٽو پَسُ منظر، ائين ته، صوفي مت جي شاعريءَ سان لاڳاپيل آهي جيڪو سنڌيءَ جي اڄ تائين مڃيل پهرئين شاعر قاضي قادن (1463-1551) سان ئي تسليم ٿي تو وڃي. اُهو زمانو يَڪَ سُرو صوفي مت تي هلندو آيو آهي. ان کان سواءِ، جيڪو ٻيو اَهم نظريو آڳاٽي زماني کان ڪجهه پوءِ جو، يعني اسان جي 'اڄ' کي ڪجهه وڌيڪ ويجهو، چٽو نظر آيو آهي، اهو آهي ويدانت جو نظريو. جنهنجو مکيه شاعر آهي سامي (1743-1850). هن نظريي واري شاعريءَ جي هڪ خاصيت به آهي ۽ هڪ مريادا به.

خاصيت اِها آهي ته اهو ڀارت جي هندي ٻيلٽ جي مڌيه ڪال جي ڀڳتي ڪاويه واري ڀڳتي ڪال جي ڪوين، خاص ڪري ڪبير (1399-1518) سان جوڙي ٿو ۽ هڪ طرح روحانيت واري ڪويتا جا وسيع سلسلا، جتي سنڌي شاعري الڳ پئجي وئي ٿي ڏسجي، اِها هت 'ڪافي حد تائين' ڀارتي ساهتيه جي نظرياتي سلسلن سان هم قدم ٿي سگهي آهي.

پر ان جي هڪ مريادا به رهي آهي.

اسان وٽ، سنڌي شاعريءَ ۾، جتي صوفي شاعري، روحانيت جي شاعري ۽ سا به ويدانت واري نظريي کان ڪافي اڳ جي شاعري هوندي به، فني صلاحيتن جي چوٽيءَ تي نظر اَچي ٿي، اُتي اُن کان ڪافي پوءِ جِي شاعري يعني جيڪا فني لحاظ کان وڌيڪ اُسريل هئڻ جُڳائي، سا اُسريل هئڻ بجاءِ، 'ڪنهن حد تائين' سطحي يا اجا به چوڻ گهرجي ته فني لحاظ کان صوفي ڪويتا جي سامهون 'اڻ گهڙ' نظر اَچي ٿي. ان ۾ هندي پنجابي مرائي سنت ڪوين جي شاعريءَ جا پاڇا به ڪڏهن ڪڏهن جهلڪي وڃن ٿا. ائين ته اهو تاثير ان جي مکيه ڪوي ساميءَ جي حوالي ۾ ئي وڌيڪ صحيح نظر ايندڙ چئي سگهبو. پر اَسان وٽ ويدانتي وات جي شاعريءَ ۾ ڪي ٻيا اَهم 'مثالي' ڪوي به ته موجود ڪونه آهن.

باوجود، ان جي، مٿي ذڪريل پهرين خاصيت جي اَهميت ته پاڻ ان ڪري وڌي وڃي ٿي.

هت اِهو به هڪ اهم نوٽ وٺڻ گهرجي ته، سنڌي شاعريءَ جي صوفي مت چاهي ويدانتي مت جي

سموري شاعري، خود ۾ هڪ گڏيل سلسلو مڃي هلڻو آهي. اِهو آهي روحاني شاعريءَ جو، جنهن کي هڪ طرح ڀڳتي ڪاويہ جي ڪجهہ ويجهو ڳڻڻ نامناسب ڪونہ ٿيندو. ڇو جو، ٻنهي ۾ مُراد مُرشد جي علامتي ميلاپ سان جُڙيل آهي. مارگ اَلڳ آهن پر مراد هڪ ئي آهي.

1950 کان پوءِ جي شاعريءَ جي هن اَيياس ۾ هيءُ آڳاٽي وقت جي شاعريءَ جي اُپٽار جو مقصد اهو آهي تہ ڇا، اَسان جا شاعر پنهنجي روايتن کي سارن ٿا يا بلڪل وساري ويٺا آهن. جنهن لاءِ اُن پَسَ منظر جي بہ پنهنجي اَهميت يا مناسبت آهي.

اُن سوال جي جواب جا بہ ٻہ پهلو آهن. هڪ آهي ياوُ پکش. ڇا صوفي مت ۽ ويدانت مت جي گڏيل روحاني شاعري Spiritual Poetry اَڄا بہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح جي روحاني رنگ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن مقدار يا پرياوَ ۾، جهلڪي ٿي؟ ٻيو پهلو آهي تہ ڇا ان روحاني شاعريءَ جي روحاني رنگ کان سواءِ، روپ آڪار جو بہ ڪو سلسلو اڄ جي شاعريءَ ۾ نظر اَچي ٿو جنهن کي سوَلي نموني ڪلا پکش چئجي ٿو؟

هنن ٻنهي سوالن جي جوابن جي تلاش کان سواءِ اِهو بہ ڏسڻو آهي تہ روحاني روپ ۽ رنگ جو اَثر، جديد شاعرن جي جديد شاعريءَ ۾ ڪيتري قدر سياويڪ بڻيو آهي.

هن طرح گذريل پنجاهہ سالن جي شاعريءَ ۾، اسان جي بنيادي شاعريءَ جي رنگ روپ جا تاثير، اهو ٻڌائي سگهندا تہ اسان جون روايتون ڪيتريون مضبوط رهيون آهن ۽ تہ اَسان پنهنجي آڳاٽي ورثي کي ڪيترو سنڀالي سگهيا آهيون. ٻين لفظن ۾ سنڌي شاعريءَ جي پيڙهہ ڪيتري پختي آهي.

هيستائين، هن اييياس جي دائري ۾، موضوع ۽ اظهار جي نَوَن طريقن کي فوڪس ۾ رکيل هو. هينئر گذريل پنجاهہ سالن جي سموري ڪويتا جي عام يا خاص اَثرن کي جاچيندي، ان عرصي جي شاعريءَ جي تخليق ۾ روحاني روايتن ۽ تنهن ساڻ سنگيت ۽ ڳائڻ سان نسبتي ڪلائن جو جوڙ بہ فوڪس ۾ رهڻو آهي ۽ وري اڳتي انهن سيني جي گڏيل مرڪبي رچنائن جي تخليق لاءِ نئين زماني جي اظهار جا نوان مهيا ٿيل ماڌيم ڪيتري قدر قبوليل آهن يا اُنهن ۾ ڪيتري پهچ حاصل ڪيل آهي، ڪيتري ڪاميابي پڙ پيئي آهي اِهو بہ ڏسڻو آهي.

اِهو بہ سياويڪ آهي تہ اِنهن مڙني ماڌيمن جي هن گڏيل اَيياس جي سلسلي ۾، هاڻ، ٻين ٻولين ۽ پرديشن جي ڀيٽ ۾ رکي، سنڌي شاعريءَ جي اَهڙن ماڌيمن کي ڏسڻو ضروري ٿيندو. ڇو جو ، آزاديءَ کان پوءِ، اَسان ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سُجاڳ رهندا آيا آهيون ۽ هاڻ اسان کي پنهنجن حيلن حوالن ۽ سهوليت سان ڪابہ رعايتي نظر شامل ڪرڻ جي وڏي گنجائش تہ نہ آهي. البت سنڌي جاتيءَ جي پنهنجين قائمي مرياداڻن کي نظر انداز تہ ڪونہ ڪري سگهبو. مثال اسان جي جن سنکيا، تعليمي

ڏُکر جون حالتون يا سرڪاري سطح تي پرديش نہ هئڻ سان مليل محدودگيون وغيره.

جناب هيري ٺَڪُر جي سهيڙ سبب ’قاضي قادن جو ڪلام‘ جي ڪويتا ڪان سنڌي شاعريءَ جي شروعات ۽ وري ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ شاهہ لطيف جي ڪلاسيڪل ڪويتا جي چرم سيما بلندين تي پهتل بهترين شاعريءَ سبب وچواريون ڪڙيون ڪٽل هئڻ ڪري، هن ايپاس ۾ بہ، اهي سلسلا قبولي هلڻو پوندو- جيڪي هيلتائين ملي سگهيا آهن.

ان طرح آڳاٽي زماني جي شاعري بندشن ساڻ سنگيت جي بندشن جو بہ سڌو اَڻ سڌو واسطو رهڻو آهي. ۽ انهن بنيادن جا سلسلا بہ اوس جاچڻا آهن.

# 1950 کان پوءِ سنڌي شاعري،سنگيت ۽ روحانيت جي روايت تي نظر:

## 7.1 ويدانت جي حوالي ۾:

اڪثر ڀارتي ساهتيہ جي اتهاس ۾، خاص ڪري هندي ۽ ان جي ويجهين ٻولين جي ساهتيہ ۾، ڌارمڪ عقيدي واري ڪويتا جي وڏي لنبي ۽ بلندين تي پهتل روايت ملي ٿي. سنڌي شاعريءَ جو اَڀياس ڪندڙ ودوانن ۾ اڪثر اِها نطرثاني درج ٿيل ملي ٿي تہ سنڌي شاعريءَ جي وڪاس ۾ ڪيتريون ڪڙيون ڪُٽل آهن .ان جي وڏي ثابتي اسان کي 'قاضي قادن جو ڪلام' ۾ مِلي- جنهن لاءِ جناب هيري ٺڪر جي ڪوشش ڪمال ڪيو آهي. اهڙي ٻي بہ هڪ ثابتي ملي ٿي. اها آهي سوامي پراڻ ناٿ جي سنڌي واڻي، جنهن لاءِ وري جناب جهمون ڇڱاڻيءَ جي ڪوشش کي داد ڏيڻ جُڳائي.

عام طور ڌارمڪ يا روحاني شاعريءَ جي روايت ۾، سنڌيءَ جي حوالي ۾، صوفي مت جي سڀ کان اول ۽ سڀ کان وڏي اهميت رهي آهي. جنهن جي اُپٽار ان ساڻ وابسطہ صفحن ۾ ڪرڻ بهتر ٿيندو.

سنڌيءَ ۾ صوفي مت جو ساهتيڪ نالو آهي تَصوُف. ان جي تمام وڏي روايت باوجود، سنڌي ساهتيہ ۽ سنڌي جاتيءَ ۾ سداچار ورتيءَ جي قدرشناسيءَ لاءِ اَڪثر ويدانت جو بہ وڏو پرڀاءُ مڃيو ويو آهي. ان جو سڀ کان وڏو ۽ اَهم ڪوي 'سامي' مڃيو وڃي ٿو جنهن چيو آهي:

ويدن جي واڻي سنڌيءَ ۾ سڻايان.

البت ان روايت ۾ شاه، سچل ساميءَ جي ٽمورتيءَ جي هڪ ڪوي'سامي' (سوامي)ءَ کان سواءِ ايتري وڏي حيثيت جا ٻيا گهڻا ڪوي نظر نہ آيا آهن.

جتي شاهہ ۽ سچل آڳاٽي زماني جا ڪوي رهيا آهن .اتي سامي اسانجي وقت سان وڌيڪ ويجهو چئي سگهجي ٿو. هن کي ورهاڱي کان اڳ فقط هڪ صديءَ جو ئي سمو ٿيو آهي. وري عام سنڌي جيون سان هن جو ناتو ڪافي ويجهو ۽ پنهنجو رهيو آهي.هندستان جي هاڻوڪي ماحول موجب هو صوفي متي جي شاعرن جي روايتن جيان 'دوُر جو ڪوي' ڪونہ ٿو لڳي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ساميءَ جي شاعري يا چئجي ڪٿي تہ ويدانت جي پرڀاوَ واري شاعري ڪويتا ڪلا جي لحاظ کان صوفي پرڀاوَ وارن هيترن سارن وڏن وڏن بلندين جي پهتل شاعرن جي ڀيٽ ۾ ڪلاتمڪ اونچاين جي لحاظ کان گهڻو گهٽ آهي. ايترو ئي نہ پر خود گيان مارگي يا ٻين ٻولين جي سنت ڪوين جي ڪويتا جي لحاظ کان بہ اها گهٽ ڪلاتمڪ چئي سگهجي ٿي. پر ان جي پنهنجي اتهاسڪ اهميت تمام گهڻي آهي ڇو جو ويدانت جي پرڀاوَ واري شاعريءَ سنڌي شاعريءَ جي روايتن کي ڀارتي شاعريءَ جي مکيہ ڪاويہ ڌارا

ڀڳتي ڪاويہ ڌارا جي گيان مارگي ڪاويہ ڌارا سان جوڙڻ جو ڪم ڪيو آهي. صومي مت جي پرڀاوَ واري شاعري بہ اوس ئي روحاني شاعري آهي، پوءِ بہ ان جون تارون جُدا ڊِشائن سان جُڙيل آهن.

ائين تہ اسان جو مکيہ واسطو ورهاڱي کان پوءِ جي شاعريءَ جي تخليق ۾ ويدانت جو پرڀاوَ جاچڻ سان آهي. پر ان لاءِ ويدانت جي پرڀاوَ وارن ڪوين جي ڪويتا جي اهميت جاچڻ بہ ضروري آهن.

هنن شاعرن ۾ ائين تہ هڪ ئي سڀ کان اهم ڪوي آهي سامي چيئنراءِ بچومل ڏتاراماڻي ’سامي‘ (1743-1850). هو چئن ويدن، ڇهن ڀارتي درشنن، ارڙهن پُراڻن ساڻ گيتا جو بہ ورڻن ڪري ٿو. شڪارپور کان سواءِ هن امرتسر ۾ رهي بہ سلوڪ لکيا. هن تي سک پنٿ جو بہ پرڀاءُ آهي. هن ويدانت کي هئين سان هنڊائڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي. هن شاهہ کي بہ برابر ياد ڪيو آهي. هن گرمکي لپيءَ ۾ پنهنجا سلوڪ پنهنجي گروءَ جي نالي ’سامي‘ءَ کي ارپڻ ڪري لکيا آهن ۽ اُهي هو مٽڪي ۾ وجهندو ويو.

هن جي رچنائن کي آتما جا گيت Songs of the spirit بہ چيو ويو آهي. هو ورهاڱي کان اَڳ جو پويون مهان شاعر آهي ۽ هن کي ڀڳتي ڪاويہ ۽ تَصوف جو سنگم بہ چيو ويو آهي. ان طرح سنڌي شاعريءَ جي ويدانت ۽ تَصوف جي پرڀاوَ واري روحاني شاعري اڪثر گڏيل تاثر ڏيندي رهي آهي. تصوف وارن شاعرن ۾ تَصوف جو پرڀاءُ جهڙو ڏکيو نہ آهن. ساميءَ کان اڳ ويدانت جو پرڀاءُ شاعريءَ ۾ عام ٿي چڪو هو. ساميءَ کان اڳ ويدانت جي پرڀاوَ واري ڪويءَ طور سوامي دادو ديال (1554-1603) جو ذڪر بہ هت ضروري آهي، جنهن البت گهٽين ٻولين ۾ گيان مارگ جي ڪويتا لکي آهي. جن ۾ سنڌي بہ هڪ آهي. ساڳيءَ طرح سوامي پراڻنات(1618-1694) بہ سنڌيءَ ۾ بہ گيان مارگي ڪويتا جي رچنا ڪئي آهي ۽ ٻڻ ٻين ٻولين ۾ بہ لکيو آهي. هن جون سنڌيءَ ۾ لکيل500 کان وڌيڪ چوپايون، سنڌي شاعريءَ جي گيان مارگي شاعريءَ ۾ وڏي کُٽل ڪڙيءَ طور اتهاسڪ اهميت رکن ٿيون.

ائين ئي روحل فقير (1734-1804) بہ هڪ وڏو ويدانت جي پرڀاوَ وارو شاعر چيو وڃي ٿو. هن کي سنڌ جو ڪبير بہ چوندا هئا. هن بہ ٻين ٻولين ساڻ سنڌيءَ ۾ لکيو آهي. مسلمان ڪوي هوندي بہ هن ڪرشن پد بہ لکيا آهن. هن کي بہ ڪڏهن صوفي ڪويءَ طور سڃاتو ويندو آهي جيئن ڪوي دلپت راءِ دلپت (1769-1849) کي بہ سڃاتو ويندو آهي. جيتوڻيڪ صوفي ڪوي هوندي بہ هن جي شعر ۾ ويدانت جو پرڀاوَ بہ چٽو ملي ٿي. هو ساميءَ جي سلوڪن کان بہ پرڀاوت نظر اچي ٿو. هو سامي صاحب کان چڱو پوءِ اُسريو آهي.

آزاديءَ کان پوءِ جي هن شاعريءَ جي ايياس ۾ تَصوف ۽ ويدانت جي پرڀاوَ يا گڏيل پرڀاوَ جو شعر لکڻ جي روايت ڪنهن نہ ڪنهن گڻ ۽ ماترا ۾ جاري رهي آهي. البت ان ۾ هاڻ روحاني شاعريءَ

ڏيري ڏيري سماجڪ نظريي کي جذب ڪيو ٿو ڏسجي. البت ڪيتري عرصي تائين ويدانت جي پرڀاوَ ۾ سنڌي يا اڻ سنڌيءَ طرح اُپاسنا ۽ سداچار جي سونهن اوس جهلڪندي رهي. رهسيه يا محبت جي پيٽ ۾ اِهو تاثير ئي وڌيڪ نظر اَچي ٿو.

اهڙي تاثير جي جهلڪ ڏيڻ وارن شاعرن ۾ چاهي سنتن ۾ ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي، سنت ٽيئونرام، سنت روچلداس، صوڀراج نرملداس فاني، سوامي ٻوڌراج، ڪوي ڀلاجرام ۽ ڪيترا ٻيا ڪوي به ذڪر ڪري سگهجن ٿا.

تاريخي لحاظ کان، ڪوي بيوس، جيڪو نئين سڄاڳيءَ جو باني هو، اهو آزاديءَ جي سال 1947 ۾ گذر ڪري ويو. هن سنڌي شاعريءَ ۾ ڪلا پکش توڙي ڀاوُ پکش ٻنهي ۾ وڏو موڙ آندو. هن سنڌي شاعريءَ ۾ ويدانت جي مول ڀاوَ سداچار کي وهنوارڪ روپ ڏيئي سماجڪ ڀلائيءَ طرف موڙيو ۽ پڻ شاعريءَ کي ڏيهي (ديسي) روپ ڏنو.

بيوس کان پوءِ ويدانت جي سنڌي چاهي اڻ سنڌي پرڀاوَ ۾ سنت ڪوين چڱو ڀاڱو موڪيو آهي.

سنت ٽيئونرام جي رچنائن ۾ ڌارمڪ ڀڳتي ڀاوَ ساڻ سماجڪ سنديش سمايل آهي. ’پريم پرڪاش گرنٿ‘ ۾ هن جا ڀڄن ۽ سلوڪ سمايل آهن.

ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي (1879-1966) ءَ جي ڪلامن جي سنگرهه ’نوري گرنٿ‘ ۾ ويدانت جو وڏو پرڀاوَ آهي.

صوفي درويش طور ذڪريل ڊاڪٽر روچلداس جي ڪلام ۾ پڻ ڪافي حد تائين ويدانت جو اثر ملي ٿو وچي پر سوڀراج نرملداس ’فاني‘ءَ جي شعر ۾ اهو ڀرپور آهي. ڊاڪٽر ديال آشا جي ’سنڌي شعر جي تاريخ‘ ۾ پڻ اهڙو ذڪر ملي ٿو. ’’شاعر فاني صاحب سالڪ کي ’تت تِوَم اَسي‘ ويدانت سوتر جي سمجهاڻي ڏيندي چوي ٿو:

جيڪي چنتين سو ٿين، آهين تون ته نج نورن جو نوُر،
دل نه روشن ٿي مگر، مَرُ جيسين ميساري نه ٿي!......‘‘

سوامي ٻوڌراج جي ڪلام ۾ به ويدانت جو اثر آهي، هن جو ديهانت آزاديءَ کان ڪجهه اڳ ٿيو هو.

روحاني شاعريءَ جي حوالي ۾، ويدانت ۽ صوفي مت جي گڏيل تاثر واري ڀڳتي ساهتيه جي روايت جي سلسلي ۾ ڪن ٻين ڪوين جي ڪلام جو به ذڪر ملندو رهي ٿو. جن ۾ روحل فقيرجو پٽ مراد، نهالچند( نهال لعل) گنگارام، ڪلاچند به شامل آهن.

هن سلسلي ۾ ڪوي هوندراج دکايل جي ’ڪرشن ڀڄناولي‘ ۽ ’ڀڄناولي‘ ڪتابن جي پڻ اهميت آهي.

ڪيترن ٻين سنت ڪوين بہ ڀڳتي ڀاو جو ڪلام چيو آهي- البت هنن جو مکيہ ڪاريہ ڪيتر سماجڪ ۽ ڌارمڪ اُنتيءَ وارن سنستائن ۾ نظر اَچي ٿو. جئن سوامي پرمانند، سوامي شانتي پرڪاش مهراج ۽ دادا جشن واسواڻي وغيره.

جديد دؤر جي ڪيترن ڪوين بہ پنهنجي ساهتيڪ رچنائن ۾ سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح ويدانت جو اَثر جهٽيو يا اظهاريو آهي. هنن ۾ ماستر رانجهن، رام پنجواڻي، هري دلگير ۽ ٻيا بہ ڪيترا شاعر اَچي وڃن ٿا.

هن سلسلي ۾ پريو وفا، ڪيئلداس فاني، پرسرام ضيا جو خاص ذڪر ڪرڻ جڳائي. البت هنن مان ڪِن جي ڪاويہ رچنا ، ڌارمڪ يا ڀڳتي ڀاوَ کي پنهنجو مُکيہ مقصد بڻايو هجي، ائين ڪونهي. پر هنن جي رچنائن ۾ اِها ڀاونا پڻ ڪٿي ڪٿي ملي ٿي وڃي.

ويدانت جي اثر جي آس پاس رهي، ڪيترن ڪوين يا ڀڳتي ڀاوَ رکندڙ ودوانن تمام گهڻا ۽ سُنا انوادت گرنٿ بہ ڏنا آهن ۽ خاص طور ڪويتا جو ڪويتا ۾ انواد ان جي وڏي خاصيت رهي آهي. هنن گرنٿن ۾ سَکمني (پرسرام ضيا)، راماڻ (تلسيداس تلريجا، سترامداس سائل، پهلاجراءِ مسافر)، گيتا (عزير ۽ ضيا ،هري دلگير، ڪمل پياسي)، ساوتري (ايس. ڪي.پنشي) ۽ ٻيا بہ ڪيترا شامل آهن. ان کان سواءِ اهڙا ڪيترا ناياب ڌرمي ڪتابن جا انواد بہ برابر آيا آهن.

ويجهڙائيءَ ۾ وري لڇمڻ هردواڻيءَ (گيانيشوري)، ڪملا گوڪلاڻيءَ (ڪبير) خاص طور ساهتيڪ اهميت وارا گرنٿ انواد ڪيا آهن.

هت اهو چٽو ڪرڻ بيجاءِ نہ ٿيندو تہ هن ايپاس ۾ شعر نسبت تاريخي سلسلي ۽ حوالن هوندي بہ هيءَ تاريخ بلڪل نہ آهي، ان جي ڪا بہ گنجائش نہ آهي. ان ڪري ڪيترا قابل ذڪر حوالا هتي نظر نہ اَچڻ جو هڪ سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهي رهجي ويا هجن يا وري اُنهن جي وشيہ وستوءَ سان چُست دُرست اهميت جي اوليت Priority محسوس نہ ڪئي ويئي آهي.

ائين تہ ’سنت ساهتيہ‘ جي حوالي ۾ ٺڪاڻن مندرن جا ننڍائي نہ تمام وڏا پستڪ اڪثر ايندا رهندا آهن. خاص ڪري فلمي طرز تي لکيل ڀڄن، جي ڳائڻ جي گهرج لاءِ لکيل هوندا آهن. اُنهن جي بہ اوس پنهنجي پنهنجي اهميت آهي، پر هت ’سموريت‘ جو موهہ لڪڻ بہ ممڪن نہ آهي.

وري هيءَ ڳالهہ هن ٽاپڪ جيان، کهڙي بہ ٽاپڪ سان لاڳو آهي. هونءَ بہ ساڳئي وشيہ جو الڳ الڳ ليکڪن جو ايپاس، الڳ الڳ رهڻو آهي.

## 7.2 صوفي نظريي جي حوالي ۾:

سنڌي شاعريءَ جي بنيادي نظريي طور صوفي نظريو يا تَصوف ايترو اَهم آهي جو ان جو پنهنجو ئي هڪڙو الڳ اتهاس آهي. وري ان سلسلي ۾ ٽي وڏا مُڪام موجود آهن. هڪ اَسان جو اَڄ تائين مڃيل پهريون ئي شاعر قاضي قادن ان نظريي سان وابسطہ آهي. ٻيون ان نظريي جو سڀ کان وڏو شاعر شاهہ لطيف 'دنيا ڀر جي چند وڏن شاعرن مان هڪ' قبوليو ويو آهي. ٽيون اها روايت سنڌيءَ ۾ نہ فقط پهرين، نہ فقط تمام بلنديءَ تي اُسريل رهي آهي، پر اِها اَڄ تائين موجود ڪنهن بہ ڀارتي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ نظريي جي شاعريءَ کان وڌيڪ ڪلاتمڪ چئي سگهون ٿا. چاهي هنديءَ جي سونهري يڱ واري سڀ کان اهم رام ڪاويہ يا ڪرشن ڪاويہ جي رام چرت مانس يا 'سور ساگر' جو اَڀياس سامهون رکڻ سان، ڪاويہ ڪلا جي لحاظ کان 'شاهہ' سرس نظر اَچي ٿو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڏيهي ڀاشائن جي ودوانن تائين بہ اسان 'شاهہ' کي سموريت ۾ ۽ بهترين ترجمن ۾ پهچائي بہ ڪونہ ٿا سگهون. ان لاءِ سنڌي ٻوليءَ جون فني خاصيتون ترجمو ٿيڻ ئي مشڪل آهن. اسان خود هندي وغيرهہ ٻولين ڄاڻڻ ۾ ڪافي پهچ تائين رام ڪاويہ چاهي ڪرشن ڪاويہ کي (اَصل رچنائن کي) آتماسات ڪيو آهي. انوادن معرفت نہ ڪري سگهون ها. ان ڪري اها ڀيٽ اسان کي ئي ڪرڻي ٿي پوي.

اسان کي هاڻ ڏسڻو اهو آهي تہ ايتري پختي روايت جو اَثر آزاديءَ کان پوءِ جي شاعريءَ ۾ ڪيترو نظر اَچي ٿو. هت اهو اول ئي ڌيان تي آڻڻ بهتر ٿيندو تہ صوفي شاعريءَ ۾ بہ ويدانت جو تت مليل ٿو. ڀڳتي ڪاويہ، جيڪو اول ڏکڻ ڀارت جي ٻولين ۾ آيو، ان جي ٻن شاخائن مان هڪ نرگڻ ڀڪتي ڌارا صوفي نظريي سان ئي ڪافي ويجهي آهي. جنهن جو مول تت ويدانت جي 'ادويت' تي آڌارت آهي.

هن قسم جي عجب ۾ وجهندڙ هڪ جهڙائيءَ جو وڏو ثبوت آهي تہ ڪيترا صوفي ڪوي، ويدانتي ڪوي بہ مڃيل آهن. خاص ڪري دلپت ان جو بهتر مثال آهي.

'سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ ڪوش' ۾ دلپت لاءِ هيئن لکيل آهي: دلپت تي هنديءَ جي نرگڻ ڀڳتيءَ جو اَثر نمايان آهي. سندس ڪويتا جو مرڪزي ويچار صوفي مت ۽ ادويت ويدانت جو ميل آهي.'
(ص 125)

صوفي نظريي جي روايت کي هاڻوڪي وقت ۾ هڪ تہ هن طرح ياد ڪيو ويو آهي تہ ڪيترا صوفي شاعريءَ جا ڪتاب، نئين اَڀياس جي نظر سان يا الڳ نموني ويڇهڙائيءَ ۾ شايع ٿيا آهن- جيئن 'جي پائين جوڳي ٿيان' تازو 2009 ۾ شايع ٿيو آهي. جنهن تي لکيل آهي 'دلپت صوفي' هن ڪتاب جو مرتب گوپال نڪر چوي ٿو:

هن جلد جي مرتب ڪرڻ لاءِ ٻن ٽن ڪتابن کي ڪٺي ' جي پائين جوڳي ٿيان' عنوان سان،

صوفي دلپت رام جي انمول سلوڪن کي سجايو ويو آهي.‘‘

هن ناياب ڪتاب جي يوجنا پنيان جيڪو شخص آهي ان جا ڪي لفظ، جيڪي دلپت جي Family treeءَ سان بہ وابسطہ آهن، هت اهميت پريا لڳن ٿا:

My mother belongs to the Sufi tradition of Sehwan and Dalpat Sufi was her great grandfather from her mother's family of Navanis.

هن سلسلي جي هڪ ٻي ڪڙي بہ ڪشش ڪندڙ آهي. ائين ڏسڻ ۾ تہ آهي25 صفحن جي هڪ ننڍڙي ڪتابڙي ’رندي ڪلام الصوفيا‘ جنهن جو شاعر آهي محب الفقرا حضرت سائين راز پير واهہ واهہ (بي.ڪي اَجواڻي)

هن جي ڪلام بابت هري دلگير لکيو آهي: ’مطلب تہ هن صاحب جو پورو ڪلام پڙهي، ائين ٿو محسوس ڪجي تہ هيءُ درويش اسان جي شاندار شاعرن شاهہ سچل وانگر وحدت اَلوجود جو قائل آهي، يعني تہ هن سنسار ۾ پرماتما جي هستيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي.‘ (ص 5)

هي ڪلام تازو ئي سنہ 2000 ۾ شايع ٿيا آهن. هت هن جي لاءِ لکيل آهي تہ سندس ٻيا بہ صوفي صدق وارا ڪتاب ڇپيل آهن. هي ڪلام نج صوفي خيال تي قلم بند ڪيل اَهڙي درويش دل شخص جي نئين زمانيءَ جي تخليق آهن جنهن لاءِ لکيو ويو آهي تہ ’’جڏهن هو سوُٽ بوٽ ۽ نيڪ ٽاءِ پائيندو آهي، تڏهن هو بي.ڪي اَجواڻي هوندو آهي، پر جڏهن قلندري ٽوپي سِرَ تي ۽ گلي ۾ مالها ۽ چتين سان نهيل گودڙي وڇائي ڌرتيءَ تي وهندو آهي، تڏهن هو تخت نشين حضرت سائين راز پير واهہ واهہ تي پوندو آهي.‘‘ (ص 4)

هن جي هڪ ديوان ’ديوان سائين راز‘ جو بہ ذڪر ملي ٿو.

سنت ايسرداس کي (1835-1890) ’سچل‘ جي راهہ جي اَڳلي ڪڙي چئي سگهجي ٿو. هي مست درويش بہ صوفي رنگ ۾ رڱيل هو.. هن جي شعر کي وري نئين سِر سهيڙي هن جي شائقن ’ايسر جا صوفياڻا ڪلام‘ نالي وڏو سهڻو ڪتاب 300 صفحن جو شايع ڪيو آهي جيڪو تازو 2012 ۾ آيو آهي. هيءُ ڪتاب اَسان سنڌين جي صوفي نظريي سان جُڙيل سنت ڪوين جي صدق جو ثبوت آهي. هي ڪلام تہ برابر اڳ جا آهن پر اڃا بہ اَسان جي جيءَ سان جڙيل آهن جو اهو پستڪ 2012۾ سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر لکمي کلاڻيءَ ۽ سنڌي ادب جي ساندهہ سار سنڀال رکندڙ ۽ گهري ڄاڻ جي پنڊار، صاحب ٻجاڻيءَ جي مدد سان لڇمڻ پاٽيا (احمدآباد) ان کي شايع ڪرايو آهي.

اَهڙي ئي هڪ ٻي بہ اَهم ڪڙي آهي.

هاسي ٻائي پوڪرداس (1888-1962) جنهن ’نماڻو فقير‘ جي ڏنل نالي سان صوفي ڪلامن جي گونج جاري رکي هئي.

هن سنت ڪوي ۽ جي سلسلي ۾ هڪ وڏي ڳالهہ اها آهي تہ هوءَ اِستري سنت هئڻ سبب

ميران جي ياد ڏياري ٿي. ٻيو هن جون رچنائون آزاديءَ کان پوءِ جي شاعريءَ جو حصو آهن. ورهاڱي کان پوءِ هوءَ ٻڙودا ۾ اچي رهي ۽ پڻ 'سکي ڪُٽيا' نالي صوفي مرڪز کوليائين جنهن جي سڱت اڃا به جاري آهي.

صوفي ڪاويه ڌارا جيتري اهم ۽ بُلند چاهي لنبي رهي آهي اوتري ئي ان روايت جي پوئواري به پلئه پئي آهي. 'نماڻو فقير' جي ڪتابن ۾ ان جي ثابتي موجود آهي. اڃا ان کان به اڳتي اها ڪاويه ڌارا جديد زماني ۾ به پنهنجي اهميت برقرار رکي سگهي آهي. هت جئسنگهاڻي 'سام' جي 'ديوان سام' ۽ 'دل جو جام سدا ڀرپور' جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. جنهن ۾ صوفي ڪلام جو چٽو پرڀاءُ آهي. سنڌي شاعريءَ جي هن ڌارا جا هي ڪجهه ئي مثال آهن. جن مان پتو پوي ٿو ته ان روايت جو رنگ ڪيترو نه پڪو رهيو آهي.

انگريزن جي نئين سُڌار نيتيءَ ۽ اَنگريزي تعليم جي اوسر تائين صوفي ڌارا برابر نظر ايندي رهي.

تصوف ۽ ويدانت جي هن الڳ چاهي گڏيل اثر واري روحاني شاعريءَ جا ننڍا وڏا ٻيا به ڪيترائي شاعر آهن جن مان آڌياتمڪ ڪويتا جا انبار ملندا رهيا آهن. هو سنت درويش گهڻو ڪري ڳائيندا وڄائيندا رهندا هئا. ان ڪري هنن جو سمورو ساهتيه موجود هجڻ جو ته سوال ئي ڪونه ٿو اُٿي. ڪيترن جو ته نالو به اتهاس ۾ درج ڪونه ٿي سگهيو هوندو. تنهن هوندي به ڊاڪٽر ديال آشا جي 'سنڌي شعر جي تاريخ' ۾ اَٽڪل 500 شاعرن جي وچور ۽ اَٽڪل 250 ٻين شاعرن جو ذڪر ملي ٿو. جن ۾ وڏو حصو روحاني شعر رچيندڙ شاعرن جو آهي. جن جو وقت شعر جي شروعات کان وٺي لڳ ڀڳ آزاديءَ تائين ۽ ان کان ڪجهه پوءِ تائين پکڙيل آهي.

البت آزاد ڀارت ۾ هندو سنڌين جو ماحول بعد ۾ صوفي نظريي کان ڏيري ڏيري ويدانت طرف وڌيڪ مائل ٿيڻ سڀاويڪ آهي. خاص ڪري نئين ٿهيءَ لاءِ. ان ڪري روحاني رنگ جي ڪويتا جو هيءُ سلسلو آزاديءَ کان پوءِ، ڇڏو به ٿيندو ويو ۽ بيوس جي نئين جاڳرتيءَ جي لهر سبب سماجڪ پس منظر سان به جُڙندو ويو. آزاد ڀارت جي سنڌين جي ڏکين حالتن ويتر انهن کي ان طرف ئي وڌيڪ مائل ڪيو. باوجود ان جي، روحاني راهه جي رهبرن ۽ پانڌيئڙن پنهنجي آتما جي آواز کي بلند ڪندڙ ساهت رچنا جاري رکي. جنهن لاءِ دادا جشن واسواڻيءَ جي 'روح رهاڻ' (1986)، ' شريمد ڀڳوت گيتا عميق ۾ ٿبيون' (2011) يا وري 'اَمر گيت' (هري دلگير)،ڪتاب شاهد آهن.پروفيسر رام پنجواڻيءَ سنڌ جي اَڳوڻن توڙي هاڻوڪن شاعرن جا صوفي ڪلام سهيڙي به پستڪ سنڌ جي سوکڙي( 1953 ) ۽ سڪ جي سوغات (1959) ڇپائي پڌرا ڪيا. ساڳي طرز تي گهڻو پوءِ پارو چاولا جا 'چونڊ سنڌي ڪلام ۽ ڏوهيڙا'، 'ستر مٽڪا' به شايع ٿيا. 2005 ۾ لڌاڻي چانگارام 785 صوفي ڪلامن ۽ ڀڳتي گيتن جو گرنٿ 'طالب جي تات' ديوناگريءَ ۾ ڇپايو. ائين گوورڌن ڀارتيءَ جو شاهه جي سورمين تي واين ۽ ڪلامن جو پستڪ 'آءُ ڪنن ۾ ڪاهي' (1973) به هڪ

سهڻو اضافو ليکي سگهجي ٿو. شاهه سامي سچل توڙي ٻيا روحاني شاعريءَ سان وابسطه ڪتاب، سنڌي توڙي هندي انگريزيءَ ۾ به، ويجهڙائيءَ ۾ ايندا رهيا آهن. اهي به اها ساک پرين ٿا ته اسان کي هنن روايتن لاءِ اجا به اوتري ئي شرڌا آهي. البت نئين تخليق ڪافي حد تائين نئين زماني جي جديد شاعريءَ طرف مُڙي آهي، جيڪو بلڪل سڀاوڪ آهي. پر پوءِ به جديد ڪاويه ۾ به ’ديدار-يار‘ جهڙن لفظن پنيان اسان جي روايت لڪل نه ٿي رهي. آزاديءَ کان اڳ تائين ڀڳت ڪنوررام جي ڳايل ڪلامن ۾ چاهي آزاديءَ کان گهڻو پوءِ تائين، ماسٽر چندر جي ڳايل ڪلامن ۾ به اسان جي صوفي روايت برقرار نظر ايندي رهي آهي. هت اهو به ياد ڪرڻ جڳائي ته راڳ راڳڻين جي آڌار تي لکجندڙ صوفي ڪاويه پرمپرا ۾، خاص ڪري شاهه جي رسالي ۾، سنڌي لوڪ ڪٿائن جي آڌار تي به رچنائون قلمبند ۽ پڻ ورڇيل (Classified ڪيل) آهن، جئن ’سر سُهڻي‘، ’سر مومل راڻو‘، ’سر مارئي‘ وغيره ۽ هنن لوڪ ڪٿائن سان پڻ اسان سنڌين جي جند جُڙيل رهي آهي. هي سورما ۽ سورميون اسان لاءِ مثالي Model ڪردار رهيا آهن.

جديد شاعرن به هنن روايتن کي وسارڻ بجاءِ انهن سان ناتو بدستور جاري رکيو آهي ۽ هنن جو اَڪثر سنمان ڀريو ذڪر پڻ ڪيو آهي ۽ ڪيتريون رچنائون به جوڙيون آهن جن ۾ روحانيت جهلڪي ٿي وڃي.

هڪ عرصي تائين سنڌي شاعريءَ جو تمام وڏو حصو تصوف ۽ ويدانت جي الڳ يا گڏيل اثر وارو آهي جنهن کي هڪ طرح روحاني (آتمڪ) اظهار سان گهڻي نسبت آهي. پر ان سان ان جا ٻيا به ڪي پهلو آهن، خاص ڪري سنگيت جي حوالي ۾.

سنگيت جو سڌو توڙي اڻ سڌو واسطو اڪثر هر ڀارتي ٻوليءَ جي آڳاٽي وقت جي شاعريءَ سان رهيو آهي. خاص ڪري ڳائڻ وڄائڻ سان يا وري نچڻ سان.

هي مست مولا ڀڳت ۽ سنت پنهنجي مستيءَ ۾ ستسنگ يا ڪيرتن ڪري هلڪن سازن ساڻ ميلي جهڙي موج مچائڻ لاءِ راڳ ۽ راڳڻين جو جاڻ يا اڻڄاڻائيءَ ۾ اُپيوگ ڪندا رهندا نظر اَچن ٿا. گهڻو ڪري هنن جو ڪاويه سُرن ۾ ورهايل ملي ٿو. خاص ڪري سنڌيءَ ۾ اِها روايت پنجابي سک پنٿ جي ڪوين سان وڌيڪ ملي ٿي. هونءَ به شاعريءَ يا ڪويتا جي رچنا، جيڪا اسين اَڪثر انيڪ ڇندن ۾ ڏسون ٿا، انهن ڇندن جي قدرتي طور رچنا ٿيل ڀاسي ٿي. جن جا نيم ۽ بندش جا نالا ته گهڻو پوءِ طيءِ ٿيل هوندا. اَصل ۾ اَول گنگنائڻ ۾ اِهي شعرن جا بند پنهنجو پاڻ آوازي اَثرن جي ميلاپ سان رچنا جو روپ وٺندا هوندا ۽ هنن کي اهي ڳائڻ جي پريرڻا هنن جي اندر جي اُڇل ۽ مرشد يا خالق طرف سمرپڻ ڀاوَ Dedication سان ملندي هوندي. اڪثر هنن سنت ڪوين جي واڻي ائين اول زباني شاعريءَ طور ئي رچڻ ۾ ايندي هوندي بعد ۾ هنن جي ششن اِهي رٽي ياد ڪري قلم بند ڪئي هوندي.

هن سڄي ڪرت ۾ سنگيت ۽ راڳ جو ڀرپور رول نظر اَچي ٿو.

’سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ ڪوش‘ ۾ بہ ان جو ذڪر هئن ملي ٿو: ”سنڌي صوفيءَ لاءِ سَماع وجد ۾ اَچڻ جو ذريعو رهيو آهي. سماعَ ۾ نہ فقط فقيرن جا مريد صوفي ڪلام ۽ بيت ڳائيبندا هئا، پر خود مُرشد بہ ڳائيندا هئا ۽ جڏهن هي ٻُ سلسلو انتها تي پهچندو هو، تڏهن صوفي فقير وَجد ۾ اَچي نچندا هئا.“ (ص 121)

شاهہ عبداللطيف جي مهان ڪاويہ ۾ سنگيت ۽ سُرن جو جيئن سماويش ٿيل آهي تيئن اهڙن ٻين سنت ڪوين جي بہ سنگيت جي ڄاڻ جو ذڪر بہ اڪثر ملندو رهي ٿو. مثال ڊاڪٽر ديال آشا جي ’سنڌي شعر جي تاريخ‘ ۾ سنت ايسرداس لاءِ لکيل آهي ’سندس واڻي جدا جدا راڳڻين ۾ آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڀائي ايسرداس کي سنگيت جي بہ ڄاڻ هئي.‘ (ص 278) هونءَ اها ڳالهہ اڪثر ننڍي کان وڏي صوفي شاعر سان لاڳو آهي.

ان کان سواءِ هن روحاني ڪاويہ ڌارا ۾، خاص طور تصوف جي شاعريءَ ۾ عشق مزاجيءَ معرفت عشق حقيقيءَ جي منزل طرف پهچڻ جي ڳالهہ پڻ ايندي رهي آهي. ٻين لفظن ۾ هي سنت ڪوي هڪ طرح پريم مارگي ڪوي آهن. گيان مارگي هئڻ جي باوجود هنن پريم جي وشيہ سان ڀٽو نڀايو آهي. اها ئي تہ صوفي شعر جي وڏي خوبي آهي جنهن کي هڪ طرح ’رهسيہ‘ يا ’غيب‘ جو بہ روپ ڏنو ويو آهي.

’سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ ڪوش‘ ۾ هڪ اَهم نوٽ هت دهرائڻ جهڙو آهي:

” سنڌي صوفي شاعر عشق مزاجيءَ جي سطح تان اُڀري عشق حقيقيءَ جي منزل تي پهتا . ان پرڪريا ۾ جيڪو اَدبي سرمايو هنن پنيان ڇڏيو آهي ان جو مثال ڀارت جي ٻي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي صوفي شاعري يا وچين صدين واري سندن پوري ادب ۾ نہ ٿو ملي.“

هي سٽون محض هڪ پاسنگ رمارڪ نہ آهي، پر ڀارت جي چوويهن ڀاشائن جي اينسائيڪلوپيڊيا لاءِ سالن تائين اول سهايڪ سمپادڪ ۽ پوءِ مکيہ سمپادڪ رهي گنيير ايياس واري ودوان پرم ابيچنداڻيءَ جي وشال اڀياس جو نتيجو آهن. جنهن جي وڏي ڄاڻ ۽ محنت هن ’ڪوش‘ ۾ ڪيل نظر اَچي ٿي.

# باب اَٺون

## سنڌي شاعري: اظهار جا نوان ماڌيم

8.1 سنڌي ڪويتا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا

8.2 سنڌي ڪويتا ۽ سوشل ميڊيا

8.3 ڪوي سميلن ۽ مشاعرا: روايت ۽ نواڻ

8.4 ريڊيو ۽ ٽي.وي.

# پس - منظر

## ’سنڌي شاعري: اظهار جا نوان ماڌيم‘

سنڌيءَ سميت، اڄ ڪلهه، هر ڀاشا جي ڪويتا جي لاءِ ڪيترا ئي نوان ماڌيم وڏي پئماني تي کلي ويا آهن. ڪويتا خود ۾، حساس دل شخص جي پوشيده احساسن جو شرميلو اظهار آهي پر هت ’اظهار‘ لفظ جي پنهنجي خاص اهميت آهي. تلسيداس ڪويتا کي پنهنجو پاڻ جي من جي سک لاءِ (स्वान्त: सुखाय) جو جذبو اولين ڄاڻايو آهي ۽ اهو سڀ کان وڌيڪ اهم به آهي. ڇو جو اُهائي ڀرين ڀرين پريرڻا بڻجي ٿي. اِهو برابر سچ آهي ته مول ۾ شاعري دِل جي لڪل احساسن جي لفظن ۾ روپانترڻ جي پرڪريا آهي ۽ اها ٻين کي ٻڌائڻ جي ڪا لازمي شرط نه آهي، پر پوءِ تجربي مان انسان کي محسوس ٿيندو ويو ته شاعريءَ جو عام لوڪن تائين پڌرو ٿيڻ سان، اسان جو خوشيءَ ڇاهي درد جو احساس ٻين سان ونڊي سگهجي ٿو. ان سان شاعر کي تخليق جو مليل جذباتي ڇاهي ٻوڌڪ آنند ٻين تائين پهچي ٿو. ان سان لوڪ ڪلياڻ ۽ لوڪ منورنجن پڻ ممڪن آهي. ان طرح ڪويتا کي لوڪن تائين پهچائڻ جا سرشتا عمل ۾ ايندا رهيا. ڪاليداس جي رچنائن کي گهوڙي سوار گهوڙن تي ڪٽي پري پري پهچائڻ جو ذڪر ان ڳالهه جو هڪ عمدو مثال آهي ۽ ان لاءِ هن جي رچنائن جون ڪاپيون ڪرڻ ڪيترا قلمڪار ڪم سان لڳندا هئا. ائين ڪويتا کي لوڪن تائين پهچائڻ جا ماڌيم وقت انوسار بدلجندا رهيا، اڃا به اِهو بدلاءُ جان تان جاري آهي. جنهن ۾ اڄ اليڪٽرانڪ ۽ ٻيا ماڌيم شامل آهن.

اهو به هڪ عام رايو ٻڌبو آهي ته ڪويتا گنگنائڻ سان ويجهو رشتو رکي ٿي ۽ ڇند جو سياويڪ توڙي وهنوارڪ واهپو ڇاهي ان جي رچنا لاءِ گنگنائڻ ئي اَهم ذريعو آهي. ان طرح ڪيترا گيتڪار ڌن يا طرز اول اڳيان رکندا آهن ۽ لفظ پوءِ جوڙيندا آهن. ڪجهه ان طرح جئن ڪي ناٽڪڪار ناٽڪ کي اسٽيج تي ساڀيا منچن ڪندي ڪندي ناٽڪ لکندا آهن. شايد ان ڪري ڪويتا کي ڪَن جي ۽ ناٽڪ کي اَکين جي ڪلا به چيو ويو آهي.

شاعري لکڻ جو پنهنجو آنند آهي، ٻڌائڻ جو پنهنجو ۽ ٻڌڻ جو يا پڙهڻ جو به پنهنجو آنند آهي. پر هر حالت ۾ اِظهار ان ۾ شامل آهي.

شاعريءَ جي اظهار جي تمام پُراڻي روايت آهي جنهن ۾ اڳ زباني اِظهار Oral Expession مُکيه رهيو هو. لکڻ جي بنيادي کوجنا ۽ پوءِ ان جي اوسر تائين صديون ته ان ۾ ئي گُذريون جنهن ۾ زباني اظهار ٿيندو رهيو هوندو. هڪ طرح اڄ جي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ به وري

ٻه ان جو زمانو آيو آهي. زباني ياد واري زماني کان پوءِ جو وڏو عرصو لکڻ ۽ پڙهڻ جو ماڌيم هلندو رهيو آهي. تمام وڏي عرصي تائين اهو ماڌيم ئي لوڪ پريه ۽ وهنوارڪ رهيو. هاڻ وچي هن ايڪويهين صديءَ جي ڪمپيوٽر يگ ۾ اظهار جا ڪي نوان ماڌيم آيا آهن ۽ اُسري رهيا آهن. جيتوڻيڪ لکڻ پڙهڻ وارو ماڌيم ٻه بدستور جاري آهي پر هاڻ ان لاءِ گهٽو واهپو قائم رهڻ جو پروسو ڪونهي. اڄ مذاق ۾ چيو وڃي ته جلد اِهو وقت ايندو جو ميوزيم ۾ ’قلم‘ يا ’پين‘ لاءِ چٽرن وسيلي ٻڌايو ويندو ته اڳ ماڻهو هٿ جي آڱرين ۾ ڪجهه پڪڙي ان سان هڪ هڪ اَکر لکندا هئا ۽ ان طرح لکڻ جا سرشتا ٻه تمام گهڻا هئا. وري پوءِ انهن جي مجموعي نموني کي ’ڪتاب‘ ڪوٺيو ويندو هو جيڪو ڇپائڻو پوندو هو وغيره.

اڄ جي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي تمام تيز رفتار ۾ اوسر ڏسندي لڳي ٿو، هن طرح جي مذاق کي ساڀيا ٿيڻ ناممڪن ته نه آهي،جڏهن وائس ڪمانڊ سان لکجڻ، ڇپجڻ، ترجمو ٿيڻ ۽ پري پري ٻُڌجڻ بلڪل عام ٿي ويندو جيڪو شروع ته ٿي چڪو آهي. هن وقت دنيا جي اُسريل ملڪن جي پستڪالين ۾ جيترا ڪتاب سوَ کن سالن ۾ گڏ ٿيل رکيل آهن، ان کان گهڻو گهڻو وڌيڪ مواد اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ Reading Matereal يا ٻڌڻ لاءِ تيار مواد چند سالن ۾ مهيا ٿي ويو آهي جنهن لاءِ البت ڏهن ڪمرن بجاءِ ڏهه ڪٻاٽ ڪافي آهن. ان کي ئي اسين اليڪٽرانڪ ميڊيا چئي سگهون ٿا. جنهن ۾ شاعري ٻه شامل آهي. جون 2015 ۾ آسٽريليا جي سڊني شهر جي اهڙي هڪ وڏي پستڪاليه ۾ هزارن جي تعداد ۾ آڊيو بوڪس ۽ E .Books ڏسڻ جو ۽ اُپيوگ ڪرڻ جو مون کي مليل موقعو هڪ ذاتي اَنڀو رهيو.

هاڻ سنڌي شاعريءَ جي گذريل پنجاهه سالن جو اِتهاس نظر ۾ رکي ڏسڻو آهي ته دنيا جي ان رفتار ۽ دشا ۾ اسان ڪٿي، ڪٿن ۽ ڪيترو شامل آهيون.

ائين ته هت جنهن اليڪٽرانڪ ميڊيا جي هيءَ ڳالهه آهي، ان ۾ سمورو ساهتيه ئي نه، هر طرح جو ’لکجڻ ‘ يا ’سرجڻ‘ شامل آهي. شاعري ان جو هڪ حصو ئي آهي. هت شاعري شامل آهي ان ڪري هت اُن اپٽار جي مناسبت آهي.

اليڪٽرانڪ ميڊيا يا Digital Systems جا ڪيترا ئي قسم آهن پر بنياد ۾ ڪافي ساڳيائپ آهي. ائين ته گراموفون کان وٺي ٽيپ رڪارڊر، ريڊيو ۽ پوءِ ٽي.وي. اڳ ئي موجود ماڌيم آهن، جن ۾ ٻه ڪنهن طرح ڪويتا شامل آهي. پر هاڻ ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ، ملٽي ميڊيا ۾ اڳ آڊيو ڪئسيٽ ۽ پوءِ فلاپي C.Dيا D.V.D ۽ ان سلسلي جا ٻيا ٻه ڪيترا ساڌن Components يا Devices عام ٿي چڪا آهن ۽ روز نوان نوان اَچي ٻه رهيا آهن جن ۾ اڄ ’Whats App‘ لوڪ پريه آهي. سڀاڻي جي ته هونءَ ٻه ڪنهن کي خبر آهي؟

ها، هنن ۾، شاعري، يا چوڻ گهرجي سنڌي شاعري بہ، سنڌيءَ جي حوالي يا مقدار موجب، پنهنجي قدبت انوسار اوس شامل آهي. ان جي وچور ۽ اهميت بابت هت ويچار ڪرڻ جو موقعو آهي. اليڪٽرانڪ ميڊيا سان ئي سوشل ميڊيا بہ شامل آهي ۽ شاعريءَ جي بين اظهاري ماڌيمن جي بہ ڪنهن طرح جي حصيداري رهي آهي.

موضوعن ۽ اظهار جي نَوَن طريقن جي حوالي سان ڪيل هن اپياس ۾ حال هلندڙ زماني جي ماڌيمن کي نظر انداز ڪرڻ نہ صحيح آهي ۽ نہ ان جو ڪو سبب آهي. ان ڪري هن حوالي کي هت جوڙڻ جي پنهنجي اَهميت آهي.

## 8.2 سنڌي ڪويتا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا:

سنڌي ڪويتا -شاعريءَ ڪي هت نَوَن پُراڻن سيني روپن سميت ۽ ڪنهن حد تائين آزاديءَ کان اَڳ کان وٺي، پر خاص آزاديءَ کان پوءِ جي وقت ۾، وري سنه 2000 کان پوءِ جي وقت کي به ڪنهن حد تائين شامل رکندي. مٿي ڏنل پَس منظر کان پوءِ، ان جي سهيڙ تي اول هڪ نظرثاني ڪرڻ ضروري آهي.

هن سهيڙ ۾، ڪجهه خاص ذڪر ۽ قدرشناسي ڪندي ڪي خاص سنگ ميل جاچڻ جي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي پر چاڪاڻ ته سنڌي تهذيبي مرڪز گهٽ آهن، سي به خاص تمام وڏا يا شاهي نه آهن ۽ وري ٽڙيل پکڙيل آهن، ان ڪري اَهڙي جاڻ هٿيڪي گهٽ ٿي ملي. تنهن هوندي به جتي اِها چڱي انداز ۾ آهي، اُتان جي وچور تي نظر وجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. هنن ۾ هي مرڪز يا وسيلا هت خاص طور شمار آهن.

١- شري روچيرام تيرٿداس خانواڻيءَ جي سنڌو لئبريري. سنڌونگر

٢-اِنڊين انسيٽيوٽ آف سنڌالاجي. آديپور

٣- سنڌي سنگت ويب سائيٽ www.sindhisangat.com

۴- سيتا سنڌو ڀوَن ۾ هلندڙ رام پنجواڻي لٽرري ۽ ڪلچرل سينٽر.

۵- www.youtube.com

٦- ڪيترا شخصي مرڪز

١- پهرين سنڌو لئبرريءَ جي وچور ڏسڻ جهڙي آهي جيڪا شري نند ڇڳاڻيءَ جي سمپادڪيءَ ۾ هلندڙ سالياني مخزن ’سنڌو‘ (2010) ۾ هن صاحب عام جاڻ لاءِ شايع ڪئي آهي.

هن وچور موجب هن مرڪز ۾400 کان وڌيڪ سنڌي آڊيو ڪئسيٽس موجود آهن. جن ۾ اَٽڪل پنجاهه کن ناٽڪن وغيره جون آهن. باقي سڀ ڪنهن نه ڪنهن طرح جي سنڌي شاعري، ڪويتا، گيت، ڪلام، ڏوهيڙا، پنجڙا، لوليون، ڪلام، ڀڳت، لاڏا، اوراڻا، لوڪ گيت، آرتي، ڀڄن راڳ وغيره ٿي آهن. هت رکيل اليڪٽرانڪ ميڊيا واري شاعري چونڊيل نه پر گڏ ڪيل آهي. خاص ڪري اها ’ڳايل‘ گيتن جي روپ ۾ آهي. البت ان ۾ ڪويتا پاٺ پريو وفا ۽ پريم پرڪاش جي ساهت اڪادمي انعام واري ڪويتا پاٺ جي ڪئسيٽ ’ڀڳت‘ به آهي پر عام طور ڳايل راڳ جي صورت ۾ گڏيل شاعري يا ڪلام آهن. ڳايل گيتن ۾ ’گيت‘ جي لفظن ۾ ڳايل رچنا کان وڌيڪ ’ڳائڻ‘ جي اهميت ٿي ويندي آهي ان ڪري ڳايل چيز ۾ ڳايڪ اهم آهي. گيتڪار پوءِ ٿو اَچي. ان ڪري اهڙي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ شاعرن ڪي پردي پنيان رهڻو آهي. اگر هنن جي پنهنجي آواز ۾ رچنا چيل آهي، ته پوءِ بي ڳالهه آهي.

هن وچور ۾ به لوليءَ کان ماروءَ تائين ڳايل ڪلامن جي سهيڙ وڏي آهي. سڪ ڌرم جي سڪمني

جپ صاحب جي بہ آهي تہ لوڪ گيتن جي بہ اوس آهي. چاهي هت شاعري Indirect ٿي اَچي پر ٻايل لفظ 'ڪويتا' جو ٿي ڪونہ ڪو روپ تہ آهن. هيءَ قيمتي جاڻ شايع ڪرڻ وارن جس لهڻو ۽ وڏو جَسُ گڏ ڪري سنڀالي رکڻ واري سرڳواسي روچيرام تيرٿداس خانواڻيءَ لهڻو. جنهن هيءُ خزانو گڏ ڪرڻ پنيان ورهين تائين جفاڪشي ڪئي آهي جنهن جو مان بہ شاهد آهيان، جڏهن ٻڙودا جي گائڪا راڻي گدواڻيءَ جا فوٽا وغيره گهرايا هئم. جو هن ليکڪ ڪلاڪارن جي ڪتابن ۽ فوٽن جو بہ وڏو خزانو سجائي رکيو آهي ۽ پڻ ان جي سار سنڀال جي واڳ شري نند ڇڳاڻيءَ کي حقن واسطن سميت ڏيئي رکي هئائين. هو صاحب عزيز لئبرري سنڀاليندڙ سنستا ۾ بہ سرگرم رهيو آهي ۽ اها بہ هڪ شاهي لئبريري آهي. البت هنن قيمتي آڊيو ۽ وڊيو ڪئسيٽس جو زمانو ٿي پورو ٿي ويو جڏهن اڳي آڏيو ٽيپس Spools جو پورو ٿيو هو. هاڻ انهن کي C.D فارميٽ ۾ تبديل ڪري يا ڪنهن ٻي جٽادار Digital System ۾ سوگهي نموني بچائي رکڻ جو ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. پر اسان وٽ پئسو ۽ وسيلا اُنهن وٽ آهن جن کي هن لوڪ کان وڌيڪ پرلوڪ جي چنتا آهي. ڪلائن جي Soft Properties جي قيمت Value سمجهڻ ۾ دير ٿي وڃي، ان کان اڳ اسان مان ڪن جاڻن کي هيءُ ڪم ڪرڻ گهرجي سنڌي ساهتيہ شاعريءَ سميت اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ ٿي وڌيڪ جتاءُ ۽ ڦهلاءُ ڪري سگهندو.

٢ اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي (ڀارتي سنڌو وديا پيٺ) آديپور ڪڇ.

هن سنستا ۾ تہ هڪ علحدو هيريٽيج سينٽر بہ آهي هڪ وڏي شاهي لئبريري بہ آهي، جيڪا عام طور لئبريريءَ جي نالي ڏسجندڙ ڪتابن جي گدام بجاءِ صاف سٿري، بهتر سهوليتن واري ڊجيٽل ڪئٽلاگ سسٽم ساڻ ۽ گهربل جاڻ يا ڪتاب سولو ملي سگهي اهڙي بندوبست واري آهي. ان ساڻ هڪ چڱو وڏو ڊجيٽل خزانو بہ شامل آهي. جنهن ۾ اَٽڪل 200 رڪارڊ، 750 کان وڌيڪ آڏيو ڪئسيٽس، 650کان وڌيڪ آڊيو وڊيو C.Ds/DVDsآهن. تنهن کان سواءِ 160وڊيو ڪئسيٽس آهن. جن کي انهن جو رکپال صاحب بجاڻي ساهہ سان سانڍي سنڀالي رهيو آهي، جيڪو هيريٽيج سينٽر ۽ لئبريريءَ جو انچارج بہ آهي. هت اها ڳالهہ اهم آهي تہ هن ڊجيٽل خزاني ۾ سڀ کان وڏو حصو سنڌي 'شاعري' آهي. هي ڪئسيٽس ۽ CDءَ جو خزانو اٽڪل 2000 ننگ تہ گهٽو ڪري اڳ جو آهي. هاڻ تہ روز ڪجهہ نئون اچي رهيو آهي.

سنڌي شاعري ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي هن چاهي اهڙين ٻين هنڌ ڪيل سهيڙ بابت، جنهنجو هت پل ذڪر نہ بہ ٿي سگهيو هجي، هڪ اهم ٽيڪنيڪل مشڪلات جو خاص ذڪر وري بہ ڪرڻ گهرجي.

ٽيڪنالاجيءَ جي هن لڳاتار اُسرندڙ يگ ۾، لڳاتار بدلاءَ جو اَچڻ بہ لازمي ٿو نظر اَچي. ان ڪري آڊيو سسٽمس ۾ فونوگرام جا رڪارڊ، ڪئسيٽس چاهي وڊيو ڪئسيٽس جا ساڌن ڪافي حد تائين واهپي کان ٿي نڪري ويا آهن. ان ڪري هيءُ گڏ ڪيل خزانو تمام جلد نئين سسٽمس ۾ تبديل

ڪرڻو پوندو. نہ تہ اهو ختم ٿي ويندو. ڪجهہ حصو ختم ٿي بہ ويو آهي.

ان ڪان سواءِ هيءُ ڊجيٽل سسٽم وارو خزانو اسان جي ديش جي گرمي سهيڪونہ سگهندو. ان لاءِ پڻ جوڳا اُپاوَ وٺڻ جي ضرورت آهي. جنهن لاءِ ڪن ڄاڻن جي مدد وٺڻ گهرجي. خاص ڪري ڊجيٽل لئبريريءَ جي ڄاڻ رکندڙن جي مدد وٺڻ گهرجي.

مٿي ذڪريل ٻنهي سنسٿائن يا ٻين مرڪزن وارن بانيڪارن کي ان ڳالهہ جي اهميت سمجهڻ ۾ دير نہ پيئي تہ سٺو. هيءُ خزانو ان ڪري بہ قيمتي آهي جو اڄ ڪتاب جي جڳهہ تي بہ ان جي آمد ٿي رهي آهي. جي اها سلامت نہ رهي تہ اسان وٽ ان شاعريءَ راڳ کي يا سنگيت کي وري هٿ ڪرڻ بلڪل مشڪل ٿيندو.

٣: سنڌي شاعري يا ڪويتا جي هن اليڪٽرانڪ ميڊيا (ڊجيٽل سسٽم) جي سهيڙ جا ڪجهہ ٻيا بہ مرڪز آهن. جن ۾ وڏي اهميت رکندڙ مرڪز خود ۾ ئي ڊجيٽل آهي. اِهو آهي:

www.sindhisangat.com هن ويب سائيٽ معرفت سنڌيت جي ڦهلاوَ جو جيترو عملي ڪم ٿيو آهي، ايترو ٻي ڪنهن سنسٿا نہ ڪيو هوندو. جيتوڻيڪ هيءَ سنسٿا هڪ ويب سائيٽ آهي پر ان جو ڪم ڪنهن گلوبل هيرٽيج سينٽر جهڙو اهم ٿي ويو آهي.

ان جي مکيہ سنڇالڪا شريمتي آشا چاند ڪان پڇڻ تي هن مون کي e mail. ڪري جواب ڏنو هو تہ هنن اٽڪل 215وڊيوز انٽرنيٽ تي خاص ڪري You Tube تي رکيا آهن جن کي 25 لک دفعا ڏٺو ويو آهي.

ايترا سارا وڊيوز، گهڻو ڪري تہ پنهنجا تيار ڪيل ڪرايل يا رڪارڊنگ ڪيل، سي بہ فقط سنڌيت سان واسطو رکندڙ، اها تمام وڏي ڳالهہ آهي، جنهن کي 2.5 Million يعني25 لک دفعا ڏٺو ويو هجي. وري اهو سڀ دنيا پر ۾ هر هنڌ هڪ منٽ ۾ حاضر. ڪو خاص خرچ بہ نہ. اِهو ڊجيٽل سسٽم جو ڪمال آهي. اسان جا ڪتاب ايترا ڏکيا ۽ مهانگا. آخر ڪٿي ڪٿي پهچائي سگهنداسين. وري اهي بہ ضرورت وقت ڪتابن مان گهربل چيز ڪٿان ڳولهيندا؟ وري ڪهڙي لپي دنيا پر ۾ پڙهي ويندي!

اهو تہ جڻ جادو آهي ان ڪري هن زماني ۾ وڏا ڪتاب مخزنون پرنٽ ٿيڻ بجاءِ فقط هن سسٽم ۾ اَچي رهيون آهن. اوس، سنڌيءَ ۾ ان جو واهپو ننڍي ٿهي ئي وڌيڪ وني رهي آهي. وڏي عمر وارن کي اهو 'ڏانو' ئي ڪونہ ٿو اَچي. ان ڪري هو ان جي اهميت بہ ڪونہ محسوس ڪري سگهندا. اِهو سياويڪ بہ مڃڻ کپي. ساڳي نموني ننڍي ٿهيءَ وارن کي وري ڪتاب پڙهڻ ۾ دلچسپي گهٽجندي ويندي.

هٿ وري بہ اِهو ياد ڪرڻ ضروري آهي تہ هن قسم جي سموري ميڊيا پل نانڪن، فلمن، انٽرويو وغيره سان وڌيڪ وابسطہ آهي پوءِ بہ گيت يا شاعري، پل ڳايل روپ ۾، هر هنڌ نظر ايندي ٿي رهي.

هن ويب سائيٽ معرفت ٻيو به گهڻو ڪجهه سنڌيت جي ڦهلاءَ ۽ جتاءَ لاءِ ٿي رهيو آهي ۽ آشا چاند جو ڪتنب به ان ۾ شامل آهي. هن جي اُن قسم جي ڪيل ڪمن کي سنڌيت جي عظيم خدمت سمجهيو ويندو. البت هن جي فوڪس کي وڌيڪ ڪُشادو ڪرڻ جو وڏو Scope آهي.

مالهي، اُتم ،ڪيرت، پوپٽي ،سندري يا ڪنوررام، ماسٽر چندر، رام پنجواڻي ،ڀڳونتي ناواڻي اڄ اسان وٽ Live رکڻ واري آشا کي سنڌي جاتي ضرور ڪڏهن سلام ڪندي.!

۴ : هن قسم جو وري هڪ ساڀيا روپ ۽ سو به وڏي پئماني تي، سيتا سنڌو ڀون ۾ هلندڙ رام پنجواڻي لٽرري ۽ ڪلچرل سينٽر ۾Performing Centre جي روپ ۾ سالن ڪان جاري آهي جنهن لاءِ ناڪر چاولا صاحب زندگيءَ جو وڏو عرصو وڏي خرچ سان ميلا لڳائيندو رهيو هو. جنهن ۾ هن جي ڌرم پتني شريمتي پارو چاولا به ساٿ ۾ رهي آهي. هوءَ اڄان به ڪوششون جاري رکي وٺي آهي ۽ ان لاءِ سندن ڌيءُ شوڀا لالچنداڻي به سرگرم رهي ٿي. هنن جي انهن سنگيت جي محفلن جو به ڪافي انداز اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ محفوظ هوندو ۽ ان ۾ به سڌيءَ طرح نه راڳ ۽ سنگيت نظر اَچي ٿو پر شاعري ۽ ڪويتا ڪنهن نه ڪنهن طرح ان ۾ ٿي رهڻي ٿي آهي.

۵: هاڻ هڪ نظر You tube تي وجهون. اتي به الڳ الڳ شخصيتن پنهنجو يا ڪن پنهنجن جو گهڻو خزانو مُهيا ۽ پڻ محفوظ ڪيو آهي، جتي سوين وڊيوز ۾ شاعري به موجود آهي. البت هيءُ پليٽفارم دنيا ڀر لاءِ آهي ان ڪري هت سنڌ مان وڌيڪ چيزون اَچن اهو نه سپاويڪ آهي. ٻين ديشن جي سنڌين به هت پاڻ موکيو آهي.

هت خاص شاعريءَ جا وڊيوز به گهٽ نه آهن ۽ وري پارٽ جي آزاديءَ ڪان پوءِ جي ڪويتا جا وڊيوز به ڪافي آهن.

آزاديءَ ڪان پوءِ جي شاعريءَ کي الڳ تاري ڏسڻ ڪان اڳ هت ڪجهه ٻي به گڏيل پر تمام اَهم معلومات تي نظر وجهڻ ضروري آهي.

اَسان وٽ ڀڳت ڪنوررام (آزاديءَ ڪان اڳ) ۽ ماسٽر چندر (آزاديءَ ڪان اڳ ۽ پوءِ) جي آوازي پيشڪش جو خزانو محفوظ آهي. هڪ طرح اِهو به راڳ جي صورت ۾ سنڌي شاعري ڪلام جو اليڪٽرانڪ ماڌيم جو خزانو آهي ۽ وڏي پئماني تي هند ۾ چاهي سنڌ ۾ خاص طور پُراڻي پيڙهيءَ جي دلين ۾ وسيل آهي.

ان ۾ ڀڳت ڪنوررام جا ڪل 11رڪارڊ آهن. جن ۾ پنجابي (لولي) ۽ هندي (ڀڄن) به شامل آهي. مارو، ڪافي، شبد، گيت ۽ سنڌي ڀڄن خاص طور پسند ڪيا ويندا آهن. ڪيترن سالن تائين احمدآباد بڙودا جي آڪاشواڻي (آل اِنڊيا ريڊيو) جي ڪيندر تان روز جي پروگرام جي شروعات ڀڳت ڪنوررام جي رڪارڊ سان ٿيندي هئي. هن جي هز ماسٽر وائس جي رڪارڊن جا نمبر به هتيڪا رکيا آهن.

N-16318, N6702, N6703, N 6749, N6809, N6900, N6954, N16024, N16085, N16140, N 16216

هيءَ فهرست تفصيلوار ’ڪنور‘ ڪتاب ۾ هن جي پهرين جيوني لکندڙ تيرٿ بسنت صاحب ڏني آهي. ائين تہ ماسٽر چندر جي ڪلامن جو ڪتاب بہ آهي پر هن کي بہ ٻڌڻ جو ئي لطف آهي. شري اَرجن ڀمڀاڻيءَ جي سنڌين جي ڪتاب ’سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر‘ ۾ سنڌ جي جناب مير خان محمد خان ٽالپر جي حواليءَ سان ماسٽر چندر جي ڳايل رڪارڊن جي لنبي فهرست ڏنل آهي جنهن ۾ ڪُل 216 گيتن جا مُکڙا، رڪارڊن جا نمبر ۽ پڻ ڊسڪ جا بہ نمبر لکيل آهن. جن ۾ دڪايل، ضيا، شاهہ جي ڪلامن جو بہ ذڪر آهي. هنن 216 گيتن ۾ فقط هڪ رڪارڊ کي ڇڏي باقي سڀ HMVءَ جا آهن.

هڪ خبرموجب ماسٽر چندر صاحب کي هيءَ ڪمپني ان زماني ۾ هندي گايڪن کان وڌيڪ رايلٽي( 10%) ڏيندي هئي . اڄ ماسٽر چندر جي ڳايل ڪن ڪلامن کي نئين زماني جي ڪيترن جوان گايڪن Remix ڪري ’وڊيوز بہ ٺاهيا آهن. هن جي ڪلامن ۾ صوفي رنگ ۾ عشق جي آرزو ۽ حُسن جي دلڪشين جا داستان مشهور آهن.

هنن سنسڪارن ۾ چاهي گايڪن جي سنڌي شاعريءَ جي سهيڙ بابت عام ڄاڻ جو مقصد آهي تہ اَسان وٽ ڪويتا جو اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ چڱو ذخيرو آهي پر ان ۾ ورهاڱي بعد جي شاعريءَ جي الڳ معلومات کي تاري ڏسڻ بہ ضروري آهي جنهن جي ڪجهہ تفصيلي ڇنڊ ڇاڻ هن طرح ڏسي سگهجي ٿي:

نارايڻ شيام جا گيت ۽ غزل گايڪا سپنا راڌسنگهاڻي- تازو ئي هن CDءَ جو مهورت 15-3-2015 تي ڪيو ويو جنهن ۾ نارائڻ شيام جي 10 گيتن کي شامل ڪيل آهي. جئن-

١ ڪي گيت مون ايڪانت ۾ ڳايا آهن.

٢ رات پنيان پرڀات، اي دل ماندي ٿين متان. وغيره

هن طرح سنڌيءَ جي سڀ کان وڏي ۽ نامياري ۽ پياري شاعر جي شاعري جيڪا ڪتابن جي ڪبٽن جي قيد مان ٻاهر نڪري راڳ جي روپ ۾ اسان جي اڳيان آئي آهي.

هن کان اڳ بہ ان طرح شيخ اَياز ۽ نارائڻ شيام جي شاعري هنن جي آواز ۾ آئي آهي. ’هي سنگرام سامهون آ نارائڻ شيام‘- شيخ اَياز .اهڙيءَ طرح ’شاعري نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز جي‘ موتي پرڪاش جي آواز ۾ بہ آڊيو CD' آهي جيڪا سنڌي سنگت تيار ڪرائي آهي. ’روپ مايا‘ نارائڻ شيام جي آواز ۾.

واسديو موهيءَ جي غزلن جون بہ بہ آڊيو ڪئسيٽون ۽ CDآيل آهن جيڪي نج جديد ڀاوَبوڌ جون رچنائون آهن. ’مهڪ جي ڏن‘ (ڳايل پون ڪمار) ۽ ٻي ’ءُ پوءِ‘ (گهنشيام واسواڻيءَ جي ڳايل)

شاعر ۽ گايڪ ناري لڇواڻي ۽ دليپ لالواڻيءَ ارجن حاسد جي دوهن جي C.D. پري آهي. ’لهر لهر سڏڙا ڪري‘ .

پُراڻي زماني جي ڪلاسيڪل شاعرن مان قطب علي شاهہ، اَلَڻ، حاجي خانڻ، شاهہ لطيف، سچل

ساڻ ڪوي پهلاج ۽ ڊولڻ راهيءَ جي ڪلامن جي هڪ CD پڳونتي ناواڻيءَ جي بہ سنڌالاجيءَ تيار ڪئي آهي. ان کان سواءِ ڪرشن راهيءَ جي ڪويتائن کي پڳونتيءَ اڳ بہ ڳايو آهي. موتي پرڪاش جي ’آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي‘ چاهي ڪانہ موتيهار جي رچنا ’مني اَباڻي ٻولي‘ تہ تمام لوڪ پريہ رچنائون آهن جن کي وڊيو ۾ ۽ فلمن ۾ بہ آندل آهي. اڳ ساهتيہ اڪادمي اوارڊ واريون ڪويتائون ’پڳت‘ ان جي ڪوي پريم پرڪاش جي آواز ۾ ۽ پوءِ نامديو تاراچنداڻيءَ جي لنبي ڪويتا ’ منش نگري‘ ۽ جي آڊيو CD بہ آيل آهي.

هنن ڪجهہ رچنائن جو ذڪر هڪ طرح سئمپل سروي ئي آهي جنهن مان پتو پوي ٿو تہ سنڌي شاعريءَ کي هاڻ نئين ماڌيم ۾ جاءِ ملي رهي آهي. اَڳ پرسرام ضيا ۽ گورڌن ڀارتيءَ جي گيتن کي فلمن ۾ ٻڌبو هو. يا وري راڳ ذريعي گيتن تائين اها ميڊيا محدود هئي.

هاڻ يو ٽيوب تي ڀارت جي جديد شاعرن جون رچنائون بہ موجود آهن جن ۾ نند جويريءَ بہ ڪيترن اهڙن شاعرن جا وڊيوز تيار ڪري رکيا آهن. جيئن تہ هيءُ ماڌيم ڪارائتو جٽادار ۽ سولو توڙي سستو آهي، ان ڪري هت ڪيترن اهڙن شاعرن کي بہ ڏسي سگهبو آهي، جن شاعريءَ ۾ اجا ڪو خاص نالو ڪونہ ڪمايو آهي. پر ڪيترا وڏا ۽ ناليرا شاعر بہ موجود آهن. جيئن پريو وفا 94 سالن جي عمر ۾ انٽرويو ۾ شاعريءَ نسبت ڳالهہ ڪري ٿو تہ اَسان آدر ڀاوَ سان ڀرجي وڃون ٿا.

سنڌي شاعري ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ فقط آڊيو ۽ وڊيو ئي نہ آهن ان ۾ E.Book جي روپ ۾ ڪويتائون پڙهڻ واريون CD بہ اَچي وڃن ٿيون. البت ان جو واهپو گهٽ ڪري نظم بجاءِ نثر ۾ وڌيڪ ڏسجي ٿو. هڪ ڪويءَ جي ڪويتا پاٺ ۽ ڪيترن سارن ڪوين جي مشاعري کي بہ آڊيو بجاءِ وڊيو ۾ ڏسڻ جو پنهنجو لطف آهي ان ڪري اڪادمين جي چاهي ٽيليوزن جي مشاعرن جي وڊيو جو وڌيڪ رواج نظر اَچي رهيو آهي.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ’ڪويتا‘ کي ماڻڻ لاءِ تمام گهٽ ماڻهن ۾ رُچي ڏسبي آهي. وري اسان وٽ لوڪن کي لُڀائي سگهن اهڙا شاعر بہ يا ٽيئون تہ اهڙي شاعري بہ گهٽ ئي آهي.

هاسيہ ڪويتا جي نالي ۾ هلڪڙيون رچنائون بہ ڪٿي هنن وڊيوز ۾ ڏسجن ٿيون پر ان جي خاص ساهتڪ اهميت نہ آهي.

ڪل ملائي چئي سگهنداسين تہ آزاديءَ کان گهڻو پوءِ هيءَ ميڊيا اُسرڻ لڳي آهي. ان ڪري ان جو وڏو حصو سنہ 2000 کان پوءِ ئي نظر اَچي ٿو. پر چاڪاڻ تہ ايندڙ يگ ڪتابن بجاءِ هن ميڊيا جو ئي رهڻ جو نظر اَچي ٿو تہ ان ۾ ٽيل يا ٽيندڙ حصيداريءَ کي بہ هت شامل ڪرڻ جي بيجاءِ نہ ليکبو. هن ميڊيا جو واهپو بہ تہ گهڻو پُراڻو نہ آهي. اجا سوشل ميڊيا، ريڊيو، ٽي .ويءَ جا ڪويتا پاٺ ۽ مُشاعرن تي بہ نظر وجهڻ کپندي.

## 8.2 سنڌي ڪويتا ۽ سوشل ميڊيا

سنڌي‌ڪويتا، خاص ڪري آزاديءَ کان پوءِ، بدلجندڙ وهڪرن کي پار ڪندي، نئين ٻاوَ ٻوڏ جي حوالي سان، چندن کان سواءِ نئين اظهاري روپ ۾ بہ اَچڻ لڳي، جيڪو سنڌي اَدب ۾ هڪ نئون ۽ وڏو بدلاءُ رهيو. ان جو وقت 1960 کان پوءِ جو هيو. پر ٻن ٽن ڏهاڪن ۾ اِها نئين سوچ، ڪويتا توڙي ٻين نثري روپن ۾، جهڪي بہ پوڻ لڳي. البت اهو اَڌورو سچ اسان گهڻا دفعا دهرائيندا رهيا آهيون.

پورو سچ تہ اِهو آهي، دنيا ڀر جي ادب ۾، ڪويتا ۾ خاص، اِها نئين سوچ ڪنهن نہ ڪنهن طرح قائم رهي آهي ۽ ڪويتا - شاعري، جذبات جي دٻاوَ مان نڪري، ٻوڌڪ Intellectual بڻي آهي ۽ اِهو بدلاءُ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ مقدار ۾، برابر رهندو آيو آهي. چندن ۾ بہ چندن کان سواءِ بہ.

اڃا بہ ان سچ ۾ اهو بہ جوڙڻ ضروري آهي تہ چندن کان مُڪتيءَ جي راهہ تي هليل ڪويتا، سنڌيءَ ۾ ڪجهہ گهٽ پر دنيا جي ڀاشائن ۾ وڌيڪ، خاص طور ڀارتي ڀاشائن ۾ اڃا بہ وڌيڪ، ان مڪتيءَ جي راهہ کان منهن ڪونہ موڙيو آهي. چندن واري ڪويتا جو ناتو راڳ سان رهيو آهي تہ بنا چندن جي ڪويتا، دنيا ڀر جي ڀاشائن ۾ ترجمي جي سهوليت سبب بہ وڌيڪ اهميت پائي ٿي. ان ۾ جذبات گهٽ، سنجيدگي ڪجهہ تہ وڌيڪ رهي ٿي ۽ اهو وقت جو وهڪرو آهي. سنجيدگيءَ جي ڪجهہ اَهڙي بنيادي واتاورڻ سان ڪويتا جو ناتو سوشل ميڊيا سان جڙڻ بہ وڌيڪ سياويڪ آهي.

اول هن سوشل ميڊيا جي ڪجهہ وضاحت ٿيڻ کپندي. هن جو پهريون ناتو انٽرنيٽ سان آهي. (اڳ تہ اهو ناتو نہ پر شرط هو، پر هاڻ بنا انٽرنيٽ جي بہ اهو ممڪن ٿيڻ طرف قدم کنيا ويا آهن.)

ائين تہ سوشل ميڊيا نيٽ ورڪ جون ’سوين‘ سائيٽون آهن - پر انهن ۾2004۾ آيل فيس بوڪ جڻ ڇانئنجي ويو آهي. ائين برابر آهي تہ ان جي شروعات ئي 2000 کان پوءِ ٿي آهي ۽ هن ايپاس جو مکيہ فوڪس ئي1950 کان 2000 رکيل آهي. پر سوشل ميڊيا سان وابسطيءَ جي ڳالهہ ڪرڻي آهي تہ پوءِ دنيا ڀر جي ڪل آدم 7.36 **بلين** (2015 ) مان اٽڪل پنجون حصو آدم 1.44 **بلين**سوشل ميڊيا Face book سان جُڙيل هجي، ان کي نظرانداز نہ ڪرڻ جڳائي. دنيا جو هر پنجون ماڻهو فيس بوڪ تي آهي.

(Users : 1.44 billion monthly active users. March 2015- wikipedia.)

هن عرصي ۾ تمام ٿورن سالن ۾ موبائيل فون جون اڪيچار Application ۽ سي بہ روز نيون اچي رهيون آهن. ڪمپيوٽر واري چيٽنگ‌جا ورلي ٿيندي هئي، اها هاڻ ’Whats App‘ ۾ روز جي ڪرت ٿي وئي آهي. SMS جي شاعري يا شاعرن Quotationيا مثالي شعر، پهريون دفعو عام پبلڪ جي ويجهو آيا آهن، اُنهن جا ننڍڙا ڪتاب بہ اَچڻ لڳا آهن.سچو ڏينهن ’فوٽو‘ ۽’ مئسيج‘

فارورڊنگ ٿيندا ٿا رَهن. اتي لفظن جي بهترين اظهار واري ڪويتا جي شامليت تہ رهڻي ئي آهي ۽ شڪر آهي، اها ڪافي جاندار شامليت ثابت ٿي آهي. جيتوڻيڪ عام ماڻهوءَ جي سياويڪ ڪمزوريءَ سبب انهيءَ سنجيده ڪويتا سان هلڪڙي هاسيہ ڪويتا بہ شامل آهي يا وري نصيحت واري شاعري بہ مثال:

**कुछ इस तरह मैंने जिन्दगी को आसां कर लिया**
**किसी से माफ़ी मांग ली, किसी को माफ़ कर दिया (ग़ालिब)**

ان طرح سنڌي ڪويتا بہ، چند واري بہ سوشل ميڊيا فيس بوڪ ۾، خاص ڪري سنڌ مان، زور شور سان Post ٿي رهي آهي. اُنهن کي، سنجيده چاهي غير سنجيده Like ملي رهيا آهن. ڪامينٽس ۾ ’واه‘ بہ عام جام ڏسجندي رهي آهي. پر اِها شاعري خاص ڪري Reproduction آهي .

خاص طور سوشل ميڊيا جي اَثر ۾، ان لاءِ، لکيل الڳ شاعريءَ جي لهر بہ هاڻ شروع ٿيندڙ نظر اَچڻ لڳي آهي.

سنڌي ليکڪ جو ڌيان ڏسو هيءَ ويو آهي: موهن گيهاڻي گوپال ٺڪر جي چواَڪرن جي حوالي ۾ هيءَ لکيو آهي:

Now no wonder we have S.M.S Poetry! (Mohan Gehani)

جيڪڏهن S.M.S Poetry ۽ جون ڪتابڙيون ٻين ٻولين ۾ اَچڻ لڳيون آهن . پرهاڻ Whats App ۽ Face book جي تمام تمام وڏي واهپي سبب ڪتابڙين ڇپجڻ جي درڪار بہ ڪانهي. سڄو ڏينهن عام ماڻهو، خاص ڪري جوان طبقو، خاص ڪري ليڊيز، مسئيج چيڪ ڪرڻ، موڪلڻ، جواب ڏيڻ، فارورڊ ڪرڻ ۾ چڱو ئي وقت ڏيئي رهيا آهن. ان جو سنو اَثر اِهو ٿيو آهي تہ ’ڪويتا‘ عام ماڻهوءَ جي وڌيڪ ويجهو آئي آهي. ڇو جو هنن روزانو ٿيندڙ هزارن Posts ۾ ڪويتا بہ اڪثر شامل آهي.

ان جو خراب اَثر بہ اوس ٿي رهيو آهي جو سنجيده ڪويتا جا شاعر شايد ڌيري ڌيري، ڪويتا کان دور ٿي سگهن ٿا. ڇو جو عام واهپي واري ڪويتا ڇائنجي ويندي. هن وقت بہ انهن شاعرن جي شاعري وڌيڪ ٿي ڏسجي، جيڪي مخزنن يا ڪتابن ۾ خاص نظر نہ ايندا آهن. ڇو جو ’سوشل ميڊيا‘ ۾ نہ ڪنهن ايڊيٽر جو دخل آهي ۽ نہ ئي ڪو خرچ آهي. وري هلڪو داد هت مفت ۾ ورهائجي رهيو آهي. شايد Like ڪرڻ وقت ڪن جي من ۾ اهڙو هلڪڙو ڀاوُ ايندو هوندو تہ ’Like ڪرني ۾ اپني باپ ڪا ڪيا جاتا هئہ!‘ البت ڪامينٽس ڪرڻ ۾ سنجيدگيءَ جي ڪجهہ خبر پئجي وڃي ٿي. اهو هاڻ جو عام سرشتو آهي، هت روز نوان سڌارا ٿين ٿا. شايد اِهي اوٽايون ڪنهن طرح فلٽر بہ ٿينديون وڃن. يا وري وڌي وڃن. تيزيءَ سان بدلجندڙ هن ميڊيا جو نئون

انداز روز ملندو ٿو رهي ۽ مٽجندو به رهي ٿو.

هن وقت سنڌيءَ ۾ به Whats app جا ڪيترا ئي ننڍا وڏا ’گروپ‘ ڪافي لوڪ پريه نموني هلي رهيا آهن. چاهي اتي به ڪي اختلاف ته ڏسجن ٿا. پر اها ته اِنسان جي فطرت آهي.’سوشل‘ ميڊيا ۾ به سماجڪ اوٺايون ته اينديون. پنهنجو پاڻ کي يا پنهنجن پڙائڻ جو به ڪڏهن لهجو ملي ٿو وڃي هرڪا سولي ۽ سستي چيز سني هئڻ مشڪل آهي.

پر هڪ ڳالهه طيءِ آهي ته هن وقت ان جو جيڪو Craze ( सनक ڏن) آهي ان ڪان بچڻ به مشڪل آهي. ممڪن آهي ته فيس بوڪ، ’اصلي‘ بوڪ کي ئي پٺائي ڇڏي! اهو سچو جادو ڪنهن جو چاهيل ۽ ڪيل نه آهي پر فقط ٽيڪنالاجيءَ جو ئي ڪرشمو آهي ۽ پنهنجو پاڻ ٿيندو ويو آهي. وري به شڪر آهي هن وقت فيس بوڪ ۾ ڪلاسيڪل ڪوين جون ڪِلِپس به ڏسجن ٿيون. فهميدي شاعري به اَچي رهي آهي. آخر به هن قسم جي ’سوشل‘ ميڊيا ۾، فرد کي سماج سان ته منهن ڏيڻو آهي. وري هٽ ته منهن تي ڦهڪائي ڏيڻ ۾ ويرم ئي ڪانه ٿي لڳي. اها بي ڳالهه آهي ته ڪير ڪنهن کي ناراض ڪرڻ ڪونه چاهيندو آهي. پوءِ به ’سماج‘ جون اڪيون پنهنجو پاڻ ۾ هڪ وڏي فلٽر سسٽم جو ڪم ڪنديون آهن. هن وقت جي سوشل ميڊيا ۾ ڪويتا جي آمد جي رفتار ڏسندي، سوَن مان هزار ڪوي بڻائڻ جي اديت طاقت سوشل ميڊيا ۾ ڏسجي ٿي. هٽ ايندڙ تازن ڪوين جون تازيون ڪويتائون، رنگارنگي صورتن ۽ مورتن ساڻ، دلڪش نموني DTP ڪري ڪرائي رکڻ سان، لڳي ٿو،خوبصورت ڇهرن جي نمائش ۽ سڄاوت ڪويتا کي وڏيڪ ’چاهڪ‘ وٺي ڏيندي ته ان ۾ نيٽ ڪويتا جو ئي پلو ڀيڙو آهي. اهڙي اميد ته ضرور ڪري سگهجي ٿي! فيس بوڪ ۽ ٻين سوشل ميڊيا جي ’سائيٽس‘ جي وشين جو دائرو ته دنيا پر جو آهي. اهو ڪافي حد تائين انتظامن ڪان به مڪت آهي. وري اها بي بقا غير جٽادار آهي. ان ڪري ان جي ڪنهن گروپ، خاص قسم جي ڪنهن Activityءَ جو يا ريگيولر حصيدارن جو ڪو به حوالو ڏيڻ جو ڪو به خاص مطلب نه آهي. ڇو جو اهو سرشتو اخبار مخزن يا ڪتاب جيان سانڍي ۽ ڪوجي سگهڻ طرف بلڪل سڄاڳ نه آهي جڻ پل پل جو کيل آهي. ان جي مَراد ته ’ڇهرو سُڃاڻي پراڻن دوستن سان وري ناتو قائم ڪرڻ‘ جي رهي. پر پوءِ اها مارڪيٽنگ ميڊيا به بڻجندي وئي. اهو مٽر ڪڏهن به Edit يا Delete ٿي سگهي ٿو.

جيستائين ڪويتا جو ۽ سو به سنڌي ڪويتا جو واسطو آهي، ان ۾ اسان جي به حصيداري برابر رهي آهي. اسان وقت جي وهڪرن ساڻ هم قدم آهيون. ايترو سنتوش وٺڻ جو حق آهي. اسان جا شاعر شاعرائون نه فقط Text ۾ پر آڊيو ۾ به پنهنجون بلڪل تازيون ڪويتائون ڳائي Post ڪن ٿا ۽ دوستن ڪان اصطلاح به حاصل ڪن ٿا ته داد به پائن ٿا.

هن وقت فيس بوڪ ۽ واٽس اَيپ مکيه طور به سوشل ميڊيا جا مرڪز ٿي پيا آهن پر انٽرنيٽ تي ٻيا به گهڻا ئي ماڌيم ان طرح جون سهوليتون ڏيندڙ آهن جن ۾ ٻين ڪلائن جي ڏي وٺ سان

گڏ ڪويتا شاعري پڻ شامل آهي.

باوجود هن سرشتي جي غير جٽادار هئڻ جي ڪجهه مثالي شموليتون ڏسڻ جي ضرورت اوس آهي.

هن وقت سوشل ميڊيا جي سڀ کان وڏي سرشتي فيس بوڪ ۾ هن طرح جا ڪي سلسلا سنڌ مان ۽ ڪجهه ڀارت مان نظر اَچن ٿا. سنڌ وارن سلسلن ۾ ڀارتي شاعرن جي شموليت به موجود رهي ٿي. ان ڪري انهن جا تمام ٿورا مثالي تفصيل ڏيڻ مناسبت ٿيندو.

www.facebook.com/sindhipoetry
www.facebook.com/bestsindhipoetry
www.facebook.com/sindhishaaeri

www.facebook.com/sindhisadpoetry
www.facebook.com/sindhisongs

www.facebook.com/sindhipoetrysapp.
www.facebook.com/bestsindhipoetrycollection

ٿوري تفاوت سان هلايل هنن سلسلن ۾ ڪنهن طرح سنڌي شاعري لکيل روپ ۾ ۽ بهترين چٽسالي ۽ دلڪش تصويرن سان ڏسي پڙهي ۽ ڪڏهن ٻڌي به سگهجي ٿي. هت ڪڏهن‌لوڪ پريه فلمي ستارن جون تصويرون به آهن.

هڪ اهڙو سلسلو آهي Sindhi Shayari Nau Andaz جنهن ۾ ٻن چونڊيل سٽن جي شاعريءَ کي ڪنهن سهڻي صورت سان سينگاري رکيل آهي ۽ اهڙيون سوين شاعريون هن ۽ ٻين سلسلن ۾ ملن ٿيون هڪ مثال

جيڪو مليو ڪو نه ڪو سبق ڏيئي ويو
پنهنجي زندگيءَ ۾ هر شخص استاد نڪتو!

هت ڪي شاندار شاعريءَ جي جاندار ڳايل وڊيو به رکيل آهن. مثال: هڪ سريلو گيت حاضرين سامهون ڳايڪا پيش ڪري رهي آهي.

ڪوئي يار کان موّلا ڌل جدا نه هجي.

هنن آلبم جي پيشڪش ۾ شاعري دل کي ڇهي ٿي وڃي. هن طرح جا فيس بوڪ پيج رام پنجواڻيءَ، ماسٽر رانجهن، ماسٽر چندر ۽ ٻين ڳايڪن جا به ملن ٿا.

هن وقت ڀارت مان جديد دوَر جي شاعرن مان اندرا پوناوالا، گهنشيام ساگر، نند ڪمار منسکاڻي، ڪنعيو شيواڻيءَ طرفان خاص حصيداري نطر ايندي رهي آهي هو پنهنجون ۽ ٻين پسنديده شاعرن جون رچنائون شيئر ڪندا رهندا آهن.

هڪ مثال:

نند ڪمار سنمکاڻيءَ جي هڪ نئين ڪويتا 'پاراتو' 23 اپريل 2013 تي شيئر ڪيل آهي: جيڪو

سنجيدهہ شاعريءَ جو هڪ عمدو مثال آهي:

پاراتو: نند ڪمار سنمڪاڻي:

پنهنجي / ڏرتيءَ ڪان تہ پڄي آياسين /پر چا /انهن يادگرين ڪان /پڄڻ ممڪن آهي /جيڪي / سنڌين جي ڪروموزومس جي / هر ’جين‘ تي / قدرتي ڪمپيوٽر /اڪري ڇڏيون آهن / يادگرين جا پروگرام /پيڙهين تائين /پيا اسٽانترٽ ٿيندا /ءِ /جڏهن /انهن مان ڪو بہ پروگرام /دماغ جي / سي پي.يو تي هلندو /تہنوان سنڌي /عجب ڪائيندا تہ /هي اڻ ڏٺيون ٻڌيون ڳالهيون /ڪٿان تري آيون آهن /دماغ جي پردي تي /ڪهڙو اسان جو انهن سان / لڳ لاڳاپو آهي.... اسين اَصل آهيون ڪير؟.....

ساڳيءَ طرح .Whats App تي شاعري پوسٽ ڪرڻ لاءِ ڪڏهن رومن لپي ۽ خاص طور ديوناگري لپيءَ ۾ ننڍيون رچنائون ترت ٽائيپ ڪري Post يا وري ٻين‌دوستن  يا گروپس لاءِ فارورڊ ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي. البت هت صلاحون، نسخا، تصويرون، واڌايون ۽ اخباري سماچار بہ گهڻا اچن ٿا ان ڪري شاعري ڏکجي وڃي ٿي. وري سچاتل متر ورگ وٽان غير سنجيده داد ملڻ تي شاعر کي ڪو خاص صادق رايو مشڪل ٿو ملي. پوءِ بہ هنن سوشل ميڊيا جي ڪن محدودگين باوجود انهن جو چَلَڻُ بي حساب  تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي.

شايد انهن جي محدودگين جي ڪري اهو چَلَڻُ سنجيده شاعرن ۾ قبول نہ بہ پوي...يا وري سرشتو ايترو فلٽر ٿي بهتر بڻجي جو اسان کي سنڌي اخبارن ۽ مخزنن جي قحط ۾ ٻڏندڙ ٻوليءَ لاءِ ڪشتي ثابت ٿئي....اول خير!

## 8.3 ڪوي سميلن ۽ مشاعرا: روايت ۽ نواڻ

ڪويتا يا شاعري، جيڪا گنگناڻ سان ۽ پوءِ زباني روايت سان اُسري ۽ لوڪ گيت ۽ لوڪ ناچ سان جُڙي رهي، بعد ۾ اها لکڻ پڙهڻ جي روپ ۾ آئي ۽ اَجا بہ جاري آهي. هن طرح جي سيني روايتن ۾ 'اظهار' مکيہ ۽ مرڪزي منشا رهي آهي.

لکيل ڪويتا يا شاعري کو ماڻهو ڪٿي تہ پڙهي ۽ ان جو هن جي من تي ڪهڙو اَثر ٿئي ٿو ۽ پاڻ جو رد عمل ڪهڙو ٿئي ٿو، ان جو اَتو پتو شاعر کي ورلي ٿو ملي.

هن سلسلي ۾ پُراڻي پرمپرا ۾ 'پاد پورتي' بہ ٿيڻ لڳي ۽ ڪنهن هڪ نڪتي يا خيال يا سٽ تي آڌار رکي ڪيترا شاعر شاعري ڪري، هڪ گڏيل پيشڪش ڪرڻ لڳا. بعد ۾ ان طرح جا 'ڪويتا پاٺ' عمل ۾ آيا. ڪنهن هڪ ميڙ ۾ کو هڪ بہ ڪوي اگر پنهنجون رچنائون پيش ڪري تہ اُها 'ڪويتا پاٺ' ۾ ٻڌندڙن اڳيان ترت رد عمل جي آشا رکبي هئي.

ڪيترا آشو ڪوي گهمندي، ڦرندي، ڪنهن ميڙاڪي ۾، ڪنهن شخص يا وشيہ يا وستوءَ بابت، اتي جو اتي تڪبندي ڪري Instant Poetry ترت ڪويتا پيش ڪري سگهندا هئا.

هنن سيني ۾ بہ 'اظهار' مکيہ روپ ۾ ڪيندر ۾ آهي. وري 'داد' جي بہ اُميد رکبي هئي. زمانو بدلجندو ويو. ڪويتا جا سنجيده روپ وڌيڪ ڪامياب ليکيا ويا.

ان جي اثر ۾ چندن واري ڪويتا جو 'پاٺ' Recitation وڌيڪ پسند ڪيو ويو. ڪيترا شاعر وري اهو ترنم ۾ پڻ پيش ڪرڻ لڳا جيڪو طريقو ڪويتا پڙهڻ ۽ ڳائڻ جي وچ ۾ ٿو نظر اَچي. لکڻ پڙهڻ جي هلندي، ڪڏهن ڪڏهن هن طرح جي آوازي پيشڪش لوڪ پريہ ٿيندي رهي. ڪنهن زماني ۾ هنديءَ جي اهڙن مشاعرن ۾ هري ونش راءِ بچن کي ٻڌڻ لاءِ ماڻهو ڏهہ روپيہ ٽڪيٽ خرچي بہ ويندا هئا. شاعرن لاءِ اهو جڻ گذر بسر جو سهايڪ وسيلو بہ ٿي ويو. پر در حقيقت زباني شاعريءَ جي هيءَ روايت 'اردو'ءَ جي شاعرن وٽ وڌيڪ ڪامياب رهي.

پوءِ وري 1950 کان ڪجهہ پوءِ آڪاشواڻي يعني آل اِنڊيا ريڊيو ۾ 'ڪويتا پاٺ' لاءِ ڪوين کي ڪوٺ ٿيڻ لڳي جيڪا روايت اڄا بہ جاري آهي، پر تمام گهٽ ٿي آهي.

ڪويتا پاٺ يا مشاعري ۾ شاعر گهڻو ڪري عمديون يا چونڊ رچنائون کڻي ايندا آهن ۽ ٻڌندڙن جو داد ماڻڻ لاءِ بهتر کان بهتر نموني ڪويتا پيش ڪرڻ چاهيندا آهن. گهڻو ڪري ڪويتا پاٺ هڪ يا ڪن ٿورن ڪوين تائين محدود هوندو آهي ۽ مشاعري يا ڪوي سميلن ڪافي تعداد ۾ ڪوين سان پيش ٿيندو آهي ۽ٻڌندڙ يا درشڪ بہ وڌيڪ گهربا آهن.

سنڌيءَ ۾ پڻ، اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا جي طرفان ٿيندڙ 'سنڌي ساهتيہ سميلن'ءَ پوءِ 'سنڌي ساهتيہ سيمينار' جهڙن ساهتڪ جلسن ۾ 'مشاعرو' يا وري ڪويتا پاٺ هڪ خاص پيشڪش بڻجي پيا هئا.

ائين تہ اهڙن مشاعرن ۾ بزرگ شاعر ان جو سنچالن ڪرڻ لاءِ با ادب گهرايا ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن فصيح زبان ۽ حاضر جوابي شاعر بہ سنچالن ڪندا هئا، جن ۾ هريش واسواڻي، جڳديش شهدادپوري ۽ ٻيا بہ اڪثر نظر ايندا هئا. اهڙن ڪيترن مشاعرن ۾ گهڻو ڪري عام لوڪ بہ شاعرن ۽ ليکڪن جي ميڙ ۾ شريڪ ٿيندا آهن ۽ شاعرن کي داد ملندو آهي.

هنن مشاعرن ۾ آزاديءَ کان ڪجهہ وقت پوءِ سنڌيءَ جا برک ڪوي بهرو وٺڻ لڳا، جن ۾ خاص ذڪر جوڳا شاعر هئا:

ليکراج عزيز، رام پنجواڻي، ارجن شاد، ڪرشن راهي، موتي پرڪاش، ايشور آنچل، پريو وفا، سڳن آهوجا، ٽيڪچند مست، واسديو نرمل، پرسرام ضيا، ايم.ڪمل ۽ ڪيترا ٻيا. هي سڀ ممبئي ۽ الهاسنگر جا هئا.

ان کان سواءِ هرومل سدارنگاڻي، نارائڻ شيام، گوورڌن ڀارتي، ڊولڻ راهي دهلي ۽ اجمير ڀاسي جا هئا.

ٻين شهرن جا شاعر ڪوي هوندراج دکايل، هري دلگير، هريش واسواڻي، ڪيئلداس بيگواڻي ’فاني‘، ارجن حاسد، هاسارام پيئا، پهلاج مسافر وغيره بہ اَڪثر ذڪرجندا رهيا.

هن سلسلي ۾ هڪ طرح جي اهڙي سيٽنگ بہ نهڻ لڳي جو هري دلگير کي اڳواني ڏيڻ جي هڪ روايت قائم ٿي ويئي، بعد ۾ ٻين ڪوين اِها جاءِ ورتي. جيئن تہ ارجن حاسد، واسديو موهي، ان وقت ڪيتريون خاص ڳالهيون مشاعرن ۽ ڪوي سميلنن جي ذڪر سان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ايندڻيون هيون. جئن هريش واسواڻي بنا چند واري ڪويتا هئڻ جي باوجود بهتر پيش ڪش سبب داد پائيندو هو ۽ هو هميشہ ڪويتائون برزبان ٻڌائيندو هو. ڪڏهن بہ پنو ساڻ رکي پڙهندو ڪونہ هو. ايترو ئي نہ هن کي ڪن ٻين ڪوين جون ڪويتائون ياد هونديون هيون.هري دلگير شاعرن جي تعارف ۾ هنن جي بهتر آجيان ڪندو نظر ايندو هو .

هنن شاعرن ۾ ڪيترا يادگار مشاعرا آديپور ۾ بہ ٿيا، خاص ڪري پريو درشن هال ۾ ٿيل هڪ مشاعري ۾ پريم پرڪاش جي ڪويتا ’ڀڳت‘ پوءِ بحث جو وشيہ بڻي هئي.

مشاعرن ۾ اڪثرچند واري رچنا وڏيڪ ڪامياب ويندي هئي ۽ ٻڌندڙن وٽان ’اِرشاد‘ ’ورائي چئو‘، ’دُبارا‘، ’واه واه‘ جو داد ملندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن فرمائش بہ ٿيندي هئي.

ڪويتا پاٺ اڪثر ڪاليج جي شاگردن اڳيان وڏيڪ ٿيندا هئا. اهڙو هڪ جلسو چاندي ٻائي ڪاليج ۾ ڊاڪٽر ديال آشا جي سنچالن ۾ ڪافي يادگار رهيو،جنهن ۾ بهترين سنڌي شاعرن گوورڌن ڀارتي ۽ واسديو نرمل پڻ بهرو ورتو هو. سنڌي ساهت منڊل ۾ منگهارام ملڪاڻيءَ جي رهبريءَ ۾ هلندڙ ادبي ميڙ جيان احمدآباد جي ادبي ميڙن ۾ ريگيولر ’ڪويتا پاٺ‘ جو سلسلو سالن تائين جاري رهيو آهي جنهن ۾ ارجن حاسد واسديو موهي ۽ ٻين جي رهبريءَ جي نيڪي ٻُڌبي آهي. اَهڙا ميڙ البت شاعريءَ تائين محدود نہ هوندا آهن. احمدآباد بمبئيءَ جيان

الهاسنگر، دهليءَ ۽ پڻ ٻين شهرن جي اَهڙن ادبي ڪلاسن جي بہ نيڪي ٻڌبي آهي.

عام طور هنن مشاعرن ۾ روايت طور بهتر يا بزرگ شاعر سنڀالن ڪندا آهن. ٻڌندڙ داد ڏيندا آهن. وري نئين زماني ۾ اهڙن مشاعرن ۾ ڪنهن هڪ ’ٿيم‘ کي کڻي بہ ڪوششون ٿيون آهن. تنهن ۾ ديش ڀڳتي يا آزاديءَ جي جشن يا وري هوليءَ جي جشن کي مرڪزي خيال بڻائڻ جي ڪوشش بہ شامل آهي. دهلي اڪادميءَ جي مشاعرن جي روايت ڪافي سالن کان هلندڙ آهي.

مرڪزي ساهت اڪادميءَ جي ٻهو ڀاشيءشاعر جون رچنائون انگريزي يا هنديءَ ۾ پيش ڪرڻ وارن مشاعرن ۾ پڻ سنڌي شاعرن کي جوڳي جاءِ ملندي رهي آهي. ساڳئي نموني سنڌ ۾ ۽ هند ۾ انتر راشٽريہ مشاعرن ۾ بہ ٻنهي ديشن جي سنڌي شاعرن جي گڏيل شرڪت ٿيندي پئي رهي آهي.

## 8.4 ريڊيو ۽ ٽي.وي.

هت ريڊيو، ٽي.وي. ساڻ ويب سائيٽ ۽ فلمن جي ڳالهہ ڪرڻي آهي. سنڌي شاعريءَ جي اظهار جي وسيلن جي ڏس ۾ جتي پنيان اليڪٽرانڪ ميڊيا جو تفصيلوار ذڪر ٿيو آهي، اتي قريب قريب ان ئي پرڪار جي اظهار جي ٻين وسيلن ۾ ريڊيو ۽ ٽي.وي. بہ شامل آهن.

آزاديءَ کان ڪجهہ وقت پوءِ ريڊيو تي سنڌي پروگرام اَچڻ لڳا. اٽڪل 1970 جي آس پاس اُهي بلڪل عام ٿي ويا. سنڌي شاعرن کي ’ڪويتا پاٺ‘ لاءِ ڪوٺ ٿيڻ لڳي. سنو نذرانو بہ ڏنو ٿي ويو. اڄ تائين اهو سلسلو ڪنهن نہ ڪنهن طرح جاري آهي.

ڀارت ۾ سنڌي پرانت نہ هئڻ ڪري، جدا جدا ريڊيو اسٽيشنن تان، خاص ڪري جتي سنڌي وڏيڪ رهن ٿا، سنڌي پروگرام ٿيڻ لڳا.جن ۾ ممبئي، احمدآباد بڙودا نالي سان آڪاشواڻي احمدآباد، جئپور، ڀڄ ۽ ڪجهہ ٻيا ڪيندر شامل ٿيا.

وري آل انڊيا ريڊيو جي ايڪسٽرنل سروس طرفان، خاص طور سنڌ ۾ پهچڻ لاءِ، سنڌي پروگرام شروع ٿيا، جن ۾ ان وقت وينا شرنگي ۽ پوءِ شالني ساگر، بہ پينر اَنائونسر طور ڏاڍيون مشهور ٿيون. ان وقت جيڪو ’ادبي گلشن‘ هفتيوار پروگرام ٿيندو هو اتي شاعرن کي بہ شامل ڪيو ٿي ويو. جيڪو پروگرام اڄ ڪلهہ بہ ڪنهن طرح جاري آهي. ٻين ريڊيو اسٽيشنن تان بہ ’شاعر جي قلم مان‘ يا ’ڪويتا پاٺ‘ ڏنا ويندا آهن.

ريڊيو وارن ڪيترا مشاعرا بہ پيئيڪيا آهن. رواجي طرح اهي اسٽوڊيو ۾ رڪارڊ ٿيندا آهن جتي ڪڏهن ’ٻڌندڙ‘ بہ گهرايا ويندا آهن. ڪڏهن اهي لائيو بہ ٿيا آهن.

ريڊيو جيان، بلڪل ساڳيءَ طرح اهي ’ڪويتا پاٺ‘ چاهي مشاعرا ’دوردرشن‘ تان پرسارت ٿيندا رهندا آهن. البت هنن وٽ انتظامي آفيسر ڪڏهن سنڌي ڪڏهن وري غير سنڌي هوندا آهن، ان ڪري انهن مشاعرن بابت ڪڏهن ڪڏهن هنن کي ٻين جي مدد جي درڪار ٿيندي آهي.

سنڌي گيتڪارن مان گوورڌن ڀارتي سڀ کان وڌيڪ مقبول رهيو جنهن جا گيت وڏ ۾ وڏ فلمن جي معرفت ريڊيو تي ايندا رهندا آهن.

اڄ ڪلهہ ڪن سنڌي شاعرن ٽيليوزن جي ٻين پرائيويٽ چئنلس تي بہ مشهور هندي سيريل لاءِ بہ هندي گيت لکيا آهن. (مثال طور سيريل ’سپ ڪي لاڏلي بيبو‘ اسٽار پلس جي پيش ڪش ۾ نيلو ميگهہ جون رچنائون ڳايون ويون آهن)

ائين دوردرشن جي طرفان بہ مشاعرن جي پيشڪش اڪثر ٿيندي رهندي آهي جن ۾ نوان ۽ سينيئر شاعر شامل ٿيندا رهندا آهن.

هن قسم جي سنڌي شاعرن جي شعر جي پيشڪش کي آڊيو ۽ وڊيو جي روپ ۾ وڏو ماڌيم ملندو

رهندو آهي. اهڙو ئي ٻيو وڏو ماڌيم بہ آهي ويب سائيٽ. اتي بہ سنڌي شعر آڊيو، وڊيو ۽ ٽيڪسٽ ٽنهي روپن ۾ رکيو ويو آهي. ڪيترن مخزنن ڪي پڻ ويب سائيٽ يا فيس بوڪ تي رکڻ شروع ٽي ويو آهي. ويب مخزن (آن لائين مخزن) پڻ ان قسم جو ڪارگر ذريعو آهي جنهن جي شروعات 'سنڌي گلاب ڊاٽ ڪام' ڪڏهن جو ڪري ڇڏي آهي. ائين ريڊيو ۽ ٽي.وي. تي سنڌي شعر جي محفل هاڻ ڪا نئين ڳالهہ نہ رهي آهي. پر ويب سائيٽ ۽ آن لائين مخزن جي اڃا بہ تمام گهڻي گنجائش آهي. ڇو جو اهو ماڌيم سڀ قسم جي اظهار لاءِ ڪارگر هئڻ ڪان سواءِ محفوظ، هڪيو حاضر سستو سولو ۽ دنيا ڀر ۾ مهيا آهي.

سنڌي گيت فلمن ۾ بہ جام هليا آهن ۽ لوڪ ڀريہ بہ ٿيا آهن. گوورڌن ڀارتيءَ جي گيتن ۾ سي. اَرجن سنگيتڪار ۽ گايڪا ڀڳونتي ناواڻيءَ ساڻ مشهور نالو رهيو آهي.

پر فلمن ۾ ٻين گيتڪارن ۾ سڀ ڪان اهم آهي پرسرام ضيا. فلم 'اباڻا' ۽ هن جي ٻين گيتن ۾ هو شايد سڀني ڪان بهتر شاعر ليکي سگهجي ٿو. اسان جي ڪن ٻين شاعرن جون بہ ڪي رچنائون فلمن ۾ مقبول ٿيون آهن. تن ۾ شاهہ لطيف ۽ سچل جي ڪلاسيڪل ڪلام ڪان سواءِ شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام ڪي بہ ياد ڪرڻ گهرجي. ڪيترن ٻين جديد شاعرن جون رچنائون بہ فلمن لاءِ ڪنيل آهن يا وري خاص طور فلمن لاءِ لکيل آهن.

فلم جيان نرتيہ بئلي جي ڪن اسمن لاءِ بہ شاعرن جون رچنائون ڳايون ويون آهن. جن ۾ اَرجن حاسد ۽ واسديو موهيءَ جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو.

لوڪ گيت بہ سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ تمام اهم جڳهہ والا رين ٿا. البت لوڪ گيت ڪي جديد شاعرن جي رچنا نہ هئڻ سبب الڳ قسم جي شاعري قبول ڪئي ويندي آهي. پر انهن جي اهميت صدين ڪان سلامت آهي ۽ اڄ بہ اهي اسان جي جيون جو اهم حصو آهن. لوڪ گيت جي طرز تي نيون رچنائون اوس لکيون وڃن ٿيون.

هنن ۾ ڀڳت بہ هڪ تمام اهم اسر آهي جنهن ۾ لوڪ ڪٿا ۽ لوڪ گيتن جو سنگم رهي ٿو ۽ اهو بہ شاعريءَ جو نرالو اظهار آهي. ان ڪي جديد روپ ۾ ياد ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

سنڌي شاعريءَ جي اظهار جي هنن قسمن ۾ گهڻو ڪري سنڌيت جيجذبي جو وڏيڪ قدر ٿيو آهي.

هت ورهاڱي ڪان پوءِ جي سنڌي ڪويتا جي گذريل پنجاه سالن جي هن اڀياس ۾، موضوعن ۽ اظهار جي نَوَن طريقن ڪي مکيہ طور ڌيان ۾ رکي، اظهار جي نون وسيلن ڪي شمار ڪندي، اهو جاچڻ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ اڄ جي وقت ۾ شاعريءَ جي اظهار جي نئين زماني جي وسيلن ۾ سنڌي شاعري ڪيتري قدر هم قدم آهن.

البت هت هن قسم جي تفصيلن ڪي تمام مختصر ۾ ڏسڻ جو ئي موقعو آهي پر ايترو اوس نظر اَچي ٿو تہ سنڌي شاعر پنهنجي وهنوارڪ قابليت سان، محدود وسيلن باوجود، ڪٽي بہ خاص

پنتي نہ رهيا آهن. سواءِ ان جي تہ ، اسان جي سنڌي ادب جي حالت، سنڌي ٻوليءَ جي حالت ڪان الڳ نہ آهي ۽ سنڌيءَ ۾ پڙهائي ختم ٿيڻ سان، سنڌي ٻوليءَ جو واهپو گهٽجندو ويو آهي، ان ڪري، سنڌي شاعريءَ جو دائرو بہ ايترو ئي رهڻو آهي.

اهو مڃڻو پوندو تہ اڃا،شاعريءَ جي لکجڻ ۾، سرجن ۾، شاعرن جي دلچسپي اوس نظر ايندي رهي ٿي. جيتوڻيڪ شاعري لکجي ٿي. ڇپجي بہ وڃي ٿي. يا ٻين وسيلن ۾ اظهار پائي ٿي. پر جن لاءِ لکجي ٿي، اهي نظرڪونہ ٿا اَچن. وري بہ شاعري پڙهجڻ بجاءِ ٻڌجڻ جي وڌيڪ گنجائش آهي.

لکڻ پڙهڻ جي وسيلن جي قحط سبب شايد اسان کي ’آڊيو بوڪ‘ کي لوڪ پريہ ڪرڻو پوندو. جيئن اسان جي شاعري اڃا بہ هڪ زمانو ماڻي سگهي. ڀارت ۾ تہ اِهو ئي اڄ جو سچ نظر اچي ٿو. ڪنهن حد تائين، سياڻي جي سچ جي آشا بہ ان ۾ سمايل آهي.

# باب نائون
# سنڌي ڪويتا سن 2000 کان اڳتي

9.1 موضوع هڪ سرسري نظر

9.2 اظهار جا نوان طريقا-هڪ سرسري نظر

9.3 ڪجهه اَهم رچنائون ۽ رچناڪار

## پس - منظر

آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا شاعريءَ جي، خاص حوالن واري هن اَيياس ۾، ائين ته ان جو مکيه عرصو خاص طور’1950 کان 2000‘ جي اَڌ صدي فوڪس ۾ رکيل آهي. پر اِها اييياس جي دائري جي محض هڪ سهوليت آهي، ڪا حدبندي بلڪل نه آهي. ان ڪري هن اييياس ۾، ان دائري کي فقط ڌيان ۾ رکڻ جي اهميت رهي آهي. ڇاڪاڻ ته هن يگ ۾ اَڄ ڪلهه ته فقط ڏهاڪو سالن ۾ اڪيچار ساهتيه جي رچنا نظر اَچي سگهي ٿي، جيڪا پنين پنجاهه سالن ۾ به ڪانه ٿي هوندي. ان ڪري اهڙي دائري کي فوڪس ۾ رکڻ ضروري ٿئي ٿو.

ساڳئي وقت ساهتيه جي بدلجندڙ رُخن يا پيچرن ۽ پڻ اَنيڪ قسمن جي بدلاون جي مدي نظر، ان دائري جي اڳيان ٿي نه، بلڪ پنيان به، نظر ورائي ڏسڻ جي ڪوشش به هت ڪيل آهي.

ان طرح، هت سنه 2000ع کان اڳتي ٿيل ڪويتا شاعريءَ جي خاص خاص رچنائن، بدلاون، اثرن جي ڪجهه چاڻ يا چند چاڻ شامل ڪرڻ به مناسب سمجهيو ويو آهي. ان سلسلي ۾، هن اَيياس جي ٻنهي حوالن کي اوس اول ڌيان تي رکڻ به ضروري آهي جئن طويل اييياس جي سلسلي کي يَڪ سُرو ٿيڻ ۾ رڪاوٽ نه اَچي.

سنه 2000ع کان اڳتي جي ڪن رچنائن جا ڪي حوالا هت شايد ڪنهن ذڪر طور دهرائجي به سگهجن ٿا. البت ان بابت گهربل ساوڌانيءَ جي ڪوشش اوس ڪيل آهي. جيتوڻيڪ ڪن اَلڳ ڪُنڊن يا حوالن سان ڪي ذڪر دُهرائڻ ضروري به ٿي سگهن ٿا ۽ اهو ايترو ’اٽڙ‘ ليکڻ بهتر ٿيندو.

## 9.1 موضوع هڪ سرسري نظر:

اول هن حوالي جي تند پڪڙجي.

مٿي ڏنل باب پنجين جي نڪتي ٽئين (5.3) ۾ لکيل هڪ اَهم حوالي کي ڏسون: 'غزل جو موضوع شروع کان رومانس رهيو آهي. سچي دنيا کي سياست ۽ جنگ جي خونخوار چنبن کجهہ ائين نچوڙيو آهي، جو مخلوقات کي، ڇهنبڙي پائي سجاڳ رکڻ لاءِ، شاعرن پنهنجي اَڏ کان وڌيڪ شاعري ان مضمون کي ئي اَرپڻ ڪري ڇڏي آهي....'

سنہ 2000ع کان پوءِ بہ، سنہ 2000ع کان اڳ جيان ئي، سنڌي شاعريءَ ۾ 'غزل' اڳري ئي نہ، پر تمام اڳري صنف رهي آهي.

وري ارجن حاسد خود بہ اڳرو ئي نہ پر تمام اڳرو غزل جو شاعر رهيو آهي.

وري مٿيون گفتو غزل جي اينٿالاجيءَ جي مُهاڳ ۾ آيل آهي. لحاظا ان جي اَهميت قبول منظور آهي.

جي ڪڏهن ان جي صداقت تي ويچار ڪجي تہ لڳي ٿو.

سنڌي غزل تي، عام طور ٿي سهين، سياست ۽ جنگ جي پيانڪ اثرن کي وڏي مقدار ۾ ۽ سنجيدگيءَ سان ڪنيل هئڻ جي تصديق ٿئي ٿي. اهو هڪ يگانو بدلاءُ چئي سگهجي ٿو.

ائين تہ هن يا اَهڙي ڪنهن بہ عام 'تاثر' جي پوريءَ طرح ڪرائي ڪري سگهڻ(Justfication) ممڪن نہ ٿو نظر اَچي ۽ وري نہ ئي ان کي رد ڪرڻ بہ سولو آهي. پر هڪ اهم شاعر جي اهم مُهاڳ ۾ لکيل هن تاثر جي اهميت ان مان ئي ثابت آهي تہ اهو 'تاثر' اسان مان ڪنهن بہ عام پاڻڪ يا اَيپاسيءَ جي دل سولائيءَ سان مڃي ٿي پر ٿوري ڇنڊائي گهري ٿي.

هت سياست لاءِ تہ ڪو شڪ ئي نہ آهي، باقي جنگ جي تاثير کي ڪنهن کُشادي نموني ڪٿڻ سان لڳي ٿو، اڄ جو شاعر مانوتاواد جي جوابداريءَ طرف ڪافي سجاڳ آهي، سو بہ غزل جهڙي رچنا ۾، جتي شاعر جذبات جي سطح تي سوچ کي ترجيح ڏيڻ کان خيالي دنيا ۾ عيش ڪندو نظر ايندو رهيو آهي. ان طرح اهو سنڌي غزل ۾ شاعر جي سنجيدگيءَ جو وڏو بدلاءُ ڏيکاريندڙ تمام اهم حوالو ثابت ٿئي ٿو.

جنهن متعلق سنہ 2000ع کان پوءِ بہ ڇپيا اهم ڪتاب اسان کي اَصل ساڻ ڪن انوادن جي روپ ۾ پڻ ملندا رهيا آهن، جن ۾ ڪن خاص گرنٿن جو ذڪر اڳ ٿيو آهي. انهن ۾ سڀ کان اهم ثبوت اهو آهي تہ ويجهڙائيءَ ۾ سنڌين جي ڏارمڪ صدق جي عيوضي ۽ ايلچي (Ambassador) دادا جشن واسواڻيءَ جي روحاني رنگ جي ڪوتائن جو وڏو سنگرهہ 'انجلي' شايع ڪيو ويو آهي. اهڙو ئي هڪ مهاگرنٿ اڳ ۾ دادا ٽي.ايل. واسواڻيءَ جو 'نوري گرنٿ' اسان وٽ اڳ ئي موجود آهي.

ڏارمڪ پاونا واري ڪويتا جي ڏس ۾ انهن جي، عام جنتا ۾ تمام گھڻي عزت رهندي آئي آهي اهڙن درويشن جي تصديق 'تحقيق ۽ تنقيد' هيري نڪر جي ڪتاب ۾ به ٿي آهي ته 'سنڌي سنت ساهتيه' (جيئو لعلواڻي) ڪتاب ۾ به ٿي آهي.

هن عرصي ۾ موضوعن جي لحاظ کان، سنڌيت جو موضوع اڳ کان ڪي قدر گھٽ نظر اَچڻ جو ذڪر ته برابر ٿيو آهي، پر اهو ڪنهن نه ڪنهن طرح جاري ته اوس رهيو آهي. ويجھن سالن ۾ 'سنڌ جو سنڌي ساهتيه' بابت هڪ شاهي سيمينار به ٿيو آهي،ائين 'سنڌ' کي ياد ڪرڻ جو هڪ خاص جشن ڪيو ويو ۽ ان جو پورو ڪتاب به مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ شايع ڪيو آهي؛ازانسواءِ 'ورهاڱي کان پوءِ سنڌي شاعريءَ ۾ سنڌيپڻي جو فنڪارانه اظهار' واري خاص سيمينار ۽ ان جي پستڪ معرفت به سنڌيت کي ياد ڪيو ويو آهي: ائين ته ويجھڙائيءَ ۾ آيل ڪتاب 'سونه ورني سنڌ جي ياد' (ڪنعيالال تلريجا) ۾ سنڌ ۽ هند جي شاعرن ۽ شعرن کي سڪ سان نوازيو ويو آهي.

سماجڪ نظريو به هميشهه ساهتيه جي هر شاخ ۾ هر وقت جيان موجود رهندو آيو آهي اهو خاص طور الڳ نه به نظري پر هڪ نه ٻي طرح موجود اوس رهي ٿو. هونءَ به اهو موضوع خود ۾ عالمي اهميت رکي ٿو.

ها، ترقي پسند دوَر جي ڳالهه ٻي آهي، پر ان نظريي Concept کي سماجڪ نظريي سان جذب ٿيل ڏسي سگھجي ٿو. ويجھڙائيءَ ۾ 'مٽڪو' نالي هڪ ڪردار جي ڪويتا سنگرهه ۾ ان جي مثالي رچنا جديد شاعر واسديو موهيءَ جديد ڪويتا ۾ پيش ڪئي آهي. جديد شاعر ترقي پسند ڌارا واري نوع ۾ نه پر ڪلاڪار جي قلم سان اها 'همدردي' رچنا ۾ اوتي ڇڏي آهي. جنهن جو مثال هنديءَ جي مهان يڳ پرش ڪوي سوريه‌ڪانت ترپاٺي نرالا جي رچنا 'وهه توڙتي پٿر' جي ويدنا جي ياد ڏياري ٿي.

هنن ويجھن سالن ۾ هڪ اهڙو موضوع سنڌي ڪويتا ۾ جنهن انداز ۽ مزاج سان نظر اَچڻ گھرجي، اهو ڪونه آيو آهي اهو آهي آتنڪوادي ۽ نڪسلوادي دهشتگريءَ جي خلاف شاعر جي رد عمل جي ڇيڇ.

اِها ڇيڇ دنيا جي پاسائن ۾ جتّن آئي آهي، ايتري ته خير پارتي پاسائن ۾ به ڪانه ٿي ملي پر سنڌيءَ ۾ ان جو نه ملڻ ڪجھه حد تائين کٽڪي ٿو ڇو جو سنڌي شاعري ديش جي هر ڪنڊ ۾ رهندڙ جاتيءَ جو نمائيندو آهي.

گھٽ ۾ گھٽ ان معاملي ۾ سنڌي شاعر بند ڪمري جي هوادار ٽيبل جو ڪوي بڻجي رهجي ويچي، اهڙو ته هو ڪونه آهي. جيتوڻيڪ ننڍين وڏين کي جھلڪون اوس ملي ٿيون وڃن.

هن عرصي ۾ سڀ کان اهم ۽ سڀ کان وڌيڪ سڦل رچنائون ٻن خاص موضوعن ۾ آيون آهن. اهي' انساني سڀاوَ ۽ فطرت' نسبت ۽ 'قدرت-پرڪرتي' ۽ جي حوالي سان چٽساليءَ طور ڇپيون سگھجن ٿيون، جن نسبت کي خاص ڪتاب خاص رچنائن ۾ به شامل آهن.

هن سلسلي ۾ انساني فطرت جي چٽسالي گهڻو ڪري عام جام ۽ ذري گهٽ هرڪو ڪوي ڪري رهيو آهي، پر ان ڏس ۾ طنز واري مَڌُر تڪاس ڏيڻ ۾ اَرجن حاسد، واسديو موهيءَ ساڻ گوپ ڪمل ۽ لڇمڻ دبي ڪي خاص ياد ڪري سگهجي ٿو. مثال طور ان جا اڻ ڳڻيا آهن:

ملڻ چڙي ڏي هُنن وڏن سان
ٿڪجي پوندين تون هٿ جوڙي (ارجن حاسد 'رچنا')
مزور ڪم تي لڳايل ڏسندين
سمورا شينهن بڪايل ڏسندين (ارجن حاسد 'نہ ائين نہ')

هنن مثالن ۾ اها طنز جي مڌُر تڪاس اکثر جهلڪي ٿي.

ڪو ڪٿي ماٺي نعمتون زندهہ
ڪنهن جون ڪنهن سان عداوتون زندهہ (واسديو موهي 'ريل جي پٽڙي ميري')
آدمي هرڪو ٿيندو ناهي برو
هيل تائين تو آئينو ئي ڏنو (گوپ ڪمل 'سچ اڳيان ٻڪ')

هڪ خوشيءَ لاءِ غم سوين پيدا ڪندا
ٻيو ڀلا مجبور ماڻهو ڇا ڪندا (لڇمڻ دبي 'آڪاش جا ٽڪرا')
مرڪ ورهايون ڀاڪر پايون
ياري پڻ دنيا داري آ. (ارجن حاسد 'ساهي پتجي')

هونءَ ڏٺو وڃي تہ سنہ 2000 ع کان پوءِ جي ڪويتا ۾، غزل چاهي نئين ڪويتا ۾، انساني فطرت- سڀاءَ جي منو وگيانڪ طنز نگاري سڀ کان وڌيڪ ۽ سڀ کان وڌيڪ سڦل رهي آهي. ڪي ٻيا شاعر بہ ان ڏس ۾ ڏسڻ وٽان آهن. نوان چاهي بزرگ ڪوي هر ڪنهن وٽ اهو مزاج ملي ٿو.

ڪروڙ گهرجن، لکن هزارن جو نہ حساب
ڏاڪو ڏاڪو چڙهڻ نہ چاهي ڪو بہ جناب! (ڊولڻ راهي 'مان آرسي تنهنجي')

ڪيسا وڏا دل ننڊي، اڄ جا دلبر يارَ (ستيش روهڙا 'تنها')

ڇو ٿو ڇيڙين سماج جون ڳالهيون
هي تماشو تہ ڪاغذي آهي. (ڪئلاش شاداب 'اڪيلايون')

بس ۾/ منهنجو لتڪندڙ پوز/ تڪيندڙ هڪ انساني حيوان!/ مون سندس عرصي جي گهوُر رکي/ پنهنجو اُڀار لاهي ڏنو! (مايا راهي 'احساس')

مُشڪ، چمي يا هڪ پاڪر
ڪو تہ ڪلونو ڏيو سڄو (ونود آسوداڻي ’پڻ پڻ‘)

اڄ ظاهري لوٽ مار تي پيو جڳ
خاموش رهڻ جو ڏس ڏيڻ لڳو (ايم. ڪمل ’ايم.ڪمل جو چونڊ ڪلام‘)

فطرت جي ان تازي اظهار ۾ ڪڏهن طنز آهي ڪڏهن سادگي بہ آهي. پر اهو اڄ جي شاعر جو اهم موضوع بڻيل نظر اچي ٿو.

ان ساڻ ئي هن عرصي ۾ ٻيو اهم موضوع قدرت- پرڪرتيءَ جو نئين نظر وارو نظارو نظر اچي ٿو.

جديد دوَر جي شاعريءَ ۾ اها جڻ هڪ نواڻ ٿي نظري، جيڪو هونءَ تہ شاعريءَ جو تمام پراڻو تمام ويجهو ۽ تمام گهڻو ڦهليل موضوع رهيو ئي آهي.

پر جديد دور ۾ نظر جي نواڻ جو جادو آهي: هونءَ آزاديءَ بعد جي شاعريءَ جي ڪتابن تي نظر وجهون تہ ڪيترن سارن شاعريءَ جي بهتر ڪتابن جي سري ۾ ئي قدرت جهلڪي ٿي! هڪ جهلڪ ڏسون:

ماڪ ڦڙا، واريءَ پريو پلاند، بوند لهرون سمنڊ، ڪوئل، پرهہ جي باک، سامونڊي لهرون، خزان جي خوشبوءِ ۽ پيلا پن، تون ساگر مان لهر، سرخ گلاب سرها خواب، موج ڪئي مهراڻ، جهنگلي گل گاه ڪليا گس گس، وڻ وڻ ۾ وايون، پرهہ باکون ڪيون، بجليون ٿيون برسن، پنڌ تتل واريءَ تي، پٽر پٽر ڪنڊا ڪنڊا، ميرو سج، پنک وڄائن شنک، منهنجي حد آڪاش، سوريہ ياترا، پرهہ کان پهرين، ٽانڊاڻا انڌيري رات ۾، شيتل چانو جلايو آهي، پاڇولا سانجهيءَ جا، سانوري ڪڪري، سرمائي شام، ڪولي ڪنپ اُڏام، رڻ پٽ ۾، پنکڙيون، اُڏڙ پکيئڙا، موَلا مينهن وساءِ، وڻن جهليا ٻور، انڊلٺ سان ڪيڏان، پرش ۽ پرڪرتي، ڪونجون ٿيون ڪڪن، پوپٽ پکڙيندي، آڪاش جا ٽڪرا. صبح ڪٿي آهي، ڇهنب ۾ ڪڪُ،تارين جهليا ٻور، ڌرتيءَ کان آڪاس تائين، سرحدن تي گل، چانوَ ويڙهيل جسم، سج اڳيان ٻڪُ، پن ڇڄڻ جو آواز، مور پنکي پل، شبنمي قطرا، چنڊ منهنجو پاڇو آهي، نانگن جا ٻرَ، گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاش، سج الائي ڪٿي ڪري پيو...

انهن اهڙن سِرن ۾ جيڪا قدرت جهلڪي ٿي، اها اهڙن سرن جي ڪتابن ۾ هئڻ تہ برابر ضروري نہ آهي. پر حقيقت ۾ جديد شاعرن قدرت جو بهترين چٽ چٽيو آهي چاهي انهن ڪتابن جا سرا ڪهڙا بہ هجن يا ڪويتائن جا سِرا بہ ڪهڙا بہ هجن.

شايد ئي ڪو شاعريءَ جو ڪتاب اهڙو ملي جو ان ۾ قدرت جي نئين اظهار کي ڳولهڻ ڏکيو لڳي. پل اِهو غزل جو مجموعو هجي، يا نين ڪويتائن جو .چاهي لنبي ڪويتا هجي يا هڪ ڪردار واريون ڪويتائون.

البت هڪ موضوع طور قدرت جو ورڻن يا قدرت کي ئي مکيہ وشيہ بڻايل هجي، اهو ڪڏهن بہ

درلپ نہ رهيو آهي. هت اهميت ان ڳالهہ جي آهي تہ جديد شاعر بہ قدرت سان اهو ناتو برابر قائم رکيو آهي ۽ اُن کي پنهنجي نئين نظر سان نوازيو آهي. اهڙن مثالن جي هوندي بہ کڏهن کوٽ نہ رهي آهي پوءِ بہ ڪي ٿورا مثال ئي سهين، ڏسڻ تہ جائي ٿيندو: البت جڏهن بہ ڪنهن خاص حوالي وارا مثال درڪار ٿين ٿا تڏهن اِهو شايد ئي ممڪن ٿئي ٿو تہ فقط بهترين مثال ئي پيش ڪري سگهجن، جيتوڻيڪ ڪوشش اَوس رهي ٿي!

هٽ ڪٽي چا ٿو پنين اُپ ڪان تون
ڪنڌهر ۾ بہ ڪو رهندو آ چا (گوپ ڪمل 'چانو ويڙهيل جسم')

وري آسمان ڏي ڪجي ويون نگاهون
دعا ڪي وري آزمائڻ ٿي دل ٿي (ايم. ڪمل 'ايم.ڪمل جو چونڊ ڪلام')

قدرت جو حوالو ڪڏهن فقط آڌار رهي ٿو ڪڏهن خود ۾ ڪويتا جو روح بڻجي ٿو.

اُپ وڇائجي ويو ڌرتيءَ تي
تارا پيرن ۾ وچڙن ٿا (واسديو موهي 'ڇهنب ۾ ڪک')

سُهڻو گل خوشبو ڪٽي
ائن ٽڙڻ مان فائدو! (گوپ ڪمل 'پن ڇڇڻ جو آواز')

اڪثر پرڪرتي- قدرت جي نظارن جو سُک درسي اظهار شيام جي شعر جي سڀ کان وڏي خوبصورتي رهي آهي.

ساندهہ برساتين کان پوءِ اَڄُ مس نڪتو سج آهي
سامهون پٽ تي وينل ڪانءُ بہ سهڻو چا تہ لڳي ٿو! ( نارائڻ شيام 'بوند لهرون سمنڊ')

هونءَ سياڻو ڪانءُ هت سهڻو بہ لڳي ٿو. نظر جي بہ نعمت آهي.

جديد شاعر ڏسڻ ۽ سنگهڻ جي حواسن جي مٿا سٿا ڪري هڪ نئين طرح جي نراليت خلقي ٿو.

پوپٽ ويو اُڏامي هٿن کي ڇُهي ڇُهي
خوشبو گهڻو ئي وقت سندس رنگ جي ڏني (گوپ ڪمل 'سج اَڳيان ٻُڪ')

بيل گاڏي ٽڪل سنجها، گهنڊڻيون
آرتي جوت، گل، هئي شرڌا (اَرجن حاسد 'ساهي پٽجي')

هونءَ تہ عام طور قدرت جو حوالو ڳوناٽي جيون سان وڌيڪ آهي. سنڌي جيون هاڻ پارت ۾ تہ ڳوٺن سان ورلي جڙيل آهي. پوءِ بہ جديد شاعر قدرت جي واٽ ڪانہ ڇڏي آهي. البت نظر نئين

اوس آهي.

پکڙ اپُڏُ/ تون جڏهن اُڏامين ٿين، ڳائين ٿين/ لنوين ٿين/ پنک ڦڙ ڦڙائين ٿين/ ڏاڍو قدرتي ٿو لڳي.... (هريش واسواڻي ’ٻڙي ۽ ٽي ٻڙيون‘)

ڪنوڻ اِندلٺ کي چيو/تون پڻ وسين آڪاس ۾/ ۽/ مان پڻ /تنهنجي هستي بادلن ۽ برسات سان /۽/ منهنجي پڻ !پوءِ اَسان ٻنهي گڏ/ پيار جو رشتو ڇون جوڙيون؟ (موهن گيهاڻي ’رڻ پٽ ۾‘)

قدرت- پرڪرتيءَ جي اها نزاڪت ڪويتا ۾ اَڪثر جتي ڪٿي ملندي ٿي رهي. هي ساديون لڳندڙ ڪويتائون اَصل ۾ اَصلي صندوقون آهن سون جون. انسانيت جي جذبات اهي ئي سجائي سنواري سگهنديون آهن.

پوپٽ/ منهنجي وارن تي اَچي ويٺو آهي/مان ڪيس آئت ڏيڻ چاهيان ٿي/تہ تون گهبراءِ نہ/ هتي توکي ڪير ڪونہ ڏڪائيندو. (ومي سدارنگاڻي’سچ الائي ڪٿي ڪري پيو‘)

قدرت جي سهاري جيون جي وهنوارڪ درشن کي جديد نظر سَگهاري نموني پيش ڪري ٿي سگهي. اها ئي تہ ڪويتا جي طاقت آهي؛

گل ڏانهن مون هٿ وڌايو/ڪنڊو لڳم / مون گل کي روئيندو ڏٺو/ پوءِ ڪنڊي لڳڻ جي/ پيڙا نہ رهي. (هريش ڪرمچنداڻي ’تنهن هوندي بہ‘ )

جديد دور جي خاص ڪري سنہ 2000 جي آس پاس جي سنڌي شاعريءَ جي لاڙن Trends ۾ ڇا خاص آهن- اهي ڏسڻ سان اهو بہ جاچڻ دلچسپ آهي تہ ڇا نہ ملي سگهيو آهي، جنهن متي ذڪر ٿيو آهي تہ اڄ جو شاعر آتنڪوادي نظريي طرف خاص سجاڳ نظر نہ آيو آهي. ڪي ٻيا بہ سنگ ميل آهن جتي اسان جو سنڌي ڪوي گهڻو نظر نہ آيو آهي. جهڙن راشٽريہ ڪويتا يا ديش ڀڳتيءَ جي ڪويتا هڪ لاڙيTrendطور اُڀري هجي، ائين ڪونہ ٿو لڳي. ائين بہ برابر آهي تہ اِهو لاڙو ٻين ڀارتي ٻولين ۾ بہ ايترو اُڀريو نہ آهي پر اڪثر اهو جذبو ڪنهن نہ ڪنهن روپ ماترا ۾ ملي ٿو وڃي. البت ’آزادي آندولن جا گيت‘ هري دلگير جو ايڊٽ ڪيل (1995)۾ پوريون هڪ سو ڪويتائون شامل آهن.

ها، فلاسافي جيون درشن بابت بہ اسان جا ڪوي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ سُجاڳ آهن، جنهنجو هڪ مثال ’اڪر پوري‘ (نند جويري) ڇئي سگهجي ٿو. هن ۾ اڻ سڌو ئي سهين، ’رهسيہ‘ تي سوچيو ويو آهي. ڪجهہ اَهڙو آثار ’منش نگري‘ (نامديو تاراچنداڻيءَ) لاءِ بہ چيو ويو آهي. آسن واسواڻي ’مجبور‘ هن دشا طرف طنزي وڪ وڌائي آهي جڏهن ’ايشور جو آپگهات‘ ۾ هن جيو جڳت ۽ ايشور تي ٺٺولي ڪندي جڳت کي وشيہ بڻايو آهي.

شاعريءَ جي هنن موضوعن طرف جو هيءُ لاڙو يا رُخُ تڏهن چٽو ٿي بيهي ٿو جڏهن ڪافي شاعر چڱي انداز ۾ ان طرف سوچ ۽ اظهار ڪندا نظر اَچن يا وري ڪي خاص سنگرهه يا ڪتاب ان جي شاهدي ڏيندا هجن.

پر اها پرک يا ماڻ ماپا جاچڻ جي ڪا تجويز هٿيڪي ڪانه ٿي رهي. ڇو جو عام طور اهڙا ڪتاب ئي وڏيڪ اَچن ٿا جن ۾ چند واري يا چند بنا واري شاعريءَ جي مجموعي ۾ ’تمام گهڻا‘ موضوع شامل رهندا هجن. ان حالت ۾ اسان وٽ فقط عام تاثر تي مدار رکڻو پوي ٿو جيڪو ڪو وگيانڪ يا ٺوس طريقو ڪونه چئي سگهبو. ڪو سچو غزل سنگرهه پڙهي شاعر جي موضوعن بابت هڪ راءِ قائم ڪرڻ به مشڪل آهي. پر پوءِ به ’عام تاثر‘ ڪي قدر يا ڪڏهن سنجيدگيءَ سانگي ’گهڻي قدر‘ اِهو وشواس لائق ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو ته اسان جا شاعر جديد دوَر ۾ هن طرح جي موضوعن طرف وڏيڪ دلچسپي رکندا نظر اَچن ٿا.

## 9.2 اظهار جا نوان طريقا هڪ سرسري نظر

جنهن صورت ۾، موضوعن جي حوالي ۾، سنہ 2000ع کان اَڳتي، هڪ سرسري نظر وجهڻ ضروري آهي، تنهن صورت ۾، ’اَظهار جا نوان طريقا‘ تي سرسري وجهڻ پڻ ضروري آهي.

عام طور نظر ايندڙ شاعريءَ جي مجموعن ۾، چاهي چونڊ شاعريءَ جي مجموعن ۾ يا ان بابت ايندڙ اپياس ليکن ۾، اهو تہ بنهہ چٽو آهي تہ هن نئين جديد دور ۾، ’غزل‘ ڇانيل رهيو آهي. جيتوڻيڪ ان ۾ ڪي تمام سهڻا معتبر مجموعا بہ پڌي آيا آهن، پر، سرسري نظر سان ڪن خاص اهم ڪوين شاعرن کان سواءِ ، ’ساڌارڻ‘ غزل کان الڳ جديد ۽ نون مضمونن جي سوکيم پيشڪش گهٽ ئي ملي آهي. ٻئي طرف وري نئين ڪويتا تہ بلڪل ئي گهٽ تي نظر اَچي، نہ فقط ايترو، ان ۾ بہ ’اساڌارڻ‘ رچنائون تمام گهٽ ئي آيون آهن. ان جو اهو مطلب يا تارڻ ڪڍڻ ڪو گناهہ ڪونهي تہ سنڌي ادب ۾ گذريل ويجهن ڪن سالن ۾، ’هڪ موت‘ يا وري ’ٿهر‘ جو نظارو آهي. البت، گهٽ ئي سهين، شاعريءَ جي ڪتابن جي اشاعت، خاص ڪري سرڪاري يا نيم سرڪاري مدد سان، يا وري، اشاعت بعد جي سرڪاري خريديءَ سانگي جاري اوس رهي آهي.

اها سٺي ڳالهہ آهي، يا ڪيتري سٺي ڳالهہ آهي، ان ۾ ٻہ رايا بہ ممڪن آهن. ساڌارڻ ڪويتا جي مجموعن سان، اسان ڪويتا جي ڪتابن جا ڪٻٽ سجائي سگهون ٿا، پر ڪويتا جو روح پرڻ ٻي ڳالهہ آهي.

هن عرصي ۾ غزل ۽ پوءِ ڪجهہ انداز ۾ نئين ڪويتا جي ڏانو وارين بنان چندن واري ڪويتا کان سواءِ، روايتي يا پرمپرا وارن چندن ۾، ڪويتا جي ڪن ڪتابن کي اوس ڏسي سگهجي ٿو. پر ان ڏس ۾ پڻ ڪو جمال نظر ڪونہ ٿو اَچي.وري بہ شڪر اهو آهي تہ، هن عرصي ۾ ڪي تمام اهميت ڀريا سهڻا شاهي وڏا غزل جا ڪتاب، انهن ڪوين وٽان اوس آيا آهن، جن جي ڳڻپ اڳ ئي، بهترين ڪوين ۾ رهي آهي. وري هنن جي انهن خاص نظر ايندڙ ڪتابن ۾، پيش ڪيل شاعريءَ ۾، تازگي ۽ نواڻ ساڻ تکي ترار تراش واري ڌاردار شاعري، سنڌي ادب ۾ وڏو اضافو ڪري ٿي. اهڙن ڪن خاص ڪتابن ۾، نہ فقط ڇپائي، گيٽ اَپ يا ڪتاب جي بيهڪ ٺاهوڪي آهي، پر انهن ۾ ڪويتا بہ ڪافي سٺيي آهي. هنن چند ڪتابن کي نظر ۾ رکڻ سان، ائين وسهندو تہ سنڌي شاعري، هن عرصي ۾، ڪافي جاندار رهي آهي. جيڪا ڳالهہ سموريت ۾ اسان جي ادبي غريبيءَ کي ڍڪڻ ۾ تہ ناڪافي آهي ۽ اها اصليت يا حقيقت قبول ڪري هلڻو آهي.

اظهار جي نون طريقن جي هن سرسري نظر ۾، مکيہ سنہ 2000ع کان اڳتي جي رچنائن کي وڏيڪ ڌيان ۾ رکڻو آهي يا ان جي آس پاس رهڻو آهي. البت اڳ بہ اهڙن ڪن رچنائن جو ٻين ڪنڊن کان ذڪر ضرور ٿيو آهي.

اول هت پهرين غزل، پوءِ ڪويتا ۽ پوءِ خاص قسم جي رچنائن جي سلسلي ۾ ڪجهہ خاص تاثر ڏسڻ جي ڪوشش ڪجي.

هن ئي عرصي ۾،يعني، سنہ 2000 کان 2015 جي اندر، مٿيرو تري ايندڙ اِشاعتن ۾، گوپ ڪمل جا ٽي ڪتاب ’چانو ويڙهيل جسم‘(2009)، ’سچ اڳيان ٻُڪ‘(2011) ۽ پن ڇڇڻ جو آواز (2013) نہ فقط بهترين غزل جي تخليق جي اتهاسڪ اهميت رکندڙ آهن، پر اهي بهترين ڪتابن Book Productsجي بہ ماڊلنگ ڪندڙ آهن. اهڙو ئي هڪ ٻيو ڪتاب واسديو موهيءَ جو پڻ آهي ’ريل جي پٽڙي ميري‘ (2009)، جنهن ۾ غزل ۽ ڪويتائون پنهنجي پوري تخليقي طاقت سان پيش ٿيون آهن، جن بابت ڪافي اُپٽار يا ذڪر مثالن ساڻ اڳ ئي مٿي آيل آهن. غزل جو اهڙو هڪ جاندار پڪي جلد وارو بهترين مجموعو ارجن حاسد جو ’ساهي پٽجي‘(2006) اڳ ئي موجود آهي. وري ان کان بہ اڳ واسديو موهيءَ جو غزل ۽ ڪويتائن جو مجموعو ’ڇهنب ۾ ڪڪ‘ (2001) آيل آهي، جيڪو بہ هڪ شاندار رچنائن طور جاتو سڃاتو وڃي ٿو ۽ هڪ بهترڪتاب Products Bookپڻ آهي. ساڳئي سال ئي لڪشمڻ جو غزل سنگره بہ اهڙين ئي جاندار رچنائن جو شاندر ڪتاب ’آڪاش جا ٽڪرا‘بہ آيل آهي.

هي سلسلو ائين تہ ڇڱو وڏو آهي. ڍولڻ راهيءَ جو ’انڌيرو روشن ٿئي‘ (2003) ۽ ’مان آرسي تنهنجي‘ (2013) ۾ غزل ۽ ٻيون صنفون شامل آهن.

اهڙو ئي هڪ جاندر ۽ شاندار ڪتاب ’ايم.ڪمل جو چونڊ ڪلام‘ (2001) بہ آهي. البت سيني کان وڏيڪ شاعريءَ جا ڪتاب ڏيندڙ هن شاعر جي هن ڪتاب ۾ هن جو چونڊ شعر ڏنل آهي.

غزل جي ڏس ۾ هت ئي ونود آسوداڻيءَ کي ياد ڪرڻ بہ اوترو ئي اهم آهي. ’’باهہ جون پاڙون(2004) ۽ ’پڻ پڻ‘ (سال2012) جي اشاعت بہ جاندار ۽ شاندار رهي آهي.

هنن چند ڪتابن مان سامت جو ساهہ کڻي چئي سگهجي ٿ تہ سنڌيءَ ۾ غزل اوج تي آهي. مٿي ذڪريل ڪتابن ۾ موهي ۽ راهيءَ ڪويتائون بہ شامل ڪيون آهن.

هت هڪ ڳالهہ اها تري بهي ٿي تہ گهڻو ڪري اڳ ئي اوج تي رسيل شاعرن جوئي وڏيڪ رول رهيو آهي. ضرورِي ڪن ٻين اهڙن ڪتابن جو ذڪر هت ڪري تہ سگهجي ٿو، پر هت فهرست يا اتهاس جي گنجائش بہ تہ نہ آهي.

هت هڪ ٻيو تارڻ بہ نظر اَچي سگهي ٿو تہ غزل جا هي ڪتاب فارم ۾ ۽ پڻ خيال جي پيشڪش ۾سگهارا آهن. ايترو ئي نہ، هي ڪتاب، ڪتابي صورت ۾ پڻ شاندار آهن. پاٺڪن کي ڪشش ڪندڙ آهن.

پر پوءِ بہ....

سامت جو ساهہ گهڻو وقت ڪونہ کڻي سگهبو. ويجهن سالن ۾ غزل برابر اوج تي آهي، پر ’ڪيترا سارا‘ (شايد مٿي ذڪريل ڪتابن کان ڏهوڻا بہ ٿين) اهڙا مجموعا آهن، جن ۾ غزل يا تہ

غريب آهي، يا ڪمزور آهي يا فقط ميڪ اَپ ڪيل آهي. يا وري بهترين غزل جي ڪمي آهي.

جڏهن ته ساهتيه جي هن طرح جي جنرل تاثير کي وشواس لائق Justify ڪرڻ بيحد مشڪل آهي. ان ڪري حسابي ڪتابي اُپٽار بجاءِ، جتي ۽ جيترو به منهنجو تاثر دل سان نه لڳي، اتي ايتري معافي وٺڻ چاهيندس.

غزل جيان، هنن سالن ۾، نئين ڪويتا يا ڪويتا جا اهڙا ڪتاب بلڪل درلڀ آهن جي جاندار به هجن ته شاندار به هجن. ڏولڻ راهي ۽ واسديو موهيءَ جيان، ڪيترن ڪتابن ۾ ڪويتا جون ٻيون صنفون غزل ساڻ شامل اوس آهن جڏهن ’بس گهڻو ٿيو‘(ايم.ڪمل)، ٽڪرا ٽڪرا ننڊ (گوورڌن گهايل)،’پنهنجي حصي جو غم (ارجن چاولا)، پيهي ويو پرلاءُ (ڪرشن راهي)، ٿانڌاڻا انڌيري رات ۾(ايشور آنچل) پر اتي اهي ايتري انداز چاهي انداز بيان ۾ اُيري ڪونه سگهيون آهن جو انهن کي غزل جي تکي روشنيءَ جي چمڪاٽ ۾ سچاٽي سگهجي. اها ٻي ڳالهه آهي ته نئين ڪويتا جي لهر واري نئين احساسداري خود غزل ۾ قائم رهندي آئي آهي، ان طرح اها خود ۾ به جڻ نئين ڪويتا ئي آهي.

ائين ته ڪيترا خاص ڪويتا يا نئين ڪويتا جا به ڪتاب ڌيان اوس ڇڪائن ٿا. پڙاڏا (سريچند ڪيسواڻي)، ’روشنيءَ جي تلاش‘(ايم. ڪمل)، ’احساس‘ (مايا راهي)، ’رڻ پٽ ۾‘ (موهن گيهاڻي)، ’سچ الائي ڪٿي ڪري پيو‘ (ومي سدارنگاڻي)، لائيف چاڪليٽ ڪويتا‘ (موهن همٿاڻي) وغيره.

پر هت به ساڌارڻ ڪتابن جي ليڪ وڏي ئي آهي غزل جيان. ها شايد اهو ائين ئي سڀاويڪ به مڃي سگهجي ٿو ۽ هر ڀاشا ۾ ائين هئڻ عام هوندو. پر سنڌيءَ ۾، ’بهتر‘ جي ڪمي، ان ليڪ کي وڌائي ٿي ڇڏي.

غزل ۽ نئين ڪويتا جي هنن عام تاثراتن کان پوءِ، ٻين صنفن ساڻ خاس‌ص قسم جي ڪن ڪتابن جو ذڪر ڪان اڳ، هت اهو ڪنفيس ڪري وٺڻ به نيڪ ٿيندو ته هت ذڪريل ڪتابن جي سلسلي ۾، اڻ ذڪريل ڪتابن لاءِ مون کي ٻه چوڻو آهي:

هڪ: ضرور ڪيترا بهتر مثال رهجي وڃي سگهن ٿا.

ٻه : هت ’سيني‘ جي ته ڪا گنجائش به نه آهي.

ٽي : هن اپياس سميت اَهڙو ڪو به اَپياس ڪنهن به طرح وگيانڪ يا سمپورڻ Perfect ٿيڻ جو ڪو اِمڪان نه آهي. ڇو جو هر ڪلا جي ڪابه ڪٽ، ان ڪٽ ڪندڙ جي به اُن پل جي تاثراتي اُچل رهڻي آهي.ٻئي پل هن جو رد عمل بدلجي به سگهي ٿو. ڇو جو ڪا به ڪلا، پاوڪ جي ان پل جي من اِستٿيءَ انوسار اثر Re- Actڪندي آهي.

غزل ۽ نئين ڪويتا يا ڪويتا جي مٿين تاثراتي ذڪرن ڪان پو ءِٻين صنفن تي نظرثاني ڪرڻ تي لڳي ٿو،اسان اُتي پاڻ وڏيڪ غزيب آهيون. ساهتيه ۾ به فئشن جو چلڻ ڪم ڪندو رهي ٿو. نڇ

پنهنجو اِظهار جو طريقو يا ڪو علحدو پريوگ هوڻ ۾ درليڀ رهندو آهي. وري به شڪر آهي، هن زماني ۾ به ڪي شاعر ڪجهه نه ڪجهه اهڙو اوس لکندا رهيا آهن جن سان شاعري صنفن جي گوناگونيت قائم رهڻ جو ڀرم ته اوس ٿئي ٿو. البت اهڙن شاعرن جي ڳڻپ سينيئر شاعرن ۾ ٿي رهي آهي .

اَرجن چاولا جي ڪتاب 'پنهنجي حصي جو غم' ۾ اول ته نون يا ڏهن بندن واريون غزل جون رچنائون آهن. پوءِ وري غزليه بحر 'فاعلن فاعلن' ۾ تصويرن جو سلسلو آهي. جنهن ۾ چار چار سٽون آهن پر اهڙن ڏهاڪو سلسلن ۾ 138 تصويرون آهن جن جي بناوت ڪجهه علحدي آهي. مثال:

روح رهاٽيون ته ڪي
ساعتون ساعتون
انتظاري مگر
مُدتون مُدتون

اَئين هر ٻي سٽ ۽ چوٿين سٽ ۾ لفظ دهرائجي ٿو ۽ پڻ خيال ۾ هڪ ورونڌي ٽڪراءُ وارو سُر به ملي ٿو. جئن روح رهاٽيون سان انتظاري ۽ ساعتون سان مُدتون!

وري 'جهاتيون' سري هيٺ وايون، نئين ڪويتا ۽ نظمون به ڏنل آهن.

گوورڌن شرما ' گهايل' جي ڪتاب 'ٽڪرا ٽڪرا نند' ۾ غزل سان نظم ۽ آزاد نظم، لهرون، چوڏسي، گيت، ترائيل، وائي، تصويرون، پنجڪڙا، ۽ ڪويتائون شامل آهن جن ۾ روايتن کي سجايل آهي. اڳ 'منهنجو نگر ڪهڙو'، جيان وري به، ري سري ڪويتائي اظهار ۾، موهن گيهاڻيءَ جي 'رڻ پٽ ۾' جون رچنائون به ڪنهن به طرح جي سٽن جي سٽاو بجاءِ ريکا چتر جيان چٽيل آهن .ان ڪري ان ڪتاب جي هر رچنا سان چانديءَ جي چلڪٽي ڪلرSilver Effect ۾ مڪيش تلوڪاڻيءَ جو ريکاچتر Sketches به بئڪ گرائونڊ ۾ ڏنل آهي. جنهن جي ڪلاتمڪ پرڀاءُ جي ڪريڊٽ به پل ۾ اسان ڪويءَ جي اڪائونٽ ۾ جمع ڪري ٿا وجهون. هوڻ ۾ هن جي پنهنجي ڪريڊٽ به گهٽ نه آهي. ڪجهه ئي سال اڳ 1977 ۾ 'اڻ ئي پهراُٻاٽڪو' ۾ لڪشمڻ دبي غزل سان 'دوهو' رچنا کي پيش ڪيو آهي.

رڳي ويڙس روحڙو اهڙو ڪو اِمڪان
اَئي پهر اُٻاٽڪو، وينو هڪ انسان!

هن سلسلي ۾، ويجهڙائيءَ (2009) ۾ ارجن حاسد 'نه، ائين نه' ۾ غزل سان دوها، ترائيل، بيت، وايون ۽ ڪويتائون شامل رکيون آهن. غزل جي ئي تمام وڏي شاعر طرفان، غزل کان سواءِ جي رچنائن جي هن سلسلي ۾، هيءُ ڪتاب الڳ اهميت رکي ٿو.

اَئين ڏٺو وڃي ته هر زماني ۾ هن طرح جي يا لڳ ڀڳ هر طرح جي شاعري ڪنهن نه ڪنهن نموني اَڪثر ملي ٿي وڃي. ڏارمڪ ستسنگ وارن وٽ پنهنجا لکيل (هنن جي لفظن ۾ 'ٺاهيل'-

شايد هو ان ۾ وڌيڪ صحيح آهن.) پڄنن جا تمام ننڍا يا وري ڪافي وڏا ڪتاب ملي ويندا آهن. ڪڏهن تہ انهن ۾ شاعر جو نالو بہ نہ هوندو آهي. پر هن زماني جي گايڪا ۽ ناٽڪ ڪلاڪار شريمتي ليلا مامتاڻيءَ جو ڪتاب 'پنکڙيون' هڪ الڳ قسم جو شاعريءَ جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ 87 'پڄن' شايع ڪيل آهن. ڪيترا ٻيا بہ شاعر پڄن لکندا نظر آيا آهن خاص ڪري ڳائڻ سان واسطہ شاعرن وٽان اها شاعري ملندي آهي. هو ان کي گيت پڄن ڪويتا چوندا آهن. اهڙو عمدو پرياس ديوي

ناگراڻيءَ جي ڪتاب 'اُڏر پکيئڙا' جي پڄنن ۾ بہ ملي ٿو. مقبول بزرگ شاعر هري دلگير بہ شاعريءَ جي ڪافي صنفن ۾ ڪامياب قلم هلايو آهي. خاص ڪري هن جي ڪتاب 'جيءُ جيءُ ڙي جيءُ' ۾ غزل، ترائيل، وايون، رباعيون،پنجڪڙا، سانيٽ، مسدس،گيت،لنبيون ڪويتائون شامل آهن. ائين هن نثري نظمون (جهنگلي گل) ۽ مني ڪويتائون (لهر لک لباس) بہ ڏنيون آهن تہ پروليون ڪويتا ۾ (گيت گلابي) بہ ڏنيون آهن.

مکت ڪويتا چيز ئي اَهڙي آهي- توهان نہ ثابت ڪري سگهو، نہ انڪار ڪري سگهو. ان ڪري ڪو ان کي نئين ڪويتا، ڪو آزاد نظم، ڪو آزاد ڪويتا، جديد ڪويتا، چڙي ڪويتا، الٽ ڪويتا، اَڪويتا، نظماڻو نثر، نثري نظم چند مکت يا مکت ڇند چوي. هنديءَ ۾ گديہ ڪاويہ گجراتيءَ ۾ اَڇاندس بہ چون.

برابر انهن جا فرق آهن پر سوکيم ۽ سي بہ گِهرگِهلا. ان ڪري 'ڏاها ڏک ڏسن' جي رچنائن کي 'مکت ڪويتا' طور ايم. سگن پيش ڪري ٿو ۽ 'سنا خيال' بہ ڏئي ٿو. انهن کي ڪويتا چوڻ ۾ جيتري پلائي ڪويتا جي آهي، اها بہ گهٽ نہ آهي. پر اها ڪن ڪوين جي اَتي ساڌارڻ رچنائن ۾ اوس گهٽ ٿي سگهي ٿي.

بزرگ شاعرن ئي نہ، اڃا بزرگ نہ ٿيل ڪيترن شاعرن بہ غزل ۽ نئين ڪويتا کان سواءِ جي ڪن صنفن ۾ ڪوششون جاري رکيون آهن. جن ۾ گهنشيام ساگر جو اهم رول آهي. هن جي' تنها' ۽ 'چوَاڪرا' جي رچنائن ۾ ڪافي وڏي سگهہ آهي. هنجو 'چو آهين خاموش' شعرن جو مجموعو ان جو وڏو شاهد آهي. ساڳيءَ طرح موهن همٿاڻيءَ بہ اڳ نظم، وائي، تصويرون لکيون آهن (گونگي ڌرتي- ٻوڙو آڪاش) البت ومي سدارنگاڻي ۽ رشمي راماڻيءَ، مايا راهيءَ جيان، وڌيڪ سنجيدهہ نموني ڪويتائن ۾ پنهنجي رچنا کي پيش ڪيو آهي.

غزل، نئين ڪويتا ۽ الڳ قسم جي هنن ڪويتائن کان سواءِ خاص قسم جي ڪويتا جي ڪتابن جو ڀرپور ذڪر هن اڀياس ۾ الڳ ٿيل آهي. جئن خاص صنف 'چوَاڪرا' جو مجموعو 'حيف تنهين وطن وساريو'(گوپال نکر)، خاص' تنها' جو مجموعو 'تنها' (ستيش روهڙا)، خاص پنجڪڙن جو مجموعو'استري تنهنجا روپ'(ڊولڻ راهي) ، خاص 'هائڪو' جو مجموعو 'وڻن جهليا ٻور'(گوپ گولاڻي-اندور) ،هڪ ڪردار وارين ڪويتائن جا ڪتاب 'مٽڪو' (واسديو موهي)، واپسي(گوپ

ڪمل)، لنبي ڪويتا 'دلبر پٽ منهنجو'(چترو ناگپال)، منش نگري (نامديو تاراچنداڻي) ڪنڊڪاويه جهڙي رچنا 'انڌو دونهون' (ارجن شاد) ۽ لنبين ڪويتائن جو سلسلو 'پڳٽ' (پريم پرڪاش) ۽ پڻ روپ ڪمار گهايل جا مهاڪاويه.

ائين ئي ڪن نون‌ڪويتائي پريوگن جو بہ ذڪر ٿيل آهي جئن 'چوَاڪرا'، 'تنها، هائڪو غزل وغيره. 'شايد ڪويتا' يا غزل جي پر ۾ ويهي لکيل ننڍيون ڪويتائون جهڙيون ڪيتريون ڪوششون اڳتي وڌيل نظر نہ آيون آهن. پريوگ جڏهن ڪي ٿيا بہ عمل ۾ آڻين تڏهن ان جي قبوليت جي شروعات ليکڻ گهرجي.

ائين سنہ 2000ع کان اڳتي جي شاعريءَ ۾ گهٽو ڪري، هر پرڪار جي رچنا ملي تہ وڃي ٿي پر جي سلسلي ۾ ساڌارڻ رچنائون وڌيڪ آهن. يا وري خود ۾ سلسلو انداز ۾ بہ اُسريل نہ آهي، جن ۾ غزل وري بہ اَپواد آهي. چو جو غزل ۾ وري بہ ڪوي بہ جام، ڪتاب بہ جام.بهترين رچنائن جي ڪتابن جي بہ هرويرو ڪمي ناهي.

هاڻوڪي وقت ۾ موضوعن ۽ صنفن جي حوالي سان ايتري ۽ اهڙي ساهتيہ سرجن ٿي، هت ايترو سنتوش ان ڪري ظاهر ڪرڻ مناسب سمجهي سگهجي ٿو چو تہ اسان ان ڀاشا جي ڪويتا جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيون جنهن کي پڙهڻ وارن جي آدم شماري سنڪٽ جي وقت مان گذري رهي آهي. وري بہ لپي، اِشاعت، اوسر ۽ وستار جي سنڪٽ جا گهڻا حل، نئين اليڪٽرانڪ ٽيڪنالاجيءَ سان ٿيڻ جي اُميد رکي سگهجي ٿي. جڏهن 'آڊيو بوڪ' ۾ لپيءَ جو سنڪٽ نہ هوندو، ڇپائڻ جو بہ نہ هوندو. اهو ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ سان ئي ممڪن ٿيندو. شايد وري نئين قسم جو 'لوڪ ساهتيہ' وارو 'اورل لٽريچر' وارو زمانو ايندو! چو جو وڪاس ڪيل ديشن جي ڀاشائن ۾ 'آڊيو بوڪ' هن وقت ئي سڀ کان وڌيڪ اوليت Priority ۾ ڳڻجي ٿو ۽ اهو دنيا پر ۾ ذري گهٽ مفت ۾ پهچائي 'هرهنڌ هر وقت حاضر' بہ ڪري ٿو سگهجي!

ڪجهہ ان طرح فيس بوڪ ۽ 'واٽس اپ' جا ۽ اهڙا ٿيا بہ ڪيترا گروپ نئين زماني جي مخزنن جي جڳهہ وٺندا ۽ اتي بہ 'آڊيو' سسٽم هن وقت ئي جاري آهي پل پر ۾Share ۽ Forwar d بہ ٿي رهيا آهن....

ان طرح بهتر ڪويتا لکڻ سرجن ڪرڻ ۽ پاوڪن تائين پهچائڻ جا جادو ايجاد ٿي چڪا آهن. ضرورت آهي ان ۾ فهميدي نموني سنجيدهہ ڪوششون جاري رهن.

## 9.3 ڪجھ اَهم رچنائون ۽ رچناڪار

گذريل اڌ صدي ۽ ان کان پوءِ جي اٽڪل پندرهن سالن جي سنڌي شاعريءَ جي هن اَيياس ۾ ڪنهن حد تائين تنقيدي نظر واري نظرثاني مُکيہ رهي آهي البت ان ۾ ڪٿ ساڻ اوسر بہ نظر ۾ رکيل آهي ۽ شاعريءَ جي بدلجندڙ رُخن، لاڙن، ڌارائن نسبت پڻ وويڪ- سهمت اوک ٻوک ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي.

هن اييياس ۾، ائين تہ سنہ 2000ع تائين جو عرصو مکيہ دائرو رهيو آهي پر شروعات ۾ جئن آزاديءَ کان اڳ جي شاعريءَ جو مختصر جائزو پس منظر طور ورتل آهي، تيئن سنہ 2000ع کان پوءِ جي شاعريءَ جي پڻ مختصر نظرثاني شامل رکيل آهي.

ان ڪري هت ڪي اهم رچنائون ۽ رچناڪارن جي ڪجھ وچور مُهيا ڪرڻ ۾ بہ ٻنهي عرصن جو شامل رکڻ نيڪ ٿيندو. هونءَ بہ شاعر جي شعرن جي رچنائن جا مجموعا تہ چڱو عرصو پوءِ ٿا شايع ٿين. وري هنن جي نمائندگي ڪرڻ وارا چونڊ جا مجموعا تہ ان کان بہ گھڻو پوءِ جا ٿي ٿا سگهن.

جيستائين ڪن اهم رچنائن مجموعن يا شاعريءَ جي اهڙن ڪتابن جي هڪ چونڊ Short-List هت رکڻ جي جيتري بہ مناسبت آهي، ان ۾ هيلتائين ٿيل ڪن اهم ڪمن تي سوچڻ جو موقعو مليو. اُنهن ۾ مجموعن جي چونڊ بابت هڪ سپ کان اوليت وارو ۽ موزون طريقو اهو نظر آيو تہ پنهنجي اييياس درميان ڏيان تي تري آيل مجموعن جي هڪ فهرست تہ هکي حاضر آهي. پر ان ۾ اها دقت سامهون آئي تہ ڪن مجموعن ۾ ڪي رچنائون تہ برابر بهتر آهن، وري ڪيترن شاعرن جا تہ جام مجموعا آهن جئن گوورڌن ڀارتي، ايم.ڪمل، آسن واسواڻي ’مجبور‘ وغيره. هنن جي ڪن مجموعن جو ئي ذڪر ٿي سگهي ٿو. هت ايم. ڪمل جو چونڊ ڪلام، نارائڻ شيام جي چونڊ شاعريءَ جا ٻہ وڏا مجموعا ذات ۽ حيات- ا ۽ ذات حيات- 2برابر ان جو بهترين Short Cutڏين ٿا. پر پوءِ ٻين شاعرن جي سلسلي ۾ اها دقت جاري رهي ٿي. ٻيو آپشن اِهو مليو تہ ’سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ ڪوش‘ (ڊيمي سائيز ڪتاب کان ٻيڻي سائيز جا300صفحا) ۾ اهڙن خاص مجموعن جي الڳ داخلا درج ڪيل آهي ۽ ان ۾ ڪافي سنجيدگي ۽ نمائندگيءَ سان چونڊ ڪيل مڃي سگهجي ٿي.

پر اَهڙن مجموعن جي انهن داخلائن جي چونڊ 1995-1996 تائين ڪيل آهي. ان ڪري ان جي مناسبت هت محدود ٿي سگهي ٿي.

انهن ٻن سببن ڪري انهن تجويزن تي قدرتي روڪ پئجي ويئي.

پوءِ ٽيون بهتر آپشن اهو رهيو تہ ساهت اَڪادمي اوارڊ جي اهميت جو قدر ڪري، اهڙن شاعريءَ جي مجموعن جو ذڪر ڪرڻ ڪافي ٿيندو جن کي اهو اوارڊ ڏنو ويو آهي.

اها لسٽ پڻ ساهتيہ اَڪادميءَ جي ويب سائيٽ تي هکي حاضر آهي. اها اِنڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ويب سائيٽ تي پڻ ڪتاب جي ڪور پيج ۽ شاعر جي فوٽوگراف سان رکيل آهي:

(1) www.sahitya-akademi.gov.in

(2) www.sindhology.org

ائين پارٽ جي سيني پاشائن جي بهتر نمائندگي ڪندڙ ساهتيہ اڪادميءَ جي اوارڊ واري شاعريءَ جي ڪتابن واري لسٽ هت شامل رکيل آهي.

ساڳيءَ طرح اهم رچناڪارن جي نمائندگي ڪندڙ هڪ فهرست ناهڻ تہ ڪو خاص ڏکيو ڪم نہ آهي. پر پوءِ بہ، ان لاءِ پڻ، ساهتيہ اڪادميءَ طرفان، هيلتائين شايع ٿيل ڇئن چونڊ مجموعن کان سواءِ ويجهڙائيءَ ۾ غزل ۽ نئين ڪويتا جا ہہ چونڊ مجموعا بہ آيل آهن. ڪل ڇهن مجموعن ۾ شامل شاعرن جو ذڪر ڪرڻ بهتر سمجهيو ويو آهي، ڇو جو ان پنيان الڳ الڳ ودوان سمپادڪن جي جاکوڙ رهيل آهي.

مان هنن جي ڪيل هر چونڊ جو قدر ڪريان ۽ پڻ هت انهن جي چونڊ جو استعمال ڪرڻ لاءِ شڪر گذار بہ آهيان.

مون کي سنتوش اهو بہ آهي تہ مان هت پنهنجي پسندگي ناپسندگيءَ جي سڌي يا اڻ سڌي دخل کان بہ آجو رهي سگهيس.

بس ايترو نوٽ ڪرڻ جي اجازت چاهيندس تہ باوجود ان جي، ڪي نالا ڪن ٽيڪنيڪل سببن ڪري اَگر اُتي نظر نہ بہ ايندا هجن تہ مان ان لاءِ معافي وٺڻ چاهيندس. ساهت جي کيتر ۾ ان ڪري هنن جو قدر گهٽ نہ سمجهڻ گهرجي.

# ساهت اڪادميءَ جي اوارڊ وارا شاعريءَ جا ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١. | صراحي | ليکراج ڪشنچند ميرچنداني ’عزيز‘ | 1966 |
| ٢ - | واريءَ ڀريو پلاند | نارائڻ گوڪلداس ناگواڻي ’شيام‘ | 1970 |
| ٣. | ڪُماچ | ڪرشن سندرداس وچاڻي ’راهي‘ | 1971 |
| ٤. | جيءَ جهروڪو | لڇمڻ چيلارام ڀاٽيا ’ڪومل‘ | 1976 |
| ٥. | چيخ | هرومل ايسرداس سدارنگاڻي ’خادم‘ | 1978 |
| ٦. | پل پل جو پرلاءُ | هري گرڌنومل درياڻي ’دلگير‘ | 1979 |
| ٧. | سرخ گلاب سُرها خواب | پريو جوتومل ڇٻاڻي ’وفا‘ | 1981 |
| ٨. | اَنڌو دونهون | اَرجن گوبندرام ميرچنداڻي ’شاد‘ | 1983 |
| ٩. | ميرو سج | ارجن جيٺانند تنواڻي ’حاسد‘ | 1985 |
| ١٠. | باهه جا وارث | مولچند منگهارام بندراڻي ’ڪمل‘ | 1989 |
| ١١. | شَيشي جا گهر | گوورڌن آسودومل محبوباڻي ’ڀارتي‘ | 1990 |
| ١٢. | سوچ جون صورتون | هريڪانت روپچند جيٺواڻي | 1991 |
| ١٣. | ٽانڊاڻا (انڌيري رات ۾) | ايشور نارائڻداس شرما ’آنچل‘ | 1997 |
| ١٤. | برف جو نهيل | واسديو وينسيمل سڌناڻي ’موهي‘ | 1999 |
| ١٥. | ڀڳت | پريم پرڪاش | 2001 |
| ١٦. | انڌيرو روشن ٿئي | ڏولڻ تيرٿداس موراڻي ’راهي‘ | 2005 |
| ١٧. | اَچا ياد آهي | لڪشمڻ اَمرومل دبي | 2010 |
| ١٨. | منش نگري | نامديو سنتومل تاراچنداڻي | 2013 |
| ١٩. | سِچَ اَڳيان ٻُڪ | گوپ ڪمل | 2014 |

# ڪي اهم رچناڪار (سلسلو-١)

# سنڌي شعر جو انتخاب (1947 تائين)

## انتخاب ڪندڙ - رام پنجواڻي

## ساهتيہ اڪادمي-(1976)

### هن انتخاب جا شاعر

١. قاضي قاضن (قادن)

٢. شاهہ عبدالڪريم

٣. شاهہ عبداللطيف

٤. ميان سرفراز ڪلهوڙو

٥. روحل صوفي

٦. سچل

٧. سارنگ

٨. ثابت علي شاهہ

٩. سامي

١٠. ڀائي آسرداس

١١. دلپت

١٢. حفيظ لعلو

١٣. خليفو گل محمد (گل)

١٤. بيدل

١٥. بيڪس

١٦. سانگي

١٧. قليچ

۱۸. خاڪي

۱۹. مصري شاهه

۲۰. ڏرمون

۲۱. بلبل

۲۲. بيوس

۲۳. آغا صوفي

۲۴ . نواز علي جعفري ’نياز‘

۲۵. صوڀراج نرملداس ’فاني‘

۲۶. حيدر بخش جتوئي

۲۷. ليکراج عزيز

۲۸. پرسرام ضيا

۲۹. سُگن آهوجا

۳۰. دکايل

۳۱. ڪيئلداس ’فاني‘

۳۲. رام پنجواڻي

۳۳. ڏيونداس ڪشناڻي ’آزاد‘

۳۴. سدارنگاڻي ’خادم‘

۳۵. پريو چڳاڻي ’وفا‘

۳۶. هري دلگير

۳۷. نارائڻ شيام

۳۸. شيخ اَياز

۳۹. اَرجن شاد

# ڪي اهم رچناڪار (سلسلو-٢)
# ورهاڱي کان پوءِ جي
# سنڌي شعر جي چونڊ
# سمپادڪ- ايڇ.آءِ. سدارنگاڻي
# ساهتيہ- اَڪادمي (1987)

## هن انتخاب جا شاعر

١. ليکراج 'عزيز'

٢. تيرٿ بسنت

٣. هوندراج 'دکايل'

۴. پرسرام 'ضيا'

٥. ڪلياڻ آڏواڻي

٦. سدارنگاڻي 'خادم'

٧. ڪيئلداس 'فاني'

٨. پريو 'وفا'

٩. هري 'دلگير'

١٠. اندر پوجواڻي

١١. نارائڻ 'شيام'

١٢. سگڻ آهوجا

١٣. اَرجن 'شاد'

١۴. ايم.ڪمل

١٥.  درگاپوري ’آشا‘

١٦.  ايشور ’آنچل‘

١٧.  لکميچند’ پريم‘

١٨. گوورڌن ’پارتي‘

١٩.  اَرجن ’حاسد‘

٢٠.  موهن ’ڪلپنا‘

٢١.  موتي ’پرڪاش‘

٢٢.  ڪرشن ’راهي‘

٢٣. آنند ڪيماڻي

٢٤. هاسارام ’پيئا‘

٢٥. هريڪانت جيٺواڻي

٢٦. موتيلعل جوتواڻي

٢٧. واسديو نرمل

٢٨.شيام جئسنگهاڻي

٢٩. هريش واسواڻي

٣٠. واسديو’ موهي‘

٣١. نامديو تاراچنداڻي

٣٢ .موهن ’ديپ‘

٣٣. ڍولڻ ’راهي‘

# ڪي اهم رچناڪار (سلسلو-۳)
# همعصر سنڌي شعر

## سمپادڪ-

## ارجن شاد- ڪرشن راهي.

## ساهتيہ- اَڪادمي (1989)

## هن انتخاب جا شاعر

۱. سدارنگاڻي خادم

۲. هري دلگير

۳. نارائڻ شيام

۴. پريو وفا

۵. ارجن شاد

۶. ايشور آنچل

۷. موتي پرڪاش

۸. ڪرشن راهي

۹. گوورڌن ڀارتي

۱۰. اَرجن حاسد

۱۱. ايم. ڪمل

۱۲. اندر پوجواڻي

۱۳. واسديو نرمل

۱۴. هريش واسواڻي

۱۵. واسديو موهي

## ڪي اهم رچناڪار (سلسلو-۴)

## جديد سنڌي شاعريءَ جو انتخاب

## (1950 - 2010)

سمپادڪ- واسديو موهي

ساهتيہ -اڪادمي (2011)

### هن انتخاب جا شاعر

١. ليکراج عزيز

٢. هوندراج دکايل

٣. پرسرام ضيا

۴.هرومل سدارنگاڻي -خادم

۵. ڪيئلداس بيگواڻي - فاني

٦. پريو وفا

٧. هري دلگير

٨. اِندر پوڄواڻي

٩. ارجن سڪايل

١٠. سُگن آهوجا

١١. نارائڻ شيام

١٢. ڀڳوان ڪلناڻي -ساقي

١٣. سندري اُتمچنداڻي

١۴. ارجن شاد

۱۵. ايم. ڪمل

۱٦. ايشور آنچل

۱۷. لڪميچند پريم

۱۸. گوورڌن ڀارتي

۱۹. اَرجن حاسد

۲۰. اَرجن چاولا

۲۱. موتي پرڪاش

۲۲.ڪرشن راهي

۲۳. اَنند کيماڻي

۲۴. ڪلا پرڪاش

۲۵. ريتا شهاڻي

۲٦. هريڪانت

۲۷. موتيلعل جوتواڻي

۲۸. لڇمڻ ڪومل

۲۹. واسديو نرمل

۳۰. شيام جئسنگهاڻي

۳۱. نند جويري

۳۲. مايا راهي

۳۳. گوورڌن شرما گهايل

۳۴. موهن گيهاڻي

٣٥.ٽيڪچند مست

٣٦.گوپال نڪر

٣٧. سيرو سياھ

٣٨. هريش واسواڻي

٣٩. ديوي ناگراڻي

٤٠. لڪشمڻ

٤١. واسديو موهي

٤٢. ڪيمن يو مولاڻي

٤٣. پريم پرڪاش

٤٤. نامديو تاراچنداڻي

٤٥. گوپ ڪمل

٤٦. ڍولڻ راهي

٤٧. اِندرا شبنم

٤٨. مهيش نيڻواڻي

٤٩. هريش ڪرمچنداڻي

٥٠. شريڪانت صدف

٥١. رشمي راماڻي

٥٢. موهن همٿاڻي

٥٣. ونود آسوداڻي

٥٤ ومي سدارنگاڻي

سنڌي شاعريءَ جي نمائندگي ڪندڙ چار انتخاب ساهتيه اڪادميءَ، اَختياريءَ وارن ودوان سمپادڪن کان تيار ڪرائي شايع ڪيا آهن- جن ۾ سلسليوار 39+ 33+ 15+ 54=141 شاعرن جي شرڪت آهي هنن ۾ ڪيترا شاعر رپيٽ ٿيا آهن- هونءَ هت ڪل 84 شاعر شرڪت ڪندڙ آهن، جن ۾ استري ڪويتري پهرين، ٻئين ۽ ٽئين مجموعي ۾ ڪانه آهي. چوٿين مجموعي ۾ اَٺ اِستري ڪويتريون آهن.

هن کان سواءِ اهڙا ٽي ٻه معتبر مجموعا ٻيا ٻه آيا آهن جيڪي 'اينٿالاجي' طور ايڊٽ ڪيل آهن. اُهي ٻه ساهتيه اڪادميءَ طرفان ٽي ايڊٽ ڪرايل ۽ شايع ڪيل آهن. اُنهن جي وچور هن طرح آهي.

## آزاديءَ کان پوءِ سنڌي غزل جي ائنٿالاجي
## سمپادڪ - ارجن 'حاسد'
## ساهتيه اڪادمي (2008)
## هن مجموعي ۾ شرڪت ڪندڙ شاعر آهن:

١. ليکراج 'عزيز'

٢. هوندراج 'دکايل'

٣. پرسرام 'ضيا'

۴. هرومل سدارنگاڻي 'خادم'

۵. ڪيئلداس بيگواڻي 'فاني'

٦. پريو 'وفا'

٧. هري 'دلگير'

٨. اِندر پوڄواڻي

٩. اَرجن سڪايل

١٠. سُگڻ آهوجا

١١. نارائڻ شيام

١٢. ڀڳوان کلناڻي 'ساقي'

١٣. اَرجن شاد

١٤. ايم.ڪمل

١٥. ’آشا‘ درگاپوري

١٦. لکميچند ’پريم‘

١٧. ايشور ’آنچل‘

١٨. گوورڌن ڀارتي

١٩. ڪمل پياسي

٢٠. ارجن حاسد

٢١. ارجن چاولا

٢٢. ڀڳوانداس هوش

٢٣. موتي پرڪاش

٢٤. آسن واسواڻي

٢٥. ڪرشن راهي

٢٦.هوتو سنڌو ’پياسي‘

٢٧. ڪشنچند خوبچنداڻي ’رنجايل‘

٢٨. هاسارام پيئا

٢٩. هريڪانت

٣٠. لڇمڻ ڀاٽيا ’ڪومل‘

٣١. واسديو نرمل

٣٢. گوورڌن شرما ’گهايل‘

٣٣. ٽيڪچند مست

٣٤. ٽيڪم ’آفتاب‘

٣٥. پهلاج مسافر

٣٦. سيرو سياهه

٣٧. گھنشيام لوڪواڻي

٣٨. لڪشمڻ دبي

٣٩. ديوي ناگراڻي

٤٠.ڀڳوان ’نردوش‘

٤١. هيرو ٺڪر

٤٢. واسديو موهي

٤٣. ڪيمن يوُ مولاڻي

٤٤.ڪوڏومل جانب

٤٥. گوپ ’ڪمل‘

٤٦. ڍولڻ راهي

٤٧. ناري لڇواڻي

٤٨ .اندرا ’شبنم‘

٤٩. گوبند ريجهواڻي ’آنند‘

٥٠. جئرام چمناڻي ’ديپ‘

٥١. سريچند دبي ’جگري‘

٥٢. شريڪانت ’صدف‘

٥٣. لتا ٺهلياڻي ’حجاب‘

٥٤. ونود آسوداڻي

# آزاديءَ کان پوءِ
# سنڌي نئين ڪويتا جي ائنٿالاجي
# سمپادڪ - پريم پرڪاش
# ساهتيه اڪادمي (2009)

## هن مجموعي ۾ شامل ڪوي هن طرح آهن:

١. هرومل سدارنگاڻي ’خادم‘

٢. ڪيرت ٻاٻاڻي

٣. ڪماري پوپٽي هيراننداڻي

٤. سندري اُتمچنداڻي

٥. اَرجن ميرچنداڻي ’شاد‘

٦. ايم. ڪمل

٧. ايشور آنچل

٨. ڪرشن کٽواڻي

٩. گوورڌن ڀارتي

١٠.ستيش روهڙا

١١. ارجن حاسد

١٢. موهن ڪلپنا

١٣. هيمراج ناگواڻي

١٤. ارجن چاولا

١٥. چترو ناگپال

١٦. آسن واسواڻي ’مجبور‘

۱۷. ڪرشن راهي

۱۸. آنند کيماڻي

۱۹. ڪلا پرڪاش

۲۰. ريٽا شهاڻي

۲۱. هريڪانت

۲۲. موتيلال جوتواڻي

۲۳. لڇمڻ ’ڪومل‘

۲۴. واسديو ’نرمل‘

۲۵. اِندرا واسواڻي

۲۶. جينت ريلواڻي

۲۷. شيام جئسنگهاڻي

۲۸. نند جويري

۲۹. مايا راهي

۳۰. گوورڌن شرما ’گهايل‘

۳۱. موهن گيهاڻي

۳۲. رتن آڏتاڻي

۳۳. برج موهن

۳۴. گوپال ٺڪر

۳۵. سيرو ’سياهه‘

۳۶. هريش واسواڻي

۳۷. وشنو ڀاٽيا

٣٨.گوورڌن تنواڻي

٣٩. ويڙهو ’رفيق‘

۴٠. واسديو موهي

۴١. ڪيمن مولاڻي

۴٢. پريم پرڪاش

۴٣. نامديو تاراچنداڻي

۴۴. سريچند ڪيسواڻي

۴۵. وينا شرنگي

۴٦. موهن ديپ

۴٧. گوپ ’ڪمل‘

۴٨ .ڍولڻ ’راهي‘

۴٩. گهنشيام ’ساگر‘

۵٠. اِندرا ’شبنم‘

۵١. مهيش نيڻواڻي

۵٢. هريش ڪرمچنداڻي

۵٣. اروڻ ٻاٻاڻي

۵۴. شريڪانت ’صدف‘

۵۵. رشمي راماڻي

۵٦. وينا ڪرمچنداڻي

۵٧. موهن همٿاڻي

۵٨. ومي سدارنگاڻي

هنن ٻن مجموعن ۾ ۽ اڳين ڇهن مجموعن ۾ فرق اِهو آهي تہ اڳيان چونڊ Selectionجا مجموعا آهن- جن ۾ هڪ طرح نمائندگي Representaion جي مُراد رهي ٿي. پوين ٻن مجموعن ۾ هڪ طرح وابسطہ صِنف ۾ اَڀُرائي ڪندڙ شاعرن Leading Poetsجي سهيڙ Collection هوندي آهي.

هت آيل پهرئين غزل واري مجموعي ۾ ٿي استري شاعرائون آهن ۽ ٻئين نئين ڪويتا واري انٿالاجيءَ ۾ يارهن استري ڪويتريون آهن جن ۾ هڪ ريپيٽ (ٻنهي ۾ شامل ) آهي.

غزل جو الڳ ۽ نئين ڪويتا جو الڳ مجموعو ڏيڻ پنيان صاف مُراد آهي تہ اسان وٽ انهن ٻن پرڪارن جي شاعري جهجهي انداز ۾ ٿي آهي. ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ ان کان سواءِ جي شاعري ڪانہ ٿي آهي. پوين چونڊ مجموعن ۾ غزل ۽ نئين ڪويتا جي شاعريءَ ساڻ 'ان کان سواءِ جي شاعري' پڻ شامل ڪيل آهي.

البت هت اَهڙي ٽئين مجموعي جي پرپور گنجائش نظر ڪانہ ٿي اَچي.

هت اِهو بہ خاص طور نوٽ وٺڻ گهرجي تہ هن طرح 'نئين ڪويتا' جي الڳ پهچان ۽ چونڊ، سنڌيءَ جيان، ٻين ڀارتي ڀاشائن ۾ شايد ٿي هجي. وري هاڻ تہ خود سنڌيءَ ۾ بہ 'نئين' لفظ جو اُپيوگ ڪونہ ٿي رهيو آهي ۽ صرف ڪويتا ٿي چيو وڃي ٿو.

هنن انٿالاجيءَ جي پوين ٻن مجموعن ۾ غزل جا ڪل 54 شاعر شامل آهن. ۽ نئين ڪويتا جا ڪل 58 شاعر شامل آهن. هنن ۾ گڏيل شاعرن جو انداز 112 نظر ايندو. البت هنن ۾20 شاعر ٻنهي ۾ شامل آهن ۽ ڪل شاعر 92 آهن.

ضرور ڪي شاعر هت ٻنهي ۾ شامل نہ ٿي سگهيا هوندا. خاص ڪري جن جو اجا مجموعو شايع ٿي نہ سگهيو هجي يا پوءِ شايع ٿيو هجي. سنڌيءَ ۾ ڪي اهڙا شاعر بہ آهن،جن ڪن مشاعرن ۾ سنڌيءَ ۾ شرڪت بہ ڪئي هجي پر هو عام طور هندي يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾لکندا هجن ۽ اتي هنن کي شهرت بہ مليل هجي. ڪي وري فقط يا خاص طور ڳائڻ جي حوالي ۾ شاعريءَ سان جڙيل هجن. هت اَهڙن ڪجهہ ٻوليءَ جي ڪن شاعرن کي بہ ياد ڪرڻ گهرجي- جيڪي سنڌي شاعريءَ سان پاڻپيءَ سان جڙيل آهن. سنڌ جي سنڌي شاعرن کي هت شامل ٿي نہ ڪيل آهي. ڪاش ائين ڪري سگهجي. اول خئر. هڪ ڏينهن هيءَ ندي درياهہ جو روپ وٺندي!

# 10- اِختصار ۽ نچوڙُ

آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا جي هن اڀياس جي ڏس ۾، هت، اڳوپوءِ، آزاديءَ کان اڳ ۽ پوءِ کي بہ ڪجھہ حد تائين شامل ڪندي، گھڻو باتفصيل ، اَلبت ڪٿي مُختصر ۾، ڪويتا جي لاڙن Trends کي چڪاسڻ جي ڪوشش ڪيل آهي.

هاڻ هت، ان طويل اڀياس جي پُڄاڻي Conclusionطرف آخري وک وڌائيندي،هڪ سرسري نظر High-Light جي پيشڪش ڪجي ٿي. ان مُراد سان، تہ، تمام ٿوري ۾، ان اڀياس جي مراد ۽ پڻ ان جي برثوابيءَ جي جھلڪ ملي سگھي.

## اِختصار- Summary

باب پھريون: مراد ۽ نظريو ( Mission And Vision)

يومڪا جي هن شروعات ۾ هن اڀياس جي مقصد مُتعلق اِرادن جو اِظهار ڪيل آهي ۽ پڻ اڀياس جي وقت جي دائري بابت بہ حد بنديءَ ساڻ ڪُشادگيءَ جي ڪارٽن ساڻ سمجھاڻي ڏنل آهي. ڪويتا (ائين تہ سمورو ساهتيہ) ڪنهن وابسطہ اِنساني مجموعي جي خيالن، خوشين ۽ خواهشن جي هڪ درسني آهي، ان ڪري، ان جي اَهڙي اَڀياس ۾ ان جا اولڙا جهتي سگھجن ٿا. هت ان جي اُپٽار ڪيل آهي.

ان سان گڏوگڏ، آزاديءَ جي اڳ ۽ پوءِ جي وقت جي ڪن ساهتيڪ ڪارگذارين جي بہ شامليت رکيل آهي. هيءُ اڀياس ان جاتيءَ جي ٻوليءَ جو ۽ ان جي سڀ کان ڏکئي وقت جو آهي، جيڪو سمو جاتيءَ کي بہ اڏ تہ ڪري ويو پر ڏار ڪري نہ سگھيو! ائين هيءُ سمورو اڀياس ساهتيہ سانگي جاتيءَ جي مخصوص حالتن جو بہ آهي. اهو فرد جي فڪر ساڻ جاتيءَ جي فڪر سان بہ جُڙي ٿو. جاتيءَ جي تاريخي نظرثاني بہ ڪري ٿو تہ شاعريءَ جي ڪٿ اوسر ۽ ڀاشا چاهي لِپيءَ جي مسئلن کي بہ نظر ۾ رکي ٿو.

باب ٻيون : پَس منظر

جئن تہ هن اڀياس جي تجويز ئي ڪافي ڪُشادگيءَ واري رکيل هئي، ان ڪري ان جي ايتري ئي ڪُشادي پس منظر جي مناسبت رهي آهي. ان ڪري تهذيبي ۽ ثقافتي توڙي سياسي پُٺ تي چٽو ليئو پائڻ ساڻ ٻولي ۽ لپيءَ جي بدليل ۽ بدلجندڙ اتفاقن جي وچور بہ ڏِسڻي ضروري رهي ٿي.

ان ڪري هت سنڌي زبان سانگي سِنڌُ جي زمين جي نسبت بہ جڙيل آهي، جنهن جو موزون ذِڪرُ هت ڪيل آهي. ساڳئي وقت ٻولي لپي يا سياسي تاريخ کان بہ منهن موڙڻ بجاءِ ان جي گھربل جاڻ کي پَس منظر ۾ شامل ڪندي، پارتي سنڌي ساهتيہ جي ڪُنڊ کان سوچڻ، ڏسڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪيل آهي.

باب ٽيون : آزاديءَ کان اڳ جي شاعري- سرسري نظر:

سنڌي شاعريءَ جي ايندڙ پنجاهه سالن جي وهڪرن کي سمجهي ڪري سڃاڻڻ لاءِ ان جي پُٺ Back Ground کي سمجهڻ اولضروري لڳو آهي. ان ڪري هت آزاديءَ کان اَڳ جي شاعريءَ جي پُراڻين روايتن جي حوالن ساڻ شاهه کان اڳ، شاهه جي وقت ۾ ۽ شاهه کان پوءِ آزاديءَ تائين، شعر جي اوسر جي مکيه ڪوين جو ذڪر ڪيل آهي.هن ۾ شاهه، سچل، ساميءَ ساڻ حد نشان طور بيوس کي شامل ڪيل آهي ڇو جو بيوس جو ڇالاڏو 1947 يعني آزاديءَ جي سال ۾ ٿيل آهي ۽ وري بيوس منڊليءَ سان آزاديءَ کان پوءِ جي شعر ساڻ ٿيل شروعات بہ جُڙيل آهي.

باب چوٿون: آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا: سنڌو نديءَ کان هند مهاساگر جو سفر:

هن باب ۾ مکيه وشيه کي آزاديءَ کان ترت پوءِ جي مڪاني حالتن سان جُڙيل حقيقتن کي جاچيو ويو آهي.هن ۾ 1947 کان 1950 جي وقت جي ماڻ جي ماتم کي ۽ پوءِ 1950 بعد جي شروعات واري هلچل کي ۽ ان کان پوءِ 'نئين زمين- نئون زمانو' جي بدليل ماحول ۾ سنڌي ادب جي ڀارت جي ڀاشائن ساڻ رهي، قدم ملائڻ جي ڪوشش جو ورڻن آهي. جڻ سنڌو نديءَ جي وهڪري کي هند جي انيڪ جاتين- ٻولين جي وشال هند مها ساگر ساڻ جُڙڻ جي وڏي ڪارنامي کي سرانجام ڪرڻ جي تبديلين کي ڏسڻ ۽ جاچڻ جو هڪ وڏو اتهاس رچڻ جي شروعات هئي.

باب پنجون: آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا جو اڀياس موضوعن جي حوالي ۾!

هن اڀياس جي مُکيه وشيه جي ٻن مکيه حوالن مان هت پهرئين حوالي جي شروعات ٿي رهي آهي.

پومڪا طور هت اول موضوع جي سڃاڻپ ۽ تحقيقات نسبت ڪجهه عالمي سَهمتين ساڻ چٽائي پيش ڪيل آهي.

وري شاعريءَ جي نسبت ۾ موضوع جي اهميت ۽ محدودگيءَ لاءِ ٻنهي طرفن کي پيش ڪيل آهي. هڪ تہ شاعريءَ سان، موضوع جو واسطو، نثر جي ڀيٽ ۾ بيحد گهٽ رهندو آهي. وري شُڌِ شاعري تہ اَصل ۾ موضوع جي محتاج ئي ڪانهي. پر اهو بہ سچ قبوليل آهي تہ سوڪيم نظر سان جاچڻ تي لڳندو تہ عام طور هر شاعريءَ جو ڪئنواس تہ وري بہ ڪنهن طرح جي موضوع سان ئي نهيل رهي ٿو. اوائلي شاعريءَ کان جديد شاعريءَ تائين.

تنهن کان پوءِ موضوع جي عام ۽ خاص ٻن قسمن جي ورهاست ۽ اُنهن جي پهچاڻ ڪرايل آهي.

1950 کان پوءِ جي مُکيه چاهيل عرصي ۾ عام موضوع جي مثال ۽ تفصيلي اڀياس ۾، ڪيترن اهڙن موضوعن جي چند چاڻ ڪيل آهي جن تي خاص موضوع طور بہ اَڳتي اپٽار ڪيل آهي. جن ۾ سنڌ جي ساروڻي، اول ۽ اهم موضوع رهيو آهي.

اهڙي ٻئي ترقي پسند نظريي جي عام موضوع نسبت پڻ ڪافي شاعرن جي مثالي شعرن سان

ان جي اهميت بہ واضع ڪيل آهي.

اَڳتي ٻيا بہ اهڙا ڪيترائي موضوع ڪنيل آهن جن ۾ سماجڪ نظريو، رومانيت، قدرت، جماليات، نفسانيت وغيره شامل آهن. گهڻو ڪري هر موضوع لاءِ ڪيترن شاعرن جا مثال مهيا ڪيل آهن. هت آتم چنتن- فلاسافي، موت، طنز (موضوع چاهي شيليءَ جي روپ ۾) بہ شامل آهن. ائين تہ هر شعر جي هر بند ۾ اڳ موضوع بہ ملندو آهي ۽ حقيقت ۾ شاعري عام موضوع سان ئي وڌيڪ نڪري ٿي، پر پوءِ وهنوارڪ دنيا ۾ موضوعاتي شاعريءَ جي بہ پنهنجي اهميت رهي آهي. ائين1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا جي خاص موضوعن جي بہ تفصيلوار ڇنڊ ڇاڻ ڪيل آهي. هت اول اهڙن ڪجهہ اهم ڪتابن کي آڌار بڻايل آهي جئن 'مهاڪاويہ' جي روپ ۾ آيل ٽن ڪتابن کي ڪنيل آهي. جنهن ۾ انهن جي صِنف طور خاصيتن جو ذڪر صنف واري الڳ حوالي لاءِ ڇڏيهت موضوع جي اُپٽار ڪيل آهي. هن ئي ڪويءَ جي چوٿين مهاڪاويہ جو ذڪر ٻئي هنڌ ٿيو آهي.

ساڳئي نموني ٻين اَهڙن موضوعاتي شعري ڪتابن کي ڪنيل آهي جن ۾ سڄو يا اڌ سڄو ڪو خاص موضوع ان شعر جو مکيہ آڌار رهيو آهي. سپاويڪ طور هت اهڙن طويل شاعريءَ جي ڪتابن کي ئي آڌار بڻائڻ مقصد رهيو آهي جنهن ۾ ڪنهن خاص موضوع تي ئي بامقصد شعر رچيل آهي.

اهڙن شعر جي خاص موضوعاتي مجموعن يا لنبين ڪويتائن، يا هڪ ئي ڪردار يا موضوع وارن ڪتابن جي اوک ڊوک کان پوءِ موضوعاتي شاعريءَ جي حوالي ۾ موضوعن جي ڪٿ بابت ۽ ساڻ انهن جي مناسبت بابت باتفصيل ويچار پيش ڪيل آهن.

هنن صفحن ۾ اِيياس ڪندڙ جي پنهنجي نجي مجتائن، خيالن ۽ ساهتيڪ تجربن جي ذڪر جي بہ گنجائش رهي آهي.

ضميمي طور عام ۽ خاص موضوعن جي فهرست بہ شامل ڪيل آهي.

باب ڇهون: آزاديءَ کان پوءِ جي سنڌي ڪويتا جو اَيياس:

اِظهار جي نون طريقن جي حوالي ۾،

جنهن طرح باب پنجون، پهرئين مکيہ حوالي 'موضوعن' سبب هن اِيياس جو مکيہ باب رهيو- تيئن هيءُ چئپٽر پڻ ٻئي مکيہ حوالي: صنفن- Forms of Poetry ڪاويہ روپن نسبت ايترو ئي اهم آهي. هن ۾ اِيياس جو ٻيو حوالو 'اظهار جا نوان طريقا' جُڙيل آهي.

هن باب ۾ بہ اول پَس منظر ۾ ڪويتا جي ڪلا پکش طور -ڪويتا جي ماڌيم، شبدن جي آڪار پرڪار متعلق ۽ پڻ ان جي ارٿ ۽ آواز سان' وابسطہ ڇند ۽ اَلنڪارن جو 'ڪاويہ شاستر' بحث هيٺ اَچي ٿو. اهي ئي ڪويتا جا مکيہ اوزار Tools آهن، جن ۾ ڪي پراڻا ٿي ويا آهن- ڪن ۾ بدلاوَ آيا آهن، خاص طور هن سلسلي ۾ 'ڇندن' جي بهشڪار ۽ پُراڻن سنسڪارن جي ودروهہ مان پيدا ٿيل 'نئين ڪويتا' هت اهميت واري اظهار جو تمام اهم نئون طريقو مڃيل آهي.

هن سلسلي ۾ رچنا-روپ سان جُڙيل ڇندن جي آڱاٽن روپن جي ذڪر سان شروع ڪري جديد

رچنا روپن جو سفر ڏيکارڻ جي مُراد آهي، جنهن ۾ موضوع جيان،1950 کان پوءِ جي ٿيل عام رچنا روپن جي چونڊ کي آڌار بڻائي اُنهن جي جديد زماني ۾ اهميت ۽ بدلاو جو سلسلو ڏنل آهي. 1950 کان پوءِ جي عام صنفن خواهه خاص صنفن ساڻ سنڌي شاعريءَ ۾ اظهار جي نَوَن طريقن ۾ نوان پريوگ، لنبيون ڪويتائون، ڪنڊڪاويہ، مهاڪاويہ، هڪ ڪردار تي لکيل ڪويتائن جا مجموعا هڪ طرف هن باب جي اهم مُدن طور آيا آهن. هت سنہ 2000ع تائين فوڪس کي ڪشادو ڪرڻ ضروري لڳو آهي.

ٻئي طرف سنڌي شاعريءَ ۾ سڀ کان اهم ۽ سڀ کان وڌيڪ لکجندڙ غزل تي تفصيلوار بحث ڪيل آهي.

هونءَ تہ تمام ورلي هن قسم جي اڀياس ۾ ’ساڌارڻ‘ رچنائن بابت ذڪر نظر ايندو آهي، پر هت اِهو مُدو بہ شڪايت جي روپ ۾ نہ سهي، هڪ حقيقت جي اُپٽار جي روپ ۾ ذڪريل آهي.

هن باب ۾ پڻ پڇاڙيءَ ۾ ڪٿ وڪاس ۽ مناسبت جي پيشڪش ڏنل آهي.

هت بہ ضميمو هڪ ۾ صنفن جي فهرست رکي ويئي آهي. ۽ ضميمو ٻہ ۾ ڪجهہ خاص ڪويتائن جو ذڪر ڪيل آهي. البت ان جي لاءِ پنهنجي اڀياس کي ئي مکيہ آڌار بڻايل آهي.

جئن تہ هن اڀياس جا ٻہ ئي مکيہ پهلو ٻن حوالن طور شامل ڪيل آهن، ان ڪري اهي ٻئي باب هن طويل اڀياس جا مکيہ حصا آهن، تنهن ڪري انهن ۾ گهربل وستار کي سوڙهو نہ ڪيل آهي.

باب ستون: سنڌي شاعري سنگيت ۽ روحانيت جي روايت تي نظر:

سنڌ درويشن جي پومي رهي آهي، خاص ڪري صوفي درويش ۽ پوءِ ويدانتي سنت ڪوي. ان ڪري روحاني اَڌياتمڪ شاعري، سنڌي شاعريءَ جي وڏي پونجي آهي. هت ان روحاني شاعريءَ جي روايت ۽ پوءِ ان کي جديد دوَر ۾ ياد ڪرڻ بابت ڪجهہ مثالي ڪتابن جي جاڻ پڇاڻ ڪيل آهي.

باب اَٺون: سنڌي شاعري: اظهار جا نوان ماڌيم:

هن اڀياس جي دائري جي پوئين حصي ۾ ئي شاعريءَ جا ماڌيم وڌي رهيا آهن. وري پوءِ تہ انهن جو وڏو رول نظر اچي رهيو آهي.

جئن ڪنهن زماني ۾ جڏهن ڪتابي سلسلا شروع ٿيا هوندا تڏهن شاعريءَ جي دنيا ۾ وڏي عجب ڀري تبديل آئي هوندي. تئن هاڻ وري اليڪٽرانڪ ميڊيا لاءِ چئي سگهجي ٿو. ان ڪري هن باب ۾ ان تبديل جي ڪجهہ تفصيلن سان سڃاڻپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي.

ان سان ئي وابسطہ سوشل ميڊيا ۾ شاعري اڄ روز جي ڪرت ڪار ٿي رهي آهي.

مثال هڪ ’واٽس اَپ گروپ‘ ۾ ڪنهن شاعر هڪ تازو غزل پوسٽ ڪيو. ڪجهہ منٽ پوءِ وري ٻيا بہ ٽي شعر پوسٽ ڪيا ۽ لکيو- وٺو، هي ٻيا بہ ٽي شعر نهي ويا. ۽ ترت هن کي پهرين واهہ واهہ کان

پوءِ وري بہ واهہ واهہ ملڻ لڳي.

ڪويتا جو ايترو ساڪياتڪار ڏسي لڳي ٿو تہ هيءُ ماڊيم خبر نہ آهي ڪهڙا روپ وٺي. پر ان جي ’ترت پهچ ۽ ترت رد عمل‘ جي تمام وڏي طاقت اڳيان اخبارن مخزنن جو تہ ڪو ڪلاس ئي نظر ڪونہ ٿو اَچي.اتي تہ خبر ئي ڪانہ ٿي پوي تہ ڪير پڙهي ٿو يا نہ - ۽ پڙهي ٿو تہ هن کي اهو ڪئن لڳو.

هت ڪوي سميلن ۽ مشاعرن جي ’روبرو پيشڪش‘ واري روايت ۽ پڻ ريڊيو ٽي.وي. وارن مشاعرن جو ذڪر بہ ڪيل آهي.

باب نائون: سنڌي ڪويتا سنہ 2000ع کان اڳتي:

هن بابت ۾ سنڌي شاعريءَ جي مٿي بيان ڪيل خصوصيتن ۽ مرياداٸن سميت ۽ پڻ اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا سميت ڪتابي دنيا ۾، سنڌي شاعريءَ جي هنن ويجهن سالن جي مليل ذخيري کي ڌيان ۾ رکي ڪجهہ رد عمل ڏنل آهن.

هن سلسلي ۾ شاعريءَ جي ڪيترن اهم ڪتابن جو ذڪر بہ ڪيل آهي- جيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ شاندار ۽ جاندار ڪتاب چئي سگهجن ٿا.

سموري اڀياس جي نظرداريءَ بعد، آزاديءَ کان پوءِ جي مکيہ رچنائون طور، ساهت اڪادميءَ جي انعام وارن شاعريءَ جي ڪتابن جو ۽ پڻ چونڊ شاعريءَ جي چئن مجموعن ۾ شرڪت ڪندڙ شاعرن جي ذڪر طور، اُنهن جي فهرست ڏنل آهي.

ساڳئي نموني سنڌي شاعريءَ جي خاص تيار ڪرايل سهيڙAnthology جي ٻن ڪتابن ۾ شرڪت ڪندڙ شاعرن جو بہ ذڪر ڪيل آهي.

## قلم تازو:

### دُرستي - هڪ

### 6.1- 1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا جون عام صِنفون:

هن مدي ۾ پيج 6 تي ست نمبر 20 (1950 کان پوءِ جي وهڪري Trend جو عمل ڏيکارين ٿا) کان پوءِ، هيٺ لکيل سٽون شامل ڪري پڙهڻ جو عرض:

”1989 ۾ فقط ٻن سالن ۾ آيل ”همعصر سنڌي شعر“ (سمپادڪ ارجن شاد ۽ ڪرشن راهي) ۾ ٻه غزل وڏيڪ ملي ٿو. نئين ڪويتا، رباعيون، دوها، ترائيل، پنجڪڙا، وائي، گيت، آزاد نظم، بيت، سورٺا، تنها ۽ هائڪو ٻه شامل آهن.

ترت آيل ۽ هن مختصر (پنڌرهن ڪوين جي شرڪت) انتخاب ۾ گهڻو ڪري سڀ صنفون رپيٽ ٿيل آهن، ان ڪري باقي ٿن انتخابن کي مکيه آڌار بڻايل آهي.“

### دُرستي - ٻه

5.2 1950 کان پوءِ سنڌي ڪويتا جا خاص موضوع

6.4 سنڌي شاعريءَ ۾ لنبيون ڪويتائون، کنڊ ڪاويه- مها ڪاويه:

هنن مُدن ۾، مهاڪاويه جي حوالي ۾، روپ ڪمار گهايل جي ذڪريل ٽن مهاڪاوين سان هن جي چوٿين مهاڪاويه ’نوري نماڻي‘ (1998) جو ذڪر رهجي ويو آهي- جيڪو هن صاحب ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي رچيو آهي.

سنڌي شاعريءَ جي ڪيترن اهم ڪتابن مان فقط ڪن ڪتابن جي جھلڪ ڏيڻ لاءِ ھت ڪجھ ڪتابن جي ٽائيٽل پيج جا چتر Images شامل ڪيل آھن. اُنھن ۾ ڪا چونڊ يا نمائندگي شامل نہ آھي.

اُن ساڻ ڪي ٻيا بہ چتر يا تفصيل شامل ڪرڻ پنيان، ذڪريل مدن جي پنيرائيءَ (Support) جي يا وڌيڪ چٽائيءَ جي مراد رھيل آھي.